# سنڌي ٻوليءَ
# جو آڳاٽو
# منظوم ذخيرو

تحقيق ۽ ترتيب:

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
حيدرآباد، سنڌ

# سنڌي ٻوليءَ جو
# آڳاٽو منظوم ذخيرو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌي ٻوليءَ جو
# آڳاٽو منظوم ذخيرو

تحقيق ۽ ترتيب

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
حيدرآباد سنڌ، پاڪستان
١٤١٤هه/ ١٩٩٣ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جا سڀ حق ۽ واسطا قائم

ڇاپو پهريون — سال ۱۴۱۴هه/ ۱۹۹۳ع
تعداد — هڪ هزار

قيمت: اوچو شمارو =/120 رپيا
عام شمارو =/80 رپيا

ملڻ جو هنڌ:
سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
سنڌ صوبائي ميوزيم نيشنل هاءِ وي
حيدراباد، سنڌ

۽

مرڪزي ڪتاب گهر نمبر ۹۷۲
گل شاهه محلو، گاڏي کاتو
حيدرآباد، سنڌ
پاڪستان

هي ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري ۾ ڪلاسڪ ڪمپوزرس جي ڪمپيوٽر تي ڪمپوز ٿيو ۽ اداري جي سيڪريٽري عنايت الله جوڻيجي ڇپائي پڌرو ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مهاڳ

هن ڪتاب جو مواد، لکيت ۾، سنڌي ٻوليءَ جو آڳاٽي ۾ آڳاٽو دستاويز آهي. هيءُ سڄو مواد عزت بن سليمان نالي ڪاتب ١٠٦٧-١٠٦٩ هه (١٦٠٠ - ١٦٥٧ع) وارن سالن ۾ اتاريو. انهن سالن کان اڳ جو لکيت ۾ سنڌي ٻولي جو ايڏو وڏو ذخيرو دستياب نه ٿيو آهي ۽ شايد هن کان پوءِ به نه ٿئي. انهي ڪري سنڌي تحرير، املاء ۽ سنڌي ٻوليءَ جي مطالعي لاءِ هيءُ مواد تاريخي حيثيت رکي ٿو.

هيءُ مواد اوٽيتاليهن جدا جدا موضوعن تي تعليمي مقصدن خاطر سنڌي ۾ تصنيف ڪيل آهي، جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته ڪم از ڪم ساڍا ٽي سؤ سال اڳ سنڌ جي سڄاڻ عالمن ۽ استادن مادري زبان سنڌي ذريعي ابتدآئي مڪتبي تعليم ڏيڻ جو نظريو قائم ڪيو ۽ سنڌي ۾ درسي مواد مهيا ڪري ان نظريي کي پڪو پختو ڪيو.

ٽيون ته هي سڄو ذخيرو منظوم آهي جنهن ۾ سنڌي نظم جون ٻه صنفون يعني ”سنڌي بيت“ ۽ ”سنڌي منظوم بند“ شامل آهن. ”سنڌي بيت“ جون اُهي سڀ ستائون جيڪي ان کان اڳ قاضي قادن جي بيتن ۾ ملن ٿيون سي سڀ هن ذخيري ۾ موجود آهن.

سنڌي ٻوليءَ جي هن تعليمي، علمي ۽ ادبي ذخيري جي اهميت تي مقدمي ۾ وڏيڪ تفصيل سان روشني وڌي وئي آهي. اهو تفصيل پهريون ڀيرو ڪتاب ”سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ“ (ٽيون ايڊيشن ١٩٩٠ع) جي باب ستين ۾ ڏنو ويو جتي هن ذخيري جي تحقيقي مطالعي جا ڪي وڌيڪ رخ روشن ڪيل آهن.

ڪاتب عزت بن سليمان وارو اصل قلمي مسودو ڪي سال اڳ بنا جلد جي جدا ٿيل وکريل ورقن جي سٿي جي صورت ۾ پهريون ڀيرو خيرپور ۾ سڇل (سيمينار) جي موقعي تي لڳايل ڪتابن جي نمايش ۾ منهنجي نظر تي چڙهيو ۽ معلوم ٿيو ته اهو

محترم ڊاڪٽر عباس علي گهمري جي ذاتي ڪتابن مان آهي. ان بعد ڊاڪٽر محترم مهرباني ڪري اهو مسودو وڪريل ورقن جي ستي جي صورت ۾ مونکي مطالعي لاءِ ڏنو. ڪجھ عرصو انهن جدا جدا ورقن کي مضمون وار ترتيب ڏئي رکڻ ۾ لڳو، جنهن بعد سڄي ذخيري جو 'فوٽو اسٽيٽ' ڪرائي اصل ڪتاب ترتيب وار ورقن سان محترم ڊاڪٽر گهمري جي حوالي ڪيو ويو ته ان تي جلد ٻڌائي ان کي محفوظ ڪري. ان بعد ٽي چار سال ان مسودي جي مشڪل صورتخطي کي پڙهڻ ۽ سمجھڻ ۾ لڳا. فوٽي واري صورت ايترو صاف نه هئي جنهن ڪري صحيح پڙهڻيون قائم ڪرڻ ۾ وڏو ڪشالو ڪرڻو پيو. انهيءَ ابتدائي مشڪل مشق ۾ خاص طرح منهنجي ٻن ساٿين محترم عابد جتوئي (پهرئين مرحلي تي) ۽ ان بعد سڄي مواد ۾ محترم محمد اسماعيل شيخ وڏي مدد ڪئي.

هن اڳاٽي سنڌي مسودي کي جيڪو عربي الف- بي ۾ لکيل آهي پڙهڻ هڪ نهايت ڏکيو ڪم هو، جنهن کي گهٽي حد تائين راس ڪيو ويو آهي، پر ان جي تڪميل تڏهن ٿيندي جڏهن پئي ايڊيشن ۾ هن ڇپيل مواد کي اصل قلمي مسودي سان ڀيٽي پڙهيو ويندو.

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري طرفان سنڌي ٻوليءَ جي هن اڳاٽي تعليمي ۽ ادبي ذخيري جو شايع ٿيڻ سنڌي ٻوليءَ جي تاريخي مطالعي لاءِ هڪ نيڪ فال آهي. اميد ته سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ تي تحقيق ڪندڙن لاءِ هيءُ ذخيرو هڪ وڏو قيمتي سرمايو ثابت ٿيندو.

خادم العلم

نبي بخش

(ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

وزير تعليم، زراعت ۽ وائيلڊلائيف)

ڪراچي

٢٣ ربيع الثاني ١٤١٤ھ

١٠ - آڪٽوبر ١٩٩٣ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# عنوانن جي فهرست


| عنوان | صفحا |
|---|---|
| مقدمو | ١١ |
| [خالق جي هيڪڙائي، ڪائنات جي تخليق ۽ انسان جي پيدايش] | ٣١ |
| ١. جباري صفت خدائي | ٣٣ |
| ٢. آغاز أيا جي آدمي | ٤٢ |
| ٣. صفت جوهر آفرينَش عالَم ومهتر آدم عليہ السلام | ٤٣ |
| ٤ نورنامو حضرت رسالتِ پناه | ٤٧ |
| [حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم جي سوانح] | |
| ٥. حضرت نبي ڪريمؐ جي سوانح | ٥٧ |
| ٦. مدح رسول الله صلي الله عليہ وسلم | ١١١ |
| ٧. معراج نامو | ١٥١ |
| ٨. وفات پيغمبر عليہ السلام | ١٨٥ |
| ٩. معجزو ڳيرو ۽ باز | ١٩٧ |
| ١٠. صفت ماهي و درياءَ | ٢٠٣ |
| [تعليمي سلسلو: درسي ۽ علمي ڪتاب ۽ موضوعاتي سمجهاڻيون] | |
| (الف) توحيد جو اقرار ۽ ايمان ۽ ڪفر کان بچڻ | ٢٠٧ |
| ١١. اَللهُمَّ اِنِّي: توحيد جو اقرار | ٢٠٩ |
| ١٢. ايمان مفصل – ١ | ٢١١ |
| ١٣. ايمان مفصل – ٢ | ٢٣٣ |



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | |
|---|---|
| ١۴. ايمان مفصل – ٣ | ٢٣٧ |
| ١٥. الله ربي: عقيدي جو اقرار | ٢٣٩ |
| ١٦. ڪلمات ڪفر : حرام ۽ حلال | ٢۴٣ |
| ١٧. ڪلمات ڪفر دربانگ نماز | ٢۴٨ |
| (ب) اسلامي شريعت جي سکيا لاءِ ڪتاب | ٢۴٩ |
| ١٨. ڪتاب شريعت | ٢٥١ |
| ١٩. چار علم | ٢٥٩ |
| ٢٠. ساڍيون ڇهه ويهون فرض | ٢٧٩ |
| ٢١. آب ده درده ( ڏهه گز چورس) | ٢٨٩ |
| (ج) فقہ بابت علمي تحقيقي ڪتاب | |
| ٢٢. ڪتاب اساس المُصلي | ٢٩٧ |
| ٢٣. ڪتاب نظامي از ڪيداني | ٣٣٩ |
| [اخلاقي تعليم] | ٣٦١ |
| (الف) نصيحت ۽ هدايت | ٣٦٣ |
| ٢۴. چند بيت پنديات سنڌي | ٣٦٣ |
| ٢٥. ترهه اکري–١ | ٣٦٥ |
| ٢٦. ترهه اکري–٢ | ٣٦٩ |
| ٢٧. ڳهٽا ڪوڙ ـ زيور ڪوڙ | ٣٨١ |
| ٢٨. قصو عتاب زنان بدڪاران | ٣٨٧ |
| ٢٩. مستزاد صنعت وارو نظم | ٣٩٠ |
| (ب) موت، قبر، ۽ قيامت جي سختي جو بيان | ٣٩٧ |
| ٣٠. مناجات موت نامو | ٣٩٩ |
| ٣١. قصو گور (قبر) جو | ۴٠۴ |
| ٣٢. حشر نامو | ۴٠٧ |
| ٣٣. قيامت نامو | ۴١٥ |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | |
|---|---|
| (ج) سزا ۽ جزا بابت مثالي قصا | ۴۱۷ |
| ۳۴. قصو جمجما بادشاه | ۴۱۷ |
| ۳۵. قصو ابوشحم | ۴۲۳ |
| [عام مطالعو: نبين جي تاريخ ۽ قصا] | ۴۳۳ |
| ۳۶. تاريخون آدم کان وٺي حضرت محمد صلعم تائين | ۴۳۵ |
| ۳۷. مصبيت نام پيغمبران | ۴۳۶ |
| ۳۷. قصو مهتر يوسف عليہ السلام | ۴۴۰ |
| ۳۹. قصو پيغمبر اسماعيل عليہ السلام | ۵۵۳ |

# مقدمو

هند جي ٻين سيني صوبن کان اڳ سنڌ ۾ هڪ باقاعدي تعليمي نظام جو سلسلو عرب ـ اسلامي دور ۾ شروع ٿيو. منصوره، ديبل ۽ ٻين شهرن جي درسگاهن جي عالمن ۽ استادن جي تربيت وڏا محقق ۽ مصنف پيدا ڪيا جن جو ذڪر مشهور عربي ڪتابن ۾ موجود آهي. انهيءَ آڳاٽي تاريخي تعليمي پس منظر جو ئي نتيجو هو، جو وقت گذرڻ سان، سنڌ جي درسگاهن جي سڄاڻ استادن تعليمي نظام، تعليمي طريقن ۽ استادن جي تربيت تي سوچڻ شروع ڪيو. ڏهين صدي هجري ۾ سنڌ جي وڏي محقق عالم ۽ استاد مخدوم جعفر بوبڪائي عربيءَ ۾ هڪ تفصيلي ڪتاب ”نهج التعلم“ (سکيا جو طريقو) لکيو، جنهن ۾ نصاب جي تنظيم، پڙهڻ ۽ پڙهائڻ جي طريقن ، شاگردن ۽ استادن جي ذهني ۽ نفسياتي صلاحيتن ۽ ذميدارين توڙي استاد ـ شاگرد جي تعليمي تدريسي ناتن کي تفصيل سان سمجهايائين. تعليمي طريقن بابت سڄي هندوستان ۾ هيءُ پهريون ڪتاب هو جيڪو ايترو آڳاٽو لکيو ويو.*

مخدوم جعفر جو والد مخدوم يعقوب عرف مخدوم ميران پاڻ به هڪ وڏي لياقت وارو عالم ۽ استاد هو، جنهن مرزا شاهه حسن ارغون ۽ پڻ پنهنجي فرزند مخدوم جعفر ۽ ٻين کي ننڍي ۾ پڙهايو، جنهن پوءِ سنه ۹۴۹ هجري (۱۵۴۳ع) ۾ هن وفات ڪئي. انهيءَ سال جي مناسبت سان، ۽ پڻ انهيءَ حوالي جي اعتبار سان ته مخدوم جعفر سنه ۹۵۸ھ ۾ حج ڪيو، چئي سگهجي ٿو ته

---

* موجوده ڄاڻ موجب، پوري وچ ايشيا، يعني ان وقت جي ايران، ترڪستان ۽ هندستان ۾ فن تعليم بابت هي پهريون ڪتاب هو جيڪو تصنيف ٿيو. پهريون ڪتاب (تَعلِيم المتعَلم طريقته التَعَلم) جي عنوان سان برهان الدين زرنُوجَي ۱۲ـ صدي عيسوي جي خاتمي ڌاري تصنيف ڪيو.

مخدوم جعفر سنہ ۹۳۰ھ (۱۵۲۴ع) ڄاري ڄائو. پنهنجي والد جي رهنمائي هيٺ تعليم پوري ڪيائين ۽ غالباً پوءِ مڪي ۾ (۹۵۸ـ محرم ۹۵۹ھ) وڌيڪ تعليم حاصل ڪيائين. هو جڏهن سنڌ موٽي آيو تہ پنهنجي والد وانگر هڪ وڏي ڄاڻو استاد جي حيثيت ۾ ٺٽي ۾ تعليم ڏيڻ شروع ڪيائين. مرزا عيسيٰ ترخان (وفات ۹۷۳ھ) وٽ سندس وڏي عزت هئي، ۽ هو ساٽس گڏ ريل تاريخي دور جا احوال ڪندو هو.غالباً مرزا عيسيٰ بہ مخدوم جعفرجا ليڪچر ٻڌا، ۽ سندس فرزند ۽ ٻيا مخدوم جعفر جي مدرسي ۾ پڙهندا رهيا. پنهنجي علمي ڄاڻ ۽ تجربي جي روشني ۾ مخدوم جعفر تعليم ۽ تدريس جي طور طريقي جي اهميت محسوس ڪئي ۽ سنہ ۹۷۳ھ (۱۵٦۵ھ) ڄاري ان موضوع تي ڪتاب "نهج التعلم" لکيائين. اهو ڪتاب عربي ۾ هو، وڌيڪ تفصيلي هو، ۽ تعليمي ماهرن لاءِ لکيو ويو هو. ان کان پوءِ مخدوم جعفر عام استادن جي رهنمائي خاطر پنهنجي ان عربي ڪتاب کي فارسيءَ ۾ مختصر ڪرڻ جي ضرورت محسوس ڪئي، ۽ مهيني صفر سنہ ۹۷٦ھ (آگسٽ ۱۵٦۸ع) ۾ نهج التعلم جو فارسيءَ ۾ هڪ خلاصو يا مختصر"حاصلُ النهج" جي عنوان سان لکي پورو ڪيائين (۱).

شروع واري عرب ـ اسلامي دور توڙي غالباً سومرن جي دور ۾ تعليمي ذريعو عربي هئي پر سمن جي دور کان وٺي فارسي ۾ شروع ٿي. انهيءَ ڪري ئي مخدوم جعفر پڻ عام استادن جي رهنمائي لاءِ فارسيءَ ۾ "حاصل النهج" تيار ڪيو. سندس هن وڌيڪ سولي ڪتاب، سنڌ جي عالمن ۽ استادن جي تربيت تي وڏو اثر وڌو جو هنن پڙهڻ ـ پڙهائڻ جي طريقن تي سوچڻ شروع ڪيو.

---

(۱) حاصل النهج (فارسي متن) ـ انگريزي ۾ ان جي خلاصي، مقدمي ۽ مصنف جي سوانح ۽ تصنيفن سميت، راقم جي تحقيق ۽ تصحيح سان سنہ ۱۹٦۹ع ۾ سنڌ يونيورسٽي مان شايع ٿيو. مٿين بيان لاءِ ڏسو "حاصل النهج" جو مقدمو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايتري قدر جو ايندڙ ٽيهن چاليهن سالن ۾ سنڌ جي درسگاهن جا تجربيڪار ۽ ڄاڻو استاد انهيءَ نتيجي تي پهتا ته ٻارن لاءِ تعليم جي شروعات فارسي بدران سندن مادري ٻولي سنڌي ۾ ڪئي وڃي ته جيئن هو سولائي ۽ سهنجائي سان مڪتبي تعليم پوري ڪن ۽ پڻ منجهن اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ جي وڌيڪ صلاحيت پيدا ٿئي.

## مادري زبان ذريعي بنيادي تعليم ڏيڻ جو نظريو

سنڌ ۾ هن نئين تعليمي نظريي ۽ تجربي بلڪ انقلابي تعليمي تحريڪ جا سن سال لکيت ۾ موجود ناهن، پر اها تخميناً مخدوم جعفر جي تعليمي ڪتاب "حاصل النهج" کان پوءِ ٽيهن چاليهن سالن اندر يارهين صدي هجري (١٦ صدي عيسوي) کان وٺي شروع ٿي. مادري زبان (سنڌي) ۾ مڪتبي تعليم ڏيڻ واري نظريي جي اوسر جو هڪ مکيه ڪارڻ اهو به هو جو سنڌي ۾ اعليٰ فهم ۽ فڪر وارو مواد قاضي قاضن ۽ ميين شاهه ڪريم جي بي بها بيتن ذريعي پيدا ٿي چڪو هو، ۽ اهو فڪر ايترو ته معياري هو جو ١٠٢٢هه / ١٦١٣ع کان اڳ هندوستان جي عالم محمد غوثي گواليار قاضي قاضن جي ڪن بيتن جو فارسي ۾ ترجمو ڪيو. سنڌ اندر محمد رضا ٺٽوي سنه ١٠٣٨هه ۾ ميين شاهه ڪريم جي سنڌي بيتن ۾ سمايل فڪر کي ڪتاب "بيان العارفين" ۾ فارسي ذريعي سمجهايو. سنڌي ۾ اهڙي اعليٰ فهم ۽ فڪر جي موجودگي ۽ ان جي عام اشاعت ۽ افاديت سنڌي کي فارسي جي برابر بنائي ڇڏيو. اهوئي سبب هو جو يارهين صدي هجري (١٧ صدي عيسوي) کان وٺي مادري زبان سنڌي ۾ بنيادي مڪتبي تعليم ڏيڻ لاءِ حالات سازگار ٿيا.

اڄ تائين ائين سمجهيو ويو آهي ته ٺٽي جي عالم ميان ابوالحسن ٺٽوي سنڌي ۾ پهريون درسي ڪتاب "ابوالحسن جي سنڌي" لکيو. اهو گمان انهيءَ ڪري پيدا ٿيو جو ان ڪتاب کان


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڳ جو بيو ڪو سنڌيءَ ۾ لکيل ڪتاب ڪونه ٿي نظر آيو. پر هاڻي سنڌي ۾ هڪ آڳاٽي قلمي ڪتابي ذخيري جي دستياب ٿيڻ سان ثابت ٿئي ٿو ته مادري زبان سنڌي ذريعي تعليم ڏيڻ جي تحريڪ، ۽ سنڌي ۾ درسي ۽ تعليمي مواد جي تياري جي شروعات، "ابوالحسن جي سنڌي" کان اڳ ٿي چڪي هئي. ميان ابوالحسن وڏو عالم ۽ استاد هو ۽ هو به هن نئين تعليمي تحريڪ جي ٻئي دور جو سرواڻ هو، پر اها تحريڪ توڙي ان تحريڪ هيٺ سنڌي درسي ڪتابن لکڻ جي شروعات غالباً سندس استادن جي دور (١٠٠٠- ١٠٥٠هه) ۾ ٿي، جن جي تعليمي نظرين ۽ درسي ڪتابن کان متاثر ٿي پاڻ به سنڌيءَ ۾ هڪ بهترين درسي ڪتاب تصنيف ڪيائين جيڪو پوءِ " ابوالحسن جي سنڌي" جي نالي سان مشهور ٿيو.

جن سڄاڻ سنڌي عالمن ۽ استادن فارسي بدران مادري زبان سنڌي ذريعي مڪتبي تعليم ڏيڻ جو نظريو قائم ڪيو ۽ سنڌي ۾ درسي ڪتاب لکي عملي طور تي ان نظريي کي پڪو ڪيو، تن جي اوائلي رٿن ۽ ڪوشش بابت جيتوڻيڪ ان وقت جا ڪي لکت ۾ حوالا موجود ناهن مگر اهڙي تبديل جي ڪري پوءِ مختلف موضوعن ۽ عنوانن تي سنڌي ۾ پڙهڻ پڙهائڻ لاءِ جيڪي درسي ۽ بيا ڪتابڙا لکيا ويا، ۽ جيڪي هاڻ هڪ ضخيم قلمي ذخيري جي صورت ۾ دستياب ٿيا آهن، سي هن نئين تعليمي تحريڪ ۽ تبديل تي پڪا پختا شاهد آهن.

جدا جدا عنوانن تي اهڙن اوڻيتاليهن منظوم موضوعن جو هڪ آڳاٽو ذخيرو هن وقت تائين سلامت رهيو آهي جيڪو عزت بن سليمان نالي ڪاتب، ١٠٦٧-١٠٦٩هه (١٦٥٥- ١٦٥٧ع) وارن ٽن سالن ۾ اُتاري پورو ڪيو. مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته ان وقت جي سنڌي عالمن ۽ استادن اهي موضوع، تعليمي مقصد خاطر، ان وقت جي عام رائج سنڌي ٻوليءَ ۾ منظوم ڪيا ته جيئن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهي سولائيءَ سان سيکاري پڙهائي سگهجن. سنڌيءَ ۾ ايڏي وڏي آڳاٽي ذخيري جي تصنيف ۽ تاليف جا بنيادي مقصد ۽ انهن جي تڪميل لاءِ ورتل اُپاءُ هيٺين طرح هئا:

* مادري ٻولي سنڌي ذريعي بنيادي تعليم ڏيڻ
* اهڙي تعليم لاءِ سنڌي ۾ درسي مواد مُهيا ڪرڻ
* سکندڙن جي ذوق وڌائڻ ۽ سندن واسطي آساني پيدا ڪرڻ لاءِ، درسي توڙي مطالعاتي مواد کي روز مره واري عام سولي ٻولي ۾ منظوم ڪرڻ.

منڍ ۾ ڏنل عنوانن جي فهرست مان معلوم ٿيندو ته پهرين ڇهن ڀاڱن هيٺ ڏنل ٣٥ موضوع نصابي ۽ درسي مقصدن خاطر تصنيف ڪيل آهن، ۽ آخري پنجين ڀاڱي وارا ٽي موضوع عام معلومات ۽ مطالعي جي ذوق وڌائڻ لاءِ جوڙيل آهن.

ٽئين ڀاڱي هيٺ جملي ٣١ موضوع خاص طرح بنيادي تعليمي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ درسي ڪتابن طور تيار ڪيا ويا. ان جي تصديق انهيءَ مان ٿئي ٿي جو اڳتي هلي انهن موضوعن کي درسي سلسلي ۾ شامل ڪيو ويو ۽ پڻ ڪن کي وڏيڪ سڌاريو سنواريو ويو. ان وقت جي سڄاڻ عالمن ۽ استادن نه فقط انهيءَ درسي مواد کي عربيءَ مان ڪڍي سولي سنڌي ۾ مهيا ڪيو پر ان کي منظوم صورت ۾ آندو، انهيءَ لاءِ ته شاگرد درسي مواد کي مادري زبان ۽ منظوم صورت ۾ سولائي ۽ دلچسپي سان سگهو سکي پڙهي سگهن. هيٺيان مثال ان وقت جي سنڌي عالمن استادن جي انهيءَ نظريي کي روشن ڪن ٿا، ۽ خاص طرح حاجي نالي عالم جي ڪيل وضاحت مان ان جي تصديق ٿئي ٿي ته: ”پانهجي واءِ پروڙي سگهائي سکن“ (يعني ”پنهنجي ٻولي“ ۾ سولائي سان سمجهي ڪري سکھا سکي سگهن).

* (عنوان ــ ٢٠ ). ”ساڍيون ڇهہ ويهون فرض“ جون بيان ڪندي وڏي عالم عثمان جاٽايو ته علم پڙهڻ سيني لاءِ ضروري آهي، پر عام سمجهہ وارن لاءِ (عربي بدران) سنڌي ۾ پڙهڻ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏيڪ سولو آهي:

عـثـمـان چوءِ عـلـم رءَ، عـقـل مـور نہ ڪـوءِ
سـنـڌي ابـوجـهـن ڪـي گـهـٽـو سُـهـلـي هـوءِ

* (عـنـوان– ١٣) هيئت حاجي نالي عـالـم "ايمان مفصل" جي سڄي عربي عبارت کي "سنڌي بيتن" ۾ آندو، انهي لاءِ تہ مادري زبان ذريعي پڙهندڙ سولائي سان سکي ۽ سمجهي سگهن:

عـربـيـاءِ سـنـڌي ڪـئـي "حـاجـي" بـيـت ڪـري
تہ سـکـڻ سَـهـکـي ٿـئـي ابـوجـهـن ورني
سـنـڌي آهي سَـهُـکـي سـکـڻ ابـوجـهـن
پـانـهـنـجـي واءِ پـروڙي سـگـهـائـي سـکـن.

[ يعني: 'ايمان مفصل جي عبارت' کي حاجي عربيءَ مان سنڌي بيتن ۾ آندو انهيءَ لاءِ تہ عام سمجهہ وارن لاءِ سنڌي سکڻ ۾ سولي آهي، جو هو پنهنجي ٻولي ۾ سگهو ئي سکن].

* (عنوان–١۴) "سَگر ڏني" نالي ٻئي عالم پڻ ايمان مفصل جي عبارت کي ساڳئي مقصد خاطر سنڌي بيتن ۾ آندو:

"سـگـر ڏنـي" سـنـڌي ڪـئـي صفـت هـي ايـمـان
تـن سـيـئـي پـنـيـون، جي نـي ڪـلـمـي سـاڻ

"مادري زبان ۾، مادري زبان ذريعي بنيادي تعليم ڏيڻ" واري نظريي کي عملي طور ڪامياب بنائڻ لاءِ سڄاڻ عالمن ۽ استادن نہ فقط پاڻ پنهنجي طرفان نصابي مواد مرتب ۽ منظوم ڪيو، پر ساڳئي وقت عربي ۽ فارسي درسي ڪتابن مان مواد چونڊي سنڌيءَ ۾ آندو. ان سلسلي ۾ خاص طرح فقهہ جا مسئلا مشهور عربي ڪتابن مان ڪڍي سنڌيءَ ۾ سمجهايائون.

* (عنوان–٢٢) عربي ڪتابڙو اَساس المُصلي پهريائين فارسي ۾ ترجمو ٿيو جنهن کي پوءِ سنڌي عالم پُسئي سنڌي ۾ ڪيو:

آسـاس الـمصلي ڪتِيب مُـتـقـيا، مـون سـنـڌي ڳالـهاءُ
يـا رب! ڏيـنءُ سِـيـکـهـين نـمـاز سـنـدو سـاءُ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عربي ڦرَ فارسي، فارسيَ سنڌي ڦرَ هوءِ
سائين سڀاجها مون ڏٺي سکي سيوکوءِ

يعني اساس المصلي ڪتابڙو اصل عربيءَ ۾ هو جنهن کي مون سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيو. اهڙي طرح عربي، پوءِ فارسي، ۽ وري پوءِ فارسيءَ مان سنڌي ۾ آندو ويو، انهيءَ لاءِ ته سيکوئي ان کي سولائي سان سکي سمجهي سگهي.

* (عنوان -٢٣). موسي نالي عالم، ڪيداني جي لکيل عربي ڪتاب نظامي کي (جنهن ۾ ١٥ باب هئا) سنڌيءَ ۾ مختصر ڪري ان کي اٺن بابن ۾ مرتب ڪيو ۽ باوجود اختصار جي سڀ مسئلا سنڌي ۾ سولا ڪري سمجهايائين:

باب ٻيو ٻيان واجبين سندو منجهه جهين
سنڌيَ ۾ سَهُڪا ٿيا سکڻ سَيکهين
مُفسد پنج نماز ۾ ڪيداني ڏنام
عربياءُ عامن کي سنڌي سهل ڪيام

* (عنوان- ٢١) کي فقهي مسئلا، هڪ ڪان وڏيڪ عربي ڪتاب ڏسي، پوريءَ تحقيق سان سنڌي ۾ بيان ڪياويا. ”ڏهه گز مربع پاڻي“ جي پاڪائي يا پليتي جو مسئلو بيان ڪندي، سڄاڻ سنڌي عالم سمجهايو ته:

فتاويٰ سراجي ۾ لکي هيءَ نه يَت
مجموع - خاني آب باب مون هي ڏٺو تت

يعني ته ڪِتاب ”فتاويٰ سراجي“ ۾ هي سمجهاڻي ڏنل ڪانه هئي، مون اها ڪتاب ”مجموع خاني“ جي باب ”آب“ ۾ ڏٺي.

* (عنوان-٤ ) نورنامه حضرت رسالت پناه جي مِصنف آرادين ڄاڻايو ته:

نور نامي منجهاءِ سا لکي سنڌي ڪيو پاڪا
سڀ پرياءُ پاڻهي پاتا پاتشاهه
عربيا ۽ فارسيا سنڌي وا ڪيام
اربعا آرادين چوءِ لکي پُڄيام


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(يعني: نور نامي بابت اصل مواد مان، مون هيءَ پاڪ صاف سنڌي لکي. ان جي لکڻ ۽ پوري ڪرڻ لاءِ ڏٽي منهنجي ذهن ۽ دل تي اهڃاڻ روشن ڪيا. عربي فارسي تان مون هي بيان سنڌي وائي (ٻولي) ۾ آندا. آرادين ٿو چوي تہ: اربعا جي ڏينهن مون هي لکي پورا ڪيا).

راقم هن کان اڳ سنہ ١٩٦٨ع ۾ شاهہ لطف الله قادري جي سنڌي رسالي جي آڌار تي مادري زبان سنڌي ذريعي تعليم جي شروعات بابت جيڪو هيٺيون نظريو قائم ڪيو هو سو مٿين حوالن جي روشني ۾ بدلائڻو پوندو:

”شاهہ لطف الله کان اڳ سنڌي عالمن يا شاعرن جون نظم خواه نثر ۾ جيڪي تصنيفون ملن ٿيون سي عربي يا فارسي ۾ آهن ۽ شاهہ لطف الله قادري غالباً پهريون عالم ۽ عارف هو جنهن محسوس ڪيو تہ سنڌ جي عوام جن جي مادري ٻولي سنڌي آهي، ۽ جي فقط سنڌي ۾ ئي آسانيءَ سان ڪنهن ڳالهہ کي سمجهي سگهندا، تن جي سهوليت خاطر ضروري آهي تہ علمي مسئلا سندن پنهنجي مادري زبان ۾ بيان ڪيا وڃن جيئن هو نہ فقط سولائي سان مگر ذوق شوق سان پڙهن ۽ سمجهن ... ... انهيءَ تعليمي مقصد خاطر هن عوام جي مادري ٻولي سنڌي ۾ رسالو تاليف ڪرڻ ضروي ڄاتو، ڇاڪاڻ تہ سندس نظريي موجب مادري زبان ۾ ماڻهو سولائي سان، سگهو ۽ چاهہ سان سکي سگهندا. اهڙيءَ طرح شاهہ لطف الله قادري پنهنجي ”رسالي“ جي مقدمي ۾ سنڌ جي عوام کي سندن مادري زبان سنڌي ۾ تعليم ڏيڻ جي نظريي جو بنياد وڌو“ (١).

مٿيون نتيجو انهيءَ بناءِ تي ڪڍيو ويو هو جو ان وقت شاهہ لطف الله قادري جو ”سنڌي رسالو“ پهريون ڪتاب هو جيڪو

---

(١) ”سنڌي رسالو“، تصنيف شاهہ لطف الله قادري، راقم جي تصحيح ۽ تحقيق سان شايع ڪيل، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، سنہ ١٣٨٨هہ /١٩٦٨ع،مقدمو صفحا ٢٥-٢٦.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئا ۽ ڪين منظوم ڪلام، ۽ بيتن ۽ قافين جي ڄاڻ هئي. منجهائن ڪي،ڪنهن حد تائين، شاعرانه شعور رکندڙ هئا جنهن ڪري سندن جوڙيل منظومين ۾ شعري صنعتون به اچي ويون آهن. انهيءَ ڪري هيءُ ذخيرو تعليمي طريقن ۽ ترجمن جي لحاظ سان هڪ علمي ذخيرو آهي، پر منظومين جي لحاظ سان هڪ اهم ادبي ذخيرو آهي.

## سنڌي نظم جون ٻه مکيه صنفون:

هن ذخيري ۾ شامل اوڻيتاليهن منظومين ۾ سنڌي نظم جون ٻه مکيه صنفون شامل آهن: (الف) سنڌي منظوم- بند، ۽ (ب) سنڌي بيت.

(الف) سنڌي منظوم بند: ترڪيب جي لحاظ سان، سنڌي منظوم بند اهو نظم آهي جنهن ۾ ٻن کان وڌيڪ هم - قافيي سٽون هجن، ۽ قافيا سيني سٽن جي آخر ۾ آندل هجن. هن ذخيري ۾، گهٽائي ڪي منظوم بند آهن، جن مان ڪي ٽن کان ڏهن سٽن وارا ننڍا، ۽ ٻيا ڪي چوڏهن، ارڙهن، ٻاويهن، اٺاويهن ۽ ٽيهن سٽن وارا ڊگها بند آهن.(عنوان - ٦ ) هيٺ مدح رسول صلعم وارو منظوميو ڊگهي ۾ ڊگهو بند آهي جنهن ۾ ( 'او' قافيي تي) اٺهٺ سٽون آهن. هن ذخيري وارا اهي ايترا سارا ننڍا توڙي ڊگها بند آڳاٽي ۾ آڳاٽا آهن، ڇاڪاڻ جو انهن کان اڳ جا ڪي به اهڙا سنڌي منظوم بند دستياب نه ٿيا آهن.

(ب) سنڌي بيت: هن ذخيري ۾، سنڌي بيتن جو به هڪ تمام وڏو تعداد شامل آهي جن ۾، سٽاءَ جي لحاظ سان، سنڌي بيت جون اهي سڀ صورتون موجود آهن جيڪي اسان کي پهريائين قاضي قادن جي بيتن ۾ ملن ٿيون. پر فني سٽاءَ جي لحاظ سان، قاضي قادن جا بيت فقط ٻن مصراعن يا ٻن سٽن وارا هئا. ان وقت جي ٻئي هڪ شاعر پرهياڙ جوهڪ ٽن سٽن واروبيت ملي ٿو، ۽ ميين علي شيرازي جو هڪ بيت ڇئن سٽن وارو ملي ٿو. ان بعد ميين شاهه ڪريم جي ڪلام ۾ به فقط ٿي بيت ٽن سٽن وارا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن. هن ذخيري جي منظومين ۾ پهريون پيرو پنجن ۽ ڇهن سٽن وارا بيت ملن ٿا. هيٺ اهڙن بيتن جي جدا جدا سٽائن جو تفصيل ڏجي ٿو.

• ٻن سٽن وارا بيت، قافيا ٻنهي سٽن جي آخر ۾:

هن ذخيري ۾ وڏي ۾ وڏو تعداد، تقريباً چوويهہ سؤ، ٻن سٽن وارن بيتن جو آهي جن جي ٻنهي سٽن جي آخر ۾ هم آواز قافيا آيل آهن. اهڙا گهڻي ۾ گهڻا بيت (٨٣٩) "قصو مهتر يوسف عليہ السلام جو" (عنوان - ٣٨) ۾ آهن. سنڌي بيت جي اها آڳاٽي ۾ آڳاٽي بنيادي سٽاءَ آهي، ۽ جئن تہ اهڙا ٻن سٽن وارا بيت آڳاٽن قصن ڪهاڻين ۾ ڳائڻ خاطر سٽيا ويا، ۽ پڻ ڪن خاص موقعن ۽ واقعن وقت مخفي اهڃاڻن ۽ پيغامن خاطر آلاپيا ويا جنهن ڪري انهن کي "ڳاهہ بيت" سڏي سگهجي ٿو. مثلا "چارعلم" (عنوان - ١٩) جي شروع وارا هيٺيان پنج بيت:

ساراهجي سو ڏَٽي جو خالق خَلق
تنهن سَندي فرمان ۾ ماڙهُو مرُو مَلڪ.
تنهن اوڙڪن ڪيترا ڪوڙين پَدمَ لَک
اَت اپايا پاتشاه عالَمَ گهڻا آلک.
ڪي هَلن، سرَن ڪي، ڪَني ڏنائين پَک
ڪي عالم عاقل ڪي، ڪي ڪيائين بَک.
ڪي گندر گذري، قوڙائو ۽ ٻُک
ڪي سرَها سيٽن سين، ڪني ڏنائين ڏکَ.
ڪي ڪوجها، ڪي ڪُوڙا، ڪني منهن ۾ ڏک
اي پَر پَسي ڪيترا وَه چڙهيا ۽ تک.

• اهڙا بيت، جن جي پهرين سٽ جي پڇاڙيءَ ۾ قافيو، ۽ وري آخري سٽ جي وچ تي قافيو:

مثلاً (عنوان - ١٠) "صفت ماهي و دريا" ۾ آندل هيٺيون بيت:

اُهاريندا پيرُيُون، پڳهہ ڪَٽي تڙاءُ
مَٽيندا دَرياءُ، پسندا ڪوڏ ڪنا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سٽ جي وچ تي قافيو مثلاً (عنوان - ٨) "وفات پيغمبر عليہ السلام" ۾ هيٺيان ٻہ بيت:

درسُ درازي پار، آئو مَلڪُ حبيب جو
ڪندو سائي ڪار، حڪم جوءِ حبيب جو.

---

پهرو پاڻ ڪياءِ، پرت نبي جي پڌرو
ماڻڪ منجها مون ڏٺي عالم اُپاياءِ
دُرود پاهجي دوس اُتي پاڻهي چياءِ
سَجَڻ سو سنياياءِ، جَنهن تاري ۾ تَڪيو.

"قصي اسماعيل پيغمبر عليہ السلام" ۾ مٿيون سيني صورتن وارا بيت موجود آهن جيڪي چوندي هيٺ ڏجن ٿا تہ جئن هن آڳاٽي ذخيري ۾ شامل اهڙن بيتن جي سٽاءَ، ٻولي ۽ بيان بابت ڪجهہ وڌيڪ تفصيل ذهن نشين ٿي سگهي.

* نہ دوستي دُور ڪئاءِ نہ تو ڏجڻ ڏُور
ڪي ڪوني تڙايين،ڪي ڪونيين حضور.

* سون وَنڪا سُپرين ڪوني ڪُسايا
ٻيا سي ٻُجهايا، جي سائين سين نہ سوئا.

* آڳي ابراهيم ڪي آڙاه وجهاياءِ
پُڻ فَرمان ڪياءِ، قهارُ ڪوتايئي تي پاڻ ڪي.

* آيوءِ ابراهيم ڪي ڏٺيءَ سندو فرمانُ
ڪر سري ڪي قربانُ، تت ٻہ ٿاهيو قبلي.

* ٻي رات "ٻہر" چوءِ، پُڻ ڪو سَڏُ سوئاءِ
ماري ماهُ ڪياءِ، سُپيا سهس گهاو تنهن.

* تا ڪيو ترِيءَ رات، اَچي اشارت ۾
ٻهون ماري ٻڪرا، ڏيهہ ڏنائين ڏات.

* چوتين رات چياءِ، ڏيهون سُونهون سقرو
ان سُهٽي سَنگئو اُتي آهَ ڏناءِ.

* اُتان اُتي هلئو پُنيِءَ پُٽر لڳوس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

التجائي فقري سان شروع ٿين ٿا. (عنوان ـ ١) ”جباري صَفت خدائي“ واري منظوميي جي ٽيويهن بيتن ۾ ”هئو ڏٺي سگهپ سين“ وارو ساڳيو فقرو هر بيت جي ٻئي سٽ ۾ ورجايل آهي.

پهرين سٽ ۾ وراڻ يا صنعت تڪرار جو مثال:

الاهي ربّ سپاجها رحمت مڱان مُحمد اُتي ۽ سندهس آل
فضل ڪر سين سين جملي مومنين جال.
الاهي ربّ سپاجها رحمت مڱان اوچتي مرڻاءِ
رءَ توبه جو وجي لڏي دُني منجهاءِ.
الاهي رَبِ سپاجها رحمت مڱان سندي مرڻ وير
جيينءَ پگهر نراڙاءِ نڪري اکين اُبتا پير
هڏڪي هٽي حلق ۾، جڏين نره پيرَ.
الَاهي رَبّ سپاجها رحمت مڱان تني اهڪايَن
جين پَيَرَّ روءِ پارن سين، ما پيءَ دانهون ڪن
پوٽرا ڏسئو پاهنجا هَي ڪيو هَتَ هٺن.

ٻي يا پوئين سٽ ۾ وراڻ جو مثال:

جين پاڻ هي هوءَ ڏٺي، اُپايائين ڪي نہ (١)
تڏه ملڪُ سندو تهين ڏنو ٻي ڪَهين نہ.
سو هاٿي، سو تڏهين، سندو مُلڪ جبار
اُوٺو آڳر نہ ٿئي، گهٽ نہ ڪيني وار (٢).
نہ هوءِ جياڏُ ڪو، نہ ڪو هوءِ راڳ (٣)
هوءِ ڏٺي سگهپ سين، نہ ڪو وري وِٺاڳ.
حرصُ نہ هوءِ تڏهين، نہ هُئي حرفات
هوءِ ڏٺي سگهپ سين، نہ وهاڳ نہ رات.
سُجهہَ نہ هُئي تڏهين، نہ تقدير نہ رُوح
هوءِ ڏٺي سگهپ سين، رازق رَبُ صبوح.

* (عنوان ـ ٢٩) وارو هيٺيون نظم هڪ تہ مٺي ترنم واري ”ڇوٽي چوهي بحر“ ۾ سٽيل آهي ۽ ٻيو تہ سچو ”مستزاد

---

(١) هوءِ = هئو (٢) اوٺو آڳر= گهٽ وڌ (٣) جياڏُ = جيڏو، ساهوارو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صنعت" سان سينگاريل آهي : يعني تہ ان جي هر بند جي پويان وڌيڪ سهڻائي خاطر ساڳين قافين وارو هڪ ننڍو (وڌيڪ) فقرو آندل آهي.

جنهن جيُون کَن وماسون وير
سو پنڌُ متي مون حقير
صباح سنجهہ ٿيندو سيرَ - اَلله تو اهارَ
نہ تنهہ سَمَرُ نہ ساندارو
پار پريان جي هَليو بارو
اڳيان ڏسي ڏيہ پَواريو - نکا تت توارَ
تُهنجو پانهو تودَر آيو
پَسي پاهنجا ڏوهہ لڄايو
رَحمت مڱي پلئہ پايو - سپاجها ستار
* نہ سو نَڪُ جو آمي قار
نہ سي نيڻ ڪتوري ڪار
نہ سا پرن ڪاري بار- نہ سي پرين لهنُون سارَ
* نہ سي اَهُر اَرَتي وُن (١)
نہ سي پاتا ڳَلَ پرين
نہ سي ڏندجها مُکڙين- نہ سي سجڻ ڪن سنيار
هو حالُ جهين جو جين
کَيئن کَرئين مَنجها تون کينَ
يا الرحمٰ الراحمين - پاجهاَن پانهي کي اُکار.
پَرورْ سيا تو اُپايو
دوس تُهنجو سچو آيو
محمد رسول اسان کي شفيع پسايو - ميڙهو محمد کي مختارَ
ويندا سي ايمان سين جَن کلمي سارَ
لا الہ الا الله محمد رسول الله

(١) آهَرَ = ڇَپَ . ارتي ون = ڳاڙهي رنگ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منظوم 'ڏگها بند' آهن (ص ٢٥).
- شاهہ لطف الله قادري کان اڳ سنڌي بيت ٻن ٽن يا چئن سٽن وارا هئا: سندس ڪلام ۾ پهريون ڀيرو ڇهن ۽ ستن سٽن وارا بيت ملن ٿا (صفحا ٢٣- ٢٤).
- فن شاعري جي لحاظ سان، بيتن ۾ تڪرار يا وراڻ جي صنعت جو باني مباني شاهہ لطف الله قادري آهي (صفحو ٢٩)

هاڻي هن اڳاٽي ذخيري جي دستياب ٿيڻ سان معلوم ٿيو تہ 'ڏگها بند' توڙي 'ڏگها بيت' شاهہ لطف الله قادري کان اڳ منظوم ٿي چڪا هئا، ۽ پڻ بيتن ۾ اندروني 'وراڻ' يا 'تڪرار' واري صنعت شاهہ لطف الله قادري کان اڳ جي سياڻن سچاڻن پهريائين استعمال ڪئي. هن ذخيري ۾ سنڌي بيت جي سٽاء جون پڻ سيئي صورتون موجود آهن. اهڙيءَ طرح سنڌي شعر جي تاريخ ۾ اهي رجحان گهڻو اڳاٽا نظر اچن ٿا جنهن جي تصديق هن ذخيري ۾ شامل اڪثر منظومين جي ٻولي ۽ سٽاء مان ٿئي ٿي.

## ٻولي جي سٽاءَ ۽ قدامت:

هن ذخيري ۾ شامل گهڻن سيني منظومين ۾ آندل ٻولي ڪافي اڳاٽي آهي، ۽ ڪي لفظ ۽ بياني ترڪيبون قاضي قادن (وفات ٩٥٨هہ) ۽ ميين شاهہ ڪريم (وفات ١٠٣٢هہ) جي بيتن ۾ استعمال ٿيل لفظن ۽ ترڪيبن جهڙيون، يا اجان بہ وڌيڪ انوکيون ۽ اڳاٽيون لڳن ٿيون (١). ڪي منظوميا سنڌ جي ٿئي ۽ لاڙ واري پاڳي جي ڪن عالمن ۽ سچاڻن تصنيف ڪيا ۽ ٻيا سنڌ جي اُپرندين پاڱي (ٿرپاڪر، سانگهڙ، خيرپور ضلعن جي اُپرندين پاڱي) جي عالمن سچاڻن تاليف ڪيا ڇاڪاڻ جو ٻولي توڙي لغات انهن پاسن جي معلوم ٿئي ٿي. ٻيو تہ اندروني بيان جي لحاظ سان، سيني منظومين ۾ لفظن جي فراواني ۽ بيان جي رواني بدران لفظن جي ٿورائي ۽ عبارت ۾ هٻڪ آهي. مجموعي طور سان هنن

---

(١) تفصيل لاءِ ڏسو راقم جي تصنيف ڪيل "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ" .

منظومين ۾ آندل ٻولي ٺوڙ ـ لفظي آهي، ۽ نظم بہ نثر جهڙو آهي. ان مان ظاهر آهي تہ گهڻن منظومين جي ٻولي ڪافي اڳاٽي آهي، ۽ اهي موضوع اڳاٽو منظوم ڪيا ويا. جيتوڻيڪ ڪاتب عزت بن سليمان هن مواد کي ١٠٦٧-١٠٦٩هہ (١٦٥٥- ١٦٥٧ع) وارن سالن ۾ اتاريو، پر يقيني طور گهڻي ڀاڱي اهومواد ڪافي اڳ موجود هو. ڪيترو اڳ موجود هو، سو چئي نٿو سگهجي، پر ايترو سارو مواد ڪم از ڪم سؤ کن سال اڳ جو لڳي ٿو ۽ ٿي سگهي ٿو تہ ڏهين صدي کان وٺي سنڌي ۾ اهڙي مواد مهيا ڪرڻ جي شروعات ٿي هجي.

ڪاتب سليمان جي اُتاري وارو مواد بہ سڄو سالم نہ بچيو آهي ۽ ڪجهہ ڀاڱو ضايع ٿي ويو آهي. هڪ تہ اهو اُتاريل مواد بہ اجان وڌيڪ هو ۽ ٻيو تہ ايترو مواد هڪ ڪاتب پنهنجي ذوق ۽ ضرورت خاطر هڪ جلدجيترو اُتاريو. ان کان سواءِ سنڌ جي جدا جدا ڀاڱن ۾ ٻيو بہ اهڙو مواد موجود هوندو، ڇاڪاڻ جو گهڻن ئي عالمن ۽ استادن ان وقت مختلف موضوعن تي سنڌيءَ ۾ مواد پڻي منظوم ڪيو، جنهن جي تصديق تيرهن جدا جدا عالمن ۽ سڄاڻن جي تاليف ڪيل منظومين مان ٿئي ٿي جيڪي هن ذخيري ۾ شامل آهن. ان مان اندازو ٿئي ٿو تہ ڏهين- يارهين صدي جي وچ ( ٩٥٠ - ١٠٥٠هہ)ڌاري سنڌيءَ ۾ هڪ وڏو تعليمي، علمي ۽ ادبي مواد لکت ۾ موجود ٿي چڪو هو.

اوڻيتاليهن مختلف موضوعن بابت سنڌي منظومين جو هيءُ ذخيرو جيتوڻيڪ بنيادي طور تي تعليمي ۽ تدريسي آهي مگر ساڳئي وقت اهو هڪ قيمتي علمي ۽ ادبي سرمايو آهي، جنهن جي مطالعي مان ڦهريون ڀيرو هيٺيان اهم نتيجا نڪرن ٿا: (١) هنن منظومين ۾ سنڌي بيت جون اهي سڀ سٽائون جيڪي قاضي قادن جي بيتن ۾ ملن ٿيون سي موجود آهن. (٢) بيتن کان سواءِ هن ذخيري ۾ ڏگهن منظوم بندن جو هڪ وڏو تعداد شامل آهن: ڏگها سنڌي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منظوم- بند پهربون پيرو هن ذخيري ۾ ملن ٿا. (٣) جيتوڻيڪ شعر شاعري بدران بنيادي طور تي هيءَ هڪ منظوم ذخيرو آهي ته به ڪي شعري صنعتون پهربون پيرو هنن منظومين ۾ ملن ٿيون، جيئن ته بيتن ۾ وَراڻ يا تڪرار جي صنعت ۽ چوٿي بحر مستزاد واري صنعت. (۴) معنوي تمثيل جي لحاظ سان، ساموندين جي موضوع جو هڪ بيت به وڏي اهميت وارو آهي. (۵) گهڻن منظومين جي ٻولي آڳاٽي آهي ۽ ممڪن آهي ته اهي ڏهين صدي هجري يا اڃان به اڳ تصنيف ٿيا هجن.

ن.ب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# [خالق جي هيڪڙائي، ڪائنات جي
# تخليق ۽ انسان جي پيدايش]

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تلا جي لڪ ڀيءِ سنگ سدي تات لسنتو مرسو ڪري جنو حجامت ڪاري

دما ھنائي کهي برڪ سيرو جوري ٿا ھي ستي ٿيو مستحب بابي تمام شد

جنا ريب بسم الله الرحمن الرحيم

جي بابي ھو ذني انبيائي ڪيني تديه ملڪ سدو تھي دتوبي ڪھيني

بابي ھو را ميو بابي ھورا ءِ بابي ملڪ تھي بابي لڌائي با

بان ڪيا را جي يابجي جانائي سو ھائي سو تدھي سد و ملڪ جبار

اونوا ڪرنتري ڪتت ڪيني وار ڪون ھو تدھي جنو جلدي جنو نو

ھو ذي سڪب نيي نڪو نمو نو ڪون ھو تدھي جيڪو ڪي ڪالاءِ

ھو ذي سڪب نيي ڪان ھيئن جاءِ ڪون ھو تدھي جيڪو جوري مت

ھو ذي سڪب نيي جيئي ٿيئي ڪيت نھو جبا ڏڪو نڪو ھو راڪ

ھو ذي سڪب نيي نڪو وريو وتاڙ نڪي اجو تدھي نڪي ڪالو وت

سائو ڪين برجنو ڪالعو ڪيني ابن ھو ذي سڪب نيي نڪلو ورن

نھو اھائي ڪي نھئي اوداڻ نڪي ورسو جرو نما نڪر نباره

ھو ذي سڪب نيي سائي سنو ساراه نتي ڳڪر نڪال الانتر لاعيده

ھو ذي سڪب نيي ميثاق ٻذيبه جرص نھو تدھي نھي جرغات



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## [۱]

## جباري صفت خدائي

جِينْ پاڻ هِي هُئو ڏِٺي، اُپايائِينْ ڪِي نه
تَڏهِ مُلڪُ سَندو تَهِين ڏِنو پِئي ڪَهِين نه.
پاڻ هي هُئو راڄيو، پاڻ هي هُئو راءِ
پاڻِ جي مُلڪَ تَهِينْ پاڻ لَڏائين پاءِ (۱)
پاڻِ ڪِيائِين راڄَئي، پاڻِ جي ڄاڻاءِ (۲)
سو هاڻي، سو تَڏهِين سَندو مُلڪُ جَبّارَ
اُوڻو آڳرِ نه ٿِئي، گهَٽِ نه ڪِيٽِي وارَ (۳)
ڪونه هُئو تَڏهِين جو چُنڊي چُوٽو (۴)
هُئو ڏِٺي سَگهِپَ سِين، نَه ڪو نِمُوٽو (۵)
ڪو نه هُئو تَڏهِين جيڪو ڪِي ڳالهاءِ
هُئو ڏِٺي سَگهِپَ سِين ڪاءِ نه هُئي جاءِ.
ڪوءِ نَه هُئو تَڏهِين جيڪو جوڙي مَتِ
هُئو ڏِٺي سَگهِپَ سِين، هُيَهِي نه هِيئِي پَتِ.
نه هُئو جِياڏُ ڪو، نه ڪو هُئو راڳُ (۶)
هُئو ڏِٺي سَگهِپَ سِين، نه ڪو وَرِي وَٺاڳُ (۷)

---

(۱) پاءِ= پاڻ، پاڻ کي (۲) راڄئي= حڪمراني (۳) اُوڻو= گهٽ. آڳر= وڌيڪ.زياده. ڪيٽي وار= وار جيترو، ڪنهن طرح ذرو به (۴) چُنڊي= چَٽي . چُوٽو= توت.( ڪوبه ساهوارو ڪونه هو) (۵) سگهپ= طاقت، قدرت. نموٽو= صورت، مثل. (٦) جياڏ = جيئڻ، ساهوارو (۷)وٺاڳ= وٺڪار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ اعراف اُپايا، نہ تِين بحرُ نہ واءُ
تہ هُئو سلطانُ سو قادِرُ قديمُ راءُ
ارڙهہ سَهسَ عالَمَنِ اُپايائين پُوئاءُ (۱)
پهرو عِشقُ اُپايو رازِقُ رَبَ جَليلَ
پاڻُ ڪِيائين پَڌرو هِيَهِين پَرِ جميلَ
قادرَ نُورُ جُدا ڪِيو پاڻ جي نُوراءُ
نُور مُحمَدَ مُصطفيٰ پيدا ٿيو تِتاءُ
وَنڊِي لڌِي وِتِرِي تِينِي حَضَرَ تاءُ (۲)
سائينءَ سَبِ سِرجيا تهين جي نُوراءُ
عَرشُ ڪُرسِي لوحُ قَلَمُ جِينُ بِهشتَ دوزَخ اُپايا
پُونُ روپي ۽ سونَئِي سِرِنُ اعرافَ بنايا (۳)
حَوضَ ڪَوثَرُ پِيرِ شَجَرَةَ الُمنتَهيٰ طُوبا وِرڪُ وَڏايا (۴)
سَهسَ اَياره ٿيا پيدا پُويُون اَيَ وِڇايا (۵)
سِجُ چَندُر تارا پڻ خَلقي وارَنَ تي سِر واهيا (۶)
ڏُونگرَ بَحرُ سَمُوندَر سِرجيا، پاڻِي پَٽِ لوڙاهيا
بَحراءُ مارڳَ متي خَلقي تِتهين ڪري وَهايا
ڪَڪَرَ هِيَهين هيٺِ بَهانو، مٿان مِينهَ وَسايا
مَلڪَ ماڙهو جِنَ اُپنا، پُونُ ۾ اوِيڙَ چايا

(۱) پوئاءُ = پهاءُ، نسل (۲) ونڊي= ورڇ، ڀاڱو (۳) سونين روپين سرن سان (۴) ورک= وڻ (۵) سهس اياراه =سهس اتاره، ارڙهن هزار (۶) پنهنجي پنهنجي واري سان هلايا


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪَري پڙاڏو قِياسُ ڪِيو، جا جَهِين حوالي
آيو اِسرافِيلَ کي فِرمانوسِ وَڙي
تَنهِ ساڄي صُورَ هَٿِ ڪِئي، أيو واتِ ڪَري (١)
رَبَّ سَندي فرمانَ ۾ أيو آهي اِيئن
هُوندو تَنهِ تَرتِيبَ ۾ ڏِينهِ قِيامَتَ سِين
جَبرئيلُ پَيغَمبَرين ريبارو هُئو
گهَٽو آيو مُحمدَ کي جو قادِرَ اَتِ ڏُٺو (٢)
ڏه ڀيرا مِهتِرِ آدمُ کي ڏِنا جَبرَئِيل مَلڪَ
آنداٿين فَرمانَ سي جي مُڪا رَبَ لَڪَ (٣)
ٻَترِيهَ پِرِڪا مِهترِ نُوحَ کي ڏنا جَبرَئيلَ (٤)
آنداٿين فَرمانَ سي جي مُڪا رَبَ جَلِيلَ
آئيو مِهتِر اِبراهِيمَ کي اَٺَ سَؤ چارِ پِرِڪا
آنداٿين فَرمانَ سي جي قادِرَ قُدرَ تا مُڪا
چارِ سَئِہ پِرِڪا مِهتِر مُوسيٰ کي پَنِ مَلڪُ آئيو
آنداٿين فَرمانَ سو جو اَللهَ فَرمائيو
چارِ سَؤ وِيه پِرِڪا مهتِر يُوسُف کي آئيو مَلڪ وَحيُ
آنداٿين ڳالهاءِ سو جو مُڪو رَبَّ صَحيُ (٥)
ٻَترِيهَ پِرِڪا مِهتِر عِيسيٰ کي مُڪو جَبرئِيلُ رَبَّ

---

(١) ايو وات ڪري= وات ۾ جهلي بيٺو (٢) ڏٺو= ڏُٺيو، چونڊيو(٣) مُڪا= موڪليا (۴) پرڪا= ڀيرا (۵) ڳالهاءِ= چيو، فرمان، پيغام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي آنـدا فَرمانَ تَنهِ ڏنائِسِ اَدَبَ
پِيا مُرسَلَ مُحَمدَ ﷺ جي نَبِيَ هُوا
کِي کِي آيو تَنِ کي سَڀ قادِرَ ڏُوا
کَنِ کي سَڌُ سُڻائيا، کَنِي خوابَ لَڌا
جَنِ کي حُڪمُ جِينَ ٿيو سي تَنهِ منجهه اُيا
آئِيو پُڻِ مُحمدَ کي پيرا ڏهه هزارَ
چارِ سَءُ وِيهَ پِرڪا پُڻ آئيو بيهارَ
آنداٿين فَرمانَ سي جي مُڪا رَبَ جَبارَ
مَلڪَ پَيٺي جُملي کَنِ ساراهَ سَتارَ
لکَ ڪِروڙين پَدَمين اُپايا اَپارَ
نـَ پِٽُو هُوا پُٽِ ۾، نـَ کَنهِ ڄِٽِيا ماءُ (١)
سي خالِقَ خَلِقيا پاڻِ جي جاٿاءُ (٢)
اَپين پونٽِين عَرشِ جي سِريا سي نُوراءُ (٣)
۽ اُتيارِي دوزَخَ جي، سي دَوزَخَ مَنجهاءُ (۴)
اُيا عِبادَتِ ۾ ڊِرنا گُهٽِي دَرِياءُ
رُوندائِي رَٽَڻِ سي، ڊِرجَندا ٿهراءُ
نـ تَنِ کِينُ نـ پِينُ کِي، نـ لَذَتَ نـ ساءُ (۵)

---

(١) پِٽو= پِيُ پيءُ (٢) پاڻ جي جاٿاءُ= پنهنجي مرضي سان (٣) سِريا= سِرجيا
(۴) اُتياري= پهريدار، ملائڪ محافظ (۵) کين= کائڻ، کاڌو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ جَهَنّمَ تاءُ ڪِي، نَڪِي جَنّهَراءُ (١)
تَنِ ڏِنائِين نِمنو مَرڻَ سَندو ڪَهڪاءُ
قَلمُ آڳي ڪَڍِئو، پاڙِينڌَسِ پُواءُ (٢)
خَيرَ خَبرَ ڪِونَ لَهي، شَرَّ نہ لَهي ياءُ
پَيغامَبَر سَبِ جُمِلي سِرِيا سي نُوراءُ
مَجِئائُون فَرمانَ سو جو قادِرَ چَيو
تَنِ آسان جِيئَنءَ نہ ڪِئو گالهاءُ آمَيو (٣)
ڏُهلايون ۽ ڏاڪڙا تَنِ بُڪَ سُهائِي (۴)
تَنِي سِين تيلان تِئِي رَحمَتَ رَبانِي
ڪِيئنءَ قادِرَ اُپِينِي، پاڻِهي جائِي (۵)
نہ ڪِينِي سيڪارِئو نہ ڪِينِي سو سَنجِهہ (٦)
اِنَ پَرِ آدِيٺو ڪيو رَبَ اُپٽِي گَنج (٧)
تِينِي سَندِيءَ گَنجِ تَنہِ نہ ڪو آتُ نہ پارُ
هُئو هُوندوِئِي ڏَئِي خالِقُ خَلقَٺهارُ.
تِينِي سَندِي راجِئِي سَرَحَدَ نہ سِيئَ (٨)
آءُ ڪِييَنْ چُوندو اِيَنْ جَہ کَرْهي پاڻَدُ لَهانْ (٩)
وَجُون تہ اِيمانَ سِين ڪَلِمو چَيو هِيَنْ.
لا اِلٰہَ اِلّا الله محمد رسول الله

---

(١) تاءُ= سيڪ، تپش(٢) پُواءُ= پٺيان، پوءِ (٣) آميو= اڻ ميو، بي انداز(۴) سُهائي= سامهون آئي، وٺي(۵) اُپيني= اُپائي، خلقي(٦) ڪيني= ڪنهن (٧) آدِيٺو= رزاق، آڌار(٨)راجئي= بادشاهي(٩) اصل ائين


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## آغاز أيا جي آدمي

آغــاز أيــا جــي آدمــي پــهــرو مِتــيءَ مَنــجهاءِ
”وَبَداءَ خَلَــقَ الاِنسَــانَ مِــن طِيــنِ“ اَصُل تِيو تَتاءِ (۱)
تــاءِ پــوءِ وِيــاءِ آدَمــي كِــيو نُــطــفَ پــاڻيــاءِ (۲)
”ثُمَّ جَعَلَ نَســـــلَهُ مِن سُلالَةَ مِنْ مَاءِ مَهِينِ“ جو پُيجڙو پُيجڙاءِ (۳)
تانْ ٿي پــوءِ راسِ كــري رَكِـئــو مَنــجِــهــسِ رُوح
”ثُمَّ سَوايَهِ وَنَفخ فِيه مِن رَوجهءَ كِيو كِيڏاسِ وُجُوهُ (۴)
سَنِــدي تَــنهِ ســاراهَ كَــرِ جِــيني أپــايُهِ ايــيَــنْ (۵)
فَسَبحُ بِحَمدَ رَبكَ وَاســتَغــفِرَهُ“ ذوهُ كَــرِين كِــيَــنْ
پــڙهــ كَــلِــمو سَــچــئــون تہ تــون جَــڻ مَرهِينءَ.
لا اِلـهَ آلا الله محمد رسول اللهِ

---

(۱) اصل تَتاءِ (۲) تاءِ= تانءِ(۳) پُيجڙو پَيجڙاءِ= هڪ ٻئي جي پٺيان (۴) ڪيڏاس= ڪيس (۵) أپايُهِ= أپايئي

## صفت جوهر آفرينش عالم و مهتر آدم عليه السلام

کيھين ۽ چيو اڳئين عالمين علماء (١)
ڏٺي ماڻڪ اُپائيو اڳي سڀڪنهياء
ڏٺي ۽ چهاسترِ توکهنْ جو هئو اُپائيو (٢)
چئين توکنئون خالقَ پهرو نه سئو (٣)
چئنئون قدرتَ هيڪڙي، پِي رحمتَ، ترؤ نُورُ
چوٿين هيبتَ تنِ سين ماڻڪَ سندو مُورُ
پنجين ورنين رنگُ تنه هئو ۾ ماڻڪَ (۴)
سڀڪنهين ۽ توکَ اڳي هئي تِتهين اهکَ (۵)
پيھري اچي تنِ، ٻئي سائي، زَردي ٽِري ۽
چوٿين ڳاڙهي، پنجين ڪِيائِنس ڪاري ونِ
تاءِ پوءِ نَظرُ تنهِ ڏونهُ ڪِياءِ هيبتَ منجهاءِ
ڦُٽي باره لِڳو تنهِ وِيرَ ٽِيو تتاءِ (٦)
قادرَ عَرشُ ڪُرسِي ڪِيا تتئون هيڪڙِ ياءِ
لوحُ ۽ قلمُ ٽِيا تِتائين پِياءِ (٧)
ٽِري ۽ منجهاءِ آبَ ڪِيا سَتئِي رِ ۽ تَنين

(١) کيھين ۽= ڪِنهين (٢) چهاستر= چاهتر (٣) يعني چارئي گڏ خلقيا، انهن مان، ڪو اڳي پوءِ نه هو (۴) ماڻڪ ۾ پنجن ورنن جو رنگ هو (۵) اهک اصل اٿين (٦) اصل. باره لِڪو (٧) پياءِ = ٻئي مان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوٿِينءَ مَنجهاءُ پوءُ ٺٺيِين سَندِي سِٿرا ڪِئي سَتَنِ
پَنجِيئانْ مَلڪَ ٿِيا سَيئِي سَنداسِ (١)
ڇَهِينءَ مَنجهاءُ راتِ ڏِينهُ مَچِيا فَرماناسِ
سَتِياءُ سِجُ چَندرُ تارا تَنهِ ۾ وِرُوٺهَ
اَٺهِينْءَ مَنجهاءَ جَنَهرَ ڪِيا سِين پاهنجِيءَ سُونهَ
نوئِينْ مَنجهاءُ مَگَرَ ڪِيا ڏمرَ ڏُهارِينِ
ڏهِياءُ جِنَ ڪِيا پوٽَ جي پُوٽِنِ
اِڪارَهِياءُ آدَمُ حَوا سِين سَيَهِي وِيا (٢)
ٻارَهِياءُ نُورُ مُحمّدَ ۽ نَبِيءَ پِيا ڪِيا
عالِمَ ۽ اُمَتَ مُحمدَ جِي سي پُٺِ تِتا
اِيءَ سَيڪِي سائِينءَ تَنهِ ماٽِڪَ مَنجهاءُ ڪِيا
آدَمُ اُپائِيو ڏَٽِيءَ مِٽِيءَ تَهِين مَنجهاءُ
مِٽِي جا اڳِي تَنهِئُون اُپائِي گَجاءُ (٣)
گَجَ لهِرنِئُون ٿِئِي، لهرِ سَلڪِي واءُ
واءُ بَحراءُ اُپائِيو، بَحرُ ماٽِڪَ مَنجهاءُ (٤)
ماٽِڪُ گُهرِيءَ آڳِي ٿِيو، گُهرِيءَ قُدرَت ڏَٽِياءُ
اُپائِيو پَرِ اِيهِي آدَمُ ٻاجهہَ مَنجهاءُ
مَتِي ۾ مَلڪَ مُقرَبَ آٽِي روحُ ڏِنوسِ

(١) پنجيئان= پنجينءَ مان (٣) ويا=.وياء، اولاد(٣) گجاءُ= گج مان، ڦين مان، جهگ مان (۴) گهريءَ= مرضي، منشاء

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• سَٺُو وَرِهيَہِ آروِيَہِ ۾، سَٺو ٻُڪِپينْ هُئو (۱)
سَتون سَٺو پيرَنِ ۾ اُتِي سَنْؤن تِيو.
جِينْءَ اُتِي اُيو تِيو نَظَرُ ڪِيو مَلڪَنِ
ڏِيل ڏٺاؤُن آدَمُ جو آجو رُپِي وَنِ
اَلله جو مَلڪَنِ کي فَرمانُ آئِيو اِيہُ
سِيئِي سَجَدَہ مِڙِي آدَمَ کي ڪَرِيہُ
پِهرو سَجِدو ٿِينْ ڪِيو مَلَڪَ مُقرَّبَ جِئَنْ
سي پَسِي سَيَهِينْ ڪِيو رَءَ اِبليسَ تِئَنْ
جُمعي ڏِينہِ مَتاءُ لُهرِهي آئِيو اِيہُ فَرمانُ (۲)
وِچِينْءَ سين وِرَمَ تِئِي اِتاءُ اِئينْ جانُ (۳)
جُمعو عِيدَ آدَمَ تِيو ۽ سَنڌهِسِ وِيا
ڏَئِي دعا قَبولُ ڪري تَنہِ ڏِينہِ ڪِجي جا
وَجون تہ ايمانَ سِين ڪَلمو چَئو مُها
لا اِلہَ اِلا الله محمد رسول الله

---

(۱) اصل اٿين. (۲) لُهرِهي= شايد اُلهي، متان لهي (۳) وِرمَ= ويرم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نور نامہ حضرت رسالت پناہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بان ڪريندو ٻڌو تعاليٰ الله جو ڏيار ڏنڊو ڏيه ڏيني اتو واڪراء ي

ٿيٿ ڏريندو مصطفيٰ ڌهاڙين ۽ تناءُ فولا امت محمد جو بخشو ممراءِ

وا سُو ۽ ڏو ڏني عالمي الله امت محمد مصطفيٰ ڪي مولي ڪبين مباح

عبادي پرين پيش لائق جو تعاءُ ماٺيد بحر ميٺوا ڪنا جن سو ڪهاڙو ٻا

جو ٿا ڏني بيچ ڪلمو جيو مهاڙ لا اله الا الله محمد رسول الله

نامه بسم الله الرحمٰن الرحيم حضرت رسالت پناه

پيدا جڏهن خلقيو ميڙ ملڪ لاءِ پهرائي ٻيڏا ڪري آدم ڪبير الله

سائين سوال ڪجا شو نيڪيو جونو سو وچاري وين جو بيچو جو برباد

يڪي فا در دريا لين پهريچي بريائو ملڪ خلقيو مولڪ ماڳ ماڳاءِ

پيغمبر ٻيڏا ڪري مو سالڪيا مڪاءِ عرش ڪرسي لوح قلم جو ڪيهي جربار

اتي جنتو الڪي ڪيو ڪه ماڳاءِ تارا پيچ جڏ ڪري نڪليا ڪه نور احمد

داد خلقيو وچ ورن هيٺوا ڪيا مڪاڻ صبر سو ڏسي ڏلي محبت ڪيا مڪاڻ

ڪوثر قدس قبله مورتي ڪه ماڳاءِ عصا لٺ آدم ري ٻيڏا اتي ڪواءِ

جيئو جو ٻاني واءُ بن خلقيو خاڪ کهيا ءُ له سوئي لکيو ڪري پيو جو برباد

اب خلقيو آسمان پو بحر ڪيا ءُ ڪر ڏيه ڏيهي ڪري ڪه پر بتري باءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[۴]

## نورُ نامہ حضرت رسالت پناہ

بسم الله الرحمٰن الرحيم

جَڏهِ جَڳُ خَلقِئو ميڙي مَلڪَ راءِ<br>
پِهرائِين پَيدا ڪري آنڌو ڪيرُ الله؟<br>
ساري سُوالُ پُڇاءِ سو نِڱيو جو نُوراءُ<br>
سو وِيچاري وِيڻُ چئو پِئو جو پَرَياءُ<br>
ڪِين؟ قادِرَ دَريا ڪِيا پِهروئِي پَرياءُ (۱)<br>
مَلڪَ خَلقِي مُن ڏَٿِيءَ مُڪا ڪَنهِ ماڳاءُ<br>
پيغَمبَر پَيدا ڪري مُرسَلَ ڪِيا مُڪاءِ (۲)<br>
عَرشُ ڪُرسِي لَوحُ قَلَمُ جوڙُ ڪِيهِي جُڙياءِ<br>
اَتَ جَنّتُون آڳي ڪِيُون ڪَنهِ ماڳاءُ<br>
تارا سِجُ چَندُرُ ڪري نِڱِيا ڪَنهِ نُوراءُ<br>
ڏانڊُ خَلقِي، وِڻجَ وَڻَ، ميوا ڪِيا مُڪاءِ<br>
صَبُرُ سُورُ سَچا ڏَٿِي مُحبُ ڪِيا ڪِٿاءِ<br>
ڪَوثَرُ قُدسُ قِبلَهَ مُندِريَءِ ڪَنهِ ماڳاءُ (۳)<br>
عَصالَتَ آدَمَ ڪي پَيدا ٿِئِي ڪُواءُ (۴)<br>
چِيرو پاڻِي واءُ پَنِ خَلقِئِي خاڪِ ڪَهِياءُ (۵)<br>
لَهُ سوئِي لِکيو ڪري پِيو جو پَرِياءُ.

(۱) پهروئي= پهريائين، اول کان ئي (۲) ڪيا= ڪٿان (۳) منابريئہ= آڏيائين
(۴) ڪُواءُ= ڪهڙي هنڌان، ڪيئن (۵) ڪهياءُ= ڪهڙي طرح، ڪهڙيءَ شيءِ مان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آيَ خَلقي آسمانَ پُونئِيْ بَحَر ڪِياءِ
ڏُونگرَ ڏِيهَ ڏِسِين ڪري ڪَنهِ پَرِ پَترِ ياءِ (١)
اُپِيئِي آدَمي سڀ پيدا ٿِئِي ڪُواءِ (٢)
آسان کي آچو ڪَٿِي ساري سَبوجهاءَ (٣)
آسان "آرادِين" چوءِ جوڙِيا ڏَه جَوابَ
جِيني سو صَحِيُ ڪري سَپِنِ تِيانْ ثوابَ (۴)
تَڏِهِ سِجُ نه چَنڊُرُ نه تارا، هُئو هيڪُ خُداءِ
جهوڳِياڻِين جَهگَ کي آگي عَرشَنِ لاءِ
نُورُ نَبِيءَ جو نَميو پِهرو قُدرَتاءِ
اُپِيني تِئائين پُونءِ پَيدا ڪِئِي خُداءِ (۵)
وِرِهاڱا وَڏي ڏَٿيءَ نَميا نُورَ مَنجهاءَ
سيئي صَحِيُ تِيا فَرمايو ڏَٿياءِ.
سَچو ڪِيائِين سَجِدَهو وَرِهَ سَتَرِ سَهْسَ
تا فَرمايو مون ڏَٿي جَهجِهي ڪِئِي ڪَسَ
آڳي سَتَ سَنْباهِيا جي دَرِيا دُرسَ
ڏَهڏَه سَهْسَ سَيڪَهِين مَنجهه ڏِنائين ڏَسَ
هيڪَڙو عِلمُ، حِلمُ بيو، ٽِرئو صَبرُ سَپِنِ
چوٿون عَقُلُ آدَميءَ، پَنجُؤن فَقَرُ تَنِ

(١) ڏِسين= ڏِسيون، طرف(٢) مانهن سميت بيني آهي سا ڪتان پيدا ٿي(٣) آچو ڪٿي= صلاح ڪريو، ٻڌايو (۴) تيانِ= تن کي (۵) اُپيني= اُپائي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻيءَ پِيا ٻه ڦُڙا جي ڏاڍي ڪَنَ مَنجهاءِ
عَرشُ اُپايو مُون ڏِٺي ڪُرسِي ڪِياءِ تِتاءِ
جي پِيا آٽَ ڦُڙا سَندئي نُورَ نَڪاءِ
جَنهَرِي جوڙَ ڪِئِي قادِرَ ڪَدِي تاءِ (١)
ڏَندنِئا ڏاتِ ڪري جي قَطرا ڪِياءِ
آيِنيِنْ جو آيِرَنُ تارا ٿِيا تِتاءِ (٢)
پاڻيءَ پِيا ٻه ڦُڙا هارِيا جِيَ مَنجهاءِ
چَندرُ ڪِياٿِين چانڊرَٽو، سَجِي سِڄُ تِتاءِ (٣)
پُڻِ پِيا پَنجَ ڦُڙا جي جِيَٽي هَتاءِ
پِهرو جَرُ نَمِيو، ميوا تَنهِ پُوئاءِ (۴)
راڏِ خَلقِي راڄِئي، واهِيءَ وَٽِجَ ڪِياءِ (٥)
قُدسُ تان ٿِي قِبلو، پَنجَئِينْ صُورَ مُڪاءِ.
پُڻِ پِيا پَنجَ ڦُڙا ڏاياءِ ڏاتِ ڪري
طُوبيٰ تَتائِين ٿِئي، حَوضُ ڪَوثَرُ وَري
روڪ خَلقِي راڄِئي چوتِين آپِ چَوَنِ (٦)
ماڳِهين مَرڻُ تِئي تانْ اِيءَ پَئي پَنَنِ
مُندرِي مَنجها ٿِئي ڪِئِي سائِينءَ ڪي سَلمانَ
جِينِي جِنُ جَهِليا آگِرِ پايِئي آنَ.

---

(١) جنهري= جواهرن(٢) آيرن= زيور، ڳهڻا(٣) چانڊرٽو= چانڊوڪي(۴) پوئاءِ= پٺيان(٥) راڏ= پوک(٦) روڪ= ٻيرَ جو وڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آؤنْ آجو آهِيان پاڻَ مُرادي مَنِ
عَيبُ نہ هَتِي اَنگَ ۾ ، مُون پَرِ پَگَ پَوَنِ (١)
جو عَيبُ تو اَنگَ ۾ پُڇِين سو نہ سُڃاڻَ
دِيارِئينْ دُورِ تِيا کِها کَرِپين تَراڻَ (٢)
آؤنْ ٻانهو آهِيان مُون کَرِ مُسلمانُ
تِتِ اُبِيتو سيگهہ ۾ رَبَ پَرِنبي پاڻُ.
وِيو نُورُ نِسوهِرو پاڻِيءَ اُتي پاڻِ
کِ تون آجو آهِئِين، کِ کَا هَتِي کاڻِ؟ (٣)
آؤنْ آجو آهِيانْ پاڻَ مُرادي مَنِ
عَيبُ نہ هَتِي اَنگَ ۾، مُون پَرِ پَگَ پَوَنِ
مِيرا مَتا مَنجِهہ تو پُرِي وِجَهندا پاڻَ
آؤن ٻانهون آهِيان مُون کَرِ مُسلمانُ
سِکِي اُبِيتو سيگهہ ۾ رَبَ پَرِنبي پاڻُ.
وِئو نُورُ نِسوهُرو آتَشِ اُتي چَتِ (٤)
کِها کَرِئينْ کَمَ تُون تَنہِ کي چَياءِ تَتِ
آتَشِ اُپِيهي کِيو تَنہِ ويرِ هِيءَ آواجُ (٥)
لَکِي لُوهانْ لِکَ سين سَبِ مَنهُجو کاجُ (٦)
پاڻِي پاکُ خَلِقئو سَتَراٿو تُهاءُ (٧)

---

(١) هتي ۽ هن کان پوءِ ٻني پڙهڻي= مون پَرِ پگ پون(٢) دريائين= ديار کان، ملک کان. تراڻ= نڪاڻا، ٽاڻا(٣) هَتِي= اتڻي(٤) چت= تـرت (٥) آواج= آواز (٦) لوهان= لٺان، اُلا (٧) سَتَراٿو= سخت


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڦُرِي تَنهِ مَرِي پِيوءِ ڦُوة تُنهجي واءُ
ڏِينِ اڄِي ڏِرسُ تي آڏِي اُيو ڪَنڊ
جائِي قادِرُ ڪَڍِؤ سوناٸِينَ سو هَنڊُ.
وَهِلو وِؤ خاڪِ سِرِ نَبِيءَ سَندو نُورُ
ڪِ تون آڄي آهِئين ڪِ ڪي هَتِي پُورُ
آؤُنَ خاڪِ خُداءِ ڄِي مَڃِي اُيِي مُورُ
سا پَسِي سَرِهو ٿِيؤ نَبِيءَ سَندو نُورُ
تاهَرِياٸِينَ ٽَنِيَنِ رِءَ ڪارَڻِ ڪوڏِ رَسُولَ (١)
مَنجها تَنهِ پَيدا ڪِيا سَهينَ يَبِتينَ صورَ
ڳَرِ لاياٸِين خاڪِ ڪي ڏُوائين سا ڏورِ (٢)
پاڻَ اڳاهُءَ تَنهِ ۾ ........... اُمتِ حُضورِ (٣)
مَرِي مِڙَنِ ڏَرِ هيٺِ سي چُنڊِي چارِي ٽوڪَ (٤)
آدَمَ پُٽنِيءَ آئِيا لکِينَ تانَ اِيءِ لوڪَ
نُورِ نامِي مَنجهاءُ سا لِکي سِنڌِي ڪِيو پاڪا
سَبِ پَرِياءُ پاٺِهِي پاتا پادِشاهَ.
عَرِبِياءِ ۽ فارسِياءِ سِنڌي وا ڪِيامِ
آريا "آراڊِينُ" چوءِ لِکِي پُڄئِيامِ (٥)
چوڪِي پِرتِ پَڙِيه سو سَڃِي سِڪَ سُٺِيهُ

---

(١) تاهرياٸين= تهرايٸين، قائم ڪياٸين، پٽرياٸين (٢) ڏواٸين= ڏڪيي واءُ، ڏڪار (٣) ورق زبون (۴) چاري= چارئي (٥) اريا= اريعا


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جِتـــي جُهولو جَنَـــتِي جـﻪ ســــو پَـــسئون ڏِيهُ
وِيجون تـﻪ اِيمـــانَ سيـــن كـــلـــمو پـــاڪُ پَڙهُ
لا اِلـه الا الله محمد رسول الله

---


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[حضرت محمد مصطفيٰ صلي

الله عليہ وسلم جي سوانح]

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ھي تصنيف ايمان جي باب ۾ محمد بڪر سنڌي ابن ابراھيم عمر شيخ ھند
ابراھيم جو پٽ پيغمبر جي آيت ڪري سنڌ ۾ ڪلمي جي تربيت
ڪيسار اھو جي جوڙ صفو ولايت ۾ آيو تنھن ڪري جاري مسلمان را
تو احوال ڪيلا اندر طبق نور سارا ھٿ ترجمايو تان مشرڪ ڪافر
کوڙ جي ڪوٺڙي کي صفو ڏسي مسلمان مريم ڪئي ايو جي ھٿ
وڃي جاري رسول کي حلال ڏنا وڃي سرھايو سنڌ ۾ آيو
پيو جي ايمان سنڌ ۾ سڀني جي ھر جو سارو جھڙي نيت ٻيا
ٻڌو ڪير رسول کي ڏٺو ٻيا ڀلارو ابو لھو جي ملواڻي جوڙ
ڪيو ڪاميو ڪري مڪي اندر آيو شھر ٻاھر اتر ڏکڻ ڏي ونڊ
ڀائري اعراب مڪي اندر ٻڌي ڪيو ڪير ٻيو ٻاھر
دائي ڪير ورتائين ٻيو ڀائر ڏينھن ڪيو سنڌ ۾ مڪي دار
حليما سعديه سنڌي مرديار گجر جي پڇي آسان جي خدمت
نيڪ مجتبيٰ ٻاھر ٻيا حليمه سعديه تڪليف ٻالي
ٻي ٻانڀ ڪير وڃي ڪاڏا جي جري حليمه ڏھري بنو سعد ياد
ڪيما بن حليم تي سيرت ڏي حليما جو دير ڏٺو ڏي وري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## حضرت نبي ڪريم صلعم جي سوانح

هُئي هِيڪَلي ايمَنّا جِينءَ ڄاؤ مُحمَدُ
ڪَنِرِ سُورَجِ اُيرِؤ روشَنُ ٿِئو هَندُ
چارِ جوئِينءَ بيخبَرِي پيهِي آيُون تَتِ (۱)
گهورَئِينءَ رَسُولَ جي ڪارَڻِ تَرِبيَتِ (۲)
حَوا، سارا، مَريَمَ، چوٿين صَفُورا
ڳِنهِي آيُون توڪَهِينءَ چارَئِي مَستُورا (۳)
هُوئا حَوا هَتِ ڪَپَڙا آندِر طَبَقَ نُورَ
سارا هَتِ سُرِهايُون تارَ مُشڪِ ڪافُورَ (۴)
ڪَؤنرو پَرِي ڪوٿَرا ڪِيو صَفُورا هَتِ
چِلِبيچِي مَرِيَمَ کَنئِي، آيون مَنجهه جَهَتِ
وِهنجارِي رَسُولَ کي حُلا ڏِناءُون (۵)
سَرهايُون سَڳورَئِي لِڳِينءَ لوياڻون.
ڪِيو بِيبيءَ ايمَنا سَفرُ ستين ڏِينهِ (۶)
سِرجِئو ساءِ جَهِين، نِپايو تَنهِ نِينهِ
پِهرو ڪِيرُ رسولَ کي ڏنو ٿوبِيا جوءِ
ڪَنِيزَڪِ اَبُولَهَبَ جي، ۾واقدي چوءِ (۷)

---

(۱) جوئين= جويُون (۲) گهورئين = گهوريون،ڪلبيندڙ، قربان ٿيندڙ (۳) ڳنهي آيون توڪهين= ٽوڪ ڪئي آيون (۴) تار مشڪ= تاتار جي مشڪ(۵) حُلا= حُليا، ڪپڙا (٦) سفرڪيو= گذاري ويئي، وفات ڪئي(۷) واقدي چوءِ= واقدي پنهنجي لکيل ڪتاب ۾ چيو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهَٽُو ڪوسائِي گرَمِي مَڪي اَندرِ آهِ
شهرَ ٻاهَرانءِ ڏُونگرين ٿَڌائِي وَٽراهِ
پَهُوٽارِينءِ اعرابِيُوَن مَڪي اَندرِ اِينِ (١)
پورهي پُڇيو ٻَيَروُ نِيوُ نِپائِينِ
ڌائِي ڪِيرُ وَڏا ٿِيا تَنهِ وِيرَ آئِٽو ڏِينِ.
گهٽو سَنڌرائِي قَحطِي هُئِي مَڪي ڏارَ (٢)
حَلِيما سُهٽو لَڌو سُنِيءَ مَنجهه دِيارَ:
”ڪَجُورَ پَچِي پِيئِي آسان اُتي خُرمَنِ
سي ڪِئَهُونءِ مَنجِهه، تِيانءِ ٻاهَر ٻيا جُهلَنِ“.
بَنُو سَعدِيان نِڳِيون پَهُوٽارِينءِ ٻاٽِهي
تہ نِيئِي نِپايُهونءِ ٻَيَرُو ڪي مَڪاءِ هاٽِني
چَڙهِي چَلِيُون وَهِٽرِينءِ بَنُو سَعدِياءِ
حَلِيما پُٽ هَلئِي، تنِي سين ٽِٻي تاءِ
حَلِيما جو ڏُٻِرو هُئو وَهِٽرُ وَڙي
پُرِي نہ پُڄي تَنِ سين هَري پَنڌُ ڪري
سي پَهُٽارِينءِ مِڙيو حَلِيما تاءِ رَکَنِ
عبدالله حارِثَ-ڏِيءَ اُپِيُون سَڌَ مُئَنِ (٣)
مَڪي اَندرِ آيُون پَهُوٽارِينءِ پُرِي

---

(١) پنهواريون اعرابڻيون مڪي ۾ اچن (٢) سنڌرائي قحطي= سخت ڏڪار، ڏار= ڏاري (٣) سڌ مُئَن= سڌ موڪلين، سڌ ڪن.

ٻِچَڻَ لَڳيُون ڳِيَرُو سِيراءُ سِيرَ سِري (١)
سَيِنِي غَنِيَنِ جا پورهِي ٻُچِتا پارَ
نِياڻُون نِپاڻَ کِي مَکِي منجهاءُ دارَ
مُحَمدَ کِي کاءِ نہ کَٽِي کِيو يَتِيمُ ڇَڏِينِ
ٻُورو نہ پَسنِ پورهِئو، وِيئُون وَرِئو وَڃِينِ
حَلِيما غَنِيَنِ جو کوءِ نہ لَڌو ٻارُ
ڪنياڻِين مُحمدَ کي جو اُمَتَ آڌارُ
رءَ ڳِنَيَرُو سَگَهِي وري جي وِينديِاسِ
هاڻي هِنَ يَتيمَ کي مُورِ نہ ڇَڏِينديِاسِ
جي آئُون وَڃان سَگَهِي، ڳِيَرَوُ کوءِ نہ کَڻان
خالِي ٻَهُوئارِيَنِ سين وِيندي لَڄَ مَران
هاڻي هِنَ يتيمَ کي نِيئِي نِپايان
آللهَ کارَڻِ اِنَ ٻُڻِ کَڻِيو کِيرُ ڏِيان.
حَلِيما حضرتَ کي کَڻِي نِکَتِي تاءُ
وِهارِياڻِسِ وَهِٽرَ اُتي کِڻي پاڻَ آڳِياءُ
سِري سَٻاڻِي هليو کِي تِکو تازِياءُ
ٻَهُوئارِينْ پوءِ ٿِيُونِ جُنبيُون سي سَهجاءُ
حَلِيما سَڏَ کِيو پچن ٻَهُوئارِينْ جوءِ

---

(١) سيراءُسير = گهٽيون ڳليون هلي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاهي چُرينءَ اڳِ ۾ اسان ڇڏي پوءِ
جِينءَ مَڪي مَٽِ نِڳيُون اسين سَعديا ءِ (۱)
وَهِنُر تُنهِجو ڏِيرو پوءِ پِيو پاٺياءِ (۲)
هاٺي آساهانءِ اڳِتي وَڃينءَ وَڏيءَ وِڪَ!
"اِيءَ بَرڪاتَ صَغيرَ جِي جَنهِ مُنهَ ۾ ڏِڪَ" (۳)
حَليما حَضرتَ کي کٽيو آئي چِتِ (۴)
مُڙسُ ڏِناٺِين هيڪلو اِيندو يَليءَ يَتِ
مُنهَ پَسِي مُحمدَ جو ڪِٿَئِين ڪٿي نِهارِ
......... يَتيمَ کي يِليءَ يَتَ ڪري
ڪنداسين خِدمَت تو اسين صَحِيُ وَري
حَليما وِيَر تَهِين وَري تَنِ چَياءِ
نِپايان ٻالڪَ کي آؤن الله نانءِ
آؤن نہ پُڇان پورهِئو، مَڳانءِ نہ مَزُورِي
خِدمَتَ هِنَ يَتيمَ جِي سَڀ ڪَنديس پُورِي
حَليما حضرتَ کي آنداٺين پِيهُارَ (۵)
نِپاياٺِس نِعمَتين آنواعِينءَ موچارَ (٦)
کِيرِ جَهجهي، کِٿَئِ چِڱي، انوا عِينءَ نِعمَتَ
حَليما اِخلاصِ تي نِپاياٺين حضرتَ

---

(۱) مَٽ= وٽ (مڪي مٽ= مڪي وٽ) (۲). پوءِ پيو = پوئتي رهجي ويو (۳) ڏِڪَ= ڏيان، تجلو
(۴) چِتَ= جلدي، تڪڙو (۵) پِيهُار = مڪي کان ٻاهر (٦) انواعين= جدا جدا نمونن سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بالِڪُ تِيو جَڏهِينْ مُشَهِدي لائِقُ (١)
هَمشيِرينْ سِينءِ نِڪَري مُحمدُ مُبارَڪُ
عَبدالله ۽ زمُرو حَليما وِياءَ
ڏِيهاڙِئُونْ حضرتَ سين هَلِئو هيجَ منجهاءَ
مِڙيا ڪَنِ مُشهَدا تَماشا خوشياءَ
جَتي عَربَ نِينگرا اُنِينْ ڊوڙائِينِ (٢)
مِڙئو پاڻو آڻَ ۾ خوشي خِويشِ ڪَرِينِ
مُحمدُ ۽ عَبدالله تَنِ ۾ وَڃِئو اُيِئِينِ
پَسِئو اُتَ وِلاڙَندا طَلَبَ تَماشا ڪَنِ (٣)
عَبدالله حارثَ-ڏيءَ سرَهِي تِينِي وِيرَ
مُور مُحمدُ ڪارِڻي سَچُ سَرڪِيءَ ڪِيرَ (٤)
مُحمدُ عَبدالله هيڪُ ڏِينهَ ٻِيئِي هُوئا ٻَهارِ
عَربَنِ سين نِينگرَين مُشاهِدي ڪار
آڇِي ۾ پَيدا تِيا آڃَڙِياتَ مُڙسَ (٥)
مُحمدَ مَنجهاءَ نِينگرين پُڃَتاؤُ پَهْسَ (٦)
سُمهاري سَنئون وِڃِهي مُحمدُ بالِڪُ پاڪُ
هِينئِينْ مُقابِلِ پيتَ ۾ هيڪ ڏِناڻُسِ چاڪُ
سُمهاري سَنئون وِجِهي مُحمدُ مُلڪ آمِيرُ

((١) مشهدي لائق = وڏو ڏسڻ جهڙو ٿيو. (٢) اُنِينْ =اُنِيون (٣) ولاڙندا= پجندا، ڊوڙندا (٤) سچ سَرڪيءَ ڪير= سچ جهڙي ڪيڙ(نسل، ٿيلو، ٿولو) (٥) اڃڙيات= اڃي ويس وارا (٦) پهس = يڪدم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هِنئِيءَ مُقابِلِ پيٽَ ۾ هيڪُ ڏِنائُس ڇيرُ
پِٽو پيٽَ مَنجها ڪَڍِي ڪري ٻَهارِ آنداڻُس
نُورِ مَغرِفَتَ ماڳُ سو پائي پَرِيائُس
وَحدانِيتَ خُداءِ جي .................. (۱)
پائي مُحمدَ پيٽَ ۾ سِبئاوُن سو چاڪُ
نينگرا پَسِي حالُ سو پِڳا سَڀِ.......... (۱)
چَيائُون دائِهَ ڪري آچِي مُحمدَ ماءِ
حَلِيما حضرتَ کي ڏسِي پِينُ مُتِرسَنِ
پِٽو پيٽَ مَنجهاءِ ڪَڍِي ڪري مارِي وِڌو تَنِ
ڍِرناسُون ڏَرپَ ڳَهَٽِي جَڏهِ......... (۱)
حَلِيما ويرَ تَهِين اُٿِي دائِهَ ڪري
ڪَنِ مارِئو مُحمدَ کي هُوئا ڪيرِ وَرِي
ڪَنِ مارِئو مُحمدَ کي ءِ سي ڪيرِ هُوئا
اِهو ڪَمُ ڪري وَرِي ڪِهڙي پارِ وِئا
مُنِينُ مارِيندِي اُٿِي، اَرِهِ هَٽندي هَٽَ (۲)
تَنهِ سين اِيئَن ڪَنهِ ڪِيو جو سُونهِي ۾ سَٽَ
جانُ وِجي تا پاچوئِيي مُحمدُ وينو آهِ (۳)
سائو سِيبو وِيٽَ ۾ وِسِئا جَئَن واجهاءِ (۴)

---

(۱) ورق زيون (۲) مُنِين= مُنيون (۳) پاچويو= پاچولو، سايو (۴) وِسِئا = هيسيل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مُنهُ آکِينْ مُحمدَ کي ڇُمِي ڇُورِ ڪِئاءِ
سَيانْ نَبِيانْ بادِشاهُ ڳِنهِي گهَرِ نِئاءِ
آؤُنْ اُتان تو گهورِئِيي، ڏِنِيَسِ تو قُربانُ
توسين هِنِ کوهُ ڪِيو، هُونِ ڪيرُ پَرِيانُ
مونکي ٻُجهِي هيکَلو دَسِئو ٻِينْ مُتِرسَنِ
ڇَياؤُن مَلَڪَ آسِينِ، تُون سِرُ نَبِيئَنِ
پِتو پِيتَ مَنجهاءِ تو تِيلانْ کَدايو
وِيڙَ ڇُونڊا آگِرا تُنهِجا مائِتَرِ تو
متان پِتِي اُتي پوئِي وِيڙُ تَنِي جو تَتِ
ڪِجي کانڊِ کَرنِ سِينِ مُحمدَ مَنجهاءِ مَتِ.
حَلِيما حضرتَ ڏانهُ جَنه وِيرَ اينءِ سُوئاءِ
وِيرا وِيرَ رَسُولَ جي خِدمتَ خُوبُ ڪِئاءِ
پَنجِينْ وَرهِين عُمُرَ جي رَسِئو رَسُولُ اللهِ
اُڪَندَ تِيَسِ آگِرِي شَهرَ مَڪَةُ اللهِ (١)

..........................................

.......... پَرئو اِکِي هُئو بَصِيرُ (٢)
خَدِيجا کي خوابَ جو ڏِنائِين تَعِبيرُ
خَدِيجا خوابُ تو لِندو يَتِ کَهِينْ

---

(١) هن بعد ڪي ورق ضايع ٿيل آهن (٢) پريو = پوڙهو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪا لکي خوابُ هيءُ مُحمدُ مُرسُ تهين
خَتمُ سَندو نَبِيا مُحمدُ رَسُولُ الله
جيڪا لکي خوابُ هِيءُ سو تنه مُرسُ آهِ
سَهس اَتاره عالما سَندي جَهين مَحَبت
پُونئين آيَ اُپايا قادِرَ ۾ قُدرَت
تِريه وَرِهَ جاءِ تَهين، ڏهَ پُٽِ جُه گُذرياسِ
چاليهين پَيغمبَري خُداءِ ڏونه اِينديِاسِ
چاليهينءَ پَيغامَبري پانهِجي اِظهارُ
ڪَندو دَعوتَ دُنيءَ ۾ مُحمدُ مُختارُ
اِينديَس عَدالَتَ بادِشاهِي سَيهَين ۾ سَونسارَ (١)
پُونيُون مَجيندَسِ آسمانَ اُلهَندي اويارَ
تَت پُچائِين وَرَ تِيو سو ڪنه شَهرِ آهِ (٢)
جُه گهورِي تيان تَنَ ورَندي ساهِ
چَيائين سو ماڳِ هِنَ شَهر مَڪةُ الله
مُحمدُ نالو تَهين ءِ پُترُ عَبدُالله
مُحمدَ عَبدالله پُٽر تَڏهِ هُوئا هَزارَ
هُئو سو مَڪي شهرَ ۾ وڏو ڏيهُ جَبارَ
پُٽِ پُڇياءِ وَرَ تيو سَڪئو سَندسِ پارَ

(١) سيهين ۾ سونسار = سنسار جي سيني مخلوقن ۾ (٢) ور تيو= تنهن مٿان ورائي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جانْ سو لَهانْ سُپَرِينَ سُوجهي ۾ سَونسارَ.
جِينَ ماءِ هُئو پِيتَ ۾ تہ پِيءُ گُذَرِيوسِ
جائِي پَجاٺاءِ سَتِين ڏِينه ماءُ پُڻ سَفَرُ ڪِيوسِ
يَتِيمُ آهي هِيڪَلو، گُهٽُو غُربَتَ حالِ
ناهِس دِرَمُ مِلڪَ ۾ مَنجها دُنيائِي مالِ.
پُڻ پُچِتاءِ وَرُ تِيو سَلُ سَندس سِينگارَ
سَندي خَتمُ انبياء رَسُولَ ڪِها پارَ
وَرَ تِئِي چَيو سو نَبيءَ نہ ڪوتہ نہ دَرازُ
اُپِيئِي جُهبِيرَنِ وچ ۾ سِرَ اُتاهون سازُ (١)
ڳاڙها ڪَهُوءَ وَنُ جِئَن صافِي لِڳَ سَنداسِ
مُنهُ سَيوئِي موڪِرو..................
پِرُونُ يَوُئَرِ وَرَنِيُون گُهٽُو ڪُشاديءَ ڪارِ (٢)
منهُ موتِيارو مُصطَفَيٰ جِينِي چَندَرُ نِهارِ (٣)
اَڪِينُ هَتِسِ اَجَرِيُون پُوچَڙِيارا پانڌَ
ڪِيا اوجاڳي سَجَّنِين، ڪَڪوريا تو ڪانڌَ
رِءَ سوئِيري سُوهَٽا، ڪارائِي نِيئَنِ
گُهٽُو آچائِي اَجَرِي ڏاري جا تارَنِ
تينِي سُونهَنِ مُنهَ ۾ تارا ڪاريءَ ڪورَ

---

(١) جُهبِيرن = جُبِيرن، جُبا پائيندڙ، ماروئڙن (٢)پرون= گهاٽا ڪارا(٣) موتيارو= موتين جهڙو اڇو چمڪندڙ، موچارو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪِي پُٺِ پوءِ آڪينِ ۾ ڳاڙهائيءَ جيءَ مورَ (١)
سُونهَنِ سَپيرينِ ڪي سِرِ رُخساره خالَ
پِنبِٽيُون پُوچَ تَهِينْ چَپَرَ جوڙَ جَمالَ
ڪَندْ ڪياڙي اُجَرِي پُورا پاندَ ڪَنَنِ
ڳِچِي تَنَهِ رَسُولَ جي سُونهي مَنجهہِ سَيَنِ
ڏاڙهيءَ ڏندين سُونهَٽُو ۽ اُتاهِينْ نَڪَ
ڳهاتي ڳِليٺ ريهَ تِئِي مُنهَ ۾ مُبارَڪَ
ڏندَ مُبارَڪَ مُڪِڙيُون تِرورِ آچا آنتَ (٢)
موهِينِ پِريانْ موڳرا ڏاڙهون جي جُہ ڪَٺَتَ
موتِيارا موتِيَنِ جِتَن چَٺْ ماٺِڪَ آوِنڌَ (٣)
ڪالمان ٿي اُجَرا سُونهارا تنهءِ سَنڌَ (۴)
پُورِي مَتي موڪِري، پورِي پُٺِ سَنديِاسِ
سِرِ اُتي سُونهَنِ جي سُونهارا واراسِ (٥)
نہ ڪوتَہِ دَرازَ سي پُورا رَبَ ڏناسِ
باٺهُون هَتِسِ ڊِرگهِيُون، ڪُلها ڪُشاداسِ
مُهرَ نَبُوةَ پُٺِ ۾ ڦَٽِي پِينْ تِياسِ
رَسَنِ سَرورَ آنبِيا مُونيِنْ هَٿَ سَنداسِ
هَٿِينْ تَرِيُون موڪِريون، ڊِرگهِيُون آڱرِياسِ

---

(١) ڳاڙهائي جي مور= ڳاڙهاڻ مائل (٢) ترور= چمڪندڙ (٣) آونڌ= اڻ ونڌيل
(۴) تنهن جا عضوا سڀئي عالم کان اجرا (٥) واراس= سندس وار

سخاوتَ رَسُولَ جِي چَئِينْ پَچيراسِ (١)
زانُو هَتِسِ زِينَتِي، ڪوتَهَ سُڪُنداَسِ (٢)
پُورا ڳِرِيا بُڪِيُون، پُورا پيرَ سَنداسِ

*............................................

بُزرگ زَادَنِ جِي مُورِ نہ جاٺي ڪارِ (٣)
بانهو آڇيو اِنَ ڪي هيڪاهِينءَ نِهارِ (٤)
موڪلائي موتِيا پَقِي ۽ چاچوءِ
تَنهِ خبَر ڪونہ لَهي جِيڪي تِيندو پوءِ
مَڪي مَنجها نِڪِري ساتَ ڏِناٺُون پُٺِ
خَدِيجا جِي خاصَڪِي مَيسري آندِي اُٺِ
سونَ مَحافو سِرِ تَهِينْ مُرَصَعَ سِينگارِياءِ
چارِ وِهٽا چَئِين قِرِين پَٺَرنِ پَٽُ وِڇاءِ (٥)
چؤڪُنڊِينْ چوٽُ ڪري ناٺو تَنهِ ڏِرِياءِ
پَٽُ پرَهائي مُصطفيٰ مَٿي پاڳَ ٻَڌاءِ
زَر ڪَمربند چيلِ ۾، موزا پيرِ ڏِناءِ
سُلطانِي سِينگارَ سِين اُٺِ اُتي چڙهياءِ
اَبُوبَڪر صديقَ ٻَل مُحمدَ يارَ غارَ
ڳِرِلِڳِي ڪي مَيسرَي ڪِياٸِين اُٺِ سُوارَ

---

(١) چئين پچيراس= گذريل چئن پيڙهين کان(٢) اصل ائين * هن بعد کي ورق ضايع تيل آهن(٣) بزرگ زادن= اعليٰ خاندان جي اولاد (٤) هيڪاهين نهار= هيڪاندي نظرداري (٥) چئين قِرين= چئني طرفن


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مَيسَرا آسين تُنهجا آيُهُون مِنَتَ دارَ
جُه تون بُزرگ زادِه ڏُونهُ مِهر شَفَق نِظارَ
ابوبکر! هِن-پيءَ تون پاڻِهي جاڻِي (١)
مون سين هُئِي يارِي مَحبتَ سَٽراڻي
تيلائِينْ تَنه-پُٽَر کي هِها توکَ ڏِنامِ (٢)
احسانَ عَبدالله جا آچِي چِتِ پِيامِ
پانهنجي مالَ مَنجها مُحمدَ نوازِؤسِ
خَدِيجا جو هِتِ مُون خَرچُ کِينَ کِيومِ
خَديجا جي مالَ ۾ آؤن آمِينُ آهِيان
مَنجها وَجَهَ تَنهِ جي خَرچُ کِينَ کَرِيان (٣)
اَبُوجهلُ وِجَهلِئو پَسِي اِهو حالُ (٤)
خَديجا جو خَرچِئِين مَيسِرا کوهُ [نه] مالُ
اَبُوجَهلَ! مالُ مون سَڀِي پانهِجو ناهِ
آؤن اِتِ خَرچِيان خَديجا جو کاهِ (٥)
وِهُ وَجِي ماڻِ کري، مَيسَر چَيُس تِيئَن
اَبُوبکر تِئَن اُتو ساڻَ سَيِنْهِي اِيئَن
مَيسَرو مُحمدَ کي جِينْ نوازي هِينْءَ
کوهُ وِجهَلِين ايتَرو، ريسُون کَرِين کِينْءَ

---

(١) هِن- پيءَ= هن (نبي سڳوري) جي پيءُ (٢) تنه-پُٽر= تنهن(عبدالله) جي پُٽر (يعني نبي سڳورو) (٣) وجه= وکر، واپار جي وڙ (۴)وجهلئو= وڦليو، بڪيو (٥) کاهِ= کوه، ڪيئن، ڇو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اَبُوبڪر مَيسَره کِي آچِي اُتائين
اَبُوجَهل دُشمَن آهي تورڙا ٿين
غافِلُ ٿيجِ مَ ڪَڏهين، هيڪَلِي ڪِجِ مَ اُٿِ
جِمَ پُٺاؤُ ٿي دُشمنَ ڪيانُ هٿيس پُٺِ (۱)
محمد مَهندا هَلُ تون پُٺاؤُن آؤُن ٿِياهِ
قافِلي سالارُ جو اڳهُون ڪِيو نِياهِ (۲)
اڳي هُئو ميَسَرو قافِلي سالارُ
هاڻي ڪِيوءِ ڪارِوانُ مُحمدُ مَهندارُ
جِتِ اُلهي مُصطفيٰ تِتِ رهي ڪارِوانُ
نَبِيُ سَيِهي ساٿَ جَو آڳُهُ اڳُوئانُ
مُحمدَ کي اِقبالَ اِنَ پَسِي ڇَٽِي نہ سَگهنِ
ڏُجَڻُ ڏورائِيَنْ ٿيو پَايو وِچَ وَجَنِ (۳)
هَلڻُ رَهڻُ پُوئا مِ سَاٿِي سَيِي گڏُ
هُو هيڪَڙو ڏورِ ٿيو پايو وِجي سَڏُ (۴)
مَتي سَگَرَ ساٿِيَهِ هُئو نِيرَ نِياڻُ
پاٺِي تِرنِ ڏِينهَنِ جو ڪِٿاؤُن ڪري پَرياڻُ
اَبُوجَهلُ، وَلِيدُ پُٺِ مُغِيرو دشمنُ
مِڙِي پاٺو آنَ مِ گِرهِياؤُن هِيءَ فَنُ

---

(۱) پُٺائون= پويان ، پٺيان (۲) نياهُ= نبيرو، فيصلو (۳) وچ پائڻ = وير رکڻ(۴) پايو وجي سڏ =سڏ پنڌ تي هلي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هِنَ پَندِ ٽِرنِ ڏِينهَ ۾ ڪُوهُ پاڻيءَ آهي
ماڻهو مُٺِي لَٺِيهُ سو، وَڻَ پُٽِ وڍائي (١)
تہ ساٿِي سي اُڃَ مَرنِ، تَلفُ ٿِيئُنِ مالُ
ڏِنو جَنِ مُحمدَ کي بُزرِگي اِقبالُ
تان چَوَنِ ٿَنِ هيڪڙي سَڌي شُومَتَ سَبَ
مَر ساٿُ اُڃَ مَري قافِلو عَرَبَ
سَنڌبرَ ساٿدارا پانهِجا چڱي ساڏِياؤُن (٢)
پاڻي ساٿِيڙَنِ جو مَڱِي پِياؤُن (٣)
اِيئَن جُٺِياؤُن واٽَ مُنهِ رسيا مَنزلَ گاهِ (٤)
پاڻِي سَبِ پِيَاؤُن، ڪِياؤُن ساٿُ نِراهِ
پاڻي کُٽو سَنڌَرِينُون، ساٿِي سَبِ چَوَنِ
جيڪي موٺُهون پوءِ مَٺِي، مِڙِيا مشورَةِ ڪَنِ
چَيِاؤُن هِنَ واٽَ ۾ پاڻِيءَ کوهہُ هُئو
نَجاڻا هَندُ تَهِينءَ کِهڙِيءَ کُورِ ٿِئو (٥)
اُتي کُوهہَ-وَڻَ هُوئا کَجُورِينْ آشجارَ (٦)
سا عَلامَتَ نہ پَسَهِي اَندوهِيا سالارَ
اَبُوجَهِلَ جَمَعُ ڪِئو: اَچو تہ پوءِ وَرُونْہُ
سُونْهون چوئِنِ: جي وَرونْ تہ ساٿِي سَبُ مَرُونهُ (٧)

---

(١)مُٺِي= موڪلي(٢) سنڌبر= ڱليون. ساڏيائون= سنياليون(؟) (٣)پيائون =پيتيائون
(۴) جُٺيائون= جُٺي ويا(۵) کُور= ڪڏ (٦) کوه-وڻ =کوه تي بيٺل وڻ (٧) چوئِن=
چوينِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هِنَ پَنڌَ پاڻي ناهِ ڪِي، اوڏو ڏيِنهاَ پَنجَ
دُشمَنَ دغاؤُن ڪري سَڀ وِڌا ۾ رَنجَ
رُوئَڻَ لَڳو قافِلو قُريشِي ڪارِوانُ
اَبُوبَڪرِ، عُمَرُ بَل عَلِي ۽ عُثمانُ
آهڙو پَنڌُ پَسي ڪري سَڀِ تيا حَيرانُ
مَهَندا وِيا مُصطَفيٰ جو نَبِياء سُلطانُ
نَبيءَ چَيو تَنِ کي رُئو ڪُجَاڙآءَ
حالُ سَيوئِي ڪَيفِيَتِ ڳَرَهِياڻُس آڳِياءَ
نحافي مَنجها اَلَهي ويِنو هيٺِ وِرِڪَ
سُونهارو سو چانَدَرڻو، مُنهُ موتِيارِي ڏِڪَ
وَڻَ سيئَسِ ڳالهِيو: يا رَسُول آلله (١)
سَتَ وِڪون وِجهه قِبلِي کُوهُ پاڻيءَ جو آهِ
تو ماڻِتَرنِ لَتِيو مَنجها عَڪَسَ کاهِ
لاتاؤُن سُهجاڻيوُن وَڍِياؤُن وَتَراهِ
پيئِي ڪامَ ڪَرَنِ کي پَسي تو عِزتاهِ
کوٽري سو کوه لَهو سندي نِيةَ اِلاهِ
کوٽري لَداؤُن کوهُ سو وِڪُن پَري سَت
تينِي آچِي رَسئِي نبيءَ جي بَرڪَت

(١) سيٹس =سائس


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوٺڙي ڪوهُ لکِي ڪري پاٽي ڪَڍِياؤن
سَٿڍَرِ ساٿدارا پانهِجا سَنيي ٻَرِياؤن
ٽڙي ڏِينهَ تِتِ رَهِي ڪري قرارَ ڪِياؤن
دُشمَن گَري اندوهَ ۾ وِيهَينْ وِڏاؤن (۱)
ٽڙي ڏِينهَ تِتِ رهي ڪري نِڳئو ڪارِوانُ
سَيا ساٿَ مَهندَ ۾ مُحمد آڳُوئانُ
وَڏِيو پِٽِي واٽَ ۾ هُئو ڳوٺَ نِدانُ
راهِبُ وينو تَنِ ۾ تائِبُ تَورَيتُ خوانُ
مُجاوِرُ ڏيؤُرَنِ جو عاقِل اڳيون ڄاڻُ
هُئو عِزتَ اڳِريءَ ٻُورو ٻَهَرواڻُ (۲)
ٽري سَئُر سَتِ مَنجهه تَهِين وَڏا ٻُتَ ڪِياءِ
ٻَڙَ ٻَنَئانْ زَرَبانَ جا مَٿي تَنِ ڏِناءِ
ايندا وِيندا آدِمي مَنِها تَنهِ مَڪانَ
ڏِئو ڪِياؤن زِيارَتون اُتْ، گهوڙا ڪِيڪانَ
دَرَمَ دُنيا ۽ دَولتُون ميڙيو ٻَهچاڻُ (۳)
سو دُنيا تَرڪَ ٽي وينو هُئو تَنهِ ٿاڻَ (۴)
ٻُتَ سيئِي ٻَٽَ سين سونِي سِينگارياءِ
صِفُون ڪري سَراءِ ۾ زِيارَت لڳِ رڪياءِ (۵)

---

(۱) وييهن وِڏائون = ويهه پيرا وڌيڪ (۲) ٻهرواڻ= ٻهرو ڏيندو، محافظ (۳) ٻهچاڻ= گهڻي علم وارو (۴) ٿاڻ= ٿاڻو، جاءِ، جوءِ (۵) لڳ= لاءِ، واسطي

www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

ماڙهُو مُٺي ڪوٺِيا ساٿِي سَڀِ وَرِي (١)
اسانهِجي ڪِينَ مَٿي آچو پير پَري (٢)
مِڙي مِهمانِينَ پاڻَ ۾ فتوي ڏِنائون
مُحمدُ اُتِ آمينُ ڪري واهِي ڇڏيائون (٣)
محمد جِئن مَتاعَ ۾ ڇڏي سَڀِ وِيا
پِينا ڪَلِيسانَ ۾ ڏيؤار جِت تِيا (۴)
راهِبَ بُتَ اُيا ڪِيا ڏَرَهي سي نہ پِيا
سِيٺَنِ سونہ آيو نَظرُ جَهِين نِيا (۵)
چَيائِين هِنِءِ آئي تِيو بُتَنِ قرارُ
آئِيو سونہ، سَندِي جَهِين نَظرَ نگهُوسارُ
پُڇيائين مَيسَرو ۽ اَبُو جَهلوءِ (٦)
ڪو ماڙهُو رَخْتَ ۾ ڇڏيو آهِيانْ پوءِ (٧)
چِيائون يَتِيمُ هيڪَڙو آهي مَنجِهہ رَخْتَ
پِيا سِيئي آئِيا، آسِين تو خِذمَتَ
پُڇيائِينْ اِسمُ تَهين: چَيائُون مُحمدُ
تان ڪِلِي رَهبانُ سو لوڏِڻُ لڳو ڪَندُ (٨)
چِيائين هِيءَ ڪِينَ مون ڪارَڻِ تَنهِ ڪِيا
جَيلانْ اِيندو اُويَلُ تِيَنْ ڪِيندا پِيا

---

(١)مُٺي(هتي ۽ هن بعد) = مُنجي، موڪلي (٢) ڪِينَ مٿي =ڪاڏي وٺ، ڪائڻ لاءِ (٣) واهِي= رکوالو (۴) ڏيوِرا =ديوتا ديوتائن جا بُت ۵٠) سيٺن =سائن(٦) ابوجهلوءِ= ابوجهل ڪان (٧) رخت= سامان، پوءِ پٺيان (٨) رهبان= راهب، عيسائي عالم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جانْ سو اچي آدَمِي تانْ وِهي سَيَڪوءِ
اُنَ رِءَ ڪِيڻُ نہ ڪائِبو هرگز هَڏهِين پوءِ
مارڙهُو مُٺِي سوڪوتِهو نَبِي مُحمدُ جامُ
جانْ سو اچي نہ وِهي تِنئانْ ڪِيَڻُ حرامُ
مارڙهُو مُٺِي مصطفيٰ ڪوئي آندائون
آبُوجهلِ اڳَرَو اُدوي ءُ ڏناڻون (١)
جانْ نَظَرُ رَسُولَ جو پيو سِر بُتَنِ
تانْ ڊرَهِي سَبِ مُنْهَ پَر پيا سِينءَ ڏِيؤُرَنِ
تَڏِي چانْ ڪَڪَرَ جي مَتائُسِ ڏِناءِ
تَنهِ مُعجزي مصطفيٰ سَچو سُڃاتاءِ
هَٿِ ٻُجهي حُرمَتَ سِين مَٿي وِهارياءِ (٢)
اُيِينو اَدبُ ڪري تَعظِيمَ گهَڻِي ڪِياءِ
پُڇياڻِين رسولَ جو ڪِهڙو دشمنُ دوسُ
ڪَنهِ سُهاءِ کي مصطفيٰ ۽ ڪَنهِ سيٽِس روسُ (٣)
چَياڻون آبُوجَهلُ، جو دشمنُ نَبِيءَ آهِ
آبُوبَڪرُ ميَسَرو دوسُ رسولُ اللهِ
آبُوجهَلُ ڊِرنو گهڻو جِئَن چَياڻُون اِيئَن
سَيِي دوسَ رسولَ جا آوُن ڪندو ڪِيئَن

(١) اصل ائين (٢) هٿ ٻُجهي = هٿ ڪان جهلي(٣) سيٽس روس= سائس رسامو، وير،
يعني نبي سڳوري کي ڪير پسند ڪري ۽ ڪنهن کي وير آهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪـيـڻ ڪائـي نِـڱِـيـا اِجــازَت ڪــري
مـيَسَــرِي مُـحـمّـد ڪــي أپِـيـاريـاءِ وَڙي
پِريَتَــٽي جِــي پـاڻ ۾ ڳُــجِهــي ڳـالِ ڳَـڙي
پَسـانْ پُـٽِ مُــحــمـدَ جِي جـيـڪر اُگهاڙي
چَـيـائيـن مُـحـمدَ کي هــيــڪــرَ پُٽِ اُگــهاڙِ
مُـهـرَ نَبُــوَةَ جــا پسَـان نُــورانِـي نِـظـارِ
پُٽِ پانهِـجـي مـصـطـفــيٰ تـَـهِ ويـرَ اُگــهـاڙياءِ
مُهـرَ نَبُـوَةَ کُــلهِــي وِچِ ۾ پَـسِـي سا چُمياءِ
چَـيـائِـيـن: رسـولَ کــي هِـيـرَ مَ نِـهـو هـاڻِ
هــيءَ اَچوڪِــي راتَــڙِي گهـارِهــو اَسـان سـاڻِ
بَچايوهُــسِ بَرُ مَٿِــي پَـڪِــي ڪَـنَـهَ پـريـــاڻِ
مــتان ڏِيــٽِ ڏُجَــڻِ تــئِي آڏِي تِــئِــي آنــاڻِ (١)
ڪيــرُ رَســاٽِـي سگهندو مَدِي مُحمدَ ســـاڻِ
راهِــبُ مُسـلـمـانُ ٿِـيـو ڪـلمـو پڙهِـي پـاڻِ
لااله الاالله محمد رسول الله

(١) آنَاڻ = مشڪلات، ڏکيائي، مصيبت


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تيان دِمشق شهرَ مَٽي ۾ واڻون وَڃَنِ
ڏهين ڏينهين هيڪڙي، ٻني جين ماه رَسَنِ
ڇَيائون مَيسَري جَنه رَه لڳي ماهُ
تيلاهين کي ساٿين آهي پاٽي گاهُ
ڏهين ڏيهين واٽَ جا سا سَيائي سُڃَ
نه تَنه پاٽي گاهُ کي، ماڙهو مَرنِ اُڃَ
۽ پُڻِ اُٿَ زَحمتي گهڻو ڪِنائي ڳَنڍِ (١)
پيو آهي واٽ- مُنه، اڳيان اُني پَنڌِ
تِرين ڏِينهَ تِينِي اُٿَ جِي اڃِي ٻُوءِ ڳري
تان ئي ڪوءِ نه نِکري پَڳي واٽَ وَري
مٿي سَڳَرَ ساٿين ٻيو پُڻِ سُڃي سَپُ
اوڏي پَنڌِ پارِ گهڻو وَڃَنِ واٽَ نَه مَتِ
ڪارِوانُ ڪونه وِجِي قافِلو اِنَ پَتِ
مِڙئِي مَصلحت ۾ پَيا اَچِي مَيسَر وَتِ
مَيسَر اُتو تَنِ کي پُڇان جانُ مُحمَدُ
آوَن وِيندو واٽَ تَهين جو آچِيندُم پَنڌُ
اَبُوجَهلُ وِجهِليئو: تانُ تو ڪثوءِ نه پَنڌُ
ڪَناءِ ڪالُهوٽي ڳيُرِي وَجِئو پُڇين پَنڌُ (٢)

---

(١) ڪنائي ڳنڍ= ڪني ڏپ، بدبوءِ (٢) ڳِيرو= جوان، نوجوان

ساٿُ رسَئِو تَنهِ جُوءِ ۾ جِتي سَپُ هُئو
سُٺِي سَوَنچو ساٿِئي پِرِي پيدا ٿئو (١)
ماڙهو مِڙيا سَپَ سِرِ، آچو تہ ماريهُسِ
متان ڏاڙهي ڪُنه کي ڪٿي دفن ڪَريهُس
مُنهُ پَسي مُحمدَ جو ڏنو سَپَ سلامُ
ڏِني ايءَ سَيڪَهِين نِئِي ڳِيڙائِسِ نامُ (٢)
سَتَ وَرِهَ تِيَمِ جي ويٺي تَتِيهِيِنْ
پُڌو هومِ پَسندُسِ توکي هِتِيهِيَنْ
مولي مون تي مِهرَ ڪئِي، جَهجِهي باجهہَ ڪِياءِ
آخِرِ زماني جو نَبِيءَ مون هِتِ ڏيکارِياءِ
ساٿُ رَسِئو تَنَه جُوءِ ۾ اُٺُ هُئو جَنهِ هَندِ
جَتَ ڪَٺُورِي اُپِڙِي سُرهي سَهِي پَندِ
اَڳَ آڳاٽِري ٻُجَڙِي جَتَ تِرِينْ ڏِينهِينْ پوءِ (٣)
آڳاٺ جِهِي تَنهِ جُوءِ ۾ ڪِي ڪَٿُورِي هوءِ
ساٿِ سَنبِهِي پِيلِئو جِتي اُٺُ هُئو
جَتَ ڪِنائِي نہ آهِ ڪا سَيِهِينْ سو مُئو (٤)
جِينْ جِينْ اوڏا اُٺَ تِيَهِين ڪَرِ ڪتوريءَ بارَ
مُعجِزَا رَسُولَ جا قافِلي سالارَ

(١) سؤنچو = ڊپ. ساٿي = ساٿ جو، قافلي جو. (٢) نمي نالو ورتائين (٣) اُٺ کان ٽن ڏينهن پنڌ تي جت اچي (۴) مُئو =سرهاڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جانْ اَچَهنِ اُتَ رَحمتِي پِئو آهي تتِ

ڪَٿُورِيءَ ڪِيرَ، مون تَرسَ ۾ ڪَلخِي نہ مَتِ (١)

اُتَ رَحمتِي اڪينِ سين جانْ نَبِيءَ ڏِٺاءِ

ڏيئي سَلامَ رَسُولَ کي اِيَهِين لالاياءِ

چَيو اُتَ رَحمتِي شَفِيعُ الاُمتَ

پِنيِي حُضُورِين، بُجَرِي مون ڪارِين رَحمتَ

آچِي گُذَرُ جانْ ڪِيوءِ شَفا ڏِيهمِ صِحَتَ

لائِقُ سُواريءَ تو تيان نَبِي تہ بَرڪَتَ

مَحافي مَنجها مصطفيٰ اُلَهِي دعا ڪِياءِ

هَتَ مُبارَڪَ اُتَ کي لِگين سين لوياءِ (٢)

اُتُ رَحمتِي ماڳِ تَنهِ شَفا صِحَتَ لَڌاءِ

سُرهَو تِيو سَيِي پَرپين ڪِني چَتَ چَڌياءِ

اُتِي اُتَ عَرضُ ڪِئو يا رَسُولَ الله

مونکي مالِڪَ مُنهجي آجو ڪِئو آهِ

سَيڪَهِينْ کي جا وَٺي دُنيءَ اَندرِ خاوِندُ (٣)

خاوِندُ مُنهجو مصطفيٰ تون سَچوءَ مُحَمدُ

مَندِرِ مَحافو مصطفيٰ، مون سِر چَڙهُه رَسُولَ

مَرڪَانْ پانهِجيءَ ذاتِ ۾نَبِيءَ جامَ قَبُولَ

---

(١) اصل ائين (٢) لوياءِ= لوپائين، مهٽيائين (٣) دنيا ۾ سيڪنهن کي پنهنجي پسند ڏنائين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سَيِــنِ سَهَنگــو وِكِــيو، مَهَــنگــو گِــيَڙاؤُن
مَيــسَــري مُــحَــمــدَ كــي مِــنَــتَ كِــيــاؤُن
ڏَهَ ڏِينــهَ اســان جــي رَكــو، مِـڙَيِ هَــلَــهُ مــانَ
وَنِّجِ وِكـٽِي نِكَرَهُونْ مَنجهــاءِ هِــنَ مَــكــانَ
مَيسَري رَسُولَ كــي أيِــي عــــرضُ كِــيــاءِ
هُــئــو ســو رَحِيــمُ دِل سَــيــائِــي مَــجيــاءِ
وَنِّــجُ وِكــٽِي نِــگِــئو قُــريشِــي كــارِوانُ
مُــحَــمــدُ جِــيــنِي ســاتَ سِيــن آگَــهُ اگُــوانُ
مَــكِــي مَــٽِــي نِــگِــيا رِجِــي پَــنڌُ كَــرِيــنِ (١)
ويــران ويــر رســول كــي كُــورُو گــهــٽو ڏِيــنِ (٢)
اوڏا اَچِي رَسِيا تَــــري ڏِينـــهَ مَــــكـــو پَنـــڌُ
لاهــــي وڌو قافِلي خُــوش رَكِـــي ســـو هَنــــدُ
مَيــسَري مارگَ تَهِينْ مَسُ قَــلَــمُ گَــهَــريــاءِ
كَيفِيَتِ كــاروانَ جِي مَكِــي مَڻِ لِـــكـــياءِ
هــوئِــهُــون حُكمُ مَكِــي مَٽِي تِہ اَچَهُون سَيِيئي
كِــ قــافِــلــو لاهُــيــهُــون مِــطَــبَرِ ۾ نيئِــي
بَنــــدو كــارِوانَ سيــن رَسِــيوءِ سَــلامَــتَ
شَــــهــــزادِي دانــاهِ ڏِرِ فَــرمــــاءِ اِشــارَتَ!

---

(١) اصل اٿين(٢) اصل اٿين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آيوءُ جَبرئيلَ کي رَبَ سَندو فرمانُ
پَڪُڙَ هَٿي هيڪَڙي تَڙي موٽي آڻُ (۱)
ڪِيهِي مَجالَ لَعينَ کي جَہ هوءُ حَبيبَنِ ساڻُ
جَهين ڪارَڻِ اُپائيو عالَمُ جِنَ اِنسانُ
پوُنْ کي چَوڙَڪو ڪري ڪوٺي جَهلِ پاڻُ (۲)
تہ تَهين دَمِ مَڪي رَسي نَبِينْ سُلطانُ
بيبي خَديجا بادِشاهِ سُگهڙِ سُرتِ سُڄاڻِ
اچَڻَ ساٿِيڙَنِ جو مَهَلُ لَهي ٻَهڄاڻُ (۳)
ڏِيهاڻيءَ تَنہ ڏِيہَ ڏي چَڙهِي نِهاري پاڻِ
الله! رَسُولُ اللهِ کي آوُن اُڪَندِي هاڻِ
سَجَڻُ منهجو سُپِرين مِيان مَحمدُ آڻِ
سِڪي هِنيو سَريرَ ۾ سَنديءَ جَنہ رِهاڻِ
خِذمَتگارِي خاصِيُون چالِيہَ جَٽيُون هُيونسِ
هَمسِر حُرمَتَ ڳالهِ ڳُجهہُ وِرونہُ واتِ تِيونسِ
مُنڊَ ڏِيهاڙِي تَنِ سين چَڙهِي نِهاري
سُپيرِيان جِي ڳالڙِي مَنَ اَندرِ ماري
نِيڻڙُون نِڪُون ڪِيو، رويو جَرُ هاري
حضرتَ رسُولُ اللهِ کي سِڪَ گهڻِي ساري

(۱) هڪڙي ڪنيزاتي هٿي شيطان کي تڙي اُٿ کي موٽائي ڳس تي آڻ (۲) چوڙ ڪو ڪري چٽني ڪندين ڪان جهلي. ڪوٺي= سُڏائي، سوڙهو ڪري (۳) ساٿ جي اچڻ مهل جو اندازو ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي هِتي هوءِ سو مصطفيٰ مُحمدُ مَکِي ڄامُ
تہ مون سَڀِي پِنيُون مُرادون مُدامُ
سَهسِين سونَ ٿِي سَيکَهِين آؤُن ڏيندِي اِنعامُ
آزادُ ڪري سَڀِنِ کي پَرڻايان تمامُ
جِين جِينْ اوڏو مصطفيٰ اچي مَکي پاسِ
نُورُ غِربانا نِکري وَڃِي لڳو آڪاس (١)
شهَزادِي تَختَ سِرِ لاٿِي وِينِي پارُ
تَرَسِي تاسويَنِ جِينْ نِيٿين ڪري نِظارُ (٢)
خِذمَتَ مَنجِهہ ڪَنيزَڪِينِ چاليهَئِي ڄَوڏارُ
مُنذَ مُرادُون پِنيئون تِيئُسِ ڪُرِهہ قرارُ (٣)
شِهَزادِي سَرهِي ٿِئي جِينْ تَحقِيقُ ڪِياءِين
سَرورِ سچو واعِدو سَپِنْ سين پارِياءِين
سُڄاتائِين رَسُولَ کي ٿِئي شهزادِي شادُ
چاليهَئِي ڪَنيزَڪِينْ ڪِياءِين آزادُ
آچي رَسِئو دَرَ سِرِ ڪاغَذُ ڪَديياءِين
تاريخُ لِکئو تَنہِ ۾ پَڙهِي پَرُوڙياءِين
بِيِيءَ سَڀَ فَهمِئي ڪاغَذِ ڪيفِيَتَ
لِکَئو آهي اَڄُ هِيءُ هاڻي هِنَ ساعَتَ

(١) غربانا= پَرَهُ مان، جاريءَ مان (٢) تاسوين= اُڇايلن، سڪايلن (٣) ڪڙه= دل، جگر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اِي مُعجزا ڪَرامتُون نَبِيءَ جي بَرڪَتَ
حَيرتَ ۾ پُڇِئاءِ ته نِڱِيهُون ڪَنهِ وَقتَ
سِجُ نه هُئو اُڀِرِئو تِنئُس اُٺِ سُوارُ
سوِئي ڏِينهُ ساعَتَ سا ڏِٺمِ تو دَر ٻارُ
ڪاغذَ ۾ مُحمدَ ڪَيفِيَتُون مَيسَري لِکِياءِ
مُنذَ مُرادُون پُنِيون پَڙهِي پَروُڙِياءِ
بِيبِي ڪمالِ عَقلَ هُئِي سَروَرُ سُڃاتائِين
مَقصودُ مُدعَا حاصُلِ ٿِئي تَنهِ وِيرَ چَيائِين
مقصودُ مُدعا حاصُلِ ٿِئي پُڄاڻاءِ فِراقَ
نه آرامُ قَرارُ مُون سَندِي جَنهِ اِشتياقَ.
ٻُڌو بِيبِي عاتِڪا ته مُحمدُ بِن عبدالله
خَدِيجا کي خَبَرون ڳِنهِي آئيو آهِ
اَبُوطالِبَ کي چيو عاتِڪا سَردارِ
ياتِروءِ آيو وَرِي خَدِيجا دَربارِ
وِچڙئو جِينُ ڪاروانَ سين رُناٿِين زارِ زارِ
دِلگيرِي ماءُ پيءُ جي پيو پَرِيهيَنُ پارِ
هِنيانُ هُونِ نَندَڙا سَندا پَرُ ڏِيهِيَنِ
دائِمُ دِلِ شِڪَستَ سي پاسي پِرينُ نه جَنِ

ڪوئي آءُ رَسُولَ کي سِگهو وَڃي پاڻَ
ڪَڏهين هُونِ پُڇيُون چاچا مِهربانَ
اَبُوطالِبَ ياتِريي کي سَيَتِ دوسُ رکِياءِ
پُٽَر پانهِجا رَسُولَ اُتان سَڀِ فِداءُ ڪِياءِ
عَلِي آندو اِيمانُ جيئنْ پُڇِي نہ پاياءِ (١)
خَستو ٿِيو نہ ڪَڏهين تہ مُحمدُ ڪوهُ مَڃِياءِ
اَبُو طالِبُ موڪَلِئو ماڙهُو مصطفيٰ پارِ
سَڀِ عَزِيَز مُنتظِر تون آڇِي مُنہِ ڏيکارِ
اُتائِين عَزِيزَن کي ٻِئي پِيري اِيندوسِ
ڪاغَذُ ڪارِوانَ جو اَڄُ ڪِٿي وِيندوسِ
پورهِئو پَرائو پاڻِ ڏي اَرهَدو نہ ڪندوسِ (٢)
ڏاڏي اِبراهِيمَ جِي شَرعَ پارِيندوسِ
تَڪڙائِي ڪاغذَ جِي شَهزاديءَ ڪِياءِ
خَطُ لِکي جَهْتَ ۾ نَبِيءَ کي ڏِناءِ (٣)
'مِڙِيائِي مَڪي آڇو' قافِلو ڪوٺِياءِ
ڄَنہِ مُعجزي آيو تَهِين پِيرِ مُڪاءِ (٤)
جِيائِين نَبِيءُ آيو مَٺِيائِين سو هَندُ
تانْ پُونْ رکو پِيڙِيو جِينئِي سُتَڙُ پَندُ

---

(١) پاياءِ= پيءَ کان (٢) آرهدو = علحدو (٣) جهت= جهٽ، جلد (٤) پير= طرح، نموني



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽرينِ ڏينهين جو مصطفيٰؐ ساعَتَ ڪِٿو پَندُ
مُعجزي رَسُولَ جِي ڪيرُ ڪندو قَدُ
جِينِ مُحمدُ مصطفيٰؐ ٿِيئو اَٿِ سُوئارُ
نينِ نبيءَ جا نِندرِ ۾ ڪَرڻ ٿِيا قرارُ
آڪِينِ ڪِٿائِين اُتاهِيُون ڏِٺائِين ڪارِوانُ
سوئِي ڏِينهُ ساعَتَ اِيءَ سَڀِ ٿِيا حَيرانُ
هِيءَ ڪوهُ ڪِيائين، هيڪلو ڏِٺو ڪِيائِين (١)
سَڀِي مُنجهِي موٽِيو، پَندُ نہ سوٽائِين (٢)
اَبُوجَهل هَرِبَرئو اُتَ ڳَرَو ڳالهاءِ (٣)
مون ٿي چَيو هيڪلو ڪِيَهِين....... ڪاءِ
مَيَسَر نِيئِي آسمانَ رَساٽِئو هُوئاءِ
اِجهو ڊِرجِي موٽِيو ڪَمُ نہ ڪو ڪِياءِ
مَيَسَرُ شِرمِندو ٿِيو چَياءِ جِينِ اَٿَ
ڳِنهِي آئِيو مصطفيٰؐ خَدِيجا جو خَطُ
مَيسر چيو: مصطفيٰؐ موٽِيهين ڪُجاڙاءَ
جانِ پوءِ وِجي نہ سگهيهين هُوندَ مَهلَ هِتاءَ
نَبِيءَ چيو خَطُ هِيءُ خَدِيجا جو جَهلِ
شِرمِندو ڪوهُ ٿِئين اُتي ڏُڄڻ پَلِ

(١) متان هيڪلو ڊِٺو تہ نہ آهي (٢) واٽون منجهي موٽيو ۽ اڳتي وڃڻ جو ذمو نہ ڪنيائين (٣) اصل، هَريرؤ اُتڪرو ڳالاءِ

خَديجا جو خَطُ سو کَڍِي تَنهَ ڏِناءِ
اَکَرَ سُڃاتا ميَسَري پَڙهِي پَروڙِياءِ
مَيسَر چَيو مصطفيٰ تون سچو آهِين،
سوئِي ڏينهُ ساعَتَ سا، آيُهِين وِيُهِين سِين، (١)
خوابَ غَلبو مون ٿِيو هِتان جِين هَليوسِ
آکِين ڪٿان اُتاهِيُون مَڪي مَنجهہِ رَسيوسِ
مَڪي مَنجها نِڪِري ڪَرهي ڪامَ ڪِيامِ
خوابَ غَلبو مون ٿِيو نيٺِين نِندَر ٿِيامِ
آکِين ڪٿان مَتاهِيُون آنُ ڪي هِت ڏِنامِ
ڪا ساعَتَ نہ سَنيَران تہ ڪا گُذِريامِ.
اَبُوجَهلَ جَهلُ ڪِيو مُورِ نہ ڪا مَڃِياءِ
مُعجِزي ڏُونهَ مصطفيٰ ويساهُ نہ آنداءِ
ڇَيائِين ويرَ تَهِين آؤُن اِيءَ نہ رِياءِ (٢)
جانُ خَديجا نہ ڇَيو تان ڇوڙي اُٿِ نِياءِ
تِري ڏِينهَ پَنڌُ، سُڄَ گهٽِي، واهنَدِ ناهِ وِڇاءِ (٣)
هِنَ دَمِ هَليو مَڪي مَٿي ................ (٤)
سُڃاتائُون خَطُ جو سَندو خَديجا
اَبُوجَهلَ نہ مَڃِئي، ڏِي آجائِي ڏُکا

---

(١) آيُهِين وِيُهِين سِين = آئِين وئي سِين (٢) نہ رِياءِ = نہ قبوليان (٣) واهند = وسندي، ڳوٺ (٤) ورق زيون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪارِوانُ ڪُوچُ ڪِئو تَنهِين مَنزِ اءِ
آچِي مَڪِي رَسِيا ٽِرِي ڏِينهِ پُڄاڻاءِ
اَلهِنِي عَزيزَنِ سان گَڏِيا اُڪِيراءِ
اَبُوجَهلَ پُڇِئو آچِي بِيبِيءَ کاءِ
آئِيو هُئو مصطفيٰ سَلِئو سَچَ مَنجهاءِ
چَئِي تنهجي وِسَهان،مالِڪُ ڪَهُ مُهاءِ
بِيبِيءَ چَيو: مصطفيٰ آئِيو هِتِ هُئو
تَنهِ دَمِ موڪَلَ مون ڪِيَسِ لِکي رُقُوعو
اُتائِين مَيسَر کي خَطُ نہ سُڃاتوءِ
جِينْ آچِيو پُڇِئي مون اَبُوجَهلوءِ
چَيائِين اَبُوجَهلَ جو بولُ نہ مَڃي ڪوءِ
پاڻائِي وَجَهلِيو اُوٽو آڪرَ چوءِ (١)
شَهزادِي ڏَمرِئي چَيائِيس سَخَتُ
ڪوهُ وِجَهلِين ايٽرو اَبُوجَهلَ بدبَختُ
اَبُوجَهلُ رَسُولَ کي پَسِئو کامِينْ ڪوهُ
جِينْ وِجَهلِين ايٽرو ڪِ ڪو ڪِنياءِ ڏوهُ
وِسُوڙو ويڻِ تَهِين جَنهِ ويرَ سو سُوئاءِ
ڪاهِي اُٺِ رسولَ کي چوڙِي گَهَرِ مُڪاءِ

---

(١) اُٺو اکر چوءِ= گهڻ وڌ ڳالهائي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽورا ڏِينهِ گُذريا آئي مصطفيٰ

ڇَٽِس بيبيءَ عاتِڪا ڪَديئي گهٽي جَفا

خَديجا کي وَجُ ڇَٽو وَعدو ڪَر وَفا

هاٿي ڏِينهِ دِرمَ سي جان ئِي ٿِيَئِي نَفعا

پَنجَ سَئُ سُرخ دِينارَ جي سونا سِگهو آڻِ

تہ توکي پَرڻايُون نبيءَ وَڏِي ڏاڻِ (۱)

تہ توکي پَرڻايُون پَليءَ پَتِ ڪري

پِجاڻي گَهَرِ ۾ ٻارِ چِراغُ وَري (۲)

مُحمدَ پِيءُ نہ مايا، مِحنَتَ اَندوهاءُ

گَهرِ پَئَکي ٻارِ ڏِيو تہ تَتائِين پوءِ شعاءُ

پُڦِيءَ جو ٻولُ مَجِي نَبِي نِڳِئو تاءُ

پُجَڻَ ڪارَڻِ پورِهئو هَلِئو تَنهِ ڪاءُ

شَهزادِيءِ جي دَرِسرِ آڇِي رَسئو ڇَتِ

خَديجا کي خَبرُونَ رَساٽِياڻون تَتِ

سونِئو تَختُ سينگارِياءِ دُرَ جَواهِرَ ساڻُ

لَعلُ فَيروزو ماڻِڪيُون جَنه..............

هِيرو زمُردُ محلَ هندَ مُرصَّعَ ڪِنگِريدارَ

مورَ آٽيرَڻِ ۽ ڇَتُون جَنهِ سونا سِينگار (۳)

---

(۱) وڏي ڏاڻ= وڏي ڏاڻ؛ سان، وڏي شان سان (۲) پجاڻي = پِياڻي؛ پيءُ جي، ابي جي (۳) مور، آٽيرڻ، ڇتون= گهر جي سينگار لاءِ شڪليون

سُونهِنِ پَکَڻَ سونا تِرورِ تخت ڏارَ (١)
پيٽَ تَنِي جا پَريا مُشڪَ عَنبِيرَ تاتارَ
خوشبوئِيءِ کيرُو تِنِي لڳي صَبا واءُ
مُشڪَ خَطائِي، زَعفرانُ ڪافُورَ عَنبِيراءُ
سَنءُ ياگا سُرهو تِيو لائي تَنُ ڪَثُورِياءُ
پارِو اوڙو واسِئو سنديءَ تَنه سيجاءُ
پِي جِينُ ڪُرسِي سونَ جي بَرابَرِ تَختَ
پارايائِين رسولَ کي خاتَمَ نَبُوَتَ
سَهجَ سِينگارِياءِ پاڻَ تَنُ حُلِي زيوَرِ ساڻَ (٢)
جِينِي قِيمَتَ نَکُنِي بادشاهِي پَرهاڻَ (٣)
اَرڙَهَ آيِرَنَ قِيمَتِي ءِ سورَنهَ سِينگارَ (٤)
ڪُنگوءَ ڪافُورِي موهِيا حُلا زيورَ هارَ
پَرهِي پَٽورا پاڻَ تَنِ پِرينءَ لَڳِ پَيدَوارَ (٥)
ڏيکارِينِدِي ڏِکَ ڪري مُحمدَ کي مخُتارَ (٦)
دَرسَنُ ڪري تَختَ سِر وِيِني وڏي پارَ
ڪوڏِ ڪونِيائِين ڪارِثِيءَ اُمتَ جي آڌارَ
پائِي سونَ ڪُرسِي رَسُولَ وِهارِياءِ
تَنُ سِينگاري تَنهِ کي سَبِ سُونهَ ڏيکارِياءِ

---

(١) پکڻ = پکي. ترور= وڻ، درخت (٢) حُلي= پٽ جا ڪپڙا (٣) اصل ائين (٤) آيرن= ڳهڻا، زيور (٥) پٽورا= پٽ جا ڪپڙا (٦) ڏک ڪري= سينگار ڪري


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نِقابو ۽ بُرقعو لاٿائِين اُتان مُونَهَ
ڏيکارِيائِين پانهجي سُپيرِيان کي سُونهَ
اَپڇَرَ پَرِ آدمِي، اَهڪَ اَعليٰ حُورَ
چوڏهين ۽ چَندراءُ اَگرِي سونهي......
ڳالهايائين رَسُولَ سين حاضِرُ تِي حُضورَ
بِلُ تي بارِي ڳرِي سِڪَ سَترائِي پُورَ
ڳالهايائين رسولَ سين شهزاديءَ بي غَمِ
چَيائين اي مصطفيٰ آيُهين ڪِهي ڪَمِ
اُجوري کي آئيو آءُن تو دَربارِ
پُڇِيءَ چيو آءُ پورهيو نہ پَرٽايُهي تو ڪنوارِ
اکين ڪَٽي اُتاهِيُون حضرت هِين ۽ نِهارِ
نِهاري نيٺَنِ سين ڳالِ ڪِجي مُنهَ پارِ (١)
نَبِي نَظَرُ نہ ڪري، چِتَ ۾ اين ۽ چَياءِ
اڳَ نِقابو ڪَڍِئو مون سين ۽ ڳالهاءِ
هاڻي حَيرتَ ۾ پِئُس بُرقو جين لاٿائين
سَچو شرمِندو ٿِيو جين هِيءَ يَت ڏِٺائين
يوسفُ زُليخا ٿِئِي پَسِي هِيءَ ساعَتَ
تو کان مَڱان ماڳِ هِنَ اللهي عِصمَتَ

---

(١) مُنهن پار= منهان منهن، روبرو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پُٽِ شهزاديءَ پُڇيئو مُحمدَ کي خُلقاءُ
ڪَنڌُ اُتاهون نہ ڪَرين نَبِيءَ ڪُڄاڙاءُ
نيٺِين نِهارِ ۾ ڪُوهِ ٿِئي، تان کِي ٻولِ مُنهاءُ
پاتو ڏٺيءَ سَيَڻِ کي آڪِينِ مَنجهہِ اُهاءُ
ڇَيائِين آڪِينِ ڏانهَ فِتنائِي آفتَ
نيٺَنِئُون نِڪِئو ٻَسِي سو چَڙهي شَهوَتَ
ٻَهرو ٻَسِي سَرِ ڪري ٻَسڻَ نہ حاجَتَ
پرهيزگارِي نہ ڏي ڏِسڻَ کي رُخصَتَ
تان ئِي ضرورِ شَرعَ ۾ ٻَسَڻُ رُوءِ رِهاءِ
جِينْ مُنهِ ٻَسائي چَڱِيءَ جو مومِنَ کِينَ جُڳاءِ
ڇَيائين اي مصطفيٰ ڳَٺي ڪَنڌُ نِهارِ
جِينْ ڇَئِين ٻَرٺايان توکي خوبُ ڪُنوارِ
سا ڪُنوارِ اَصيلَ جا حَسَبَ نَسَبَ مالَ
اُنانْ چَڱِي ناهِ ڪا صورتَ صاحِبَ جمالَ
عَيبُ جو هَتِسِ هيڪَڙو خَصْمُ اڳَ کِياءِ (١)
آهي صَحِيُ بِڪرَ ٻيوءِ مُحمدَ ويساهُ ٻاءِ
حَسَبُ نَسَبُ وڏِي گهراءُ دانَهِ دولتَدارِ
سُونهارِي سُلڪِٺِي جيهِي ڪوڏُ ڪُنوارِ

---

(١) خصم= مڙس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُونهارِي سُلڪڻي موتِياري مَعقُولَ (١)
ايهِي ڪُنوارِ قَبُولُ مُنّهُ توڪي ڏِيُهُون رسولَ
عيبُ جو هَتِسِ هيڪَڙو خَصمُ اڳَ هُئُوسِ
آهي صَحِيُ بِڪرَ يوءِ تَنُ مَنُ پاڪَ سَندوسِ (٢)
مَيج اِهائِي مصطفيٰ جوءِ پَرَڻَئين جاءِ
چَيائين جانْ پُڇانْ پُڦِيءَ چاچي کاءِ
مونکي اُنِ نِپايو ماءُ پيءُ پُڇائُ
خبرَ اِيءَ معلومُ ڪِياءِ عاتِڪا کي تاءِ
عاتِڪا رسولَ کانءُ سُڻِي ڳالهہ چَياءِ
اِيءَ سَيائِي اُنَ مُرڪَهتِ جا ڪَهِياءِ (٣)
نہ جاڻان سَچُ چوي ڪِ تو سِحُر ڪري
اِنَ صِفَتين اِيءَ ڏَنَ بِيجِي کاءِ نہ وَري (۴)
آئيو بِيبيءَ عاتِڪا ڏَمَرُ تِني ويرَ
هِنَ مُنهجي پُٽر کي سِحرُ ڪري ڪيرَ
ڏولِيَ آڻائي ڪري پُڦِي چَڙهي رسُولَ
ويئي شهِزاديءَ گهَر عاتِڪا مَعقُولَ
شهزادِي تَختَ اُتانْ اُلهِي آئِي هيٺِ
هَتِ پُڇِي حُرمَتَ سين مُرڪِي نِيائِيسِ ميٺِ (٥)

---

(١) سُلڪڻي= سلڇڻي. موتياري =موتين جهڙي، موچاري (٢) بڪر يوءِ = بڪر جهڙي، ڪنواري (٣) ڪهت= ڳالهہ (۴) ڏن= ڏنيل. رن زال (٥) هت پڇي= هٿ ڏيئي ڪيڪاري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪِيجِي ۽ بيبِي عاتِڪا آميرمَڪي ييئَ
آنجُہ عُمرَ خطابَ گهَرِ لائقُ وڏي ويئَ
شهزادي ۽ کي عاتِڪا چَيو تيني ۽ جاءِ
هِنَ منهجي پُٽر کي ڏُتاري مَ ڪاءِ
پُٽر منهجو مصطفيٰ بُزرگُ زادو آهِ
سُونهارو سُلڪَٽو دانَهُ هادي راهِ
سُونهارو سُلڪَٽو پَرهيزِگارُ جُوانُ
ڏيکاريهسِ مَ مالُ سُونَهَ شهزادِي ڪيٽانُ
هِنَ مُنهجي پُٽَر کي سِحُر ڪري مَ ڪوءِ
ڏمَر مَنجها عاتِڪا ويئَ آڏنگا چوءِ
شهزادِي تخَتَ سِرِ ويتي وَڏي ۽ جاءِ
جانُ پَسي تان عاتِڪا آڏَنگو گالاءِ
جانُ پَسي تان عاتِڪا هَڏِ هِتان ويئي
اوڏِي تِئِي پيرينُ تَهين مُنهُڪوڙي پيئي
آؤُن ڪَنيزڪَ تنهجي ۽ جو وِياءُ سَندوءِ
وينتيوُن کي عاتِڪا ڪيو اُبيئِي روءِ
آللهَ ڪارَڻِ عاتِڪا مُحمدَ ڪارَڻِ رَسُولَ
مونکي ڪَنيزڪَ پانهجي يانئِج ڪري قبُولَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قَبا مَٽِي مصطفيٰ قيمَتي ڪَڏياءِ
لَکُ مُهرَنِ پَڌرا صَدقو سونَ ڏِناءِ
ٻيو لَکُ هَزارين تَنِڪينْ ٻَدرَڪا پَرياءِ (١)
متان مُحمدَ مصطفيٰ لَکِ نِثارَ مُڪاءِ
چارِ هزارَ ڪَنيزڪينْ سَرورِ سِينگارياءِ
تارَ جَواهرينْ پَريا مَٿي تَنِ ڏِناءِ (٢)
مُحمدَ منجهي گهَرِ مَٿي جَنهَ ويرَ آچي راهَ
تارَ جَواهرينْ اوتِهو اُتانِ نَبيان شاهَ
تان مَرُ عَربَ ٻُڪِيا صَدقو نَبيءَ نينِ
اُميدَ پُنيءَ منهجِي قُريشَ غَنِيءَ ٿِينِ
ٽِري هزارَ ڪَنيزِڪينْ ٻيجها تارَ پَري
اُپياريِاءِ سَراءِ پَرِ آڳِياءِ دَرَ ڪري
ڪارَڻِ مُحمدَ مصطفيٰ لَکِ نِثارَ سَري
اوٿي جُه فارِغُ ٿِيو آچيجاهَ وَري
سَتِئي هزارَ ڪَنيزِڪينْ سيئي آجُونْ
غُلاميءَ جيُون آنْ ڪي لَتِيُون سَڀِ حاجُون
اَٻُوبَڪرِ جينْ ٻُڌو تہ ٻيبيءَ خَديجا
مُڪو جامونْ قِيمَتِي مَٿي مصطفيٰ

(١) تنڪين= تنڪا، ريبا، تنڪا. بدرڪا، بدڙڪا= ڳوٺريون، ٿيلهيون (٢) تار=تاله


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وِڏوڙو صِديقُ بَلُ تَتِ خَديجا ناءِ
گهَران جامو پانهجِو قِيمَتِي ڪَڍِياءِ
پَنجاهَ هَزارِين بَهاءِ تارَ ۾ پاتاءِ
آئي مُحمدَ مصطفيٰءَ آڳِي رکاياءِ
جامو سو صِديقَ جو جَهلائبي ڏَرِياءِ
خَديجا جي خِدمَتَ ۾ موڪلائي مُڪاءِ
تانْ مُحمدَ پانِهجو پانئبي نہ مُحتاجُ
ڪنداسون ڪو ڏِيِئي روحُ رُچَندو ڪاجُ
پَرڻِيندو شاهُ مصطفيٰ آيانْ پُونئِي تاجُ
سنڌيءَ جَنہِ صِفَتَ ۾ ماڙهو مَلڪَ راجُ
"قَصَصُ الأنبِيا" ڪِئِي تَصنِيفَ خُراسانُ
لِکيائِين ايءَ ڪري مَنجِهہ مَلِيحُ بَيانُ
جِينْ خَدِيجا ڪارَخيرُ سندو رَسُولَ ڪِئو
ڏاڏو مُحمدَ مصطفيٰ تِينْ حَياتُ هُئو
عبدالمُطِلب مَڪي شرف آنجَہ قُريشئين جامُ
ڏاڏو مُحمدَ مصطفيٰ عَليہ السّلامُ
بِيبِي خَدِيجا بادشاہِ توڙي وڏيءَ پُرسَ
ساڪَنَ مَڪي ۾ هُئِي، پاڙي اُنهيءَ مَرُسَ

چياڻين نہ تو مصطفيٰ مٿون گهر ايندو جت
ڏاڏي جيءَ موڪل ڏيءَ غيرت نيندو تت
ڏيندو نہ موڪل مون توسين ڪرڻ نڪاح
مون پلينڊو مر گهر آءِ پٽر عبدالله
پرهايائين قريش پڻ قبيلا عرب
لڌائين مقصودُ سو هُئي جنهين طلب
ڪوٺايائين ڪارٿي مَڪي مُعظم جام
پابوئہ پڙرو سنڌو جيني نام
قريش قبيلا مِڙيا جوئين ۽ مُڙس
آيا ڪاج قريب جي گهاتا لائي گس (۱)
تت ورتهن وتا راڳ سونهارا رس
خوشيءَ جي خلق کي تِي ويگانجهي وس (۲)
گهوريا رسول اتان سڀ سنداسي مال
ڪنڌا کاهيون پري دُرُ جواهر جال (۳)
نيندا پاڻو آڻ کي وجہ خاص عوام
آوازين تمہ آئيا ماڻهو مصر شام
چار هزار ڪنيزڪين سونا پري تار
دُرُ جواهر فيروهيو مائڪ موتي هار (۴)

---

(۱) گهاتالائي گس= گهٽين واٽن تان، گهٽا ماڻهو گس وٺي آيا (۲) اصل ائين(۳) کاهيون= وڏا بوجها (۴) فيروهيو = فيروزو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طبق طِلائِي دَرَ اُتي آشرفِيون آپارَ
اوِتيِنديُون سڀِئَن ۾ سُلطانِي سِينگارَ
سَڀ خَدِيجا ڪوئِيا سِين رَسُولَ قُريشَ
مهِمانيءِ ڪي هيڙئا مالدارَ دَرَويشَ
گُهمندا سَرگش ۾ عامَ خلقَ ۽ خيشَ
اِهو ڪاڄُ نہ ڪَڏهِين هوءِ تان نہ هميشَ
خَدِيجا جي ڪارِ خيرِ مِڙيا ڏِسينْ ڏِيہَ (۱)
مِهمانيءِ مُشَهدي ڪارَڻِ مالَ اَڇيہَ (۲)
پانڊو پَري پاڪُرين پُوڄَ پُچندا مالَ
صَدَقي رَسُولَ جي وَجَهُ نِيندا جالَ
سَڏَ-وَنو سِنيگارِئو پَرهِي پَٽِ ڪَتاڻَ (۳)
مُقَدِمَ عربَ هَليا نَبِيءِ مُحمدَ ساڻَ
پاتا مَنہَ مَلائِڪانْ عرشَ ڪُرسي آسِمانَ (۴)
سِيجَ چَڙهندي مصطفيٰ رَسُولانْ سُلطانَ
بَحرَ پُوئِي ظُلمَتُون چَوڏهِيانْ چاندراڻَ
اُتي سيجَ سَڏايو سِڪَ سُونهاريءَ ساڻَ اُتي
سيجَ سَڏايو خَدِيجا جو ڪانڌُ ماڙهُو
مِڙيا مالَ ڪي، خَلقَ نہ ڏِسينْ پانڌُ

(۱) ڏسِيِن= ڏِسيون، طرف (۲) اڇيہ= بي انت، بي انداز (۳) ڪتاڻ، ڪتان= ڪپڙي جو هڪ قسم، سٽيءَ جوڪپڙو(۴) پاتامنهن = جهاتيون پاتائون


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪَنيزڪِين هَٿِ ڪِيا دُرَ جَواهِرَ ٿارَ
مَڪي سنديون مُهرُون ۽ سونا دِينارَ
اوِتياؤن اُتان مصطفيٰ گهوري لَکَ هزارَ
ميڙيا مالَ قُريشيا آڳاٺجها اپارَ
آدَماءُ لاٿي ڪري تا ڏِينهَ قِيامَتِ (۱)
نہ ڪو ٿيو نہ ٿِيندو ڪَهِين وياٿهُ ايهيءَ يَتِ
مَڪو مُعظمُ گُهميو سيراسير رَسُولَ (۲)
بازارِين گشتُ ڪِيو نَبي جامَ قَبُولُ
آچِي رَسِئو دَرَ سِرِ شهزاديءَ سَراءِ
ٿري هزارَ ڪَنيزڪِين اُبِيٺيُون اُنَ جاءِ
دُرَ جَواهِرَ فيروهِيو هِيرو لَعلُ مَٽاءِ (۳)
طَبَقَ طِلائي تَنهِ دَرِ ڏِنيون لَکِ خُداءِ
اوِتياؤن اُتان مصطفيٰ تہ فَقيرُ ڦُقرو ڪاءِ
اِتي اوتاڪِهِن ..........جِئَن خالي ڪوءِ مَ جاءِ (۴)
نبيءِ آهلَ عَيالَ سين سَيِي ڪَنِ سُواءُ (۵)
سَچُ پَرِٽئو مصطفيٰ اِيندي جَنہ جُڳاءِ
اُسَهِئو سَراءِ ۾ يَري مُبارَڪَ پيرَ
خيشَ قُريشَ پَرهايا مالَ لَڏاؤن ڍيرَ

(۳) حضرت آدم کان وٺي ڏينهن قيامت تائين(۴) سيراسير= سيني گسن تان (۳) مٽاءِ = مٽيا، موتي (۴) جاءِ= وجي (۵) ڪن سواءِ =سواد وٺن


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قُلبِنَ مالُون ٻَڌِيُون موتِياري مُنهَ رُوءِ
مُشڪَ خَطائِي زَعفرانَ ڪافُوري خُوشبُوءِ
پائِي سُونَ ڪُرسِيُون قُرِيشَ وِهارِياءِ
مِهمانِيُون موتِيارِيُون ڪارَڻِ تَنِ ڪِياءِ
ٽِري ماهَ مَڪي خَلقَ سَڀَ ڪوٺِيو ڪاراياءِ
نَنڍي وَڏِي سَڀِڪَهِين سُوجهي سارِ لَڌاءِ
جِينَ ڳُهرِؤُ لَڌو تِينَ پُنَرِياسِ مُرادَ
سِيجَ چَڙهَندي مصطفيٰ عَرشَ ڪُرسِي شادَ
جيڪي جَنِي سِين ڪِياءِ نَذَرَ سُڪُون ٻولَ (١)
مُرادَ پُنِيءَ پارِئا سي شهزاديءَ قولَ
لَٿا ڏُکَ سُکَ ٿِيا وِيا وِچائِينَ هولَ
سَرهايُون گهرِ سَجَٽِين ڏُجَڻَ ٿِيانِ ٽولَ (٢)
عَقدُ نِڪاحُ اِيجابُ جي ٿِيي قَبُولِيَتَ
لِڌو لوحَ مَحفُوظَ ۾ ميلو مُلاقَتَ (٣)
سيجَ چَڙهِئو مصطفيٰ شَفِيعُ الاُمَتَ
عَرشُ ڪُرسِي سَرَها ٿِيا مَلڪَ مُقَربَ ٻِهشتَ
حُورُون حِرصِي آيُون مَنجهه سُونهاريءَ سَتَ
راٺِئو تَنِ رَءِ پَئِي ڪانهِ ڪِياؤُن ڪَٿَ

(١)نذر سڪون ٻول= نذرانا، سڪائون ۽ واعدا (٢) ٿيانِ ٽول ٿيلجي ويا، ڏڪجي ويا
(٣) لِڌو= لکيو

سو شهزاديءَ راڻيو جو گهرياڻيءُ ۾ حبڳَ
جَنِي قُربُ ڪَرِيمَ سين مِڙئِسِ پرين آهڳَ (۱)
سَهجَ نه پئِي ڪا ساهُرا رَسمون راءِ گهرَنِ
جيڪي جَنِي مَڱيو تُسيو ڏِنائين تَنِ
آدما لائِني آئِيا حَرَمَ مُرسَلَنِ (۲)
خَدِيجا جي ڪارِ خَيرِ ڏِيَڻَ واڌايَنِ
حُورون آيون اَلهِي لاءُ ڏِيَڻَ لڳِ
مُخلِص مُرسَلنِ جي پُرِي پَهُتي وڳِ
حَرَمَ مُرسَلِين اُسَهِيا، حُورُون هَلِيون بِهشتِ
پَرڻائي رَسُولَ کي خاتَمَ نَبُوتِ
وَهُونءُ وِرُونهي وييُون سَهَجَن سييئي
جَنِي کي جَڳِ سِڪِيئو آياسي پيهي
جَهينءِ کي جَڳِ سِڪِيئو سيجَ سو آئيو شاهُ
سَڀِ مُرادون پُنِيُون ته تون جاءِ اللهُ (۳)
شهزاديءَ دُعا ڪِئِي تِئِي مُستَجابَ
مَهرِيءَ مِڙِيا سُپِرين جُڙِيا رَحمَتَ بابَ (۴)
دَرُ جوڙي دَرِ آيو ڪوٺي اَندَر ڪانڌُ
مُحمدُ مَنجهِ مَهرِي پَلنگَ اُتي هيڪاندُ

---

(۱) مڙئس= مليس. اهڳ= ؟ (۲) حضرت آدم کان وٺي (۳) مهري= مهاري، پلنگ جو جاري دار پردو (۴) اصل ائين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهُ سِينگارِئو کَتَ سِرِ وِيٺو وَنيءِ وَٽِ
ٻَڌِي جا آللهَ سين سَچي ٿِيُي سا سَٽِ
سيجَ چَڙهِئو سُرَهو وَنو خَدِيجا کانڊُ
تَشرِيفَ فَرمائي پَلنگَ سِرِ وِجي ويٺو هيکانڊُ
سيجَ نہ سُمهي مصطفيٰ نَجکي ڳالائي
خَدِيجا جو وَلهو ويٺو وِچُ پائي (١)
اي منهجا سُپرِين مون سين رُٺِهين ڪوهُ
ڪا ڪَراهَتَ مون ڪِئي، ڪِئو تو خطا ڏوهُ
اي منهجا سُپرِين تون منهجو ڊولُ
اوڏو آچي نہ وِهين لاهي هِنيانْ هولُ.
مُحمدَ مُهانْ ٻولِئو خَدِيجا بادشاهِ
آؤُن اِبراهِيمَ جِينْ آهِيان دِينِ اِلٰهِ
تون تِيَهِين ڪُفرَ ۾ شَهزادِي سُلطانِ
تو وَٽِ آچان جي ٿِئين مومِنِ مُسلمانِ
خَدِيجا ڪَلِمو پَڙهي مُسلمان ٿِئي
مَحِيا دِينُ خَلِيلَ جو مِيئَہ مُطِيعَ ڪِئي
سَجَڻَ گَڏِيا سَجَڻين وِيو وِيچارو (٢)
سَرَهِي سَيَ پِروتِي، خَرَهِ مُنهَ ڪارو (٣)

---

(١) وچ پائي= وچ وجهي، مفاصلو رکي (٢) ويچارو = ويڇو، جدائي (٣) خره= ڪرن


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سَرَهِي سَبَ پِروتَـِـي گَـڏِيا پِـرِين پِرِيَنِ
ڇَيـاؤُن رَسُـولَ ............ گَهـٽِـي قُريشَنِ
خَـدِيجا کِـينَ کِيا مـوتِيـارَ مِـهِـمـانَـنِ
تـانْ تـوُن کِـي پِڻِ پانهِـجو کِيَڻ کاراءِ خَيشَنِ
کِينهِي مونکي مـنـهجـو، اُتـو مُـحمـدَ تـاهِ (۱)
خَـدِيـجـا جـيِ مـالَ سيـن تان مـون دَخَلُ ناهِ
خِـدِيـجـا ويلَ جَهِين ٻُـڌائِيـنْ اِيءَ ڳـالِ
ڪُـجـاڙي کـي مصطـفيٰ کَـهِئِينْ اِيءَ مَقـالَ
آؤُن تنهجـي، مـال مَـون، خَـزانا سَنـدامِ
پـانهـا پانِهيُـون، مِلـکَ گَـهرُ تو لَڳِ فِدا کِيامِ
ڏي سَـيِـئِي صَـدَقـو تـوکـي بَـخـشِـيامِ
جِينِي آؤُن گهـورِي هُـئِي، پُنـي اُميـدامِ
صِـفَـتَ سَچـي رَسُولَ جـي دَفَتَـر لَـکَ هَزارَ
سِـيـرَ مَـصـابِيـح ۾ مَـطـالِـعُ الاَنـوارَ
بَـنـدو بـولِيـندو کـيـتَـرِي پانهجي مِقدارَ
وجون تہ اِيمانَ سيـن کَـلِمو چَيـو جَـبارَ
لاالـهالاالله محمد رسول الله

تمت تمام شد بتاريخ سنہ ١٠٦٨ کاتبہ و مالکہ
حقير فقير عـزت بـن مـرحـوم مـغفـور سليمـان

---

(۱) تاه =تن کي، انهن کي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو

بسم نعت الله رسول الرحمن الله ﷺ الرحيم

ساراهيون سو ڌڻي جو ڌواءِ هو اتهِ جو ڪي ساداهه جا ڳڌ ڪرتهه بيغ

عجائب آدر ملڪن ورينن ڪيو ما عبدناڪ حق عبادتڪ سبب جنهن

منتڪ صفهو جهو تو ڪ ڪوءِ نسوتو ڪ جهو ڪه جا ڄاڻ نگونه جا

جيئنا وينا باڪسو باجي بان جو لم يلد ولم يولد سينڪني جيئو

جيئاطِ غي وجهي هي بيو مدح مجا مصطفيٰ جوهه گو بور و

سعر دادلي ڪر ... الهِ عثمان جوءِ اساجي جنيع

ثمو ڪٿر تو رحيبا ڏنا هه جنڪي اولاد نبي داتِ رسول ڪب ساءِ بيزرڪيو

درود آيو مصطفيٰ تولي بان جيو نعتو رسي مرسلا اتيلا ائي نبيع

ان الله وملائڪته يصلون علي النبي ان برڌي ڪرو صلوات سبح صدق سي مجا جهوه

درود دائم ديلو لازم ڪري بجو يا ايها الذين امنوا صلوا عليه وسلموا تسليما اي اڪرميعو

جنڪي آدر سو دمو تهي سهد ڪيو ما ضلنا بيه ايڪي بزرڪ د ج

مجه اصابنڪي و سنلو ڪيو ما ڪوزر و ديب ايڪي بير فرمايو

جيڪو انبياء مونبو سو ڪمراه تيو ما سنه جهين ڪنهن مني الله فرمايو

اڳي ڪو بر ينتو ڙيا مسا ميڻي تيو تبني لڳو مصطفيٰ سچي سهد ڪيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## مدح رسول الله صلي الله عليه وسلم

ساراهِجي سو ذَٽي جو هُوندو ۽ هُوءَ
تَہِ جوڳِي ساراہَ ڇا ڪَندو ڪيرُ پِيوءَ
عِجزُ آندو مَلڪنِ وينَتِي ڪِيوءَ
"ماعَبدناڪَ حقَ عِبادَتِڪَ" سَيَتِ هِينءَ چيوءَ
نہ تَہِ جِهو توڪُ ڪوءِ، نہ سو توڪُ جِهو
نہ ڪَہِ جاٿو پاڻِ سو، نَڪو تَہِ جاٿو
جِيَٽا وِيَٽا پاڪُ سو، پاڻِهي پاڻِ هوءَ (١)
"لَمْ يَلِدْ وَلَمْ يُولَد" پَسِي ڪِينَ جِيوءَ (٢)
خاطيءَ جي خاطِرِ ۾ وَهمُ هيءُ پِيوءَ (٣)
مَدحَ مَنجهاءِ مُصطفيٰ جيءَ چوهُ ڪو پورو (٤)
وينَتِي وڏا ذَٽِي تون ڪَرِ سو پُورو
اِلٰهِي "عثمان" چوءِ آسان جِينءَ چَيوءَ
سو ڪر پُورو پادشاہَ جيڪِي اُولايئو (٥)
ذَيئي ذاتِ رسولَ کي سائِينءَ پِريِنْ ڪِيوءَ
دُرودُ اُتي مُصطفيٰ مولٰي پاڻِ چَيوءَ
مَنوڙُ سَينِي مُرسلانْ تيلائِين تِيوءَ

---

(١) جيٽا ويٽا= جيئڻ ۽ ويامڻ کان (٢) جِيوءَ= جيءُ ، جسم(٣) خاطر= دل (۴) چوهُ= چئو، پورو= ٽڪرو (٥) اولايو= اُونايو، عرض ڪيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”اِنَّ اللهَ ومَلائِڪَتَهُ يُصَلُّونَ عَلَيَ النَّبِيَ“ اِنَ پَرِ ڏٺيءَ کُهرِئو
صَلواةَ سچَ صِدقَ سين مَنجها هِئين چئو
دُرودَ دائِمَ دلِ ۾ لازمُ ڪري ٻُجهوءُ
”يا اَيها الذِينَ آمنُوا صَلوعَليهِ وَسَلمُو تَسلِيما“ اِيءَ اَمُر ٿِيوءُ
جيڪِي آلُ رسولَ جو تَهِ سين سُهَنڊ ڪيوءُ (١)
فاضِلُ پانئِيُهو اِن ڪي بُزرگِي ڏيوءُ
مَجهُون اَصحابَنِ کي وَسِيلو ڪيوءُ
ڪوڙو ڏِيَڻُ اِنِ ڪي نبيءَ فرمايوءُ (٢)
جيڪو اِنِياءُ موتيوءُ سو گُمراهُ ٿيوءُ
سُٺِهو هِئين ڪَنِ سين الله فَرمايوءُ
آنْ ڪي ڪو پِريَتَٽو اسان سِين ٿيوءُ
تہ پُٺيءَ لڳو مُصطفيٰ سَچِي سُهِنڊ ڪيوءُ
اَساٺِهِجو پِريَتَٽو تہ آئِينْ سين ڪَرِ ٿِيو
”قُل اَنْ ڪُنتُمر تُحِبُونُ اللهَ فاتَّبِعُون يُحبِبكَمُ الله“ سَچو قولُ ڪِيو
تُنهِجو پانهو تو اُپايو، تو پَلو ڪِيو
توهِي ڏِنِيَس ذاتِ اِيءَ سَيِنِ سِرُ ٿِيو
اَسان ڪِجِ ڪَرِيمَ تُون نَبيءَ سين پاڙو
هيءَ صِفتَ حَبِيبَ جي کو پَڙهِي يادِ ڪيوءُ

(١) سُهندڪيو= پال پلايو، محبتون ڪريو، سچو من لايو (٢) ڪوڙو ڏيڻ =سيني سان لائڻ، هئين سان هنڊائڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

أُمِيدَ آهي آلله ڏُونهُ تہ سو مَرهاتو (١)
جي ڪو پڙهي هيءَ صِفَتَ ڪِ سُٺي ڪَنْ ڏِيو.
مِنَتَ ڪَرهُو تهِ ڪي وينَتِي ڪِيو
فاتِحاء فَقِيرَ ڪي تَوهِينْ نہ وساريوءُ (٢)
مانَ مَرِهيئُون بادشاهُ خَطائُون ڪِيو (٣)
سي ويندا ايمانَ سينِ ڪَلمو جَنِ چَيو
لاآله اِلا الله محمد رسول الله
عَبدالله گهرِ گهوٽيو مُحمَّدُ جِينْ چاؤءُ
ٻُتَنِ ڏنا سَجِدا ظاهِرُ حَقُ تِيوءُ
ڪافِرَ پِشيمانِيا اوراتا ڪيوءُ (۴)
تَهِرَ پِيو آينِ ۾ سَيِن هيءُ واؤءُ (۵)
ساراهِجي سو ڏَٺي جَهِ نِي اُپايو
نَيو نُورُ نَئِنْ ڪري اوتِجي آيو
چِمڪِئو چوڏار تي ڏنائِين ڏيکائو
پِيا مَلڪ مُنهَنِ ڀَرِ پَسِي سَهائو
هَيبَت هَٿان سَيڪو سَجِدي مَنجِهہ پِيو
نِرتو نُورُ تَجلّي ڏسي آهي تانْ نہ پِيو
وَحيءَ آچِي اِنِ ڪي تان پِي جاڻُ ڪِيو

(١) مرهاتو= رحمت ڪيل، بخش ڪيل (٢) 'فقير' يعني شاعر عثمان (٣) ڪِيو= (ڪمَّل) بخش ڪيو(۴) اوراتا= روڄ راڙا، واويلا (۵) تهر= تنهن وير. واؤ= هُل ، اعلان


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سَجدي مَنجها هاشِميءَ تيلان ڪندُ ڪَيوءُ
تان پِـي ڳهَٽِيءَ عِزتَ سين راضي رَبَّ ڪِيوءُ
"وَلسِوفَ يُعطِيڪَ رَبّڪَ فَتَرضيٰ" سَرهو تِينْ ٿِيوءُ
نہ ڪو اکِينْ پُهري اِهو ڪوءِ هوءُ (١)
جيڪَهِين ڏنو سَيڪو ساراهَ منجهہ ٿِيوءُ
جِينْ ساراهي سَيڪوءِ واڪائُونْ ڪِيوءُ
ڪوڙِنِ منجها قطرو ڪَرِ بَيانُ ٿِيوءُ
سَهسين صِفَتُون ڪِيوءُ، جي لَڪِينْ لالايوءِ (٢)
اوڙاه مَنجها اُجِجي ڪَرِ جِهرڪيءَ واتُ وِڌو
آتِ اُونهائِي تَہ جِي لَهي نہ تانگهاوءُ
جَهِين اُپايو تَہ رِءَ ٻُجهي ڪيرُ ٻيوءُ
اِها تانْ وِماسَ ڪَرِ ، فڪر ڪوءِ ڪيوءُ (٣)
ڪِهو قُربُ ڪَرِيمَ سِين ٻانِهي کي ٿِيوءُ
ڳُجهہ ڳُرهي جَنہِ سين ڳُجهاندَرَ ڪِيوءُ (٤)
"يا نُورَ نُورِي يا سِرّ سِرّي" اِنَ ٻَرِ واڪاٿوءُ
مولِي تَہ محبوبَ سين وِيجهاندَرُ ڪِهو (٥)
وِچُ نہ ڏِسي اِتِ ڪو جِهو نہ تِهو
ڪيرُ چُوندو ڪينءَ ٿي، اِهو ڪُوءِ پيوءُ (٦)

---

(١)اکين پُهري= اکيون پوري (٢) لالايوءَ= ليلايو (٣) وماس= ڳڻتيَ (۴) ڳجهاندر= ڳجهہ اندر، لڪ (۵) ويجهاندر= ويجهائي (٦) کوءِ پيو =کوهہ ۾ پيو، خساري ۾ پيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”وَهُـوَ خَـيرُ الـخَـلائِقِ“ سائينءَ ســـاراهِيوءَ
بـاجهايو بَـهُـون پَرِيـنْ ڪَـرِيمَ ڪــوڏايــو
”قُـم قُـم يا حَبِيبِي ڪَمْ تَنَامُ“ ايءَ ڪِيو جاڳايو
ڪـونَ اُپـايــو ڪَـڏهِيـنْ آسان تو جِـهــو
جـيـڪِـي گـهُرِيـنْ تيـنْ لَهيـن ءِ پُـڻِ آئُ گُـهريــوءَ
مُلڪ پانْهِجو تو اُتـانْ مـون قُـربـانُ ڪِـيوءَ
”اَقـدَيتُ مُـلڪِي عَليڪَ يا مُحمدَ“ آگـي اِيـنءَ چَيـو
پـائُ نـہ ڪِـيئُـمِ پَـڏَرو جـي تُـون نـہ هُـئـوءَ
”لَـولاڪَ مـا اَظهَرتَ رُبُوبِيَّـتِي “ اِيانْ مَعلُوم تِيوءَ
نَڪو سِـجُ نـہ چَنـدرُ ڪوءِ، عَـرشُ نـہ اُپـايوءَ
نَـڪِـي پُـونـئِي آبَ ڪِـي، نَـڪـو تـوڪُ پِيـوءَ
نـہ مـاڙهُـو مَلَـڪَ ڪِـي، نَـڪِـي ڪِـي ڪِهـو
نُـورُ نَـبِـيءَ جو بادشـاهَ جيـلانْ اُپـايــوءَ
جـيـڪِـي آهـي سَيـڪِـي تِيـانْ پَـيدا ڪِـيوءَ
سـو هَـڏهِيـنْ نـاهِ ڪِـي جِيـنْ ڏاراءُ تِيــوءَ
جـيـڪِـي پُـجـهـي پُجُهہ سـي تـوڙي وَرِهَ وِيــوءَ
مـولـي تَهِ مـحـبوبَ سيـن هِـنَ پَرِ بـاجـهايـوءَ
ذاتِ ذِنـائِـسِ سَـيَـڪـا ڪـارو ڪـوءَ ڪِـيوءَ (۱)

(۱) اصل اٿين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مِيئَينْ مُورِ نہ ڪَڏِهين تَہِ کي وساريوءِ (١)
دايَمُ تِينِي دوسَ کي ٻاجهاءِ يادِ ڪِيوءِ
ڏُکَندو نبيءَ کي جَهِرَ ڪِي تِيوءِ (٢)
ڪَرَ لَهائِي بادشاهُ جَبرئيلُ مُيو (٣)
"تون ڪينءَ ٻاپين مصطفيٰ آهئين آڄُ ڪِهو".
سائِين چائي سَيڪِي ڳُجهو ۽ پَڌَرو
حرمت ڏِيوءِ حَبيبَ کي تيلان پُڇايو
گِهڙِي نِهارِهُ گَهتَ ۾ وِماسو ڪِيوءِ
اِيءَ پَرِ جَنِي پاڻَ ۾ تَنِي وِچُ ڪِهو
ٻُنيءَ لَڳو هاشِميءَ اُتِيو، مَ وِيهو
پَتو پَتِين جَہِ کي سائِينءَ ساراهِيو
تَہِ کي سِڪِي سَيڪو جيڪو اُپايو
صِفَتُنِ تَہِ سَندِيئين نڪو پاندُ پَرو
چَئِي چُوندو ڪيتَرو ٻانُهو ويچارو
"فَوالله مَاأحصِي شَمَائِيلَ فَضلِهِ مِنْ رَبِّهِ" ڳاڃُ نہ ڪَهِين لَڌو (٤)
وارَنِ اُتي جَہِ جَنِ سائِينءَ سُنْهُ ڪِيوءِ
ٻانُهو ساراهَ تَہِ جِي ڪَہِ پَرِ ڪِينْءَ ڪندو
سَيَتِ مَولو جَہِ کي نِهارِي نِهاروءِ

---

(١) ميون= الله تعاليٰ(٢) ڏکندو =تکليف. جهِرَ= جنهن وير (٣) ڪَر لهائي= خبر لهڻ لاءِ. مُيو= موڪليو (٤) ڳاڃُ= شمار، ڳاڻيٽو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تَه جي صِفَتَ جَـهِ پَـرِ ڪِـبِـي ڪِـيـنءَ ڪِـيـوءُ
بَـحَـر مِـڙيائِـي مَسُون ڪِجَنِ، وَڻَ قلمَ ڪِيوءُ
مـاڙهـو مَـلـڪَ ۽ پَـرِي هيـڪـانـدا ٿيـوءُ
جـي لِـکَنِ قِـيـامَ سيـنءَ سِيئـي مِـڙيـوءُ
تہ نہ لَـهـنـدا پـانڌُ ڪـوءِ چـڏيـنـدا ڪُهِيـوءُ (١)
مَسُون ڪُـتِي ويـنـديـون، ۽ قَـلـمَ پَـڃـيـو
نہ لَهنـدا تـيتَرو مَـگـرِ ڪـوءِ پـورو
ڪـيـرُ نہ لَهـنـدو تَـهِ جِـيءَ بُزرگـيءَ مَتـو
"اِنَّ فَـضلَ رَسُولِ اللهِ لَيسَ لَهُ حَدٌّ" منجها هِيـنْ پُڌو
مَدحَ مَنجها مصطفـيٰ جِي جيڪِي چَئِـي سَـگهـو
سـو جَڳـاءِ سَـيـي پَرِينْ جي ڪَهِين يَتِ چَـيوءُ
رِءَ پـايَـپـي دَرَ جِـنِي رِهـاءِ سَـبِ پِـيوءُ
"وَانْسُـبْ اِلــي ذاتِـهِ ماشِئْتَ مِن شَرَفِ "پَسِين اِيءَ لِڌو (٢)
مُـهـرُ سَيـنِي مـرسلانْ سـائيـنءَ پـيارو
آسانْـهِـجـو ڪـارَڻِـي اِهـو پَـلارو
مـيـڙِيـهُـون بـاجَـهہ ڪري نَبِي سُـونـهـارو (٣)
آسـان تَهِ حبـيـبَ ڪـي لَـگو مَـنَ چـارو (۴)
اِلـلـهـي "عثـمـان" چـوءِ تـون مَجِ لالايـوءُ (۵)

---

(١) ڪُهيو= تڪجو (٢) لِڌو= لکيو (٣) ميڙيهون =اسان کي ملائين (۴) من چارو= ويچار
(۵)لالايوءُ= ليلايو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان ڪِجِ رَسولَ سين ماهِنڊِ مِيڙائوءُ (١)
آسائِتُو سَيڪوءِ ڪَهِينْ مَ ڦوڙائوءُ
پَسَڻَ ڪي سو هاشِمِي وَه وِيتَر پِيوءُ
سِڪَ تُنهجِي سُپِرِين آندرِ ڏَنْءُ لايوءُ (٢)
مِڙِيهُون محبوبُ سو، جو تو اُپايوءُ
تَنهِ رءَ ڏنِي نه تِئي آسان اوباهو (٣)
باجُهون باتاڙَنِ ڪي ڪندو ڪيرُ پِيوءُ (۴)
اُهِڪِيءَ ۾ آڏو تِئِي پِريَنِ پَلاٽِوءُ
پارِ وِڏائِين پَهيَڙا وينَتِي ڪيوءُ
پِيا جي پاچولِ ۾ چِڏي سي نه وِيوءُ (۵)
گهَٽو سُونهارو سُپرِين پَلو بوراوءُ
تَهِ سين ويندي ناه پِئي، سَپِنْ سَهنجائوءُ
سُجَنِ مَنجها ساٿَڙا اُباهِي آيوءُ (٦)
ماهُندُ اوڳي پُورئو جِيَٽو ۽ ڏاوءُ (٧)
خَبَرَ تِي ڪُهِيَنِ جيءَ ڪَرِ اڳِهِين آيوءُ
سَٿُون ڏيندي شاه ڪي تِيئِي نه رَنجاوءُ
آتِ آڳانجِهيءَ باجَهه سين اِهو ڪونَ پئوءُ
اُهِڪيءَ ۾ آڙبَنِ ڪي ڪوٺي جِيءُ ڪِيوءُ

---

(١) ماهند= مهند، اڳ ۾ (٢) ڏنءُ =ساڙ، داغ (٣) اوباهو= نجات ، ڇوٽڪارو (۴) باتاڙن = سڪايلن (۵) پاچول= پيچاڙي، پُٺ (٦) اُباهي آيو=و پار اُڪاري آيو (٧) جيٽو ۽ ڏاٿو =سڄو ۽ ڪيو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وِرچَڻُ ناهِ وَرِيامَ کي نَڪو تَهِ سازو
ڏَمرِيا جِينءَ ڏونِئو ڪَڏِهن نہ هُوءُ (١)
تَهِ هَٿان ڇمارَ ۾ ڪوءِ نہ ڏُکويوءُ
ڪونهي سَڀِ ڪريم ڏُونهُ هَٿِينْ ڇانْ ڪِيوءُ
مُنهَ ۾ مُرڪِي نُور مُرسلَ پُڇي پاٻوهيو
پِريڻْ سڀو ڇوڏهينءَ چَنڊُر جِينءَ سَنِينِ سُوڻهَ ٿِيو
جِهو نٻيڙو مصطفيٰ تِهو ڪونہ پِئو
ڪونهي ڪُلاٽَنِ کي هٻجان هَٽَ ڪَٽِيوءِ (٢)
آپاهَٽُو تَهِ کي ............ ڪَهِين ڇيوءُ (٣)
ڏَمرُ ناهِسِ ڏِيلَ ۾ مُورِ نہ ڏُکويوءُ
”آلم نَشرَح لَکَ صَدرکَ“ اِگِهينْ اِينءَ ڪِيوءُ
اِهو حِلمُ هاشِمِي تيلائِين ٿِيوءُ
ڏِٺي تَهِ ڏُورِ تيي ڏکُ ۽ ڏولائوءُ
ڇَڏِڻُ مُورِ نہ پانيو جُہ ڪَهِين ڳالهايو
مِنايان مِنو گهَٽو، ڪُٺِيَنِ ڪَوڙاوءُ
جَنِي مٿي مامِرا اوڍَرُ تَنِ ٿِيوءُ (٤)
تِڪيءَ لَڳِيءَ تار ۾ ڇِڏي تان نہ ويوءُ (٥)
ريڙِهيوءُ سَڀِ رَه ڪري، ڪَهِين نہ آهنْجاوءُ (٦)

---

(١) ڏمريلن وانگر ڪڏهن ڪونہ ڪاوڙيو (٢) ڪُلاٽن =؟ (٣) آپاهتو= اوچتو، نامناسب، اڻ وڻندڙ
(۴) اوڍر= ڍڪيندڙ (٥) تِڪيءَ لڳيءَ =گهٽي ۽ ٿوري (٦) رَه= راه، واٽ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مولٰي مُکو ٻاجھہ کي منجھانءَ ٻاجھہ ڏنيو
مُورِ نہ جاڻي ڪَمُ ڪو ٻاجهانْ ڏارَ ٻِيو
ڪَهِين نہ لڌو ڪَڏهِين تہِ جيءَ ٻاجھہ پَرو (١)
مُڪو ٻِيَن هاجَ کي، ٻاجهِنِ کي آيوءُ
”وَمَا اَرسَلنَاکَ اِلاّ رَحمَةً لِلعالَمِينَ“ اِهو ٻاجَهہ پَريوءُ
ٻاجهاءِ ٻاجهارَنِ کي ٻاجهيانْءُ ٻاجَھہ ڪِيوءُ
اِيہُ خَزانو ٻاجَھہ جو سَيِنِ کي ڏِيوءُ
”کَمَا قَالَ اللہُ تعالٰي فِي شَانِہِ اَنتَ خَزائِنُ مَعْرِفَتِي وَرَحْمَتِي“
تيلان ٻاجهايوءُ
ٻاجَهہ آڳاٺِجهي تَنہِ جي ٻاجهاءِ ٻاجهايوءُ
دائِيمُ دَرَماندَنِ کي رَسي ٻاجَھہ ڪِيوءُ
مِهرَ پاران مصطفيٰ ڪوءِ نہ وِساريوءُ
ٻِيوءُ نہ ايهِيءَ ٻاجَھہ سين ڪَڏهِ ڪو هُئو
اُمتَ ڪارَڻِ آڳِهِين سَجدو جَهِين ڪِيوءُ
وِتبَ وَتَا وِيَسَرِي ڪندو نہ وِرتو (٢)
ڏوڙو ڏُهارِيَنِ کي جِتي ڪو تيوءُ (٣)
تِتي رسي مصطفيٰ ٻاجهانْ پيرَ پَريوءُ
ڏِيرُون ڏي ڏُٻئينْ کي ڇڏڻ نہ وارو (٤)

---

(١) پرو= پاند (٢) وِتبَ= وَتِ بہَ= (محاورو) ڪنهن بہ حال ۾، هر حال ۾ (٣) ڏوڙو= ڀيڙو، مشڪل (٤) ڏيرون =آٿت، دلداريون. ڏُٻئين = لَڏيل، هيٺا ٿيل


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوءِ نہ هُئو ڪَڏِهين پانُهو اِهَ پارو (١)
ڪونِي ڪاٿِيارِن کي پاجهاءِ پَرڪِيوءُ
اِنَ پانهِي کي رَبَ سين وڏو اُهابو (٢)
تَهِ سين شريڪُ ناهِ ڪو حُرمتَ مَنجهہِ پيوءُ
جَهِ کي گهٽي لُطفَ سين مولٰي هينءَ چَيو:
"اسان توسين مصطفيٰ آهي ساءُ هِهو
جيئِين سِڪي سُجَ ۾ پاڻيءَ کي اُجيوءُ
تو سين تَهياڻِين گهڻو اسان ساءُ پيو"
جِيئِين سَڏَ صِحَتَ کي پيو ڪري جَڏو
اسان ڪاڏو مُصطفيٰ تو ڏاتَہ تانءُ وَڏو
گُهري خُوشنودِي منهنجِي عالَمُ سَڀُ مِڙئو
آوُن طالِبُ تنهجيءَ خُوشنوديءَ سندو
"ڪُلُّ شَيءٍ يُطْلَبُ رَضائِي وَاَنا اُطلُبُ رَضاڪَ يا مُحمَّد"
مولٰي هينءَ چيو
جينءَ نِهاري مُون ڏاتَہ سَيڪو سِڪَ پِيو
آوُن نِهاريان تو ڏاتَہ اِناڻين آگُرو
عالَم سِڪي مُنهجي پَسَڻُ کي تِيو
آسان اِناڻِيءِ گهڻو تو ڏاتَہ نِظارو

(١) اِهَ پارو= انهي پارين (٢) اُهابو= مُهابو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪو آهي سَيّڪو مون، ذاتهَ نِهارِيندو
آؤن نِهاريندو تو ذاتهَ تَنهِ وَقت ٿيو
”ڪُلّ مَنْ ڪَانَ مِنَ العَرْشِ اِلَي الثّرِيٰ يَنْظُر اِلَيّ
و آنَا اَنظُرِ اِلَيهَ يا مُحَمد“ مولي پاڻ چيو
اُپايائِس اَڳِهين پوءِ پَيدا ڪِيو
آڳَهُ اَڳِيَنِ اُمّتُنِ ۾ پوءِ پَسِيوَنِ ڪي ٿِيو
نامُ تُنهِجو مصطفيٰ ڏَٿِيءَ بُلَندُ ڪِيو
”وَرَفعْنَاڪَ ذِڪْرَڪَ“ سَين ٿيِنْ بُڌو
نالو پاهِنجي نامَ سين سائينءَ ضَمُ ڪِيوءِ
ڪوءِ تو پَسِي ڪيتِهين اِنَ بُزرگيءَ مَٿوءِ
تيلان مَٿءِ مصطفيٰ جيلان رَبَ گُهريوءِ
مَرڪُ سَينِي مُرسَلانّ تيلائِين ٿِيوءِ
تہ ڪو ڪُڇي اِتِ ڪِي ڪَهِين ڪي آندازو
خاصاجي خاصَنِ ۾ ماهَنْڊ تَنِ ٿِيوءِ
اُڪارِيائين اوتَ ري لَڪِئاپُورَ نِيوءِ
ڏُرَهِ ڏرِيا، ڏَرَ ڏِبِئِي، هَيبتَ هُلُ ٿِيوءِ
وِيرَ ڏُهلِي ڏاڪَڙي ڏنو ڏيڪائو (١)
ڪَنْبِيا سَبِ قَهّارَ يَئِي، ڊِرنا ڊراءِ ٿِيوءِ

---

(١) هي بيان قيامت جي ڏينهن بابت آهي .


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪونہ پُڇي ڪَہِ ڪَر، پاٿاءُ ڏارَ پِيوءُ
ڏُهارِي ڏهڪِيا، ڏاڍو ڏِينہُ تِيوءُ
يارِي ڏِيندَلُ ناهِ ڪو تِوڙي پِٺَ سَگو
ڪري بيزارِي سَيڪو، ياءُ نہ ياءُ مِڙيوءُ
پُٿر نہ اوڏو ماءِ ڪي يَڇي ڏارَ تِيو
”يَومَ يَفِرُّ المَرءُ مِن اَخِيهِ و اُمِّهِ اَبِيهِ“ اِهو پِڻُ پِيو
اُهڪِي تِٿِي اَڙيَنِ ڪي ڏسي ڏولائو
مَتي اُتَنِ مامَرا اوهِيرا ڪِيو (١)
دَوڙِيا پَسِي دامَ ۾ پاهِنجو ڪمايو
تَنِ تُنهجيءَ پاجَهہ رِيءَ ڪِهو. اوباهو (٢)
ڏَڪِئا ڏولائي پَٿِي، ڏِهئا ڏاهہُ تِيوءُ (٣)
اوڏو آٿي اِنِ ڪي مَتان سِجُ مَندِئو
گَرمايِئي گورِ ڪِئي تَپِي. تاءُ تِيوءُ (۴)
سِينءَ آڳانجهيءَ سَيڪو مُونَنِ يَرِ پِيوءُ (۵)
”وَتَرِي ڪُلُّ اُمَّةِ جاثِيَةً“ اِيانْ يَقِينُ تِيوءُ
تِتي آڳہُ مصطفيٰ ڏُهارِيَنِ تِيوءُ
اُيا ماڙهو ۽ مَلڪَ يَرِ ۾ صَفُون سَبِ ڪِيو
مِڙِئا نَبِيَّ مُرسَلَّ هاگامُو تِيوءُ

---

(١) اُتنِ= انهن تي وَنا (٢) ڪِهو اوباهو = ڪهڙو چوٽڪارو (٣) ڏِهئا ڏاهہ= ؟ (۴) گور= تبر
(۵) آڳانجهي = مشڪلات، سوڙهيءَ گهٽ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

أبينا عَرداشَ ڪي مِڙئي ميڙائو (١)
ڪوءِ نہ ڪُجهي تِنَ ڪِي، جهو نہ تيهو
هَيبَتَ ٿِئي هِرڪِئا، ڪَهِين نہ ڳالهايوءَ
جَهِ ڪي اِذنُ آڳهين سُلطاناءَ ٿيوءَ
ڪُجهي ڪَتَ نہ جيتَرو تَنهِ رِيءَ ڪوءِ پيوءَ (٢)
"لايَتَڪلمُّونَ اِلاّمَن اَذِنَ لَہُ الرَّحمنُ" ايهَين فرمايوءَ
ڏِريا پَسِي ڏاڪَڙِي، يَيا يَئي ٿِيوءَ (٣)
مِڙِئا مَڳَنِ مُرسَلَ مُنَاجاتَ ڪِيوءَ
پاڻُ پَرَنَهُ پاتشاهَ، ڳُهُرهُ ڪِينَ پِيوءَ
رَبُّ نہ جِنِي نَفسِي نَفسِي، توهاءَ اوباهو
تِنِي ڪوني مصطفيٰ اُمّتِي ڪِيوءَ
جِتِي واءُ نہ واءِ ڪي آڙَيَنِ آتُ هُئو (٤)
اُجَ اوسِيڙو اڳَ ۾ پَڳهرَ پُورُ ڪِيو (٥)
ڪَهِ ڪي ناهِ مجالَ اِيءَ نہ ڪَنهِ دَمُ هُئو
تِتي سَيِنِ مصطفيٰ آڳانديو ٿيو
درمانديءَ داڻه ڪري سَيِن هِيءَ چيو
ماهَندِ ٿِيو مصطفيٰ عالمُ آجاريو
آڳَهِين تو مَجيُون، آجُهِين تون وارو

(١) عرداش= عرضداشت (٢) ڪت= ذرو (٣) ايپايٿي= ڏهڪار، خوف هراس (۴) آتَ هئو= آٿت هئو، ڏڍ هئو (٥) هن سٽ کي اندازي مطابق اٿين سمجهيو ويو آهي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان کـهـيءَ نہ ٿـئـي تـو ريءَ اوٻاهـو
تـان ڀـي مَـرڪي مُـصـطـفيٰ ماهَنـدِ ٿَـنِ ٿـيو
اُيـايـاءِ آڙيَـنِ کـي شَـفـاعَتَ ڪِـيو
ڀُـڃِـيءَ لَـڳَـسِ بـادشـاه مـاهَـنـدِ مَـٺـيـرو
تَـهِ کـي جَـهـلَ نہ پَلَ ڪـا، ڀَـلـو ريـبـارو (١)
هَـيـبَـتَ نـاهِ حَـبِـيـبَ کي سـائِـيـنءَ پِـيارو
هِـتـان ٿِـي هُتِ گهٽو گـهـورو جَـهِ سَـنـدو
حُـرمَـتَ تَـهِ حَـبِـيـبَ جيءَ اسان ڀَـتُـهُ ڪِـهـو
ڪـونہ ٻُـڌوسِين ڪَـڏهِين ايهـيءَ ٻـاجَـهہ ٻِـيـوءُ
ڏهـڪِـي ڏُهارِيَنِ کـي چَـڏي تـان نہ وِيـوءُ
عـاصِـي پَـسي اُسَ ۾ پَـتـنـگُ جِـيـنءَ پِـيـوءُ
ڪـارُون ڪَـري ڪَـرِيمَ کـي اُيـو نہ ويـنـو
مـولـي مَـچِـيو سَـڀ سـو جيـڪـي تَـهِ چَـيـو
ڪُـورَنِ کـانِـي بَـکـيو، مُـوڙَهـنِ مـوڪُ ٿِـيوءُ (٢)
جِـتـي مـولـي مصـطفـيٰ چَـئِـي خُـوشـنودُ ڪِـيـو
آوُنْ ڪَـنـدُسِ ٿِـيَهِـيـن جيـنءَ تـون چُـونـدو
”آنـاَ مَـولاکَ وَانتَ مَحَبُوبِي“ توسين وِچُ ڪِـهـو
ٿُـهـاءُ آدَرِ سُـپـرِيـن هـاڻـي ڪِـيـنِ ڪِـبو (٣)

---

(١) ريبارو= پيغمبر، رسول (٢) اصل اٿين (٣) ادر =؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪي آهي سَيڪي، توکي سَڀ ڏِبو
"اِن اللهَ لاَ يُخلِفُ المِيعادَ" اِنَ ۾ شڪُ ڪِهو
تَڏِه تِتي مصطفيٰ ڪِيو سُنَهُ هُئو
تانْ تانْ راضِي رَبَّ سين آؤُنْ نہ ٿِيندو
جانْ ڪو مُهنجو اُمَتي اِهڪِيءَ ۾ هُوندو
"وَاللهِ لاَ اَرضِيْ عَليَ رَبِّي وَلواحِدُ مِن اُمَتِي فِي النَارِ"
پيغامبر چيو

راضِي پاهِنجي رَبَ سين تيلائِين ٿِيوءُ
ڏناءِ ڌُهارِين کي ڏاتِينْ پاجهہَ ڪِيوءُ (١)
عَفُو ڪِئائِين عاصِيَنِ کي خَطائُون کِيو
پانَهنِ اُتي پاجَهہ جو تانْ پِي واءُ وَرِيو
لَتا ڏُکَ سُکَ تِيا سَرَّهو جَڳُ ٿِيو
رَحمَت اِتي مِينهُ جِيئءَ اوهِيرا ڪيو
موڪَلَ لَدِي مصطفيٰ تِينْ وِداعُ تِيو
ڏَڏَنِ ڏاتِينْ ڏِنيون، ڪَرِيمَ ڪوٺايو
پَلنگ پَتَرِيا پاتشاهَ خِيما کوڙِيا آئِي
پاتيون ڪُرسيُون سَهسين سِينگاريوءُ
آندا نبيءَ مُرسَلَ متي چَتَر ڏِيوءُ
تِتي مَلَءِ مصطفيٰ سَين وَجَ اُيو (٢)

---

(١) ڏاتِين= ڏاتيون (٢) مَلَءِ= مَلهي، سرخرو ٿي (؟)


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهانْ کي فِڪر ڳرِ ڪِهو پارُ لڳو
مُحمّدَ ڏاري مُرسَلَ سُونَهَنِ فوجَ ڪِيو
سَرها ٿيا سَيِنْ پَرِينِ، وينا موڙَ ٻَڌئو
اُيا ئون اُمَتُون شفاعَتَ ڪِيو
اِلهِي آڇاءِ مون اِهو مٻيڙائو (١)
پَسَڻ کي رسولَ جي عالَمَ اُمارو
ميڙائو مُحمّدَ سين اسان رَبُ ڪندو
ڳُهرون اِنهي وِيڻَ کي ٻِيُون سَڀ ڇَڏيوءِ
تانْ ٻِي شفاعَتَ جو اِذنُ عامَ ٿِيوءِ
جو جَهِين کي ڳڏِوءِ سو تهِ اُباهِيو
ٿيو سَرهو سَيڪوءِ ڪلمو جَهِ چيو
لا اِلهَ اِلاّ الله مُحمدُ رسَوُل الله
حاضِرُ ڪِيا حِسابَ کي ڪاغَذَ هَٿِ ڏيو
تهُ توِ ڇاءِ ڏيهَ ڏٿي ته سُهڪو سَڀُ ٿِيو (٢)
لَڌائُون واڌايُون ڏوهَ ڳُڻَ تورايو
جَنِي عَملَ آڳرا سي مُڪانْ ڇُٽايو
"فَمَن ثقُلَت مَوازِينَهُ فَاوُلئيکَ هُمُ المُفلِحونَ" اِنِ کي اوباهو
جَنِي جِيَٽِي هَٿِ مِ ڪاغَذِ پِتڙ پِيو (٣)

---

(١) آڇاءِ =ٿيڪار (٢) ڇاءُ =ڇاهُ (٣) پِتڙپيو= حاصل ٿيو، پاڪي آيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لنگھايائين لڪيُون رَسيا رَه پيو (١)
صِراطاءِ سُهڪِي تِئِي، ڏٺيءَ فضلُ ڪيو
لنگهي وِيو سَيڪو وِچ نه ڪو رَهيو
تِڪي وِنگِي ۽ سَنهِي، هيٺان اُونداهو
مَتي دَوزخَ مَندِئي ڏِسِي ڏاهُ لگو (٢)
صراط اُتان سَيڪو آچي گُذرَندو
ڏارَ نه وِيندو هيڪَڙو، چڱو نه مَدو
”و اِن مِنڪُم الاورادها“ حڪم اِي وَهيو
ڪي وَهندا وِجُ جيئنءَ، ڪي واءُ جيئنءَ وايو (٣)
ڪي پِيادا جِيئنءَ پَٽَ ۾، ڪي تازيءَ جِيئنءَ تاڻيوءَ
ڪي پَريا جِيئنءَ پَندَ ۾، سِرَنِ سَٽُ ڪيو (۴)
ڪوءِ هَري ڪوءِ تڪِڙي مومِنُ وَهِي وِيندو
ڏُهِلو ڏُهارِيَن ڪي هَلڻُ تِت ٿيندو
ڪافِر پُوندا ڪُنَ ۾ سَيئِي چِٽِيؤ
لنگهي سي پارِ تيا ڪَلِمو جَنِ چَيو
لا اِلـه اِلاّ الله مُحَمّدُ رسول الله
سُڪيءَ پِيو ساٿڙو، چڏي پَٺُ وِيو
لڏائِين ڪِيڪارِيُون، سَرهو جَڳُ ٿيو

---

(١) ره پيو= راه تي هلي (٢) دوزخ جي متان منديل پلصراط ڏسي ڏڪٽي وني ويٺي (٣) وهندا= هلندا، وايو =واءُ وانگر اُڏامي (۴) پريا= پوڙها، ٻڍا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رَحمَتَ مَنجهبارا جيهِيءَ دَرِياءُ اُپايو

ميرا لاتا مومِنين مَتانءُ غُسلَ ڪِيو

تيو سُونهَ سين سَيڪو چوڏهينءَ چَندرَ جِهو

جُنبِيا تان جَنَّتَ ڏُونهُ متي تاجَ ڏِئو

”وَسِيقَ اَلذِّينَ اتَّقُو رَبَّهُمْ اِلي اَلجَّنَةِ زُمَرا“ اَڳانْ ڍول ڪيو

اُپِي گهڻو نِهارِيا حُورَنِ هَٿَ ڪَٽِيوءِ

سَنَيُوڙِيُون شاهَنِ کي سُرهايُون لويو

آڏيون آيُون مومِنين سَئين سِينگارَ ڪِيو

سِڪِي سَجَڻَ ڳَڏيا تَماشو تِيوءِ

آيا پاٽا پاٽيُون هَدِيا هَٿِ ڪِيوءِ

تي آنداٿون اُنِ کي جو نہ ڪَهِين ڏٺو

ڳايائُون ڳاجَ سِي جَنِي وَه وِڏو (١)

چورِيائُون چَنگَنِ کي سَئين سُرودَ ڪِيوءِ

وَهِ وِڏائون وَلهَا مِنا راڳَ چَيو

چَٽُداريءَ چَئِينْ ڏِسِ تي سو آوازُ تِيو

ڏٺو ساهُ سَيڪَهِين مَرڻُ هُئو

دُهلَ دَماما ڳاهَرو، لَنگهَنِ دَسَ ڏِيوءِ (٢)

نَفِيريُون ۽ نَگَرا سَهنايُون ڪِيوءِ (٣)

---

(١) ڳاج= ڳيچ. وه وڏو= سِڪ-وڏائي (٢) ڳاهرو= ڳاٽا. دس ڏيو = واجو ڪيو (٣) نگرا= نغارا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اِنَ پَرِ راڻيو راڃيا آندا ڪوڏايو (١)
جونہ ٻُڌوسِين ڪَڏهِين سو وِيهاڻُ ٿِيوءِ
حُرمَتَ سين هَلايا وَڙَ واڃاڻر ڪيو
اُپٽِيا دَرَ بِهشتَنِ مَنجهہ سِينگارُ ٿِيو
پَرهايو پِهاريا حُورُنِ هَنجِهہ ڪِيوءِ (٢)
پِهو سَپ جَنّتَ ۾ سَرِهايُون ڪِيو
”اُدْخُلُوها بِسَلامِ آمِنِينَ“ لَتو رِيجلو (٣)
آڏا دَرآنَنِ اِنِ ڪي سلام هِينءَ چيو (٤)
”وَقالَ لَهُم خَزَنَتُها سَلام عَليڪُم طِبتُم فَادخُلُوها خالِدِينَ“
هاڻي پَئُہ وِيو
جاڻڪِيتان جَنّتَ ۾ آنْ ڪي ماڳُ ٿِيو
پيتا سَپ جَنّتَ ۾ ميرايُون لاهِيو
تانْ پِي اِنديون پالڪِيُون مَنجهانَ سونَ ڪَٿِيوءِ
تنَي متي ڪَبُتِيُون ڏنيون سينگاريوءِ (٥)
وِيڙهياڻِ حَرِيرَ ۾ چَوڪَنڊَ چِترايو
ماڻِڪَ موتِي تَنِ ۾ جَڙِيا جوڙايو
سِينگاريُون سَهسين پَرينْ آنديون راسِ ڪِيوءِ
لَڪين لعلُون اِن ۾ لوڏايُون لايو

---

(١) ڪوڏايو= ڪوڏ منجهان (٢) پرهايو پهاريا= ويس ڍڪائي جنت ۾ داخل ڪيا (٣) ريجلو= ؟
(۴) دراٺِ= دروانن، دربانن (٥) ڪبتيون= ڪبت ڪندڙ عورتون ؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاري پاسِينِ ڳِهنگِهرا ڇِڻڪَنِ جهانءِ ڪِيو
تَنِ کي پَسِي سَيڪو حيرتَ مَنجِھ پِيو
سَهِي نہ سگهي ڏِتِ ڪو ڇَرِٽات جو ٽِيو (١)
جِهنجِهنِئي جِهينجَڻِ سين پالِڪيُون آئيو (٢)
جويُون مُڪيون جَنّتِي تَني ۾ چاڙِهيو
آنديُون ايهِيءَ جوڙَ سين مَنگتِئينِ ڳايو
مُڪِيُون پاهِنجي مَحلينِ سَيِنِئينِ ساريوءِ
ڪَبتِيُون حُورَنِ .رانِيُون وَڏايُون ڏِيوءِ
ڪوڙِنِ سَندا ڪَپَڙا ڳَهڻا ڳلِ پايو
پَرهَڻُ ڪيو پاڻَ لَئِي سُرهايُون لويو
تہ سُرهايانِ ڏُنيءَ ۾ اچي جي پورو
جي وِهِي سَيڪو جيڪو مُئو هُئو (٣)
لَڏائُون لکين پَرِين پاڙو تہ سَندو
چُرَ نہ چائتِ پاڻَ ۾، لَڳڻو نہ ٽِيندو (٤)
اِنَ وِچان ئِي رِيسَ جو نالوئي وِيندو
پِهرو وَهمُ رِيسَ جو جوڪَر اُنِ پِيو (٥)
تانِ پِي تُسِي توهَ جو سائِينءَ واءُ مُڪو
هِنِئَينِ اُتي اُنِ جَهِ جَهِرَ سو لڳو

(١) ڏت= زور (٢)جهجهڻ سان جهنجهي (٣) يعني؛ مثل بہ جيئرو ٿي پوي (۴) چُرَ= ڪوُنس. چائت= وير. لڳڻو= رڳڙو= جهيڙو (۵) جوڪر =جيڪر، جيڪڏهن


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رِيسُون لَتِيَنِ پاڻَ ۾، چاڱُتِ چَنگُ وِيو
پِيتا سڀِ جَنّتَ ۾ ڏٺيءَ فَضلُ ڪِيوءُ
ماٺِيندا مَنَ جيڏوءُ جِينْ جِالِينِ تِهو (١)
پُوجَ پِيَندا پاڻَ لَءِ تَماشا ڪِيوءُ
سو لَهندو سَيڪو جو جِيئَنْ گُهرَندو
"وَلَكُمْ فِيهَا مَا تَشْتَهِيْ اَنْفُسُكُمْ وَلَكُمْ فِيهَا مَا
تَدَّعُون" ڏِينُدنِ ڏاهِ ڪِيو
گهرَ سَيِي سونَ جا، پَرهَڻُ پَٽَ سندو (٢)
"وَلِبَاسُهُمْ فِيهَا حَرِيرٌ" هميشه هوندو
دايَم دولتَ اڳِرِي، نڪو ڪوتائو (٣)
غُلامُوئي هيڪَڙو پَرهَڻُ جو ڪندو
ٻَها سَبِهِي دُنيءَ جي اِهوئي لهندو
ڪِيو سَيڪو پاتِشاهُ وَڏايُون ڏِيوءُ
مومِنَ مولي سَيڪو هِنَ مَرتبي ڪِيوءُ
جانْ تَرسي چِتَ ۾، ڏَر مُنهِ وِئو وِئو
مَحشَر نہ تِئِي مَلڪَنِ پَرنِ پيرا ڏِئو
ڏاري ٻانِها ٻانِهيون، اُپِيَنِ هَٿَ ٻَڌيوءُ
اوڏا تِيا آمِيرَ کي خِدمَتُون ڪِيو

(١) اٿيِن (٢) سيِي= سِيٺي. پرهڻ= لباس (٣) اڳري= زياده. ڪوتائو= ڪمي، گهٽتائي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آسان هَتا نہ تِنئي سو بَيانُ ڪيو
خُورنِ مَنجها هيڪَڙيءَ جي ڏَندُ ڏيکارئوءُ
نُورِ تَهِ جو آڳِرو سِجائي تِينوءُ
آڪِنِ اُتي ۽ پِرنِ مَتو ماڳَ تِروءُ
ناهِنِ وارُ وُجُودَ ۾ اِنيا ڏارَ پِيو
نَڪو گُونڊرُ غَمُ ڪو، نَڪو پِئُ پِيو
نَڪو ڏُکُ نہ ڏاڪَڙِي نَڪو رَنجائو
نَڪو مَرَضُ اِنِ ڪَي، نَڪو قُوڙائو
نَڪا اُسَ نہ سِجُ ڪو، نَڪِي اُونداهو
"لَايَرَوْنَ فِيهَا شَمْسًا وَلَازَمْهَرِيْرًا" سَيَتْ سَهائو
نَڪا بُڪَ نہ اُجَ ڪا، نَڪو ڏولائو
نہ مِيرائِي اِنِ ڪي، نَڪو اُگهاڙوءُ
نَڪو چِانْ ٿِي اِنِ ڪي، نَڪو تِئي بَرِوءُ (١)
نَڪو يَءِ نہ يَڳَ ڪو، نَڪو حاداٿو (٢)
ڪونَ سُٽِيندو ڪَڏِهين ڳالاءِ بيهُودو
"يَسْمَعُوْنَ فِيْهَا لَغْوًا وَلَا كِذَّابًا" مَجِئو اِن لِدو (٣)
نَڪا ٿُڪَ نہ سِنگهَہ ڪا، نَڪو ڪانگهارو
وَتُ نہ هُوندو اِنِ ڪي، سَنُهو نہ ٿُلهو

---

(١) چان ٿي= تڏائي.برثو= ڪاڙهو، گرمي (٢) يَڳَ= ياج، ئوت (٣) لِدو= لِکيو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏُکَ نہ هُوندو اِن کــي جِهــو نہ تِـهـو
نـہ آرَسُ نَہ اُوجِهــرَڻُ، نَـڪـو نِنـڊَر ڪَـنـدو
نـہ روزا نِـمَــازَ ڪــا، نَـڪـــو ڪَـمُ ڪِـهـو
رِءَ عَـيشَـنِ اُتِـهِـيـن آهـي ڪِـيـُـنَ پِـيـو
ڏِيـہُ لَـهـنـدو سَـيُـڪــو وَڏايــاءَ وَڏو
"وَاِذارَئَيتَ ثَمَّ رَاَيْتَ نَعِيماً وَ مُلكاً كَبِيْرًا" آهي اِينءَ چَيو
پاهِيُون رُبِي سونَ جُون، پَرهَـڻُ پَـتَ سَنـدو
"وَحُـلُّـوْا اَسَاوِرَمِنْ فِضَّـة" وَعْدَه صَـحِـي ڏِبو
پِـيـارِينـدُن پاتِشاهُ پـاڪَ شَـرابَ ڪِـيـوءِ
"وَسَـقَـيهُم رَبُّهُمْ شَرَاباً طَهُوْرًا" مُشــهَدو ٿِيو
هـيـبَـانَ وَهَـنِ وادِيُـون، مَـتَـان قُـرُ پَـڪـو
"لَهُمْ جَنَّات تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا اْلاَ نْهَارُ" آهي اِينءَ ڪِيو
ڪـوثِـيـنْ ڪِـنـارَنِ ۾ صَـفُـون وَڻَ ڪِـيـو
رُويــا بــاغَــنِ ۾ ۽ مـيــوا ڏارَ نِـيــوءِ
مـيـوا ڏِبـا مومِـنَـنِ بِهِـشتَ مَنـجِهہ مُيو
"لَـهُـم فِـيْـهَا فاكِهَة وَلَهُمْ مَا يَدَّعُوْنَ" آهي اِينءُ پِيو
جِنِي مـيوو هـيـڪَـڙو جـانْ ڪـائِـي نِهـارِيـو
تـانْ لَـڳـو آهـي اُتِهِـي ڪَرِ چِـئُو نہ هُـوئو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُتِ اُوٺائِي ناهِ ڪا ويرا ويرَ آڳرو
”ڪُلَّمَا رُزِقُوْا مِنْهَا مِنْ ثَمَرةٍ رِزْقًا قَالُوْ هَذَ الذِي رُزِقنا
مِنَ قبلُ“ پَسو هِينءَ لِڏوءَ
گهوڙا ٻيڙا ميوا ماڙيُونْ مَنجِهي ماهُ هَرو (١)
ڪِيرُ ڳڻِي مَاڪِيُون مَيدا وَهَنِ تَئِنْ ڪِيو
آما لِيما ڪوپَرا ڪيْلا، ٻِجورو (٢)
ڏاڙُهونْ ڏِراکُونْ ڪارِڪُونْ اِنيا ڏارَ ٻِيو
چَئِي چُونڊُسِ ڪيتِرو اِنِ نه پاڻڊُ پَرو
جيڪو توڪُ بِهِشتَ ۾ سو هِهو مِنو
هَزارُ وَرِهَنِ واٽَ ۾ تَهِ جو ساءُ هُوندو
پاڻي جو ڪَوثَرَ جو سو آهي هِهو
آڇاياءُ آڇو گهَٽو ۽ ماڪِيا مِنو
پيارِيندُنِ مُصطَفيٰ تِئائِين رَچَ پَرِئو
پِيَندا پِرِيَنِ سين جَرْ ڪِيرُو ڪِيو (٣)
مومِنَ ڳڏِيا مُصطَفيٰ ڪِهو ڪوڏُ ٿِيوءَ
مَرَ وانجِئِين وَڏا ڏَئِي اِيا ڪِي تاروءَ (٤)
ٻِهشتُ سُونهارو گهَٽو پَرَ آسان هِينءَ گُهرِوءَ
جَهِ ڪي سِڪي سَيْڪو سَجَڻُ سو ڳڏئو

(١) منجهي ماه هَرو= منجهن ماسُ تازو (٢) ٻجورو=؟ (٣) اصل ائين (٤)مَرَ وانجيئن =محروم نه ڪرين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تَهِ ڏُونهُ نَظرُ هيڪَڙو پَسِي جو ڪِبو
بِهِشتُ تَهِ سين نه ٿُرِي جا قياسُ ڪِيو
هاڻي پُڻِ بِهشتَ جيو ڪِي بَيانُ ڪِبو
غافِلَ موٽِنِ مانَ ڪِيِ ٻِتَهِ ڪي لَبِ پِيو
سِرَ هيڪَڙِي سونَ جِي ٻِئِي رُباءَ ڪِيو
ٻِيُونْ جوڙَيُونْ پاڻَ ۾ ڪَٿُورِيءَ پايو
راءِ ڪَنَ راسِ ڪِياڻِانَ پَرِ آڏايو
قَصرَ ڪارَڻِ مومِنِينَ رَکِيا سَياهو
ڪي آڇا ڳاڙها ڪي، ڪَنِي رَنگُ سائو
ماڻِئائُنِ مارَنِ سين آڇا اُجارِوءُ
تَنِ ۾ ڏِسي سَيْڪِي ٻاهارَ مَنجُهه ٿِيو
ڪوڙين قَصرَ ماڙِيُونْ پَنڌِ ۾ پَلاڻِيوءُ
گهوڙا ڏِبا مومِنِهين تازِي سِينگارِوءُ
سينگارُ سَنْدو هيڪڙي جَان حِسابُ ڪِيو
تَهِ جِيءَ قِيمَتَ رَبَ رِءَ لَهي ڪو نه پَرو
حمامَ خانا حُجِراَ صَفا صافَ ڪِيو
ماڻِڪَ موتِي تَنِ ۾ ياقُوتَ جوڙايو
ڳُتِئائُنِ گهٽي پَرِين چَڱا چِتَرايو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نَہ پالِڪِيَنِ پاڻڌُ ڪو نہ پَلنگنِ پَرو
پاڻَ پَٽَرَ پَٽَ جا وِڏا وِڇايو
نَڪو حِسابَ تَنِ جو نَڪو ڳاٽيٽرو
بِهِشتُ ايڏوئِي ڪَري الله اُپايو
ڏہ ڀاڱا هِنَ دُنيءَ جا سَيڪو تاءُ لَهَندو
گَهَرِنِ سَيِنِي آڳِرو اِنائِينْ هُوندو
پيغامَبَر ڳالَ ڪِئِي جِينْ مِعراجِ هُئو
قَصْرُ ڏِنُمِ هيڪَڙو ڳاڙهي سونَ سَندو
آهي ڀاڱا ڪيَترا هِنَ دُنياءُ وَڏو
تَہِ ۾ آهي ٽوڪُ سو جو نہ سُو ٻُڌو (١)
جَنِي فَرمانَ پارِئا تَنِي کي ڏِبو
صِفَتَ مَنجها بِهِشتَ جي آسانْ جِينْ چَيو
تَهِيا ڀاڱا ڪيَترا آهي سُونْهارو (٢)
نہ ڪَہِ ڏِٺو نہ سُو، نہ هِئِين ۾ گُذِريو
مومِنِهين کي بِهِشتَ ۾ اِهو ٽوڪُ ڏِبو
اِلٰهِي ”عُثمانُ“ چوءِ وِينَتِي ڪِيو
ڏِيئِين ڏُهارِيَنِ کي ڏاتِي ڏوهَ ڪَيو
پَاڙو ڏِيُهون پاتِشاهَ نَبِيءَ سين نِئو

---

(١) سو نہ ٻڌو = سُڻو نہ ٻڌو (٢) تهيا = تنهن کان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”اَللّٰهُمَ اَرْزُقْنَا جَوَارَ مُحمَد فِي الْجَنَّةِ“ اُمِيدَ پُڄايو
پَاڙو پِريِنْ رَسُولَ سين جَنِي کي ٿِيو
وَڏِيُونْ ڪِنئائِين ويتَرِي تَنِي سين تُسِوءِ
سائينءِ ڪَهِين نہ ٿئِي تَنئاءِ ڦوڙائو
اِيا يَلو جَنَّتَ ۾ ڪونَهِ ٿوڪُ پِيوءِ
خُشِنُودِي خالِقَ جي نَبيءَ سين پاڙو.
مَلڪَ ڪَنْدا خِذَمَتُون لِقاءِ رَبَ سَندو
رَسُولَ جِي رِهاڻِ ڪي عالَمُ آسَ پَرِيوءِ
پُڄايَهُونْ پَاتِشاهَ اُمِيدُونْ ساروءِ
گَهُرهُون ڪِيهِيءَ لَجَ سين نَبِيءَ جو پَاڙو
ڪَرَهُ ڪَتَنَ جيترو ڪِلهُونْ ڏوهَ ڪِيو (۱)
........ وَنَهُون ويسَرا اُچا گَاٿَر ڪِيو (۲)
آسين پَسهُونْ پاڻِنجو ڪو اَياڳُ ٿِيو
اِيهِي پَرِ پِرِيَنِ سين پاڳِينْ ميڙاوءِ
اللهي ”عُثْمَانُ“ چوءِ بَندي بُوچُ ڪِيو (۳)
هَنْڌِ نہ هُئو تَنجَ ڪِي پَرَ تو اُپايو
مِهَرَ ڪَرِ مُلڪَ ڏِٺي خَطائُون ڪَيو
آسَان حُجَتَ نَاهِ ڪا پورو نہ ڏرو

---

(۱) اصل اٿين (۲) ورق زبون(۳) بوچ ڪيو= بيڄڙائي ڪئي، گناهہ ڪيا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

الله تُـهنـجِـي باجَـهہ رِءَ ڪِـهـو اوبـاهـو
آهِينـئُون تِـينْ آسَـرو جِيـنْ تُـونْ سَبـاجـهو
تُـنهـاءُ آڳـرِ نـاهِ ڪـو مِهـرِبـانُ بِـيو
"اَنْـتَ اَرحَـمُ الرَّاحِـمِيْنَ" تو پاڻـاءُ اُتـو
ڏوهَـنِ سَندو ڏِيلَ ۾ آبـسـان مُـوڙهـائـو (١)
تـوبَـهَ ڏِيـهُـون پاتِشـاهَ مَتِيا مـوٽـايـو
سَنـدو ڪِـيو سيڻَ گُهرين وِهَ ڏُونـهُ واجـهـايـو
اِهُ نہ پَـهُ پِرِينِ جو جو تـو هَـٿِ ڪِـيو (٢)
ڪـيهِـيءَ پَـرِ پـاڙو گُهرينْ تو ڪِي اَنْدازو
جِـيـنْ تـو چَيو حَقُ سو پَرَ ڪِي سُـڻِ بِيو
ڳِـنـئُونْ مَرَهُ مُصطفيٰ جو پَلو پـرجَـهـلو
بُـچِـو پَـلو اُمَـتِـي چـاءُ نہ ڇَڏِيـنـدو
آسـانِهِيـن تيـنْ تو آسَـرو جيـلائِيـنْ اِهـو
جَـٺـر ڏَٺِي جُـڳَـنِ ڪي باجـها گَهَٽِـيءَ اُيـو
ڏي نـہ ڏُهـارِيَنِ ڪـي وِرْچِـي اويـالـو
وَڏِي مِهْرَ مُصـطـفيٰ مولـي اُپـايـو
سَـبـاجـهـو سَـيـيـنْ پَـرِيـن اِهو ڪو نہ بِيو
"اَلنَّـبِيُّ اَوْلي بِالْمُؤمِنِينَ مِنْ اَنْفُسِهِمْ" اِهو ڏَٺِيءَ ڪِيو

---

(١) موڙهائو= مونجهارو (٢) اِه= ايءُ ، اهو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اِلٰهِي آچاءِ مُون لِقاءُ پاڄهه ڪِيو
جَهِين پَٽاندَرِ جَنَّتُونْ ڪِرَ پِيبانُ هُئو (١)
"اَللّٰهُمَّ اَڪْرِمْنَا بِلِقَائِيڪَ" ديدارُ ديکايو
تانْ پِي آچِي اِنِ ڪي مَتان سَڌَّ پِيو
آچِي پَسو پادِشاهُ جَهِ نه ڪُو جِهو
سَرها ٿِيا سَڌُ سٽِي هَلِيا هُوءِ ڪِيو
وِساريائُون سَڀِ سو جِينْ آڳِي هُئو
اُڪَنڊِيا جِينءَ اُٿِيا واڏايُونْ ڪِيو
لَقا ڪوڏِيو لَڪَ مَرَّنَدا تَماشَو ٿِيو (٢)
پاڻَ ڪَرِيندو پَڌرو اَندَرَ لاهِيندو
مومِنَ مَولو سَڀِ پَسَندا نِظارا ڪِيو
ڏِٺاؤءِ ڏِيهَ ڏِٺِي مُشَهَدو ٿِيو
نِتُ نِهارِينِ نِيهَ سِين سَچِيا سِڪَ پِيو
نُو لَکَ وَرِهَنِ لَڳِ پَسَندا وِچُ نه ڪو پُوندو (٣)
آهي رِوايَتَ ۾، ٻئي هَنْدِ هِينءَ چَيو
لَکَ آرَٽه لَڳِ پَسَندا وِچُ نه ڪو هُوندو
هيڪَڙو چَپَرُ ٻِي سِين تِت نه ڪو هَٽَندو
تان ئِي آچِي اِنِ ڪي پَردو وِچُ پُوندو

---

(١) اصل ائين (٢) اصل ائين (٣) نُولک ورهن لڳ= نو لک ورهين تائين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ پائِيندا اِينءَ ڪِي تہ پَهَرُ ڪو گُذَرِوءُ
حُورُونْ قَصْرَ ميوا ماڙِيُونْ وِسَرِي سَڀ وِيندو
سو ڏِنوسُون پاتِشاهُ جَهِ ڪي تي سِڪِئوءُ
جِينْ گهُرِئو لَڌو تِينْ مَولو ڀاڄهايوءُ
تہ اِينءَ پاهُون مَ تِيئي اِيانْ ڪو ڄَڻِيو
ڪَنِي ڪِتابَنِ ۾ ڏِسِي هِينءَ لِکيوءُ
جوئِنِ جِنَنِ مَلڪَنِ لِقاءُ نہ هُوندو
ڀِئين عالِمَنِ جو اختِلافُ وَڏو
ڪَنِي چَيو ڪِيَهِين ڪَنِي ڪِينءَ چَيو
لِڌو رَوايَتَ ۾ آسا هِينءَ ڏِنو
فَرقُ جوئِنِ مُڙسَنِ آهي ڪونَ ڪِيو
ماڙهُو مَلڪَ ۽ پَرِي آهلُ جَنَّتُنِ جو
سَڀِ پَسَندا سِڪَ سين لِقاءُ رَبَ سَندو
اِنَ نِعمَتاءُ ڪَهِ ڪي ڏَڻِي نَہ وا ڻجِيندو (١)
پَسَڻُ سَندو پاتِشاهَ سَيِنِ ڪي هُوندو
پَرَ پارُ پَسَڻَ جو پَڌَرو رِهاءِ نہ چَيو
ڪِ هيڏاه ڪ هِن پارِ ڪِ هِهو ڪِ هِهو
اِيا نہ آهي ڪيتِهِين تَهِئاءُ تِينْ ڏسندو

(١) واجيندو= خالي نہ ڇڏيندو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”وَالَّـذِيْ لَيْسَ كَمِثْلِهِ شَيءٌ وَهُوَ السَّمِيعُ البَصِيْرِ“
ٻُجھي ڪونہ ٻيو

ڄاڻي ٻاهَرَ مَنجِھہ ڪي جيڪي ٿِيـنو ۽ ٿِيـندو
”عـالِمُ الغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ“ تَـهِـيا ڪِـينَ ڳُجـهو
حُـــورُون هَتَ ڪـتَنـدِيون مُناجاتَ ڪِيـــو
رَســاٺِيــهُـونْ راڃِـــيــا اِيءَ وَرَ وَرَايـــو
تـا پِـي مُـــڪـا مَحَـلـي مـومِـنَ موٺـايــو
جَـرْ ڪِـيـرُوُ جَـنَّـتَ ۾ ڪَـلا ڪـوڏِ ڪِيـو (١)
هِـنَ پَرِ لِقــاءُ رَبَ جـو تـا پِـي پُـٺِ ڏِسـندو
ڪـي بَـدايُـو ڏِيـٺـهَ ۾ ڪَـنِ هيـڪُ پيرو (٢)
اِهو فَـضـلُ مومِنَـنِ سيـن چَـيا تـانْ ٿِـيـو
آهــا ڪِـــي نِـــهـــارِ ڪَرِ لطفُ مَولي جو
سَـرهـايُـون سِپٽِنِ سين ڳُونـدَرُ سَـبُ وِيـو
پَسَـڻُ لِـقـاءُ رَبَ جـو ۽ نَبِـيءَ سيـن پـاڙو
اِيـهِي جـوڙَ جَـنَـتَ ۾ هُونـدي جَـمارَوءُ
”اللَّهُمَّ ارزُقْنَا رُوٌيَتَ حَبِيبَکَ“ عالـمُ آسَ پَرِئو
اِلَهِي ”عُثمـانَ“ چـوءِ آسـا ڄـاڻُ ڪِـهـو
عـامي ڳَهـٺو اَپـوجَهـہ سين نَڪـو ڏِنگُ ٻِيـو

---

(١) اصل ائين (٢) اصل ائيه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏڏنَ ڪي ڏاتي ڏيئي پَرَ تُون سَباجهو
ابوجهڙِينِ آسَرو تيلائين تِيو
جيڪي اُوڻو آڳرو آسان ڳالايو
اِللهي عَفوُ ڪَرِ تُسِي تَهِ سَندو
آسان ڪي اِسلامَ ۾ ثابِتُ تُون ڪَندو
ڏُنيءَ مَنجها اِيمان سين هَلڪُون مانَ لَڏِئو (۱)
تو.......... ڏِيَا چَوان تو ڪي لالايو (۲)
هِيا ڪَڍِهُونْ پاتِشاهَ مُسلِمانَ ڪِيو (۳)
شيطانُ سَرهو مَ ٿئي جو وِيرِي وڏو
خُدا يا ڪَرِيمَ تو ٻانهي ٻاڏايو
ڪَڙايا مَوتَ جيءَ آسان تُون رکَندو
پَرِ سُهڪِيءَ ساهُ ڳِنهُون سائينءَ ٻاجهه ڪِيو
مَرڻَ وَقتِ ڪَلمُون هَلهُون مانَ چَيو
سَچَ مَنجها اِخلاص تِي ڪَلمُون جَنِ چَيو
سي وِيندا جَنَتَ ۾ رِءَ حِسابِ وَهِيو
شَڪُ نه آهي اِتِ ڪو نَبِيءَ فَرمايو
”مَنْ قَالَ لَا اِلٰه اِلاَّ اللّٰهُ مُحمدٌ رَسُوْلُ اللّٰهِ خَالِصاً مُخْلِصاً
دَخَلَ الجَنَّةَ بِلاَ حِسَابٍ وَلاَ عَذَابٍ“ حَدِيثَ مَنجِهه آيو

(۱) هَلهون= هلون (۲) ورق زبون (۲) هيا = هِن هنڌان، هِتان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دُرُودُ اڳينءَ پَهري ڏه ييرا چَيو

جيكو پَڙهي هيءَ صِفَتَ مُنْهِ مانَ ڪِيو

سائين ساري ڪَمُ سو توڙي گهٽو وَڏو

اَشْهَدُ اَنْ لاَ اِلهَ اِلاَّ اللهُ وَحْدَهُ لاَ شَرِيْكَ لَهُ وَاَشْهَدُ اَنَّ

مُحمدًا عَبْدُهُ وَرَسُوْلُهُ

**تحريرفي تاريخ سنہ ١٠٦٨**

كاتبہ و مالكہ فقير حقير

**عزت بن مرحوم سليمان**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بابي باڪ خلقيو بستر لُنوُ ٿيا ڪُنري ته مري پُوَ عِوَۃ تُجي وَ اِي

ڏينهن اچي ڏهر ليکي ادي اچو محمد جائي قادر ڪَيُو سَتُو تائي ڪسو جند

وَ چلو ور وَعلَرڪ سِر ٻه هِلاَو بُو ڪنيو اَچي اُهين لڳا جيئن پو

اُو ڪاڪ جيڪو ڪي اِلِي مُنُو ٻيا سِيئن سُر هُو تيو ٻَنِ سِلاَوَ نُور

تا ڪريا سيمن ڏي ڪا ڪو وسُولَ ڪيا تَه بَعد ڪيا سَمهن ٻنيا صور

مريمي ڏاڙهيت سِي جِي جَاري لوڪ آدم بَتي آيا لَڳي تائي ليکن

مَجو ٽائين مجا ٽسا لڳي لاڏي ڪيئو با ڪاميب ٻريا ٻا رفني با تا با شاه

عَسريتيا او ڦار ٿيا سيدي وا ڪيام ارنا آوادين جو محو لڪي يجيبا م

مجتو ڪي برت برتيو سَو مبيجي ٻيڪ سِيه جيئن مجو لو جنين جيسو بسو ديه

وجهت ايمان نبي ڪلمو ناڪ پڙهيو لا اله الا الله محمد رسول الله

قصه بسم الله الرحمن الرحيم معراج نامه

تڪوڪي مڪاهو ٻيه جو نُو ٻهراڻ ٻرهائي ٻا تُرنڪي ڏيہ دوذ ڏان

ٻڪي ٻلا برو ڙنا ٻڪي ٿيا ٻا جاڻا سِتي ٿبو ٻڪنو ڪريو يا ۾ جوبر يا ملشه

بالڪنا ئي با ٻا تجاد بب سڪا مجي ٿو جلڪ ڏٻي تسائي ٿبو ڪا ر

صفت ٿبو مصطفى جيڪي ٻڪي ڪا ڪرائي حجو ڪينز وائي نجمي جا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[۷]

# معراج نامو*

بسم الله الرحمٰن الرحيم

توڪي مڱانْ مونْ ڏِئي جو تون مِهرَبانُ
پَرَهائيين پاڻَرِ ڪي ڏِيئين ڏِنين ڏانُ
نَڪِي پَندُ پَروڙِيان نَڪِي ڄاڻانْ ڄاڻُ
سَچا سو سَنئون ڪَرين پِئُمِ جو پَرِياڻُ
پالَ گھٽائِي پايانْ سچا ربَّ سَنداءِ
مُونکي تُونْ مُلڪَ ڏِني سائِينْ سَنيُونْ پاءِ (۱)
صِفَتَ سَندي مُصْطَفيٰ جيڪي ڪِجي ڪاءِ
چَئِي چُوندو ڪيتَرِي اِتِ نہ "جُمِي" جاءِ
رازِقَ رَبَ خَلقِئُو نِسُهِري نُوراءُ
ڪوءِ مَ وانجِئِي ڪَڏِهين مُحمدَ جي ميڙاءُ
مُورُ مِڙِيَنِي مُصطفيٰ اڳي آپاياءِ
"جُمعو" چوءِ جَهانَ ۾ پَيدا پوءِ ڪِياءِ.

---

(۱) جُمو = جُمعو شاعر

* "معراج نامو" اصل قلمي ڪتاب جي آخر ۾ جن ورقن تي آيل هو، تن مان ڪي ورق زبون ٿي ويل هئا. انهن ورقن مان جيڪي صحيح سلامت الفاظ نقل ڪيا ويا ۽ اهو مواد ساڳي صورت ۾ هت شامل ڪيو ويو آهي (ن-ب)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آنـدرِ بِهشـتَ بُـراق کـي جِنّبي رَسـؤ جَـتِ
صِفُـون سَنڌِيون مُصـطفيٰ تانْ پِـي ڏِٺاءِ تَـتِ
صِـفون سَنـدِئُون مُصطفيٰ سَـرَبَ سُوْنـهاري تـاءِ
هَـنڌ أُنِـي ۾ هيـڪَـڙو رُوْنـدو رُتُ ڏٺـاءِ
مَهـنْڊا آچِـي تَـهِ ڪِـئو جَـبَرِئـيلَ جـوابُ
هـيـڪُ ڏِسَـڻَ ۾ ڏُٻُـره اڪِيـنْ اوتِـئي آبُ
ڪِـهِيـنْ بـابِ بُـراقَ تـو نہ خوشِـي نہ خـوابُ
آؤُن خـالِـقَ خَـلـقِـئو جَـڏِهِ جَـبَرِئـيلُ
مُـون ۡ سـينْ عَـهـدُ ڪِـئـو رازِقَ رُبَ جَلـيـلَ
مُونْ سينْ آهـي آڳِهِيـن اِهـو عَـهدُ سَـندوسِ
نـوازي نَبِـيَّ جو پَيـدا پـوءِ ڪـندوسِ *
تـوڪـي مُـهَـڙُ مُرسَلين مُحَـمدُ مِيـلِينـدوسِ
ڪـارَڻِ جَـڳُ جَهِيـنْ، خَلقَـٺهـارَ خَـلـقِـئو
آؤُن پُـڻِ عاشِـقُ آهِيان سَندو صَـحِيُ تَهِيـن (١)
مُـونْ کـي مَـعلُـومُ اِنَ پَرِ اڳِـهِيـنْ ٿِـيـوءِ
تـہ هِـيـانْ نِبو هيڪَڙو مُحمدُ ڪارَڻِ ڪـوءِ.
اِيـهِي خَـبَـرَ خُـوبَ، ڏِنِيَسِ مَلَـڪَ اللهَ جي
أتِـي سَـنْبَـهُ سيگهہ ۾ آجُ مِلَنْـدِهِ مَحبُوبَ.*

(١) ملنده= ملندين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بِهشتِ نِياء بُراقُ سو اِنَ پَرِ آندائِينْ

مُحمدَ ڪي ماڳِ تَهينْ ڏِڪي ڏِنائِينْ.

سُڄاڻاهُ سَيِينْ پَرِينْ سُٺهُ سَنْدا تَهِ پارَ (١)

پيرَ اَسپَ جا اُٿَ جِينْ خَلِقيا خَلقَٽهارَ

سُونْهارا شَه گوشَ پَرِ ڪَنَ ڏِنسِ ڪَلتارَ

ڪندُ گهوڙي جِيَنْ ڪِي تَهِين مُنْهُ مازِهُوءَ جي ڪارِ

پُهرا پُڇُ سَندوسِ جو ڊِگي جيهِيءَ ڊارِ

هَرَڻَ جيهِيُون هَڏِهِين تَهِ جيُون نَرِيُون نِهارِ

جا پُٺِ خَلِقِيَس پادشاهَ سا اَسْتَرَ جيءَ آچارِ.

اِيها اُهِي ڄاڻاسِ، پاڻِ پيغامَبر آچِيا

سُٺِيهُ سَيِئي مومِناهُ پيا جي رازِقَ رنگَ ڏِناسِ. *

مُنهُ سُونْهارو سونَ جِينْ اَڪِينْ گهٽو اُهاءُ

پَسَڻِ پاڪِيزِيونْ گهٽو ياراهُ يَعقُوتاءُ

سُونْهَنِ ڪَنَ اُنِ ڪي موتِينِ جا مَتاءُ

قادِرَ ڪَندُ ڏِنوسِ جو پَسَڻِ فِيروزاءُ

خاصَ ڪَٿُورِيَ بُتِ تَهِ عَنبَرِ اُرُه سَندوسِ

ڪَرِهُ ساراهَ سَنْدي تَهِين جَهِ ڏِيَٽهارَ ڏِنوسِ (٢)

پاڪَ پَلاڻي پَنِيَئي جُهِ ڪيڏو جِنسارُ

---

(٢) سڄاڻاه = سڄاڻو، سُٺه = سُٺو (٣) ڪره= ڪريو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مُحمدُ مَتي مُصطفيٰ سَيّدُ ٿيوءِ سوارُ
جُه ڪَرَ سَيدَ سِرِي، رڪيو پيرُ رِڪابَ ۾
تانْ اَسپُ اَڳاهونْ ٿِيو يَلِي ڪاءِ پِري.
اَسپُ اَڳاهون ٿِيو ڪَدِي پاڻُ پَري
چوءِ مُحمدَ مَنجهامِسَ جو آئُمِ واسُ وَري
جَبرَئِيلُ جواب اُتي سيّدَ سارِئو پوءِ
مُحمدَ هِن هَتَنِينْ ڪِنا تو نِهاروءِ
چَوَ اَڪِينْ جَنِ اوڙڪيا ڪَورَنِ بُتِ ڪَري (١)
لَعنَتَ اُتِيُمِ اُنِ ڪي هَلِي هَتَ ڏري
آئِي بُوءِ پِه اِڳهي جي سائِينْ صَحي وَري
پِڻِ اَسپُ اَڳاهونْ، ڪَدي پاڻُ پَرِ ۾ ٿِيو
جِينْ پِهرو چَڙهي مُصطفيٰ مَهَنْدا مَتي مُون
ته اَچِي آوُنْ، پُتِ جَهلِيان پاهِجي. *
اِيهِينْ آرِ ڪِياءِ، اُپِي اُتِ حَبِيبَ سِينْ
سائِين مَجِيَنه مصطفيٰ پُنِي پوءِ آڏِياءِ *
.جَه سِر "جُمو" چوءِ، مُحمدُ چَڙهِيوءُ مُصطفيٰ
تَعرِيفُون سَنديُون تَهِينْ يَتو يَتِينْ پوءِ
اَسِينْ رَسِيا ايتَرِي ڳِلا ڪري مَ ڪوءِ . *

---

(٢) اصل انيِن


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وَهُوُ سُنْهارِيءَ وارَ، جُنْبِي جَبرئيلَ سِينْ
ڏاري مَلَڪَ مُصطَفيٰ هَلِيا گهڻا هَزار. *
سَتَرِ هَزارينْ جِيَڻي سَتَرِ ڏائِي ڏاهُ
سَتَرِ مَهَنْدا مُصطفيٰ سَتَرِ پُرِي پُواءُ
ٻانهِي ٻيُون ٻاجَهہ ٿِئي سَيَنْون ڪَرِيَنْدو شاهُ
آڏو آؤُ اُنِ ڪي آڇو پَٿُ آڳَياءُ
ٻپِرُ پَرُوڙي پُونْ، مُحَمدَ موتِي پُڇِئو
ڪِهڙِي پَتِ پَهُ ڪري آسينَ آياسُونءُ
جَبرئيلَ جَهْتَ ۾ ماهِيَتَ ڏِيئِيِنْ نہ مُونْ! *
اُتو مَلَڪَ الله جي پَيغَامبَرَ ڪي پانَ
هِيءَ اڳَي آدمَ جي هُئِي ٻَنِي ٻَهُچانَ
مِڙِي مَلَڪَنِ گَڏَ، مُحمدُ مَهنداهون ٿِئي
طُورسينا جو تِتهِينْ آيُنِ ڏونگرُ آڏَ *
وَحْيُ وڏيري پُڇئو تيڏِيَ وِيرَ وَرِي
مُونْ ڪي هِنَ هَنڌَ سَنْدي خَبَرَ ڏِيئِيِنْ نہ ڪَرِي
چوءِ مِهتِر موسيٰ رَبُ سِينْ جَهِ سَرِ ڳالايو
آڏو ڏُونگَرُ آيو طُورسينا جو تو.
هِليو اُنَ هَنْداءُ، جُنْبِي جَبرئيلَ سين
واسُ وَڏِيري آيو پُڻ موچارو مَهداءُ. *


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُتِ پيرُ پَروڙي پُونْ، مُحمدَ مونِي پُڇِئو
ڪِهڙِي پَتِ پَندُ ڪري آسِينْ آياسُونْ
جَبرئيلَ جَهْتَ ۾ ماهِيَتُ ڏِيئِينْ نہ مُون *
مَلڪُ اُپو سِينْ مُصطفيٰ ڳُوڙهي ڳالِ ڳَرَهِيي
فِرعَونَ ڏارِيئِي ڏِيءُڪي دايُون دُرسُ وَرِي
سَيَدَ سُڻِ سَندِيءَ تَهِينْ پَيغابَر پَچارَ
تَہَ ڏَرَ فِرعَونَ ڏِيءُ جا وِينِي ڏوتا وارَ
ڦَٽِي ڦِڳِئِي اُنَ ڪي پيئي هَتانْ ڏارَ (١)
بَندِيءَ نُوڙِي سا ڪَنٿِي چوءِ اللهُ تو آهارَ.
بِيبِي بَنْدِيَ ڏاهُ، پُڇِي بولِي چا ڪِئِي
تو بانِهي پِيو مَنَ ۾ ڪو آهي رِءَ اللهُ؟ *
بَنْدِي بِيبِيَ چوءِ، ويڻُ ورايو وير تَہ
مُون سو صاحِبُ سارِئُو جَہِ نہ جوڳو ڪوءِ. *
تَڏِ ڪَهِي ڪُوارِڙي پِيءُ سِينْ ڪِئِي پَچارَ (٢)
هِنَ بانهِيءَ پِيو مَنَ ۾ ڪو ڏَٿِي تُهائِينْ ڏارَ
وِڏوڙو ويرَ تِهِينْ سَهِي نہ سگهيائِينْ
بَنْدِي ڪونِي لَعَنتِيَ پَرِ ۾ پُڇنيائِينْ
تانْ هَنڌِ اُپي ۾ هِڪِڙِيَ پِئِي نہ بوليائِينْ

(١) ڦِڳِئِي= اُجلِجي ڪري پئي (٢) ڪُوارِڙي= ڪنواري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪَٿاهو ڪوپُ ڪري تاپي تايائين
پَهرائِينْ پُٽرُ اَنَ جو پُڇي وِڌائينْ
پُونڊي مَڇَ مَتاءِ، ٻالڪَ ٻولي جا ڪِئي
جو تو مادَرِ مَنَ ۾ آهي سو اَللهُ
ڪَهِ فِڪرِ فِرعَونَ جو دِرجي ڪِج مَ دَراءِ
"يا اُمِي عَجِل اِلينا" سِکِي آسانْ ڏوٿَهُ آءِ *
وَرَ سين پُڇائي، بَنْدِي وِڌِي لَعنَتِيَ
مُحَمَدَ اِتِ مُقامُ اُني جو آهي *
اُتا اِيءِ آواجُ، پَروڙي پَنڌِ تِيئُ (١)
مُقَدِسَ رَسِئو مصطفيٰ سُنْهارو سِرتاجُ. *
جُنْبِي وِيلَ جَهِينْ، مُقَدّسِ رَسئِيو مُصطفيٰ
حاضِرُ تِيا حَبيبَ ڪي مُرسَلَ ماڳِ تَهِينْ. *
اُتو مِڙِي مُرسَلِينْ تِتي تِنِي جاءِ
آسان ڪي اِمامُ تِي نَرَ نِمازَ ڪَراءِ
مُورُ مُحَمدُ جامُ، مِڙِي سَيِنِي مَجِيو
يَلو هَذِ يَلنِ جي عاقِلُ تِيو اِمامُ. *
"اَلمْ تَرکَيفَ" اُپِي ڪري پِهرِينْ ۾ پَڙهياءِ
"لاِيلافُ" لِکِ ڪري ٻِيءِ ۾ ٻُجهاياءِ

(١) آواج= آواز



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اصْلِ اِمامَتَ جي پَرِ پُوري پارِياءِ.
تانْ پِي اُنَ ماگِاءِ، موڪَلَ مَڱي نِڱئو
مُقَدَّسِ وَتانْ مُصطَفيٰ چَڙهِئو چَرِٽِياءِ * (١)
پُورا ڏاڪا پَنجَ سَئُہ چَڙِهِيءَ جا چَئجَنِ
جيِئِي پاراءُ جوڙِئي مُقَدِسِ کي مَلڪَنِ
مَتي آئي مَنْڍِيا شامِهانا سَينِ (٢)
خَلقَتْهارَ خَلقِئو ڪونَ ڪَهِينْ جي وَنِ
بِهِشتَنِ جي بُراقَ کي عَظمَتِ اِيَ ڏِناءِ
مُقَدَّسِ وَتان مُصطَفيٰ اُتي آيَ تِياءِ
بِهِشتَنِ جو بُراقُ سو عَظمَتِ مَنجِهہ اِهو
وِڪَ وِڏائِينْ هيڪڙي اُتي آيَ وِئو
ڪَني ڪِتابَنِ ۾ خَبَر اِيَ ڪَرِي
وِڪَ هيڪڙِيءَ سِينْ وَءُ چوٽِينْ آيِ چَڙهي
جو نَرُ نَبِيا راءُ، مُحمدَ چَيو مُصطَفيٰ
خالِقَ آيُ خَلقِؤ پِهِرو فِيروزاءُ *
فِيروزَہ جو بادِشاہَ اُوچو آيُ ڪِياءِ
مَتي تہِ مَلڪَ گهٽا خالِقَ خَلقِياءِ
مَلڪَ خَلقِيا مُون ڏِٺي گهاتا ۽ گهٽا

---

(١) چرٽياءِ= چرٽيءَ تي، ڏاڪڻ تي (٢) شامهانا= شاميانا ، طنبو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پَسو سَگهَہ سَندِياسِ، سونهاري سَيين پَرين ●
مَلڪُ خَلقؤ مون ڏَنِيَ پاهِجو ڪري پِرياڻُ
آڏُ بَرفاءِ اُنَ جو، آڏُ جِيرائِي جاڻُ (١)
"سُبحَانَ مَنْ اَلَّفَ بَينَ الفلج وَالنّارِ" سارؤ چوءِ سُڄاڻُ
واڪاڻِي وَڏو ڏَنِي اِنَ پَرِ پَسئِو پاڻُ
ڏِيئين ربَ رَسُولَ جِيَ اُمَتَ کي ايمانُ
پُڻِ مَتاهون مُصطَفيٰ سَيَدَ سَيرُ ڪِئو
آڏو آيُ ڏِناءِ جو تارِنِ ۾ تِروؤ (٢)
ماڻدراڻا مُلڪَہِ ڏَنِيءَ مَنڊِيائين موتِيارَ
سو خالِقَ خَلقِئو مَنجِهاسون سَتارَ
تِيو مَتاهون مُصطَفيٰ سَيَّدُ سَيرُ ڪَري
مَلڪُ مُحمدَ گڏِؤ وَڏو گهٽو وَري
حِسابوءِ هَتَ سِين ڪِيهِي هاجَ ڪَري
جِين ڏَمَرِ ڏهارِيَنِ کي گِنِي پُونِ گري (٣)
مَنجها جِيري مومِناهُ سِپئِي سَنڀاهِي
دائِما دوزَخ جو اُتِياري آهِي (٤)
آچِي پُڇِئو تَہ کي سَيَدَ شاہَ سُجاڻَ
جي تُون هِيُ اُپَتئين تہ آؤن نہ پَسان پاڻَ

---

(١) اڏ برف جو اڏ باهہ جو (٢) تارِن = تارين (١) ڏهارين کي ڏمر جا گَٽ گِچيءِ ۾ پون (٢) اُتياري= پهريدار، درباه

مـالِـڪُ مَلَڪُ اللهَ جــو سَـيِدَ سـارِئـو چوءِ
اُپـتِـيـءَ اُهُـڪـو گـهـٽـو ڏِسَـڻِ ڏاڍو هــوءِ
دانـهِـــي دوزَخ سَــڌِيءِ ڪَنْبِي سَيو ڪـوءِ
دائِـمـا دوزَخ جِـيُـونْ پَـرِيا پَـچـارونْ ڪَـنِ
سَـنَهـانْ لُوهانْ سَنداسِ جي ڏَمَـرِ وِيـرَ ڏِسَـنِ
جـارِيءَ جِـيدا مومِـنـاهُ جِـيـهِـيءَ آجَ اُتـنِ (١)
"شرَرَ كاالـنَصرِ كَانَّهُ جِمالَةُ صُفرُ" ڊراءِ ڊِرجِي تَنِ
تـِـتـي تِـيـهِـيَ ڪـارِ آيـؤ اَمُـرُ اللهَ جـــو
موڪَـلُ آهـي مُصطَفـيٰ.......... سـي ڏيڪارِ. (٢)
اُپٽائي آچِـي ڪـري نَـرَ نَـظَـر ڪِـيـاءِ
تَـهِرَ ڪـامَنْـدا تَـــهِ ۾ ڏه تـولا ڏِنـاءِ
مـاهِيَـتَ پُـجِـئـي مُصطَـفيٰ تانْ بِي سَـنـدِي تَـنِ
هِي هاڻي هِنَ تَڪِيئِي تُون ڪَهُ سَـندا ڪَــنِ
مَلَــڪُ اُتو ڪــي مُـصـطَفـيٰ اِيءَ پَـرِ پَرُوَرّائـي
جَـنِ نَـئِي نِمازُونْ نہ ڪِيُون ڊِرجِـي ڊَرپِ ڪَـري
رِءَ توبَــهَ اِيءُ تَـڪِـيـو اُنِـي جِـو آهــي.
مُـحمدَ مالَ زَڪواةَ جي جَنِ سَـيدَ ڪِئِي نہ سـارَ
دائِـمــا دوزَخ ۾ پَـسُ تَـنِـي جـا پـارَ

---

(١) اصل اٿين (٢) ورق ڦاٽل


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فَرمايو فُرقانَ ۾ اِيءُ ڳوڙرو ڳالهاءُ
”واَقيِموا الصلواةَ وَ آتُوا الزڪواةَ“ ساري سُڀيجاهُ
ياره يَتيمَنِ جو جَنِ مُورِ هِينْ ڪاڌو مالُ
دائِما دوزَخَ ۾ پَسو تَنِي جو حالُ
جَنِي پيتو پاڻَ رَءِ منجها سِڪ شرابُ
ڳهٽو ڏُهلو ڏاڪَڙو اُنِي ڪي عَذابُ
ظالِمَ زَنِي ڪَنِ جي هِجِينْ حق يَجَنِ (١)
چائُرَ چَروءَ ۾ پِيا جَهِ پَرِ خُوشُ هَرَنِ (٢)
دائِما دوزَخ ۾ سا پَرِ سَنْدي تَنِ
ڳلا غِيبَتَ ڪَنِ جي پَرائِي پاڻاءُ
ڏَه تولا ڏِناءِ جي اِي پُٺِ اُنِ مَنجهاءُ
جي پاڙي ڪي پاهِجي اَصل اُهڪُ ڪَرينِ
اُءِ تولا اُنَ تَڪِيِءِ ڳهنگهِريا ڳهارِينِ
جَنِي پاتو پيٽَ ۾ لِيڪِي لابُ وَرِي
مَلڪُ تولا اُنَ تَڪِيِءِ ڪامَهِ ڪَبِ ڪَري (٣)
جَنِي رُوحَ رَنجاٽِيا مائِتَرهِ سَندا مَڏَ
ڏه تولا ڏِناءِ جي اِيُ پُٺِ اُنِي ڳَڏَ
ايهِيءَ پَرِ اِها مُحمدَ ڏِنا مُصطفيٰ

---

(١) هيجين= هيج مان، شوق مان (٢) اصل ائين (٣) اصل ائين


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهِين عَورَتُنِ جا ۽ تولا پِيا
پَٽر مَنجِهه پِٽينِ جي اُپِيون اوسارِينِ
اُءِ عورَتُون دوزَخَ ۾ گهڻگهَرِيُون گهارِينِ
نَظَرِ نا مَحرمَ جي ڏورُاءِ ڏِٺائون
تانْ پاسا پُنِيوُن پاهِجِئُون ڏارَ نہ ڏِکيائون
اُگهاڙِيائُونْ آنگڙا پيٽَ پُنِيوُنْ ۽ وارَ
دايَما دوزَخ ۾ پَسو تَنِي جا پارَ
۽ جي اِنِ ڏوهَنِ سِينْ تَرسِي تَوبهَ کَنِ
"ياايُّهاالذينَ آمَنواُ تُوبُوا اِليٰ اللهِ تَوبَةً نَصُوحا" تانْ پِي تُنسي تَن
پُرِ مَتاهُون مُصطَفيٰ سَيَدَ سَيرُ کِئو
چَڙهِي چوٿِينْ آيَ اُتِي وَڏِيرو وِئو
چڙهيو چوٿين آيَ اُتِي سَيَدُ سُونهارو شاهُ
سو خالِقَ خَلقِوُ ياراه يَعقُوتاهُ
ياراهُ سو يَعقُوتَ جو اڳِي اُپاياءِ
مُلکُ مُحمدَ جامَ کي ڏِکي ڏيکارِياءِ
چَڙهِي چوٿين آيَ کي جُنبِي رَسيؤ جَتِ
بَيتُ المَعمُورِ مُصطفَيٰ تانْ پِي ڏِٺاءِ تَتِ
کِئو پَيدا پادِشاهَ سَباجهي سَتارَ
مَنجها موتِي هيکَڙي خَلقئو خَلقَٺهارَ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُونهَنِ سونا ڪُنگِرا تهِ چانڊُوڻا چوڌارَ
بَيتُ المَعمُورِ قِبلو سَنڌو سو مَلڪنِ
سُونهارا سَنڌا تهِينِ چارِيهَ دَرَ چوَنِ (١)
اَندرِ اُنَ طوافَ ڪي اَچنِ مَلڪَ اَپارَ
دَرانِ سَيڪهِينِ دائِما چالِيهَ هَلهِ هزارَ
وارو وَرِي نہ آئِيو ٻُجهو اُني پِيهارَ.
تانِ پِي تہِ ماڳاءِ، نَبِيَ نَظرُ جانِ ڪِئو
مَنبَرُ ڏِٺو مُصطفيٰ جِيَئي پاراءِ جاءِ.*
ٻيڏاهِينِ تَعظِيمَ پَئِي ٻيٺِينِ نِهارِياءِ
مِهتَرِ عِيسيٰ اُتهِينِ ويٺو وَري ڏٺاءِ
پيغامَبَرَ ڪي پادشاه جُنبِي گڏِؤ جَتِ
ڪي پَچارُونِ پاڻَ ۾ تهَرَ ڪياؤن تتِ.
چَڙهِي چوٿِينِ آيِ، مُحمدَ پُڄؤ مصطفيٰ
پيغامَبرَ ڪي پاهِجئونِ ڳالِينِ ڳرِهاءِ سَبِ.
پيغامَبَر ڪي پادِشاهَ اُبِي اِيءَ اُتاءِ
جِينِ مون ڪي مِعراجَ ڏُونهُ قادِرَ ڪوتاياءِ
چاڙهي چوٿِينِ آيَ سِينءَ نَوازِي نِياءِ.
تِتي ٻِينِيءَ جاءِ، اُتائِينِ نَبِيءَ ڪي

(١) چارِيهَ = چاليهہ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سَتَرِ عالمِينَ اُنَ ۾ هيڏا هيهڙيءَ ڀتِ
بَحر مَنْجهِي ٻِيڏيُو مَنْجهِي نِيرَ نِيانَ
سِجَ مَنْجهي سُوهَڻا ۽ چَنْدرَهِ چانْدراڻَ
مَلڪُ پاهِجو پادشاهُ پاڻِهي جاڻي پارَ
صَحِيُ تَعرِيفَ سَنْدِي تِهِي ڪَهِي نہ پُڄي ڪاءِ
واڪاڻِجي واتِ سينُ تہ ڪا جوڙَ جُڳاءِ.
ڇَهِين آپِ ڄڳِيرُ مُحمدُ رَسِئو مُصطفيٰ
ايڏي حُبَ حَبِيبَ رِءَ ٻِيو ڪَرِينْدو ڪيرُ.
مِٺِينُ ماٺدراٺا ڪِيا سَباجهي سَتارَ
مَنْجها موتِيَ هيڪڙي خَلقِئو خَلقَتَهارَ
پاڻِهي جاڻي پادِشاهُ رازِقُ رَبُ جَلِيلُ
مُحمدَ ڏِنو مُصطفيٰ اُتي عِزرائِيلُ
عَظمَتَ عِزرائيلَ کي ايڏِي اِيءَ ڏِناءِ
نِينْدو ساهُ سَيڪَهِين جيڪي عالَمَ اُپاياءِ.
عَظمَتَ عِزرائيلَ جي اِنَ پَرِ ايهِيءَ هوءِ.
جيڪي خالِقَ بحَرَ خَلقِيا تَہِ سِرِ اُوتِي ڪوءِ
اُنَ ڪَپاراءُ ڪَنَنِ سينءَ ڳاڙو ڳَڙي. نہ ٻُوءَ. (١)
اِنَ پَرِ اِيهِيءَ ڪارِ رازقَ رَبَ خَلقِئُو
آهِينِ عِزرائيلَ جا ڇَہ مُنہَ ڇَهِينُ پارِ

(١) ٻوءِ = ڪڏهن بہ نہ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪو آجو عَرشَهِ ڏُونهُ، ڪَهِ پَسي پاتار
رازِقَ ربَ خَلقِيا ٻيا چَئِني پارينْ چارِ
سوءُ سُونهار نَبِيَهِ.......................... (١)
..................ڪُهِ حَقِ ڪارَڻِ ڪافِرَهِ ڪو
ڏَمرِ ڏُهارِيَنِ ڳَرِ سَپِهي قَضِيءَ لَڪَٽهارَ
تاءُ آچِي پُڇِيؤ تَهِ ڪي پيغامَبرَ پاڻِهي
مَتي جَهِ موتُ تِنئي سو ڪِيَ سُجاڻِي
جو واحدَ قُرانُ خَلقِئو مُنْتَهَيٰ مَتاءُ
عالَمَ سَندا اُنَ ۾ جَمع نالا چاءُ
پَني پَني پاهِجي نالو آهي نِتُ
ڪَڏِهِ مارِنْ لِکِئي اِيءَ سَچِي ثابتُ
پاڻِهي جاڻي پادشاهُ رازِقُ رُوحينْ راءُ
پَناءُ تَهِ پَروڙِيا جو مُحمدَ پيوَنءِ مَتاءُ
سَيَدَ صَحِيُ سَنْدو جَهِينْ پَنو پسانْ پاڪُ
تانْ پِيي تَهِينْ کي ڪَريانْ فانِي سينْ فراقُ
اِنَ پَرِ عِزرائيلَ جو جابُ سُوائِينْ جَتِ (٢)
کي جاڻِينْ روحُ ڪِهو مُحمدَ پُڇِئو تتِ
اُتو مَلڪَ اَللهَ جي سَيَدَ کي سُجاڻَ
مُونْ کي مَعلُومُ ناهِ ڪا پاڻِهي جاڻي پاڻَ

(١) ورق زبون (٢) جابُ= جواب


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سَيدُ سَتِينْ پَسوَ .....................
مِيينْ مانڊارڻا ڪِيا سَباجهي سَتارَ
مِيِنهُ خالِق خَلقِوَ ....................
.................... تَتِ ڄاڻي تو علامَ
تووَ وَهِيڻا تو تِيا پيدا مَنجِهه.........
توءَ تُنهِجيَ ٻاجَهه رِءَ تَنِ پيَرَنِ نه سامَ
نِڪَرنڊا ايمان جِي ڪِهوءَ ڪِي ...........
........... اَمرُ مَجيو تَنِ ۾ لَڳي ڪامَ
وَڃو تہ اِيمانَ سِينْ ڪَلِمُو چَيو مُدامَ
لااِله اِلا الله محمد رسول الله
............ پاتاؤن عامَ کي عُذرَ ڪَنيو ڪِيو
پُڄاءِ مُون نِ پادِشاهُ ڪارَڻِ تَهِ تِيو
اِنِ پاڻِهِي پاڻَ کي ڄيرو نارُ وِڌو
جِينْ لَنگهي ۽ پانِنِ کي مَنگَتهارَنِ ڏيندو
پَسِئو فَقِيرَن کي مُنهُ ٻُڇَڙا ڪَرِيندو
پَسِئو فَقِيرَنِ کي ڪَرِينِ جي پاسَا
..............ڪمَنِ کي پَسِبا تَماشا
آئي ڏِبَنِ هَتَ ۾ ڪَمَنِ جا ڪاڳَرَ
تَڏهِ پاڻهي پَڙهندا پَهجا هَتَ اکَرَ
رويو گهٽو نِڪَري ڇُونداهِ ............

آسانْ عَمَلَ جي ڪِيا سي ڪيڏاهَ وِيا
اُءِ ڏِيارِهُ تَنِ ڪي سَنْڌا جَنِ هُوئا
جِينِي ڪي پايُوه سي عَمَلَ هِيڻَ تِيا
آٿي جِينْ مَيدانَ ۾ ڪوڙِبي جاٿداراهِ
جيڪِي پِيهَئي سو چَڙي ڪَٿِي وجي واءُ
جِهِ هُيَئِي عَمَلَ تَهِڙي..........
"......... ..........عَلَيها غُدُوًا وَعَشِيًا" وِينْجهارا وِئُ
دِسرِياؤن .......... ڪِيو ڪِيوءُ
.... اري ڪي دُنِيَ جي ڪَٿِي جِت........
.......... آٿي هَت..........................
پُچائيندُن پادشاه .....................
نِيو مُتاهُونْ مُصَطفيٰ جِينْ پيغامَبرُ پَنڌِ
جُنْبِي جَبرِئِيلَ جي هَلِي رَسِئو هَنڌِ
سِدرَة سِري وِيا مُنْتَهَيٰ جي ماڳِ
اُتي مَلڪُ اَللهَ جو لاهِي اُيو لاڳِ
اُتِي مَلڪُ اَللهَ جي اُيِي اِيءَ اُتاهِ
هِناءُ مَتي مُصطفيٰ مُونْ ڪي موڪَلَ ناهِ.
تِتِي تيِنِيءَ جاءِ، اُتائِينْ نَبِيءَ ڪي
وَجُ مَتاهونْ مُصطفيٰ قادِرَ لَهِي ڪُراءِ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جَبرِئيلُ ماڳُ جَهِينْ جَهلي آيو پاڻُ
تِيو تِتهِينْ مُصطفيٰ هيڪَلو جيرانُ
مَلڪُ موڪَلِئو مُونْ ڏِٺي جو مُورِهين موچارُ
تَهِ مُحمدُ مَتاهُونْ نِيو جو ڪَرو خَبَردارُ
پَڪَڙاتِيءَ سِرِ پاهِجيءَ وَرَنَهُ وِهارِياءِ
گهڻو مَتاهونْ مُصطفيٰ تانْ پِي تَهِ نِياءِ
مَلڪَ موڪَلِيا مُونْ ڏِٺيَ گهاتا ۽ گهڻا
ڪوڏِ ڪُرسيءَ رَسِؤ تانْ پِي تَنِي سا
خالِقَ رَبَ خَلِقِئي ڪُرسِي ڪوڏُ مَنجهاءِ
سِينگارِئي سَيِينْ پَرِينْ سُونهارِي سَهجاءِ
واحِدَ گهڻو وڏِي ڪِئي آڳَرِ آيَنِياءِ
هيڪُ آيَنِياءِ آڳِرِي وَڏِي گهڻو وَرِي
سِينگارِئي سَيِينْ پَرِينْ قادِرَ وَڏِ ڪَرِي
مَنجهاهُ تِينْ هيڪَڙِي اَصلِ خَلقِئي آڳَ
تارا سُونَهَ سَنڌا تَهِينْ هِي جِي مَٿِي جَڳَ
...مُلو ڪَ جِي لاتِ مانْ جوڙِينِ
تارا سُونَهَ سَنڌا تَهِينْ پَرِ اِيهِيءَ آهين
......تِياري گهڻو ڏِڪِئي ڏِناٺِينْ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تيو مَتاهون مُصطفيٰ تانْ پِي تِتائينْ
..... تِتهياءِ مُونْ ڏِٺي تِتي تِنيءَ وارَ
حِجابا حبيبَ کي آيا گُهٽا آپارَ
هنڌورا حَبيبَ کي ........... آتِ کِياءِ
مِلکَہِ هَتانْ مُصطفيٰ اُتي عَرشِ نِياءِ
خالِقَ عَرشُ خَلقِؤ وَڏو گَهٽو وَرِي
تعريفون سَنديُون تَهين سگهي ڪِيرُ ڪَري
لَکَ اَنايَہُ اُن جا پايا پاکَ سُڄنِ
کِئو جوڙِ هِي موميناهُ مَتاهون مَلکَنِ
پاپي پايي پاڻَ ۾ اِيڏو وِڇُ ڪَري
لکَ اَتايَہ اُنِ جا آهِينِ وَرِهَ وَرِي
پُوئِينْ آيَ الله جا ڪوڏِ کُرسِياء سِيِيءَ
جين مُنڊيِرِي مَيدانَ ۾ ۽ عَرشَ پِٺا ڏَرايِيءَ
ناهِ قاعِدو ڪُنْگرينْ، پايَہِ پانڌُ نہ ڪوءِ
عَقُل اُتِ آساهِجو جُڙي نہ "جُمعو" چوءِ
ايڏي عَرشَ عَظيمَ کي جُنْبِي رَسِئو جَتِ
ڪوءُ سِهي سِينْ کِيءَ چَڙهانْ، تَهرَ پِاياڻينْ تَنتِ
دَرِگَہِ پاراءُ دوسَ کي آؤ آمُرَ نجاءُ

(١) لک اناية= اناويهہ لک


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مَتان لاهِئين مُصطفيٰ اِيءَ پاهِجي پيراءُ
اُتي عَرشَ آساهِجي اِنهِي سِين آءُ
پوءِ هلنڊي هيڪَڙو ڪو ڪَتَرُ ڪَفْشَ مَنجهاءُ (١)
آصْلِ بَرِڪَتَ اِنَ جِيءَ جُنْبِشَ چَڏي جاءُ
مَجِي چَڙِهئو مُصطفيٰ پُٺِ ڪي پيرَ ڪِياءِ
تَڏِهِ عَرشَ اللهَ جي تاهَرَ پُڄِتي تاءِ
سُٽِيهُ ڳالِ سَنْدِي تَهِينْ جا پيرَهِ ۾ پوءِ
مِهتَرِ موسيٰ کي لاهِرائِ طورسِينا سِرِ توءِ
تہ لڳي پَٽِي پيرَنِ ۾ تِيئِي مَرِهيانْ تو پوءِ
مَرْ جانْ عَرشَ اُتي چڙهي مُحمدَ موڪَلَ هوءِ
حُرمَتَ اِنَ حبيبَ جِيَ پَلَئُو پانْدُ نہ ڪوءِ
پاڻِهِي جاڻي پادِشاهُ سَباجهو سائِينْ
مُحمدُ مَتاهونْ ٿِيئو تانْ پِي تَتائِينْ. (٢)

تانْ سو پَنڌُ پَرکُ، عَرشانْ مَٿي جو ٿِيو
سُڪا نَپاڻَ سُجانِ ڪي آنْدو اَلتو لَڪُ
صَحِيْ سَيڪَهِينْ مُصطفيٰ داخِل دُرِسُ ٿِيو
پاڻو آڻو سَيَڪو وَرِهي لَڪُ وِيو

(١) پوءِ= پوي. ڪتر= ذرو. ڪفش= جُتي (٢) اصل اٿيو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گھڻو ڏنائين ڏيهه، تيو مَتاهون مُصطفيٰ
دَرگه پاراءَ دوسَ کي آوَ آمِرِ اِيهُ
حُرمَتَ سِين حَبِيبَ کي اوڏو اُپياريهُ.

تَهِرَ پُچايو پادِشاه قادِرَ قُدرَتاءَ
........"قابَ قوسَسِينَ اَو اَدنيٰ" آجا اوڏو آءَ
جين ڪُنڊيءَ ڪَمانَ جا ٻَئي گوشا گڏجَنِ
اِنائين اوڏو تِيو مَهَندا پاڻَ ڏَٺِيَنِ
دَرگهِ ۾ دُرسُ هُئي جا اوڏِي اِيهيءَ يَتِ
جِهلِي رَحَمَ رَسُولَ نِئَي تان پِي ....... تي تَتِ

تانْ پِي تائين پوءِ، مُحمدَ پُڇئو مُصطفيٰ
قادِرُ هِيءَ تُوکُ ڪِهو جو هِهُون اوڏو هوءِ

آئِيو آمِرُ اللهُ جو سَيِدَ کي سُڄاڻَ
جِهلِيَ رَحِمَ رسولَ هِيءَ جا تو پُڇِئِي پاڻَ
آئيو آمِرُ اللهُ جو مُحمدَ کي موتِيارُ
جِهلِي رَحمُ جِنِهِ جِي آؤنْ اِنِياءَ پيزارُ
جِهلِي رَحمُ جِنِهِ جي دَراءِ نه دِرجَه ما
گَڏِينده سين گَڏِيا چِنا چِنَنده سا
جِهلِي رَحَمُ جِنِي گِرِي هِي جي قَطعِ ڪَنِ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جاءِ جَنّتِي ناهِ ڪا، تانْ پِـي سَنڌِي تَـنِ
"لاتَدخُلُ الجنّة قاطعَ الصّلوة الرّحِمِ" عالِمَ اِيءَ چَوَنِ.
تِتـي تِهيـن ڪارِ، آئِيو اَمْـرُ اللهَ جـو
هـيـنـاهُونْ حَبِيبَ تان نَظرُ ڪري نِهارِ
هـيـنـاهـؤن حَبِيبَ تِيـنْ نيـٺيـنْ نِهارياءِ
تان نُوراني نَـدَڙِي ڏِيئـي سِيـنءَ ڏِنـاءِ
تَـهِـرَ پُـڇـائِيـنْ پادِشـاهَ پاهِـجـي پَريـائِ
ڪِ جـائِيـنْ توڪُ ڪِهو هِيُ جو ڏِنـوءِ هـائِ
مُـحـمدَ پُڇيئو مُـصـطفـيٰ تِنـي تِـيـڏيءَ وارَ
مُـون ڪـي مَعلُومُ ناهِ ڪا تُهِجي سَـگـهه سَـتـارَ
اِهـو اُتاهُونْ مُصطفيٰ سَيّـدَ سَيـرُ ڪِـئوءِ
هُـونْدو عَـرشُ آساهِجو ڏِيـئـي جيـنءَ ڏِنـوءِ
مَلَـڪُ اُتوءِ مُصطفـيٰ تـوڙِي نَبـيَ توءِ
مُـحـمدَ هِـنَ مَڪانَ ۾ ڪَهِرَ نہ آنْدُهُ ڪـوءِ
...... سَيـيـنْ پَرينْ هُـونْـدِ هَڏهِيـنْ جَـنِ
پَهِجا پـيرَ يَـرِي سـي مَـرْ حَـجِ هَلَـنِ
مـيـڙِي مـالَ زَڪواةَ جـي ڪَڍِي ڪانَ سَگهنِ
جـوڙَ سونْهـارِ جَنَّـتـون تانْ پِي ڏِينْـدُسِ تَنِ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مَڃي موٽيو مُصطفيٰ اِنَ پَرِ ايهِيءَ پَتِ
مِهتَر مُوسيٰ مومِناهُ تانْ پِي گَڏِيُسِ تَتِ
مَهتَر مُوسيٰ پُڇِئو اُتي اُپِي اِيئَن
اُمَتَ سَنڌِي اِنَ پَرِتاڪَهُ ڪِيئِي ڪِيَنْ
سَيَدُ سَنئِياٽِي وِيو ڳُوڙِي ڳالِهه ڳِري
مِهتَر مُوسيٰ ماڳهِينْ وَرايو وِري
تُون وَڃُ موٽِي مُصطفَيٰ وَڌِيرا وَرِي
اِيءَ اُمَتَ کي اِنَ پَرِ ٿِيَنْدي ڳالِهه ڳَرِي
وِينِدي ڪاٿِ ڪَرِيمَ ڏُونهُ مَتانْ ڪَرِئِينْ ڪاءِ
.... بادِشاهُ اَڄُ سَيَدَ سَيَ سَنڌِياءِ
مَڃي موٽيو مُصطفيٰ اُمَتَ جو آڌارُ
جيڪا محمد ........ چاٽِي سَيَ سَتارُ.

وَرِيو سُونهارِيءَ وارَ اُبِينو عَرِضْ ڪَري
عِبادَةَ............... سُهْلِي ڪَرِ سَتارَ.

تانْ پِي تائِينْ پوءِ، اُبِينو عَرِضْ ڪري
عِبادَةَ...................سُهلِي هوءِ
پَنجاهِيا پَنْجَ ڪِيا پَرَ پِيرا ڏِيئي
مُحمدَ ڪِئو مُصطفيٰ سُهْڪوءُ سيئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پَري جامُ جَهتِ ۾ منجها خاصي ڪِيرَ
اُتو مَلڪَ الله جي اِيي پِيءُ اَمِيرَ
پيغامَبَرَ پُچِي ڪَري مُحمدَ مُنهِ ڪِياءِ
(١) ڪِي پِيتائِينَ پاڻَ رَءِ ۽ ڪِي اُبارِياءِ
اُيو مَلڪُ الله جو اِيءُ سَنِيارؤُ چوءِ
جي مِڙوئي مُصطفيٰ پيغامبَرَ پِيتوءِ
تہ اُمَتَ وِيئِي اُبهِي ڪيهِي آڙِئو نہ ڪوءِ
مُورِ نہ پِيتوءِ مُصطفيٰ ساري سَبُ سُجاڻَ
آجا ڏُهارِيَنِ ڪي ڪا پُٺِ آهي آڻَ
اُيو ماڳِ مَلڪَ ڪي سَيَدُ سارِئو چوءِ
جِينِي سَيوئِي پِيانُ جي مُونُ موڪَلَ هوءِ
مَلڪُ اُيو سِينُ مُصطفيٰ اِنَ پَرِ عَرضُ ڪَري
(٢) تانُ ئي پوءِ نَبِيءَ نَظَرُ جانُ ڪِيو
رويو گهڻو نِڪَرِي چُونڊا تِيانُ هِيتِيءَ
فَضلِ چُتهُون بادِشاهُ عَدلِ ڪَرِ مَ اِيءَ
اَسان طاقَتَ ناهِ ڪا هاڻي ڪَرِيُه ڪِييءَ
آسين بَنُدا تُهُجا مِنَتَ ڪَرِيُه هِييءَ
ڏوهَنِ مَتو ناهِ ڪو ڪرايُهُ شَيطانَ

---

(١) رَءِ= پاڻ لئہ (٢) هن کان پوءِ ورق زبون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وَهَمْ آئي هَتَ ۾ تَهِرَ ڪِيوءِ ڪاءِ

ڀَايُونئِي هُونْدو ڪو ڀِيو مُونْ نہ تَڙِبنْدا تاءِ.

ڪِيِنْ ڪَرِيانْ سَجِدو آدَمَ ڪي آڳِياءِ

.........خَلِقيو هو مِٽي مَنْجهاءِ (١)

"قَالَ اَنا خَير مُعَنِهُخَلَقْتَنِي مِنَ النّار وَخَلَقْتَهُ"

........................................ هتاءِ (١)

ڪَمَ سَيِئِي پاڻِهي ڪارِيئِينْ ڏِيئنْ ڏوهَ ڀِئَنِ

.................... اناءِ اِيُ ڳالهاءِ ڪِيوءِ جِينْ (١)

شَيطانُ ڪَري مُونْ کي پُڄِتوءِ کي ماڙَنِ (٢)

"قَالَ فَخْرُجْ مِنهَا فَاِنّکَ رَجِيمِ وَاِنکَ عَلَيکَ لَعْنَتِي اِلَي

يَومِ الدِينُ" حُڪَمَ اِيءِ وَهَنِ

مُونْ وَجَايو اِن کي هو ڪُوڙو شَيطانُ

ڏوهُ ڪَرائِي ڏِيہَ کي گهَنگَهرِ وِڌمِ پاڻُ

جَوابُ ڪَرِ تَنِ جو جي ڪارائِينِ ڏوهُ

لِيڪا ڇَڏِ پاهِنجا سَيَرُ ڪِيمَ سوهَ

جِينْ تو پانيو نہ رُوحَ ۾ تہ آؤنْ ڪَرايانْ ڪِينءَ

مَتانْ سو پُڇِينْ مُونْ سَندو ڏِيہَ ڏَٽِيءَ

جي کي گهري سي رکي ڀِيا ڪارائِي ...

---

(١) ورق زبون (٢) پڄتوءِ =موڪليوئي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اِلـٰـهـي عـبـد کـي الـعـاصـي اُتــانْ ڪـارِ
"سـقـرا بـالـذنـوب ........................*
..........ڪـيـوءُ چـارِي پَـهَـرَ دايم پـايـو دامَ
ڦُـرِوُ فَـقِـيـرَنِ کـي ويـنـا ڪِـٺَـ.........
............ ظَـالِـمِـي مِـيـڙِي مَـالَ حـرام
ڏاءُ نَـہ ڍراپَنِ ڪِيَهِي هِيئِـي نـہ چُئُـبِـينِ هـامَ (١)
...............اَيـاڳُ کـي لَـکـا لَـبَ لـڳـامَ
اِنِ ۾ ڏِسَـنِ ڪـيـتَـرا پِـيـا پُٺِ ڳـهـٽـا خُـنـامَ
..........پُـجَـهـنِ ڪِـيَهِـي مُورا جِـي بَـدرامَ
شَـرَعَ نـہ مَجِيـنِ سُـجَ سِيـن اوڏا نـہ اسـلامَ
.........بَـڪِـيـو ظَـالِـمِي مَجِيـن نـہ اَحـڪـامَ
وِرِسِيا ڪَـنِ وَڏايُون جَـرِيـا بَـڪِـيَ نَـامَ
..........تِـيـنـدنِ سامُها اَجُـکِ ڪـالَ لَـڏامَ
هَـلائِـٺَـدَنِ ڏِيهَ ڏي ڪـارِي ڪَـرِي ڪِـمامَ
.........ڪُـورُنِ ۾ نـبِـيِـئِي مَـنـجِـهـ مُـقـامَ
پُــجَـهِـيـاءِ ڪَمَنِ کـي سَـيِـيـئـي اَنـامَ
...................ڳُـزارِيـئِي هـيـڪـلـي هِـيـڪـامَ
واءِ وِيـــلـو تَنِ کـي ظُلْمُ جَنِي جو عـامَ

---

* هي سجو ورق زبون آهي .(١) اصل ائين


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

.......... يـظـلـمـونُ ڪي جَـنِي وِڏا دامَ
سـي آجـارِئا آهُـونْ.......... ڪَـنِ.......مـامَ
...............هِـنَ پَـرِ سِـيـنْ اِڪـرامَ
"لبيڪ لبيڪ يا عَبدڪ اِن لم احڪم بَينڪَ وَبَينَ من"
..............هِـي اِنـداسـي آيـامَ
پـولِـبا چَـوگـانَ ۾ ظـالِـمَ ۽ آظـلامَ
..... تِيـندي تـنِ سِيـن جـا پَـرِ سيـن آنـدامَ
هـارِيَـنِ حِـلمْ نـ ڪِـئو هُوئا گَڏُ........
...............صـوابَ ۾ هُـوئـا گُرِئـا پَگامَ

# وفات پيغمبر عليہ السلام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم الله الرحمٰن الرحيم ۽ پيغمبر عليه السلام

ڏوهيڙو جو هيڪ ڏينهن جو ڪاهه مالڪ بابو جو ڏي ٻاجهي سنگار

نيت تا اندر جي جندڙن زنين جلاء انبراڊت نهو سا ڪتي ڪار

جنهن جبا ٻئين نفو انگي کوءَ اکوٺ ڪريا جو صاحب سڪيون جو انجه جڳ

ٿين گاڏي ڪنهن کي انگي ڀورڪ ڏويش نکي بحر بيدي نو ڪي کوءَ ڪريشن

جو صاحب سڪيون جو ڏومو هيش بعزو ناڪيا ڏبرت بين جي بدرو

ڪانڪ اڳا مو ڏي عالم ابايا ڏبود ناجي آپي ٻاري بان جيا

جيلي شغو سبايا جهڙ باري مي تکيوا ب ري تيني تا هر بابو سر دلو دناء

مهر محمد عربي ماڌا نا عديا جدڙن تارا ڪتيغ اوڏو ابايا

سچ سبا جي تکهي اوڏا جي لاتا ڏنيري وعاڪي نينهن جي غوڪر دهش

هيني جي مو ڏي آدم ابايا ڏ نور محمد جام جو تيغ رڳا يا

ڪو ڏي تا ڪيتر اجين سنا جنس ڪيا ونهاري پي تيغ ڏوري

هو صاحب سڪيش جو ڏين جتر ڪيا الله عالمي ڏلي مهر ٻان

ڏاجين پيرا جيئو سلطاني سلطان اتي پيرو ابدڪي ابراڪي فرماني

ڪتي ڏوم رسولڪي ويڃاري بار ڏئي تو ياري ڪراجيو رهبر ڏو ريڪان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[٨]

# وفات پيغامبر عليه السلام

بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

هوءِ هيڪوئِي هيڪُ ڏَٺِي جَڏِهن جوڙَ نہ ڪاءِ
ماڻِڪُ اُپايو مُون ڏَٺِيءَ پاڻِ جِي سَگهاءِ
نہ سي تارا تَڏِهين چَنۡڊُ، نہ رَبن چِلاءِ
آنبَرِ آڏِتُ نہ. هُوءُ، نہ سا ڪَتِي ڪاءِ
جِنَ جِياسَڻَ نہ هُوئا نَڪِي گهوڙا گهوٽَ گَهَڙِياءِ
هئوءُ صاحِبَ سَگهہَ سين هوئَڻُ جَنبہِ جُڳاءِ.
نہ سي ڪاتِي ڪَنڊِ ڪِي نُڪي وَٽَنَ ويسَ
نَڪِي بَحرَ بيدِيُون نَڪِي ڏُونگَرَ ڏِيسَ
هوءُ صاحِبُ سَگهہَ سين هوندو جو هَميش،
پِهرو پاڻُ ڪِياءِ، پِرتِ نَبِيءَ جِيءَ پَدرو
ماڻِڪَ منجهان مُون ڏَٺِي عالَمَ اُپاياءِ
دُرودَ پانهجي دوسَ اُتي پاڻِهي پاڻِ چَياءِ
سَجَڻُ سو سَنياياءِ، جَنہِ تارِي ۾ تَڪِيوءِ.
آيَ رِءَ تَنيِي تاهَرِيا، پُنۡ سِرِ ڏانڊُ ڏناءِ (١)

(١) تاهري=ابيهاريا، پکيڙيا (٢) زمين تي ڏاند. ڏناءِ جيڪو هر ڏيئي زمين کي پوک لاءِ تيار ڪري ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مُهِرَ مُحمَّدُ عَربيَ ماٺداٺا مَندِرياءِ
چَندُرِ تارا ۽ ڪَتيُون اوپَرِ اُپاياءِ
سِجُ سَنباهِي سيگهہ ۾ اُوٺداهِي لاٺاءِ
نَرءِ وَهائي نِيرَ جي ڏونگرِ ڏيسِ وِڏاءِ
مِٺِيءَ مَنجها مون ڏِٺي آدَمُ اُپاياءِ
نُورُ مُحمَّدَ جامَ جو تہِ ۾ رکاياءِ
ڪوڙين تان پِي ڪيترا جِنسا جِنسَ ڪِياءِ (١)
ماري سي مَحوُ ڪري دوري گُهرياءِ (٢)
هوءِ صاحِبَ سگهہ سين چوڏِسِ چِٺر ڪِياءِ.
آللهُ عالِمَنِ ڏِٺي مِيونْ مِهربانُ
راڄِئين سِرِ راڄِيو سُلطانين سُلطانُ (٣)
اُترءِ عزرائيلَ کي قيرائيِ فرمانُ (۴)
گِنهَنَ رُوحَ رسولَ کي وَنۡءِ پکاري پانُ (٥)
چوءِ تو ڪوٺائي راڄيو رَه رِيڏو رحمانُ.
تان تُن آءُ آسان گَري مُرسلا مَهندارَ
پِرين پاٺا ڪارَڻِ تو حُورِہ مُنهجيءِ هارَ (٦)
قَمُرَ ڪَوثَرَ قِبلا آنديَم تو آهارَ

---

(١) ڪئين جنسون پيدا ڪيئہ (٢) اصل ائين (٣) راڄئين سر راڄيو =حاڪمن جي مٿان حاڪم، بادشاهن جو بادشاه (۴) اُترءِ= چيائين (٥) پڪاري= پڪ ڪولي، ڪنپ پڪيڙي (٦) حوره منهنجي ۽ = منهنجين حورن


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حُڪمُ اِيہُ تيو، جَڏهِ عِزرائيلَ کي
تہ تون وَنءُ حبيبَ ڏُونهُ مَولي پاڻِ چَيو
پَروَرِدگارَ پاتِشاهَ اُتو عِزرائِيلَ
صاحِبَ سَباجها ڏَٿِي رازِقَ رَبَ جَلِيلَ
جوڙِي جِيمِيُو جَنَتُون، ٿَيءِ وَهايَئِي نِيرَ (١)
عَرشُ ڪُرسِي تو ڪِيا ڪارَڻِ مُحمدَ مِيرَ
جِيءُ هِنيُونْ قُلُوبَ ۾ سَاهُ اَندرُ سَرِيرَ
اِيءَ خَبَر خارِي ڪَٿِي ڪِيءَ وَڃان ڏُونهُ وِيرَ
مِهَرَ مُحمَدَ عَرِبِيءَ ڪوڙِين ڪوڏَ ڪِياءِ
سَهْس اُپائي سُوهَڻا مَحَلي مَلڪَ مُڪاءِ
........عِزرائِيلُ چوءِ دِرڃان تُنهجي دَراءِ
گِنَهڻُ رُوحَ رَسُولَ جو مِيانْ مُون نہ جُڳاءِ
دُرُود ڏِجُ دوسَ کي تون وَنْءُ ڏيج سَلامُ
چَوءُ جَنِ ڪَلِمُو واتَ ۾ مَڱَرُ تَنِ حَرامُ
تو جا مُهڙِ ٿِي سُوْنهَ سَيِني نَبِيَا
فانِي جو مَڪان ۾، دوسَ مُنهجا دُورِ ڪَرِ
.............۾ مورَ تي وَنْءُ وَهْلو آءُ (٢)
مَٿي ڪَرِ سِي ڪَپڙا جي نَبِيءَ جي نُوراءُ

(١)جيميون= جي مُيون= جيڪي موڪليون يا پيدا ڪيون (٢) ورق زيون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيٽرِي پَچي ۽ ڪُري صَدايُون سِرجَڻَ هار (١)
ڏَرُ......... مُنْجي پاڻَ ڏي آڪارُ.
تُون سُڻِ عِزرائِيلَ، عَرضَ مُنهنجو هيڪڙو
تُون جا ميڙَ نہ مَجِي.... آدب عرب جَلِيلَ
حُڪمَ سين حَڪِيمَ جي ڏُوجا ڪِها دَليلَ.
......... تَنِ سينءَ تينءَ ڪِياءِ
هُوا ڪو حَڪِيمَ جو اَمُر اورانگِهياءِ
آعرابيءَ .....آيو... ڪِيا پاتاءِ
شُڪُرُ سَچا راچِيا سِرَ اُتي سَناءِ
.............. مَجِيُ مَرِمَ مُڪاءِ
زَڪَرِيا ڪي جانِ ۾ ڪَرَتُ قَهرِ وِڌاءِ
...................... سين قُوڙاؤ ڏِناءِ
يَعقُوبُ يُوسَفَ کي لِڱينْ لُچاياءِ
......... ۾ رَحْمَتَ مَنجِهہ رکِياءِ
اسماعِيلُ پَڪَرُ جينءَ ڪاتِي ڪُهاياءِ
......ڏيڪاري ڪري قَهرِ قَرِيبَ ڪُناءِ
اُمَتَ مُهنِجي ڏِيري تان پَلا پاءِ
عِزرائيلَ رَسُولُ چوءِ، تُون وَنءُ واحِدَ سِينْ

(١) پيٽرِي = ڏيءَ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نَبِيءَ سَنڌي نُور جَڏهِ لُوئَا لاڏاڻو ڪِيو
آپِيـنْ اوراڇا ڪِيا وَرَ سِر..............
مَڪي مَديني جا گُنجِيا ڪَهِين گوڙُ
جِتي ڏيندو دوسُ ساڳي پُونْ پَوارِيءِ
نڪو رائُرِ ڏيهَ ۾ نڪا اُتي..........
پَردي آندر پوشَ ڪا ڳُجهِي آهي ڳالهڙِي
چَپَرُ تِيو شُعاعُ، رَهِئو راءُ رَهِي
جِتي جامَنِ وِهَٽو، تِتِ مُردَنِ ماڳُ ڪُواءِ
"وَمَاكَانَ اللهَلِيُعذِبَهُ وَانتَ فِيهِم" مولي جِيُون چاءُ
وَجو تہ اِيمانَ سين ڪَلِمو چَئو مَهاءُ
لااله اِلا الله محمد رسول الله



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حِڪَايَتِ

جَنهن ڏِينهن ڪَرِيه عقبي ڇَڏي تانس امر جي الله جا بارِ لِيه بر بعاتِ

ڪلمو ڪَڍي رُوزا بَرِيه رکِيه جو ڪي مال زڪوات ڏي حج ڪَرِيه

فاطما محمد ڪي بارِ ڪِي رکانئِي جو جُهڙت ايمان ڪلمو باڳ بَرِيه لا اله الا الله محمد رسول

ڪِيرو وبازِ بِسمِ اللهِ الرَّحمٰنِ الرَّحِيمِ ه

تما اهي سُوڌِي جِيني تا جبار نبي جِهِ خلقيو سُوهارو سردار

تِيتا جو مهتمي دار نبي با ڪا اُمتا نا اَجي ڪِئي تا نيهن باڪار

اَجي بِيو مهتمي ڪَري جڳ ڪِيرو نا سعد ڪي ساه ڪَرِي ڪهيو اي ڪَيبر

نبي مهجي ڪالڙي وِيهي سنڀ ڪي اَج مهجي مصطفيٰ بيت نبيو آن

بجا هتم نِدرا مڪم جڳ وري نبي مو باز ليو ويڌ ٿن هَني

نبي هو باز ليو سعد ز ستر الو مو مار ليو ومنو سبي سڀجا لو

نبي ڪهي رمڪو شيتو ڪي بازي ڪي جيد ابجراجي مو ڪي مارِ يه

ڏِيڌي اُده ورن سي ڪِيرو ڪب تمام باهجي هو ازي ٿجا وسبا م

مارِ نهي ڪا بيري تجي آه نبي جي باز جي مو تو ڏِي ڏاه

ڪيرو مو نبي ڪي بري ڏاه ڪري مون جديد و بازهي ڏِسي مرڪي

تا مهت بازي سڪليني اَجي اُو باج نبي رڪم با ڪي ڏي مهجو ڪا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# معجزو ڳيرو ۽ باز *

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيمِ

ساراهِجي سو ڏَنِي جينِي ناتْءُ جبّارُ
نَبِيُ جَهِ خَلقيو سُونْهارو سَردارُ
وِيتا هُوئا مِهْتِ ۾ ڏارِي نَبِيءَ يارَ (۱)
آسِماناءُ آچِي کِئِي بابِهي باکارَ (۲)
آچِي پِيو مِهْتِ ۾ پَئِي پَڄِي ڳيرو
سُڏَکِي ساهُ کَٽِي کُهيو ۽ کيرو (۳)
نَبِي مُهجي ڳالهڙِي ڏِيئِي سُڄ کَنُ
اَڄُ مُهجي مُصطفيٰ پيتِ نہ پِيوءُ آنُ
پچا هَتِمِ تَنڌَرا مُکَمِ مَنجهہ وَٽِينْ (۴)
پُٺيءَ مُون بازُ پِيو وِيندِي تَنِ مَٽِينْ
پُٺيءَ مُون بازُ پِيو سَدرُ سَنَراٿُو
مُون مارِيندو نِمُٽو پَسِيْ سِيچاٿُو
نَبِيَ کِهِينْ رکُ مُون سَترائاءُ ساري
کِيَنْ جِيَنْدا بَچَرا جِينْ مُون کي ماري
ڏِيندي آڏهْ وَٽِنِ سَيِنْ کيروُ کَنيَ تِيامِ (۵)

---

* اصل، قصہ کيرہ وباز

(۱) مهت= مسجد (۲) بابِهو= ڳيرو (۳) کهيو ۽ کيرو= تکل ۽ سائو (۴) مٽين= ڏانهن

(۵) آڌهہ= آڏون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاهِجي هولِ پَٽي ٻَچا وِسَريامِ
مارُ نہ پَسانْ ڪا ٻِئي رِءِ تُهُجيءَ آنَهَ
يَئُبي يِجِي بازَ جي مُون تو اِڪِيانْ ڏِني داڻَهَ
ڳيرو وِيو نَبِيءَ ڪي سُرِي دانَهَ ڪَري
مون نہ چَڏِيندو بازُ هِيءُ ڏِسي ڏَمَرِڪَري.
تانْ مِهْتِ دَرِ سيگهہ ۾ آچِي آيو باجُ (١)
نَبِي رَکْ مَ پاڻَ کِي ڏي مُهُجو ڪاجُ
اِيءَ آهيڙو مُهُجو ضايا ڪِج مَ تون (٢)
سَهسِين سَڻُونْ ڏِنيُون اِنهي ڪارَڻِ مون
آجُ سَجُوئِي اُجِهيو تانْ مُون اِنَ پُواءُ
اچي جانَ جَهبَتِ ۾ تا تن...........واءُ (٣)
آهيڙو اُجِهي ڪَري اِهو آجُ ڪيومِ
سَڻُون ڏينديِ سِينَهُ جِينْ هِيٺُو هَڏُ تِيومِ (۴)
نَبِيءَ چَيو بازَ کي هيڪَرَ آءُ اوري
ڏِيئِينْ پاپِيهي سَڻُونْ تَنَ مَنجهار توري (۵)
پَکَڻَ چَڏِينْ پَدَ تي الله جي توري (٦)
پَرَ مارِئو، تُرَ تورِئو، آسِينْ کِيَهُونْ نہ مُولَ (٧)
...............ڏِيارِ مُونْ نَبِي جامَ قَبُولَ

---

(١) باج= باز (٢) آهيڙو= شڪار (٣) ورق زبون (۴) سينه= شينهن (۵) منجهار= منجها (٦) پکڻ= پکي (٧) پرماريو= پرايو ماريل. تُرتورئو= تارازي ۾ تُريل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پَرَ مارِيو، تُرَ توريو، کِينَ لُوٺاٺا باجَ (١)
آسان واسُ وَٺنِ سِينُ مارَڻُ اِها هاجَ
نَبِيءَ چَيو بازَ کِي ماهُ مُهنجو جَهلِ
ٻَهَڳُڻَ ٻاپِيهي سَڱُونُ تَنَ آٽُڙَنڊو تَلِ
ماهُ جو سَندو نَبِيانُ نہ سازِيندي يُونُ
آؤُن کِيَن چَوان واتَ سِينُ سَيِني سِرُ تُونُ
سِرُ سَيِني نَبِيانُ مَٿي اُتي مانُ
ڏِي ٻاپِيهو پَڌَرو تہ سو کوهِيُ کِيانُ
نَبِيءَ چَيو تَڏهِين تِيلِبُوُ کِهڙو
بازُ نہ وٺِينُ ماهُ پِيو، ڏِبو نہ ڳِيرو
ٽِريُ سَڱُ اَصحابَنِ جِي چارِ سَڱُ وِيترِ ڏار
ڳِيرِي بَدَرِ بازَ کِي کارُونُ کَنِ اَپارَ
آٽِيو آلِي سَيکو سِيچاٽِي کي پاڻُ (٢)
ماهُ مُهنجو قبُولُ کَرِ پَکَڻَ کَرِ مَ سَتَراڻُ
آؤُن آهِيڙو سو گُهران جو مُونُ واتِ جُڳاءِ
ڳِيرو ڏِهُمِ تہ کِيانُ ٻِئِي مَ کانُءِ کاءِ
کِئِي مُناجاتَ مُصطفيٰ ٻَئِي هَٿَ کَٿِي
ماهُ مُهنجو بازَ کِي کارِ قبُولُ ڏِٿِي

---

(١) لوٺاٺاباج= لُوهون ٺينڊو باز (٢) الي= آچ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هِيُونْ ڪَرِينْهِيس ڪُونـئُرو هِـهو واڌُ جَـهِينْ
رِزقُ رَسَـائِيـنْ راڄِيا سـاري سَيَـڪَهِينْ
چَـيائِينْ ڪِـياءِ تُون چَوِين ڪـاتِي پاياڻْ تِياءِ
ڏِيـان ڏيـلُ اللهَ لَـڳِ پِـيو نَہ مَـڳِـينْ جاءِ
سـائِيـن ڪارَڻَ سَـتُ تو جانْ ايـڏو ڪِـيوءِ
مُـنْـهَ وارو مـاهُ ڳُهرانْ وَتـانِ ڪِـينَ پِـيوءِ
پَـنْـجَ وَقـتَ چُـونْـدوئِـي ڪَرِيـن ڏَيْءِ ثـناءِ
وَڍي ٻـاپِـيهـي سَـنـئُونْ تـوري ڏِيـنْهِ تِياءِ (۱)
نَـبِـي ڪـاتِـي ڪَـڍِئِـي تـارازِي آٿِـي
اَڇِـي وِيـنو بـازَ وَتِ تـانْ ڳِـيرو تـاٿِي
تـتِ ڳِـيري ڳالهايو يـا مُحمدَ آؤُنْ سو جَـبرَئِـيلُ
سيچاٿِي جِيءِ صُورَتَ جو مَلَـڪُ سـو عِزرائِيـلُ
ڏَٿِيءِ مُڪـاسُـونْ پَرڪَ ڪـي سَـچِي رَبَ جَـبارَ
دِيـنُ تُـهُـجو مُـصطَـفي وِيـران وِيـرَ اپارَ
دِيـنُ تُـهُـجو مُصطفـي ٻُـڌو ڏِسي ڏِيـهَ
چَـنْدِيهُـونْ سا آکِنِ سِينْ جا تـو لَڳي ڪِـيهَ
مـوڪِـلائـي مـوتِـيا مَلَـڪَ ڪَـري مَـحضِرُ
سَـيئِي يـارَ رَسُـولَ جـا هُـوئـا سَـڀِ حـاضِرُ

---

(۱) ڳيري جي برابر توري ڏينمر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻَــڌَنــدِيــنْ ٻاجهــاءِ تُون چُــونْــدِي سُــٽِــيــدَنِ
مَـــرِهِ سَــيِـــنِي مومِنـيــنْ ڪَــلِمُــو چَيـو جَـنِ.
لاآله الا الله محمد رسول الله


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نبي فرمايو ته سڀني ولايتن جي ٻاهر عرش هيٺ هڪڙو ميدان هوندو [illegible] وريا آيا [illegible]

مڃين ته مون هيڪڙي آيا [illegible] اهي سنهن ورهيه ٻڌو ته مڃين [illegible]

ورايئون هڪ نبي جا الله ورهين ٻارهن سنهن ورهيه [illegible] ته اوڏ

ته بيٺا هن تيري سئو سڀ سنهن ڪونه ڪيا ۽ سدا [illegible]

رت سڀڪنهن ڏينهن تا [illegible] ورهين ته هن ٻاءِ سڀڪنهي ڪيا تري [illegible]

[illegible] سڀڪنهن تري سئو سنهن وهن ڪيترايون [illegible] جنهن [illegible] چار جيون

[illegible] تري سڀڪنهي اهي سنهن [illegible] تا سڀڪنهن [illegible] جيتري

جنهن جيتري خلق [illegible] ڪيا قدرت [illegible] پيسه [illegible]

ايتا [illegible] ڪاڏن [illegible] قيامت هوندا جنهن

[illegible] جيڪي [illegible] ڪيا آهي

وادي [illegible] سنهن [illegible] ماهين [illegible]

تري سنهن ورهي [illegible] سنهن ورهي [illegible]

ٻارهن سنهن [illegible]

جنهن ۾ درياءُ [illegible]

[١٠]

## صفت ماهي و دريا

نَبيءِ فرمايوءِ، سَچي واتاءِ پاڻ جي
عَرشَ مَهنداءِ مون ڏَٺيءَ دريا اُپايوءِ.
مَچِي تَنهِ ۾ هيڪَڙي اُپائي مُڪاءِ
آسِي سَهسَ وَرِهين پَندُ تَنهِ مَچِيءَ ويلَ ڪِئاءِ (١)
وَڏائي مُتي تَهِين چالِيه سَهسَ ورهَينِ
پارَهَن سَهسَ وَرَهين پَندُ آهي تَنهِ آندَرنِ
تَهِ پيتَ ۾ ٽري سَؤ سَت سَهَسهِ ڪوتَ ڪِياءِ (٢)
سَدا سائين نُور سين ............. سينگارياءِ.
ڪوتَ سَيَڪوءِ پَندُ تاءِ سورَهَن سَهسَ وَرِهَينِ
تَهِ ۾ باغَ سَيَڪَهِين ڪِياءِ ٽري سؤ سَهسَنِ
تَنِ ۾ نَئِن سَيڪَهِين ٽري سؤ سَهسَ وَهَنِ
ڪِيرُ پاڻي ماکي سَرُو چوکيون چارِ چَوَنِ (٣)
ڪِياءِ نَئِن سَيڪَهِين آسِي سَهسَ وَٽنِ
وَٽِ تاءِ سَيَڪَهِين چَہ لَکَ نُورَ چَتَرنِ.
چَترِ چَترِ چَہ لَکَ بُراقَهِ ڪِيا قُدرَتَ مَنجهاءِ
پيرُ بُراقَ وَڏو ڪيو سَتَ تُوکَ دُنياءِ

(١) ويل = ڊيگهہ(٢) ڪوت=؟ شايد ڪوٽ يا ڳوٺ(٣) سرو= مَڌُ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايڏا.............. مومِنَہِ ڪارڻِ پَلاَرنِ
ڪوسائِيءَ ۾ ڏِينہِ قِيامَتَ هوندا جاءَ چَٺَرن.
هُوندو وِياهُ رَسُول جو تَتِي جَنِ پُوئاءُ (١)
چالِيہَ وَرهين چَڪِي سو مومِنَ ڪِينْدا تاءُ.
ڏاندُ اُپائِيو مُون ڏٺي سَتَنِ پُونٺِن هيٺِ
ڪُسَنْدو وِياهَ ۾ ماهُسِ مِنو ميٺِ.
ٽري سَهسَ وَرهين نَٽِي ڪِپِي هوندي تہِ وِرمَ
سَتَ سَهسَ وَرهينْ پِيا وري ڪِپو انگَ.
ٻارهَن سَهسَ وَرهين تِيا سَنهَو ڪِبو ماهُ
تاءُ پوءِ کي مومنا فَرمِينْدو اِلٰهُ.
جہ نَهَرَ ۾ دَرياءُ جو ڪارڻِ پِرينْءَ ڪِيومِ
وَجو سَيٺِي مِڙِي پَسو ڪَرمُ سَندومِ
مومِنَ سَيٺِي مِڙِي تَهِينْ ۾ وِيندا
وِياهَ نَبِيءَ جو تِتِهِينْ سَرها تي ڪِينْدا.
تِتِ پَسَندا ٻيڙِيُون رَتي سونَ مَنْجهاءُ
پيٺَ تَنِي جا ٻيڙِيتِ سائِي فِيروهاءُ (٢)
مَنْجهہ مُهاڻا ٻيڙِيہِ سَندا تَنِ مَلڪَ
چاڙهِيندا کي مومِنَہِ ڪندا ڪاءِ نہ رڪَ.

---
(١) وياهہ = وهانءُ (٢) فيروهاءُ = فيروزاءُ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُهــاريـنـدا پـيـڙِيُــون، پَـگـهَـ کَـٽـي تَــڙاءُ
مَـٿَـنــدا دريـــاءُ، پَـسندا ڪــوڏ ڪَـنـا.
تَــتِ دريـا ۾. هـيـڪَـڙِي مَـڇـي نِـڪرَنـدي
واتُ اُپـٽِي پيـڙِيـون هيـڪَـڙو گِـراهُ ڪـندي.
پيهِـي وِيـنـدي پـاهَــرِئـي مَـڇِي ۾ دريـا
مـومِـنَ تَـتَـهِيـنْ وَجِئِـي ڪَـنـدا تَمـاشـا.
مَـڇَ پيـتِ ۾ جِيـمِيُـو تِـري سـؤ سَـٺَ سَـهسَ
لاهِيـنْـدا پَسِـي ڪـري مـومـن هَـٺَ هَـوَسَ.
جِـيمِـيَ جيـمِـيَ مَـنْبَرِهِ تِـري سـؤ سَهـسَ سَٺَ
سَـنــدا نُورَ فِـيروهي مـان سـي پَـسِـي هَــٺَ.
هــونـدا اُتـي مَنْـبَرَهِ نَبِـيءَ مَـرسَـلَ تَـنِ
باجَـهـ تُـهـجِـي مُون ڏَٽِـي مؤمِـنَ مـانَ پَسَـنِ.
مَـڇَ پيـٽَ ۾ هيـڪَـڙو بـاغُ سُـونـهـارِي پَـتِ
اَسِي وَٽِـنِ ڦَـرَنِ سيـن تَـهِ ۾ هـونـدا جَهـتِ
ڦَـرَ ڦَـرَ وَڏاتِـي هيـڪَـڙي تَـنـهِ ۾ هونـدي جـا
سَـتَ تـوڪَ سَيـڪـو تَنئُـون هِـنَ ڏُنِـيَ جِـهـا.
وَٽَ وَٽَ مَـهَنداءُ هيـڪَـڙي اَسِـي سَهـسَهِ ڪـوتَ
سَـندا نُـورَ سُفِـيـدَ سـي، مَتـي ماٿِـڪَ جـوتَ.
ڪـوتِ ڪوتِ اَسِـي سَـهـسَ چَـتَرسِ سَنـدا نُـورَ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چَـتـرِ چَـتـرِ چَـہ لَـکَ بُراقَـہِ اپي مِهـمانِـي مُـورَ.
چالـــيِہَ وَرَهيـنْ مـومِـنَ تِتِهيـن ڪنـدا تَمـاشـا
حُـورُونْ مِـڙِي حضـرتَ ڏَٺـيءَ ڪـنديـون ڳـاءِ ڳِلا (١)
آسـان ڏِنـاءِ تـاهَ جـي سائِيـنْ تُسِـي پـاڻِ
پـاٺـهـجِـي ٻـاجَـهـ ڪـري پِريـنْ پِـرِيَـہِ رَسـاڻِ (٢)
فَـرمـانَ تِيـنـدو مَـچِ تَــہِ ڪَـنـڏِيَ اوڏو آءُ
ٻـيـڙِيُـون ٻـاهَـرِ ڪَـڍُ سـي پـاڻِ جـي پـيـٺـاءُ.
واتــاءُ ٻــاهَــرِ ٻــيـڙِيُــون ڏَرِينــدو ڏارَ
مـومِـنَ ٻـاهَـرِ اَلـهِـي ڪـنـدا سُـورهِ سـارَ
وجـو تہ ايمـانَ سيـن ڪـلمـي ڪَـرهُ پَـچـارَ.
لا الـہ الا الله محمد رسول الله.

---

(١) اصل. ڳاءِ ڳِلا (٢) پِريہ= پرينءَ کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[تعليمي سلسلو: درسي ۽ علمي
ڪتاب ۽ موضوعاتي سمجهاڻيون]

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جَڏهن سُبحِي صَحِي ٻُنهي سَنُو ٻُن وَ ڪتابين الله ۾ ڪَي منهن ڪري جيت ٻو ڪا

الاسلام هو الاتقيا دلا واوامر الله تعالى ولما اجتناب عن النواهي

ڪمن ازلي ڏيهه آدم ڪنهن مجن هيئو ايه ٻو ٻرو اسلام ٿيو ڪيئن نام ڏجهائي ڪيترا

فرض واجب سنت مستحب مڪروه مباح جيئن حرام تاريا تن ڪري آه

قيام ڏينهن صباح صبب لهڻا ٻوڙو لا اله الا الله محمد رسول الله

تون ڪي مجيا تو ڏني هيا هيئن ڪري جهڙي سچي خبر مڪيه

ڙڪ تهي راهيا ڪري ٻيو ٻري ڦڪ جي ته نابالغ توتيا هو ڪر تان ورڪ

من ... ڪوئي ڙڪ هو ڏي شرڪ جي ڪالا ۽ ٻاجهه تهجي ابها تون ڪيئي سا

بلهه ... مولي ڙڪي هو ڏني سبا ڪا نور اڳي ڪميتي ڪون اڙو ڪفر ڪالا هو

وا ... سچو جاڻ تهجو تو جاڻي ته جاڻ عالمن ۾ جاڙ غيب ۽ قرآن

استغفر تو ٻه تو ڏائي تو ٻڌ ڏيهي جن ٻيا لڳا ڳالهري ٻيو ...

... ڪي تهجو ٻوهي جاڻي تو ڙي ٻيو ڪو عالم الغيب والشهادة ...

شرع نهي مجيب ڪلمي جي قوة ابا هتا نبيا وڏيا ٿي سنت

هير باهلو هو هدي ترميزان جن آور ڪي اتين الله جي آن

سارا هيو سچو ڏني جا ڪيو ڪيتا سا هو قبوت ايلاذنيه هو ٻوما لا اله الا الله محمد رسول الله



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[۱۱]

# توحيد جو اقرار

[دعا رد ڪفر]

اَللّٰهُمَّ اِنِّي

توکي مَحِيان مُون ڏِٺي هِيانْ هيڪُ ڪري

جَهِ تو سَچو ءُ خَبَرون مُڪوءِ مُحَمدَ ڪرِيمَ کي.

اَعُوذِ بِکَ

رَکَ تُنهجي راڃِيا گُهري سَيوئِي جَڳُ (۱)

جي تو ٻاجها کوٺِيا مُون کَرِ تَنِي وَڳُ.

مِن اَنا اُشرِکَ

مُونکي رکِين مُن ڏِٺي شِرڪَ جي ڳالهاءُ

ٻاجَهہ تُهنجِيءَ اُٻهان تو يَئہ ڪَنبي ساهُ.

بِکَ شيئا

مُونکي رکِين مُون ڏِٺي سَٻاجها سُوراءُ

کِتيبِيي کُوارِئو کُفَرَ جو ڳالهاءُ.

(۱) رک= پناهہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

### وَاَنا اَعلمَ

سَــچـو ڄـاڻُ تُهنـجـو، تُـون ڄـاڻيــن تـو ڄـاڻُ
عـالِمَـنِ ويـچـارِئـو پـڙهـئـوجَـنِ قُـرآنُ.

### وَاستَغفِرلي

تـوبَــهِ تــوڙائِيــي ڪِئِــي تويَئِـ ڊِرڄِـي جَــنِ
پُنِــيءَ لَڳـا ڪـارِئــيءَ ٻِـيُـون ڏِيـئِـي ٻَــنِ.

### مالا اعلم

ڳُجُهہ تُنهجــو تُونِهِي ڄاڻِيــن، تــو رِءَ ٻِيـو نہ ڪــوءِ
"عالِمُ الغيَـبُ وَاَلشهـادَةَ" تــو هِــي مَعلُــوم هــوءِ.

### وَاَقُولُ

شَــرعَ سَيِئِــي مَجِئِــي ڪَلِمِــي جِــيءَ قُــوَّةَ
آپـاهَــتـا نہ پِـيــا، ويــنـا نَـبِــيءَ سَــتِ
مــيـڙِبـا "مُلــونُ"چــوءِ مَنـدِئـي تُـر مِيــزانَ
جِہ نَ اورانِــگـــهِــي اُتِـيـئِــي اَللهِ جـــي آنَ
ساراهيــو سچــو ڏٺــي جــانـڪِي هَتِيــان ســاهُ (۱)
وجــو تہ اِيمــان ســيــن ڪلمــون چـيــو مُـهــاءُ.

لا اِلَــہَ اِلا الله محمد رسول الله

---

(۱) هتيان= توهان کي آهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ايمان مفصل ١

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[illegible]

جنھن [illegible] کئي [illegible] ونيو [illegible]

[illegible]

بسم الله الرحمٰن الرحيم

آمنت بالله [illegible] ايمان آڻيم الله جي [illegible]

[illegible] وحده لا شريك له [illegible] لم

يلد ولم يولد ولم يكن له كفوا احد [illegible] الا هو [illegible]

ليس كمثله شيء وهو السميع البصير [illegible]

[illegible] هو الاول والآخر والظاهر والباطن

[illegible] ذات حق [illegible] اختلاف

الليل والنهار [illegible]

[illegible]

لا الشمس [illegible]

[illegible]

[illegible]

[illegible]



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ايمان مفصل -١

بسم الله الرحمٰن الرحيم

**آمَنْتُ باللهِ اَنَّهُ اِلٰهُ واحدُ**

اِيمانُ آندمِ اُللهَ جِي هيڪڙائِي اُتي ٻيپچُونُ وِبيچگُونَ

وَبي شُبهُ وٻي نمونه

نہ ڪَهِين جِهو، نہ ڪو جِهُسِ

نہ ڪَهِين جائو نہ ڪو جِينْدُسِ

"لَم يَلدِ وَلمَ يُولَدِ وَلمَ يَڪُنْ لَهُ ڪُفُوَا اَحَدُ" پاڻِهي پاڻِ هُئو

سُٺِي سَيَڪِي ۽ پَسِي اَڳاهون اوڏو

"اَلذي لَيسَ ڪَمثلِه شيءُ وَهُوَ السَمِيعُ اَلبصِير"

تِهَا ڪَين ڳُجهو

رِي اَکِينْ پَسي گهَٽو ري ڪَنيِنْ سُٺي

جيڪي وَهِي وُجودَ ۾ سو مَعلُوم ميئِي ڪري

"عالِمُ الغيب والشهادة ......." حاضِرُ آهي

"هُوَ الأولُ هولآخِرُ هُو الظَاهِرُ هُوَ الباطِنُ وَآمَامَنِ

دابَةِ ولارضِ اِلاعَلِي اللهِ رِزقَها" اِيَ مِيِينْ جي واتِ (١)

ساراهيون صفات ڪي پوءِ هُئو جو ناهِ

(١) اصل ائين


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تَـہِ نِـهـايـات ڪـري پـروواه ويـنـي نـاه
ورتَـرا رزقُ رازقُ هـت ۾ اٿيئـي آرِيـداه (١)
ڳُـجـهـو ۽ پَـڌورو جُـہ ڏٺي سَـيـنـي ذات
حِڪمتون حَـڪـيمَ جـون پسـو ڪَـہِ پَهات
"واختلافِ اللّيلِ والنَّهارِ" راتِ منجها ڏِينهُ ڪري ڏينهان ڪري راتِ
جِـنَ پَـرِي ۽ آدمـي پاڻـو آڻـيَ جـاتِ
پـارِيَ اُتـي پَڪيـنْ پَـتو پَـتـيـن لاتِ
پـاهِـنـجِيَ سـاراهَ ڪـي جِـپيَ ڏِنـائين واتِ
لائِينِ سَـبِ لَڪيينْ پَڙهِـي پَيـئِي ڪـي پِـريـاتِ (٢)
سَدا سِڪـي سَيـڪـو سائيـنءَ سَـنـدي جـاتِ
سـاري ڏي سَـيِڪهِـيـنْ روزِي ڏِيـهـانْ راتِ
رازِقُ ڪُـلّ شـيءِ تـو ري ڪَـهِـيـن نـہ تـاتِ
ڪو مُنهُ ڪَهِين نہ جِهَـڙو، ڪو مُنهُ ڪَهِيـنْ نہ تَـلُ
وَجِي چِڪِيـن واڙيـن تـن پـاڻـو آڻـو قُـلُ
قُـرَ نـہ قُـرنِ جِهـڙا، پَنَـنِ جـهـا نہ پَـنَ
مـيـونِ ۾ پـاتـا مِيـٺُہ پَـتو پَـتـيـن وَرَنَ
ڪـيـڻُ ڪـي خَـلقِـيـا آدمِيَـنِ ڪـي آنَ
وِسـارِهُ مَ ڪَـذَهِـيـن مِيـونْ مـنـجـهارا مَـنَ
"خَـلـقَ الـسّمـٰـواتِ ولأرض" پَسـو اُپـايـاءِ

---

(١) اصل ائين. (٢) لائين= ليلائين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ري ٿَنيپن رِي ٿُوٽيبن پُونءِ آپَ ڪِياءِ
پُراڻا نہ ٿِيَنِ ڪَڏهِين اِنَ پَرِ اُپِياريا ءِ
مُساهرانْ موڪَ ڪري سِجُ ءِ چَندُرُ مُڪاءِ (١)
ڪاجُ ڪونهي تارنِ جو سينگارَ جي ڪارِياءِ
رِي ٿَنيِنِ رِيَ ٿُوٽِيبنْ جَهِين اُپايو آپُ
ڪِي ڳجهو ڪِي پَڌَرو گهٽو گُهرجي رَبُ
ڏِٺِي سُڃاڻِ اِنَ پَرِ جِينْ مُلڪَ مِيينْ جو سَبُ
قُدرتِ ءِ عجبَ اِي سُڃاڻو صاحِبُ
قُدرتِينْ ءِ عَجَبين سُڃاتو سين راءُ
اُپَيَڻ هارُ آسان ڏَٺِي آهي هِيڪُ اِللهُ.

## و ملائِڪَتِہ

اِيمانُ آندُم اللهَ جَنِ مَلَڪَنِ اُتي سِريا جِي نُوراءُ
راتو ڏينهان رَبُ کي سَدا ڪَنِ ثَناءُ
ڪي رُڪوع ڪي سَجدي ڪي جَلِسَ قِيامَ
ڪري ڪاهِرائِي ڪَڏهِين ويتا تان نہ وَرِيامَ
سَهسِين يَتين سَباجهو مَگَنِ رازقُ رَبُ غَفُورُ
وِيري تارِ وَحَدتَ ۾ آهين هِيءُ حُضورُ
نہ جوءِ مُتِّسَ سي، نہ تَنِ سَڌَ نہ سُورُ
سَچُ منجهان سَچو گُهرَنِ نہ ڳالهِينْدا ڪُوڙ

(١) مساهرن= مسافرن


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اَڄَ نہ ٻُڪَ نہ سَڏَ ڪا، تَڪا نِنڊرَ ڪَرِينِ
ڪا ساعَتَ نہ هيڪَڙي واحِدُ وِسارِينِ
قادِرَ سَندي ڪَمَ ۾ اُيائي آهِينِ
مُهڙُ مُقَرَّبُ سَڀِنِ ۾ وڏا چارِ چَوَنِ
ڪوڙينْ پَرينْ ڪَريمَ کي سَڀِ صِفتُون ڪَنِ
لِيڪو ميڪائيل کي، رُوحُ ڳِنهي عِزارائيلُ
اِسرافِيلُ حُڪمُ صُورَ جو، ريبارو جَبرَئِيلُ
ڪِراماً ڪاتِبِينِ چارِ مَلَڪَ آهِينِ
ٻِنِ کي حُڪمُ ڏِينهَ جو ٻہ راتِ آچِينِ
ٻانهنِ سندا ڪَمَ جي ڪُلئِي تِيانْ لِکَنِ (١)
نَنڍِي وَڏِي ڳالهڙِي قَلَمِ سَيائي ڪَنِ
جَنِ کي چِتَ نہ پُونِ سي وارٿو تَن جَتَنِ (٢)
جيَٽي لِکي چَڱايُون ڏائي وارو ڏوهَ
طَلَبَ ڪَرِهُ طاعَتَ جي گِهڙِي گهتِ آندوهَ
آڳِي آئي آنهجون ڪَندا سامُهيون
روڀو ڳُهرو نہ رَبَ کي وِجهي ٻَنِ ٻيون.

## وَڪُتبِہِ

اِيمانُ آندُمِ اللهِ جَنِ ڪَتِيبَنِ اُتي

(١) ڪلئي= ڪُلهين، ڪلهن تي (٢) جتن= جتائين، ٻڌائين


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**سَچا صَحِي تَورَيتُ مُوسيٰ، اِنجيل عيسيٰ، زُبورُ دائودُ،**
**فُرقانُ مُحمدُ صلعم آياکي يَلَنِ**

صَـحِيفا نَبِـيَـنِ کـي وَدِي کـي وَدَنِ (١)
صَـحِـيفا نَبِـيَنِ کـي آنـدا جَبـرَئيـلَ
سـي سـپيئي مَجِـئا جـي مُـکـا رَبَ جَليـلَ
سَنِـيها سيٺـنِ جـا سَـچا سـپيئـي
مُـکـا نَبَـيـن کـي رِيـارِي ڏيـئِي
هِـجِي تَنـي مَجيـا، آسـان هـي سيئـي
يَنـجاهَ صَحِيـفا شِيـشَ کي، کـارَه کي اِدريـسَ
جي کوٺِـي اوڏا کـيا تَـنِ سيـن کِيـهِي رِيسَ
ڏه صـحـيفا آدمَ کـي، پـيـا ڏه ابراهـيمَ
ٺِـريـا ڏه مَهـتَر موسيٰ کي، ويتر کَئِـي کَـرِيمَ
سَـئُـ چَـوڏهِـن صَـحِيفـا اُلتـا آيـاءِ
فَرمـائِـي ڏِٺِـيَ جـي گـڏُ نه کَـڏهُ ٺِـٺاءِ
جيـکِـي کِتـابَـنِ ۾ سـو سَـيوِئي سَـچُ
سو تـون پُـچِي پَڙهُ، کَرِ پاٺـا پِـيَ مَـرَجُ (١)
جيـکـي کِـتابَـنِ ۾ پُچِـي پـارِجِ پنـدِ
سو تون سِکـي صَـحِيُ کَـرِ پِـي نه اِيـنديَ پَنڌِ

---

(١) اصل ائين


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪي ڪِتابَن ۾ سَچي هيپن سُٽيج
مَجِج اَمُر الله جو بجا سو آٽيجَ
خَرَنِ جو چَيو ڪري پِرِينْ مَ وساريج
مپڙي مَنجِهه مَهَندِيئيَ پاڻَ ۾ ٽپلهائيج
جيڪي ڪتابنِ ۾ جيڪي تِنئن ڪَرِينِ
سي پاهِنجي اوڏَڙي پاڙِهي پارِينِ
جاهِلَ چارئي وَتَنا وِنگِي ياٺِينِ سئِينْ
خَرَنِ جو چَيو ڪري سَجَڻَ وِسارِينِ
آهي ڪِتابنِ ۾ سَچي مِڙِيَ پَچارَ
ڪي وِسِئا نہ وِسَهو تہ تِيان واٺانْ ڏارَ
مپڙي مَنجِهه مَهدِئين پُڇِيا خُوارَ.

## وَسِيلهِ

اِيمانُ آندمُ الله جَنِ رَسُولن اُتي
اَولِ مِهتَر آدَمُ، آخِرَ محمّد مُصطفيٰ جو نَبيئن راءُ
ڪَرِهيندي ڪُوڙن سين جيني تِيو نہ ڏراءُ (١)
لَکُ چوِيهِ سَهسَ نَبِيَنِ سَبِ يَلا هُوئا
تَنِي سَندي دِينَ ۾ تُرَنِ تان نہ پِيا
دعوتَ ڪري اِسلامَ جِي پاري سَبِ وِيا

(١) ڪوهيندي= وڙهندي، جنگ ڪندي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ما اَصابَ مِن مُصَيبَةُ اِلا بِاِذْنِ اللهِ" مَنجِهئا اِيَ صَفَتَ
كِـي وِسِـئـا ويَـچِـنِ كَـرِ وَجائِيـنِ گـرَتَ
زَحَـمـتُـون ۽ ذِلَـتُـون لَـڌي پـوءِ آچَـنِ
اُوٺـو آڳـرِ نہ تِـيـي پـويـان پَـسِـئـو چَـوَنِ
"اِنَما اَمره اِذا اَراد شيا اَنْ يَقُول لَهُ كُن فَيكَوُن" اُڙهو قَلَم جَنِ (١)
اُوٺـو آڳـرِ نہ تِـيـي لِـڌو جـو تـوڙاءِ
سـي واتـانْ وِرِسيـئا جـي پـانـئِيـنِ پـياءِ
اُوٺـو آڳـرِ نہ تـيـي لِـڌو جـو قَـلَـمُ
صِحَـتَ ڏي سـاعَـتَ ۾ "رَبَ وَحِصَـينا كَـمُ"
مُـوئـا جِـيـاري ڏِٺـي جِيَـرا مـاري
سُـوار پِـيـادا كـري پِيادا سُـوارَ كـري
پَـريـا سَـرَ سُـكَـئِي، سُـكـا سـاعَـتَ پـري
كي تَـرُيـا شَيطـانُ جـئـن، كـي پاٺِهـي گُهـري
"مَنْ يَهديَ الله فلا مُضَلِلَهُ ومَن يُضَلِلَهُ فَلا هاديَ لَهُ"
سَنئِي سُوٗنهائـي
خَيـرُ خـالِـقـاءِ پـايـاءِ جـو آچـاؤُ آهـي (٢)
آواتـا واتَ كـري، مُـوڙهـا مـوتـائـي
تَـوفِـيـقُـونْ تَـنِ وُجـودَ ۾ پاٺِهـي پـائـي

(١) اُڙهو وڙهو، وهيو (٢) آچاوءِ= اَچ ڪندڙ، اڻين آچيو آهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

أيـــارِي ۾ اوڏا ڪــري، وَرَ وِنــگــا لاهــِي
ڪَنِــي ذِڪرُ، ڪَنِي فــڪرُ، ڪـــي پڙهــنِ قُرآنُ
ڪـــي أيــا نَــمازَ ۾ ســـاراهِيـــنِ سُبحـــانُ
مَــرهِيــندو ڪـــي مـؤمنينْ سَــپاجهـــو رحمـــانُ
فِڪر ڪَنِي، ذِڪرُ ڪَــنِي، ڪـــي قُــرآنُ پڙهــنِ
حورون، قَصَــر، ميــوا، مــاڙيـــون، ڏاتِـــي ڏيندو تَنِ (١)
.............. لِقــا پاڻــيا جـہ سَـپِي ڪـــي راءِ
پَـــلـــو پَلِيَـــنِ جــوڳـــو، ڏِليـــون نـــاهِ تَـــهِـيـاءِ
خَيــرُ خـــالِـــقـــا پاڻـئـيـــان شَـــرُ شـيـطـانـــاءِ
"انَّ شَـــيْطانُ لِلاِنسانِ عَدُوٌ مُبِينٌ" اِيـــهُ وِيرِي تواڙاءِ
آچِـــي آدمِيَـــــنِ ڪـــي مَتــيُــون مَـــنَ مَنَـــجــهاءِ
چـــورِيُــون ۾ ڏاڙِيُــون خَنـــجَرَ خُــونَ حـــرامَ
رَضــا نـــاه رازِقَ جـــي اِي شــيطـــانَ جـــا دامَ
چـــورِيُــون ۾ ڏاڙِيُــون هِـــجـِـي مَتيُــون ڪَـــنِ (٢)
جــاهِلَ چــارئـــي وَتـــڙا، سَنــئين نـہ ســابُ آچَـــنِ
پـــارا تـــان پـِــريـــنِ ســيـــن وه ســامهـــون تَـــنِ
جـــي واحِـــدَ وَجائـــيا ســـي ڪـيـــنءَ واٿَ لَـــهَنِ
مُوڙهـــا ڪـــارَڻِ مَســـتِيَ ســـائِـــي سَـــرو پِـــيَنِ (٣)

(١) ڏاتي = ڏتيون (٢) هجي= هي جي (٣) سائي سَرو= سائي ڀنگ جو پيالو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پُڇَنِ اَگهَ پُستَ جا، آفِينُ نہ تارِينِ (١)
ڪي ڪُونا ڪَنينْ پَري مالُ لاپِپرو ڏِينِ (٢)
ظالِمَ ظُلمُ ڪَنِ جي مومِنَ رَنْجائِينِ
سندو هَتَ چَيو ڪري هادي حق پَچِينِ
غافِلَ ڪَدَهَ ڏُتيا صاحِبُ وِسارِينِ (٣)
هَتان ڏِئو مُوڙيُون، سي دوزَخ ڳَنهنِ
ري تَوبَه مَرَنِ جي ڏِينهُ آياڳو تَنِ.

## والبَعثِ بعد الموت

ماڙي پُڇيا ڪَفِنَ ڪني تان پوءِ نہ مَرنداءِ
حاصل جي گهٽي جو مَهدِ پُورينداءِ (٣)
ويسلي ويندو وَهي هيءُ ماڙهُو ضاءِ
سَنباهي سهس ڪي ڪائينِ سِيهَ ڪاءِ
وَه ڪُن توڙائي ڪوءِ جوابُ ڏُني ڏِينداءِ
ماڙوهُو مَرنِ پُوئاءُ چڱائي ساءِ
اُپِيَنُ جالَ نہ نِبَهِ اسان گهٽو سُهاءِ
بَرِي بَرندِي ڪيتَرو پاٽِيءَ اُتي باهِ
"ڪُلِ نَفسِ ذائِقَة المَوتُ" تَهان نہ ڇِٽنداءِ
جو لاڏائُو ساتَڙو صَحِيُ هُلندو ماءِ

---

(١) آنين= آنيم (٢) ڪونا= ڪوندا (٣) هيءَ سٽ ۽ هن بعد حاشي ۾ لکيل پنج سٽون ائين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مَرَڻُ اچـي مُنـهَ سامُهون ڳـالِهہ ڪَـرِينـدو ڪـاءِ
هـاڻِ آئُـسِ تـو مَتـي آڳـي نِيـئُـم ٻـيـاءِ
پُـنَّـر ڏَيـر يـارَ ۽ يـاتِـرئـا آتـڻِ نہ ايـنـداءِ
........................ڪـي وارِثـن جـي سَنـداءِ
جِـيَـري عَمَـلَ جـي ڪِـيَءِ نِبَهَـندا سِيـناءِ
حُـبَ اُنِـي سين ڪـري ٻِـهـي سُـورُ سَـرِيـرَ
ڏادا ڏُوئـا اِنَ طَـرحَ سـندا جـي قَـديـرَ
لِـڳـيـن تَنْبَـڻ چَـڏوُ سُـڻِـي خَبَـرون ۾ مِـيرَ
جِيـنْ ڪـاسـائِـي مـاهَ کـي ڪَـڏِي ڪـاتِـي چيـرَ
ٻانهُنِ ٻَـرُ چَـڏِوُ پـيرَن............ عـزرائيـلَ
روحُ رَڳـنُـون نِـڪِـري حُـڪـمُ رَبِ جَلِيـلَ
روحُ رَضـا نہ نِڪَـري ڪَرِجِـيَ قَهَـرُ مَنـجهـاءُ (١)
ڦـوڙائـي پـرِيَـنِ سيـن سُـورَ چَـڪائـي سـاءُ
جَـسَـدا جُـدا ٿِـيـو وِسَـرِئُـسِ وِيـاءُ (٢)
مـاڙُهـو مِڙئا هَلُ ٿِيـو ڪِـي ڪـوسـو چـاڙِيـهُ
ڪَـفَـنُ ڌوئـي ڦُـتِـرو سِـگـهـائِـي آڻِـيـهُ
ڪَـرِهُ سـاٿـباهِـي سـپـيـگهہ ۾ وِهـو تـانْ مَ وَڙي
ويـرَمَ وِلهـامـي تَهِـرَ مَتـان. ٻُـت ڳـڙَي

---

(١) اصل اٿين (٢) جَسدا= جسد کان،جسم کان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

أمـاڻيـهُ عزيـزَ کـي تـاڪِـي ٻاهَـرو پَـري
ڦـوڙايـو ڀِريـنِ سيـن ايـنـدو گـورِ ڳَـري
جـنــازو اُپــاڙِوءُ سِــگـهـو هَــلائِـيـنِ
مُـٺـو مِنَتونِ جي ڪـري ڪـانڌيُ سـي نـہ سُڻيـنِ
مَيَتَ مَـتّان جِيـنْ تيـنءَ جـي چِيـرا چاڙِهيـنِ (١)
رَتِـي رَتَ رَڱـِنِ ۾ هـونـد نـہ چـاڙِهـيـنِ
سُمَهارِهوسِ سَئِيـن قِبـلي پَٺيـون تـري چـوڙي
وِجهـهوسِ بـارُ پَنْجُهـوءَ جو متّـان مَيـتُ نِهـاري
ڪـانـڌِي اُتِـي هَلِيـا لِنـبِي لـوڙهُ ڪـري (٢)
ڪـانـڌِي اُتِـي هَـلِيـا لِنبِـي لـوڙهُ مَـتّـاءُ
تـا تَـهِيـن سـاعَـتَ ۾ پـاتُـسِ روحُ پُـٺـاءُ
”أدخُـل الـرُوحُ فـي الـعـبد فـي الـقَبـراءِ“
اُتِـي ويـنـو گـورَ ۾ نـاٺـگـو سيـن سُـيـا (٣)
ٻـہ مَلَـڪَ پَـيـدا ٿِـيا ڪَـر ڏمـرِيـا ڏوئـا
پَسِـي پـارَ سَنـدانِ جِـي ڏِٻيـو ڏَرَ منجهـاءُ
ٻانـهونُ هُـرلـي جيـڏيـون مَتَـهِيـن..........
تِيُـسِ واهـيرو هيڪَـلـي ڪِـيَ سَـهـبِي سَـتَ
ٻـہ مَلَـڪَ پَـيـدا ٿِـيـا..............رانُ ٻَـرَنِ

---

(١) چيرا= ڪپڙا (٢) لوڙهہ= قبر (٣) سُيا= ٻڌل سان


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

........ چوندامَ ڪَي هِنيَڙو ناه سُدَيرُ

صالِحَنِ کي...... جو پَسي آڙاهُ بارايَنِ

ڏهاريَنِ کي ڏائي پارا ۽ کَرِ ڏوئا ڏمَرَ کَنِ

............... ياڻيان شَرَّ شَيطاناءِ

ڪِهڙو دِينُ تُهجو ڪِهڙو نَبي مَجينڊوءِ

ڪيهبي هُوءِ دِينَ ۾ کِهو رَبُ تِيوءِ

اَللهُ ڏَئِي مُنهنجو رازِقُ رَبُ غَفُورُ

دِينَ اِسلامَ مَڃيانْ ۽ محمَّد رسولُ

چَئِين جوابُ چِٽو ڪري پَلي جي پالبي

آجو تِئي جَمَنَ کي اوتَڙ اوپالبي

ڏهارِي ڏوهَنِ جي کي گِري نہ ڪاءِ

جي واڳئو هوءِ دُنيءَ کي چِٽو نہ ڳالهاءِ

ڏمَرِئا ڏوهَنِ جي کَٽِوءِ هَٿَنِ کُرِنج (١)

اَتِروءِ پُونءِ آڳاهِين منجها ميچالي مِچ (٢)

جِينْ پِيچارو پِچينْ اُڏائي پَري

تِينْ ماهُ مَيت جو وَڃي پِتِين وَري

سُڃاتوءِ نہ سو ڏِٺي جه اُپايو تو

ميڙيوءِ مالُ ٻئن کي پانيوءِ آٿَرِ اِيندو

مُون چِيو مَ تِئا پايا، چِڏي سَبِ وِياءِ

(١) گرنج= گرز (٢) مچ= مک



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مَـتـي آئِـي ڏاکَـڙِيَ پـائِـي تـانَ تِـيـاءِ
مَـتـي آئِـي ڏاکَـڙِيَ پـائِـي تِيَـن نہ مُـورَ
سَـپِـي وِئـوءِ نِـکـري ٿـو هـي مَـبـتي سُـورَ
مَـتـي آئِـي ڏاکَـڙِيَ تِـئِـي آهُـکِـي وِيـرَ
هُـوءَ جـا هُـيَـءِ اڳِـئـي ........ سُـکَـنِ هِـيـر
کَـرِي کِـلِـئو جَـن سين چِڏي وييسَ کـبـيرَ
دَرَمـانـدو دانـهـون کـري ويـچـارو تہِ وِيرَ
وِيـنَـتـي واحِـدَ کـي اُڙِوٰ کـري آپـارَ
تـورَءَ طـاقـتَ نـاهِ کـا سـبَاجـهـا سَـتارَ
تون رحمانَ، رحيمُ تـون، تـوئِـي نـالـو غَـفـارُ
جي مُون ڏوهَ بخَشِـئي تہ آؤُن کـو پُـجـان پـارُ
مَرهِـي ڏوکِـي ڏِينہِ تَـڏِہ.......... ربُّ غـفـارَ
جُـمِـي راتِ جُـو اُتـي پُـرِئـو روحُ بـيـهـارَ
پِـرَمِـي گَـهرِگـهَـرِ سَکـٿـوَ نـانـگـو جَـہِ نِـهـارُ
آکِـيـنْ پَـسَـنُ چَـڏِئـو سُـتَـنُ کِينَ کَـنَـنِ
جِـپَ لَهلاتُ چـڏوٰ نہ سـي کِـئا دَرَ ڏِسَـنِ
هِـيـنْ فِـکـرُ چَـڏئـو پـيـرَ پَنـدُ نہ کَـنِ
بانهِـئِـيـن ہَـرُ چـڏئو هَـٿَ نہ کـاجُـون کَـن
پيـرَ مُـنہُ گَـڏِيـا ڏُورِ ۾، ڏَڙُ نہ کَـڏِہ ڏِٽَـنِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻبو ٽِيو ٻَوارِئو ڦِڦِڙ ٻور مُٺَن
آدَمِيَ جا اڳرا ”اَجرالله ترانيءَ“ ڪَنِ
جُسي ۾ ٽِٽ ٻِئِي ڪَڙ ڪَڙ ڪِيو ڪِنيَنِ
رَڳُون رَتُ چَمُ ٽِرئو ڳِچيءَ ڪاڏائُون ماهُ
چڙهِئو پُونِ هِيئنْ تي ڪِرئو ڪَنڌِيَ ڏاهُ
رَڳُون رَتُ چَمُ ڳَرِئو جَهِرَ نہ لهندا
ڪِيانْ وري ڪِنيُنِ ڪي پاڻِهي ڪِينڌا
مَقامُ مومِنن جو نَڪِي عِلّتِينَ
ڪافِرُ ڪونِيَ پائِبا تَهِ نالو سِجَيِن
جي واڳِيا بِهشتَ سين، هوءِ دوزخ مَنجِهينِ
قِيامَ تِيَندي ڪَڏِهين آسَرَ اِنَ آهين
قِيامَ تيندي ڪَڏِهين، آسَرَ اِنَ هُوندا
جي اڳيان جي پويان سَيَئي اُٿِيَندا
جِيَندا جُڳن ڪي ڪَڏِهين نہ مَرندا
اُپِيارِبا اُسَ ۾ وِهَڻُ نہ لَهندا
سِجُ تَپِي تاءُ ڪنڌو ٻَجِي نہ ڇُٽندا
ڪي ڇا ٿئي هيٺ عَرشَ جِيَ، ڪي ٽِڙڪي ۾ تَپَندا
ڪي ڇَتَر هيٺِ مُحمَّد جي ڪي ڏُکَهِ پُوندا
مِيچالا مُنافِقَنِ جا ڪَرُ چَڙهئو ٻَڙڪندا


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پَسِي هول حَشَر جو آسارا تِيَندا
دَوزخِي دَوزخَ ۾ هاڪاريو هَڃَندا
"فَباؤ بغضب عَليَ غَضَب والڪافرين" هَميشهَ هُوندا
پَنجاه پَهرِ جيڏوءِ ڏِينهُ ٿيندو هيڪَڙو تِتي اُپِيَندا
"في يوم ڪان مقدار خمسين الف سنه" آرتو اوِتيندا
تِتِ ڏُهارين جا فِي سي سَودِيندا (١)
صالحَن ڪي سَجي هَتِ ساري صَحِيفا ڏبا
ڏُهارَينِ ڪي ٿِي پارا پُٺِياءِ پُوءِ ڪديبار (٢)
ڪونِبا مِيزانَ ڏُونهِ جِتي تَسُو تورِيا
ڪَمِينا قادِرَ سين تِتِ ڪِها لرڪا ڪَندا
"قُل ياعبادي الذين اسرفو علي انفسهم لاتقنطوامن
الرحمة اِن الله يغفر الذبوب جمعيا اِنه هُوالغفور
الرحيم" مومن سپ ڇُٽندا
شَفاعَتَ مُحَمدَ ڪي صِراطَ لايقَ لَنگهِيندا
پاٿي پاڪُ حوضَ جو مِٺو موڪَ پِيَندا
لَذَتُون لَکين مَنجهيئَي سَهسين سَوادَ ڀُڄهندا
"وَسِيق الذيَن اَتقُوا ربهمُ الِي الجَنَة" اُتي هَلنداَ
يِهَندا تَهين بِهِشتَ ۾ جتي ڏُکَ نه هُوندا

(١) اصل اٿيو (٢) اصل اٿيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪــوڙيــن پَرِيــن ڪَـــريمَ جــا مومــن دانَ لَهنــدا
هِيَ قِصہ "ڪَنادَ" جوڙِيئو صالِـحَ صَـحُـي سڻيـنـدا
"آدَمُ" چوءِ الله کي هِـجِــي هِنيـا هيــڪُ ڪَنــدا
پَسندا پـانَ پِـرِي، جـان ڪَلـمو شَـهادَتَ چُـونـدا
اشهـد اَن لا اِلٰـه الا الله وحده لا شـريـڪ لـه و اشهـد اَن محـمـد
عبده ورسوله

كاتب و مالڪہ فقير حقير عزت بن مرحوم مغفور سليمان
تحرير في الا تاريخ ١٩ ماه شعبان سنہ ١٠٦٩


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[illegible]

[illegible] آسار [illegible]

[illegible] فباءو بغضب على غضب وللكافرين [illegible]

[illegible] اليوم كان مقدار خمسين الف [illegible]

[illegible]

[illegible]

[illegible] قل يا عبادي الذين اسرفوا على انفسهم لا تقنطوا

من رحمة الله ان الله يغفر الذنوب جميعا انه هو الغفور الرحيم [illegible]

[illegible]

[illegible] وسيق الذين اتقوا ربهم الى الجنة [illegible]

[illegible]

[illegible] آدم [illegible]

[illegible] اشهد ان لا اله الا الله وحده لا شريك له

واشهد ان محمدا عبده ورسوله [illegible]

[illegible] ١٤ شعبان سنه ١٠٦٦



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[١٣]

# ايمان مفصل - ٣

## آمنة بالله

پِهرائين اَللهُ مَڃِيان هِيانْ هيڪُ ڪري
نہ تہ جِهو تُوڪُ ڪو، نہ سُئو توڪُ وڙي
آهي هُوندو سو ڏٺي هُوٺ تہِ جڳاءِ
سَڀِني پَرِينْ پاڪُ سو پاڻُ ڪري جيڪاءِ.

## و ملائكته

مَلَڪَ مِڙيائِي مَڃِيا بَندا سَڀِ سَنداسِ
مَنْجِها نُورَ خَلقِيا پانهِپَ مَنجَهہ اُياسِ
نِندَ نہ اُڃَ نہ بُکَ ڪا سَڌَ نہ آهي تَنِ
نہ نِيشانِي جوءِ جِي، نَکا جا مُڙسَنِ .

## وكُتُبِهِ

ڪِتيبَ سَڀِئِي مَڃِيان آيا جي آياءُ
مُڪا نَبيَّنِ کي سچو اِيهُ ڳالهاءُ
جي نَبيَہِ مڃيا آسا هِي سيئي
آواٺانْ وارِينِ جي خَبُرون ڏيئي .

## ورُسُلِهِ

سَڀِ رَسُولَ مون مَڃِيا سَچا ريبارا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خَبر سَبِ خَلقَ کي ڏِيَنَ جي وارا
سَيوئِي سو مَحِيهُ جيڪي چَياؤُن
نِياپا نہ اوڙِيان توڙانْ آنداؤُن
جِينْ فَرمايو ڏَٽِي تِيهِينْ چَياؤُن ۔

## واليوم الآخر

ڏينهُ قِيامَتَ مَڃِيان صَحِيُ تِيندو ايهُ
ويندو جڳُ مَرِي ڳَرِي سُج تِيندو ڏيهُ
صَحِيُ تِيندو سامُهون سَنڌو ڏِينهَ قِيامَ
تِڪَ تِيندِي ڏاڪَڙِي ڊِرجَندا وَرِيامَ
جِنَ ديوَ ماڙهُو مِروُن پَکَڻَ سَبَ خَلقَ
رَبُ رهندو هيڪُ ڏَٽِي ويندا مَرِي مَلڪَ
هُوندا مگر جَنتُو جيڪي آهَلُ سَندُنِ
عَرشُ ڪُرسِي لَوحُ قلمُ ۽ پُٺِ رُوحَ چَوَنِ ۔

## وَلَقَدرِ خَيرِهِ وَ شَرِّهِ مِنَ الله تعالي

خَيروءِ شَروءِ پايان پاهنجي ڏَٽِياءَ تہ
واتاءُ وِهَرِي پُوئان جي پانيان پِياءُ
خَيرَ ۾ راضِي مُون ڏَٽِي ۽ شَرِّئا بيزارُ
تيهيءَ اِنَ صِفتَ ۾ ڪَندو ڪونہ ڪُوارُ ۔



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وَالبَعثِ بَعدِ المَوتُ

جِيَارِيا جَذِهين مَرَڻَ پُڄاڻاءِ
ليڪو صَحِيُ ٿِيَندو جو تَڳو ڏِٺِياءِ
نہ مارِيا ڪَڏهِين جِيئَڻُ جاڻڪِيتا
ميڙي مَنجِهہ مَهِنديئي هُئو مؤمِنين سان
ڏِيَهُو تَوبَہَ تَوفيقَ سين ڏوهَنُون ڏاتارَ
سُوٺا شِرڪِئا ڪُفرَ ڪَلماءِ ٿِيَہُ تَنَ بيزارَ (١)
جاٺِي ٻُجهِي جي ڪِيَہُ ننديا وڏا ڏوهَ
تَنِئُون اوباهو ٿِيئِي ربَ تُنهجي توهَ
رَبَ رکُ مونِ شِرڪَ ڳُجها پَڌِرا ڏوهَ
جي نَنديا وڏا ڪُفرَ ڪافِرَ ۾ تياءِ
آجاڻندي ڪِيامِ جي تَنِي لَهان پياءِ
آجاڻِندي جي ڪِيُہُ پَسَہُ ڏوهَ آپارَ
مَڱَندي مَرهِين تون سَڀاجها ستارَ
ڪي ڳُجها ڪي پَڌرا هِي جي ڏوهَ ڪِيوهُ
سڀاجها ٻاجَهہ ڪري مَرهِين سَڀ سَندوهُ
عَربِياءِ سِنڌي ڪِئِي ”حاجي“ بَيتَ ڪري
تہ سِڪَڻُ سُهڪِي ٿِئي آٻوجَهنِ وَرِي

---

(١) سوٺا= سُٺا، ڀَلا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سِنڌي آهي سُهڪِي سِکڻُ اپوجَهن
پانهجي وائيءَ پَروڙي سِگهائِي سِکَنِ
مَرهِي تَني ڪي مُون ڏٺي ڪملون ڇيو جَنِ.

لا الـه اِلا الله محمد رسول الله.

---



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ايمان مفصل -٣

## آبِقُعي يا قيد وصلاتي نَڪتا

پِهرائين الله مَڃِيا تانْ ٿِيي پوءِ مَلِڪاسِ
أيا جي فَرمانَ ۾ سَڀِ بَندا سَنداسِ.

### وَالكُتُبِهِ

ڪِيتبَ سَيئِي مَڃِيا ۽ مَڃِيا قرآنُ
مَٿي آيئو مُرسَلا اِيهُ سَچو فَرمانُ.

### وَرُسُلِهِ

صِدقَ مَنجها مَڃيا سَڀِ سنداسِ رَسُولَ
هُوئا بُزرِگوارَ جي چوڪِي مَنجها نُورَ.

### وَاليَومِ الآخِر

ڏِينهُ مَحشرُ ڪي مَڃِيا، مَڃِيا ڏينهُ قِيامَ
ڪَسَ ٿِيَندي ڏاڪَڙِي دِرجَنْدا وريامَ.

### وَلقدرِ خيرهِ وِشرِّهِ مِنَ الله تعاليٰ

خَيروءِ شَرّوءِ پانِيانْ سانئِيءَ پاراءُ سَڀُ
خيرَ ۾ راضي ڏِئِي، شَرُ نه راضي رَبُّ.

### وَالبَعثُ بَعدِ المَوتِ

جِيَڻُ هَتوئِي پِري مَرَڻُ ٿِيَندو حَقُ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وِيَـــــڙا وَهِـــــي سَــيڪَــهَيـــن اڳَـــي لِـــڌو ڏَڪُ
”سَـــڪَرَ ڏِني“ سِنـــــڌِي ڪِئِي صِفَتَ هِـــيءَ اِيمـــانَ
تَـــنِ سَـــيئِـي پُنَـــيون جـــي ڪَـــلمــــي ســـانَ.

لا اِلـه اِلاالله محمد رسول الله

---



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# عقيدي جو اقرار

## اللهُ رَبّي

اَللهُ ڏِنّي مُهِجو جَهين آپائينو ڏيہُ
صِفَتُنِ خالِقَ جي نَڪو پاندُ نہ ڇيہُ
ماڙهو مَلَڪَ جِنَ پَري ۽ جي اُڏامَنِ ڇُرَنِ
جَرِ ڪوڙين لَڪَ پَدم وَري سَڀِ صِفَتون ڪَنِ
ڪَهِ صِفتاءِ هيڪَڙيءَ سَتارَهَ تِئا نہ پُجَهنِ .

## وَ مُحَمَّدَ رسولي

مُحَمَّدُ رَسُولُ مُهجو جوَ سينگارُ سَيِنِ
ڏُئيو نَبيَنِ ۾ خاتَمُ رَسُولَنِ
شَفاعَتَ حَبيبَ جيءَ مَحرُومَ ڪِيمَ ٿِيَنِ
شَفاعَتَ حبيبَ جي متي مؤمِنَنِ
مُئي پُڄاڻاءِ گورَ ۾ پِنيا پُٺِ ماڳَ ڇَوَنِ .

## وَالقرآنُ اِمامِي

قُرآنُ مَهندارُ مُهجو تَنهِ نالو فُرقانُ
نازلُ ٿِيوءِ نبيءَ کي خداءِ جو فَرمانُ
سُئِي جَنِي مَڃئو پُورو تَنِ اِيمانُ
ڇَڱايون قِيامَ جون ٿِئاءِ لَهندا دانُ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جَنِي جو بَيانُ، چِيانْ ڪِيو نہ ٿِئي.

### وَالڪَعبَةُ قِبلَتِي

ڪَعَبَةُ الله قِبلو مُهجو، جنو جو تڪي ماڳُ
جَنِي ڪَهِي سو پيتوءِ وڏو تَنِ سياڳُ
قارُوناءِ ڪوڙين پَرين جَنِي ڏوه ڪيا
جُہ داخِلُ ٿِيا تہ مَگرُ حَرامُ مومِنين.
"وَمَنَ دَخلَهُ ڪانَ آمَنا" جانڪيتا جِيا .

### وَالمُؤمِنُون اِخواني

مؤمِنَ يارَ مِنهجا جَنِ ڪَلمو واتِ
نَمازَ روزا زَڪواةَ حَجَ پُنِ ڪَندا تاتِ
حُورُون قَصَر ميوا مازيُون خداءِ ڏِيندُنِ ڏاتِ
جُه لِقاءِ حاصِلُ ٿِيو تہ سَبِ وانداٸُون واتِ.

### وَالاِسلامُ دِينِي

اِسلامُ دِينُ مُهجو ثابِتُ ڪري سِڪيج
سَنئين واٽُ چِڏي ڪري وِنگيءَ تانَ مَ هَليج
چَگائُون چِتِ ڪري مَنيءَ ڪَنُ مَ ڏِيج
لِدو ڪِتابَنِ ۾ سو پُنِ صَحيُ سُٽيج
"اَلاِسلامُ هُوَ الاِنقِيادُ الآ وامِرَ الله تعالىٰ وَلاِجتِناب
عَنِ النَواهِي" ڪَنُ اِنَ کي ڏِيج



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اَنـدَنُ ڪَـنـدُ مَجَـڻُ هِـنـيـو اِيـــه پـورو اسـلام
تَہِ جـــو ڳِنُـهہ مَ نـامُ، جـانِـئـي ڏوهُ پِـرائيـن ۰
فرضَ وَاجِبَ سُنَّتون مُستَـحِـبَ مَـڪـروهُ مُبـاحَ
جَـنـي حـــرامَ تـارِيـا تَـنِ ڳـرِ پـريـنْ آهَ
قِيـامَ ڏيـنهَ مَـنجهـاءِ، جُہ سَـبُ لهـنـدا پُورِهوءِ ۰

لا الـه الاالله محمد رسول الله

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ڪليو ڪٺيو خصمن کي ڪوار تنب بابا ڪمرجي تون تيا فور

سنڌي مه ڏنو جي دهو تور د تو م سبب تني حال جو تني تي

جيئن دنا ميهنا مون سوکي بگور وهي هلکو هيا ابا تين جيئن

نمل جين نلگذاري رور اکيا تو ر کوليه جين نا ڏاکير دلي

تن نصوديءَ هڪله شفاعت رسول عمر بتر ڪرو جو را ايه جو بعد

ڪالاءِ سنو وجا بوءِ ملو جو رحمان ڪنيبڪي انا نو سهن رسول جي و بوڪ

بيئي جو بي ڏونه جي ترما ايد تو بين تحات احمدي شريعت ڪرو جو ڪو

تا اهو دن عنو ڪو ناجي [illegible] مرو وجو ت ايمانيد ڪلمو باڪبر محمد

ڪلمه ڪفر

بسم الله الرحمن الرحيم

جنبر ڪتاب مجهه لکني هالڪري ادو هجي مصطفيٰ وي تو مات ڪري

اصحابين جو اج ادو هيا با رهت بري ادب ڪري ايتا جو

ايه [illegible] تير باسرو دسو هار الهي و بين ادو هه سجا ر تعالي

جنباي ڪافر بري ڪار امتي شهه ايد و هيڪرو زما نو جي تن

زاق مومن صو دا يهه ڪافر تو ڪفر ڪلما تنڪا بيو بلهذا

ڪفر ڪلمي ڪفر تبيڪي ڪري بمکو تولي جي اسلام ڪريا جت جهان هو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## [١٦]

# كلمات كفر

## [حرام كم]

بسم الله الرحمٰن الرحيم

خَبَرَ كَتابَنِ ۾ لِکَئُهارُ کري
آنڊوهِجي مُصطفيٰ وينو ماٺِ کري
اَصحابَنِ ٻُجهئو اَڄُ آنڊوهيا اَپارَ
هَتَ ٻَڌي اَدَبُ کري اُبيتا چوڌارَ
اي سَباجها سُپرين سَرَوَرَ سُونهارا
ڪِهي ويٺِ آنڊوهِيِنْ سَچا رِپيارا
چَيائِين ڳاٺَر.يَري ڪارَڻِ اُمَتيَنِ
پيهي اِيندو هيڪڙو زَمانو ۾ تَنِ
راتيِنْ مومِنَ هُوندا ڏِينهَ ڪافِرَ ٿِيندا
ڪُفرَ ڪَلِما تَنِ ڪانْءِ پِيو نہ لَهَندا
ڪُفرَ ڪَلِمي ڪُفرَ ٿِيئي شال کري مَ کوءِ
تولِي ۾ اِسلامَ جي حُجَتَ جَهْلُ نہ هوءِ
ڪُفرَ ڪَلِمو جَهِ پَوءَ جوءِ حَرامُ چَوَنِ
تہ پِرِ تَنِي گَڏِيئہ ڪَرِ زِناؤُنْ ڪَنِ
اِي جي تہِ گَڏِجَڻاءِ حَملُ رَهي کوءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪو چوءِ پاهِجي جوءِ کي اِيَ ڪافِرِ خُوارَ
هُوءَ چوءِ اِيَهِينْ آهِيانْ توڙي ڏارِ مَر ڏار
ڪا مُصِيبَتَ کي ڪَهِينْ رَبي ڏُونهُ خُداءِ
هُو چوءِ مُون سين ظُلمُ تِيو ڪِيو جو نہ جُڳاءِ
۽ پُڻِ ڪو چَوي کي ڪَهِين ڪَرِ نِمازَ جَواءِ
هُو چوءِ مُون کي ڏِٺي نمازِيْ نہ ڪِئاءِ
ڪِ وَرِي اِيَهِينْ چوي نہ سُگَنِ سُهامِ
نَمازَ ڪَرِيانْ ڪَنِ کي نہ جوءِ نہ وِيامِ (١)
ڪِ وَرِي کي ڪِ حَرامَ کي بِسمِ الله پَڙهي
ڪِ ڪافِرَ کي مومِناءُ چَڱو چوءِ ڪَري
ڪِ گَڏِجَڻُ تَهِينْ جوءِ سينْ جا تِرْيَ چَڏِيياءِ (٢)
رِءَ ڏِني مُڙِسَ پِٺي حَلالَ ڪِين تِياءِ
ڪِ چَڏِي هُوئِي بَيَرَ ڪِي پِيْ سِي چَوَنِ (٣)
رِءَ نِڪاح پِيْ مِڙي تہ ڪافِرَ لِکَنِ (۴)
مُهْرُ مُسلِمُ آهِيان ڪو چوءِ ڪَهِين کِي
هُو چوءِ لَعنَتَ مُسلِمانِيءَ تُهجِي اُتي
هِنِ سَيِنِي لَفظِينْ چَئي مومِنُ ڪافِرُ هوءِ
ڪُفرَ پَئي نِمازون روزا ڪَري قَبُول

---

(١) نہ زال اٿم نہ اولاد اٿم (٢) ترِي ڇڏيياءِ= ٽي طلاقون ڏيئي ڇڏيل (٣) ٻيَرَ= زال (۴) مِڙي= ملي، گڏجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بازي نَردِ ڪِ شِطرِنج ڪِ قُمارِ رَوَنِ
ڪَرَنْدي هَٿَنِ سيڻْ بِسمِ اللهِ چَوَنِ
ڪِ ڪَهي پارِ خُداءِ ڪي اِشارَتَ ڪَري
ڪِ تَہِ سَندِي ذاتِ ۾ صُورَتَ فِڪرُ ڌَري
ڪِ چَوَنِ ڏَٺي نَبيءَ جاڻندا آهِيَنِ
عِلمُ غَيبُ خُداءِ رِءَ ٻي ڪِي ڪَهِينْ مَ ڏِينِ
ڪِ ڦُري اِسلامَ ڪي پاڻا آڻي مالُ
ڪافِرُ ٿِيو تائِينْ ڪِي پاڻِي ڪَري حَلالُ
هاجَ ڪَمُ تَہِ پاڻَ جي ڪِ بيع سَندِي تَنِ
جي پاڻِي حَلالُ ڪري تَہ ڪافِرُ لِکَنِ
ڪِ پُٽِ آڻي چورِئي ڪِ وَڙي نَراڻُ ڪَري (١)
جِينْ پاڻِي حَلالُ ڪري تَہ ڪافِرُ ٿِيو پَري
جوئِينْ ڏِيَرُ جَنِ جُون پاهَرِ ٿِيُون پِرَنِ
رِيسَ نَہ هوءِ تَنِ ڪي سي ڏيُوسَ لِکَنِ
جاڻندا ڏوهُ ڪَري تِي ڏيُوسَ ڪِيا (٢)
پَر جي نَہ جاڻندا ڏوهُ ڪري تَہ ڪافِرَ ٿِيا
ڪِ شَرابُ ڪِ ڀَنگَ ڀَنگِئي ڪِ پِيو اِهوءِ
پاڻي جي حَلالُ ڪري تَہ ڪافِر ٿِيوءِ

---

(١)نراڻ= نَر، پاڻاري (٢) ڪيا = خماريا


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪِ غِيبَتَ حَسَدُ ڪِلَ چَتَرِ ڪِ آهَلِين ڪِيوءُ
يانِئِي جِي حَلالُ ڪري تہ ڪافِرَنِيُون تِيوءُ
گَذِجَڻُ حَيضَ نِفاسَ ۾ ڪِ ڪِيَءِ ڏُبراءُ
يانِئِي جِي حَلالُ ڪري تہ ڪافِرُ تِيو تِياءُ
ڪِ ڪري سَجِدو گورَ ڪي ڪِ وَرِي ڪي بُتَنِ
ڪُفَرُ تِيسئُس اِنَ پَرِ جِينءَ ڪافِرَ ڪَنِ
سَڀاجها ڀاجَهہ ڪري مُون ڪُفُراءِ رکيج
جانْ پَسانْ لِقاءُ تنو، نَبِيَ سين ميڙيج
ڪَلِمُو جَنِي واتَ ۾ سڀي سَڀْ ڇُوٽائيج .

لا الـه اِلا الله محمّد رسول الله


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## كلمات كفر كہ در بانگ نماز

بانگَ ۾ ڪُفرَ بانگہِ، ڏَهين ماڳين هوءِ
جو چڱي اُستادَ رءَ سِڪي صَحِيُ نہ چوءِ
جي اَللهُ ماڳِ اَلاه چَوءِ، اَڪبرُ ماڳِ اَڪبارُ
اِيہ پِئو ڪُفرَ بانگَ ۾ چوءِ جي چُوٽِهارُ
ٽِرؤ اَشهدَ ۾ وَڏِيَ شِيناءُ چُوڻُ نَنڍِي سِينَ
اِيہُ ڪُفرُ بانگَنِ پِن جائِنِ سِڪہِ جِينَ نہ
۽ اَشْهَدُ ۾ هِي سين مَٿي حَلقي حَيَ
چوٿون ڪُفرُ اِيہُ جانْ بانگو بانگَ چُنڊِي چَئِي
پَنجون چوئِيڻُ شدّ رءَ ۽ جي اِلا اللهُ
ڇهون اَشهَدُ اَلفُ رءَ پِهرِينِ جي چُونداہُ
سَتوءُ مُحمّدُ مَدَّ سين مُحامَدُ جي چوءِ
بانگَ ۾ بانگن کي اِيہُ پُڻِ ڪُفرُ هوءِ
اَٺوءُ اَلفَ سين حايَ علي الصلواه حَيّ
نوؤن پُڻ تِنئي چُوئَڻُ حايَ علي الفلاح
ڏهون حيّ شدَ رءُ چُوئَڻُ هَر پُٺي جي حَيّ
آهي ڪُفرُ بانگَ ۾ خطا ڪَرِہُ مَ ڪي.

---


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسلامي شريعت جي سکيا لاءِ ڪتاب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[١٨]

# ڪتاب شريعت

بسم الله الرحمٰن الرحيم

عِلمُ شَرِيعتَ جو سِکَڻُ فَرضُ سَڀِنِ
توحِيدُ، نِمازَ، روزا، حَيضُ ۽ نِفاسُ ٻچَنِ.
پاڙهايُوهُ جوئِنِ کي، ڏِيئُنِ پيٽُنِ ڏاهَ
جيُتا جن سيکارِيو، ٻِي پَرواهَ نہ آهَ
پُڇِبا اِن لَکِ گهڻو عِتابُ ڪري
"کُلّکم راعٍ کُلُکُم مَسئولٌ عَن رَعِيَتِه" نَبِيُ فَرمائِي.
جوئِين ڏِيَرُ چَگِيَان پَردي رکيجِ
توڙي وِلها ڏِينهَڙا تہ پَرُ هِمَتَ ڏيجِ
جوئِين ڏِيِيَرُ جَنِ جِيُون باهَرِ ٿِيُون پِرَن
رِيسَ نہ پوءِ تَنِ کي سي ڏُيُوسَ لِکَنَ (١)
جي چاڻَنِ ڏوهُ کَري، تي ڏُيُوسَ ٿِيا
جي نہ چاڻَنِ ڏوه ڪري، تہ ڪافِرَ ٿِيا.
ٻِنهِي پَٽِين پُڇِبا نَظَرُ ڪري نِهارِ
جي مَنجهان اِنِي هِتُين تہ نمازَ مَ کارِ
ڪائُون، ڪارايِہُ خلالُ. پَچُون ڪانءُ حَرامَ
مَتان لُڏِئِين لِکَ سِينءُ وِهاٽِيءُ وَرِيامَ.

(١) ريس= غيرت، ساڙ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کوءِ سو هورو کَنَدُ سِين کِيوهُ اَندرِ چاهِ (١)
وَرُ جان مانِي رُکَڙِي جِهِ کاڏِي پِيَوَ ناهِ
پَرهايُهُ بانَهنِ کِي جِين پِرَهُ خاصو پاڻِ
خَطا کَنِ، بخَشَ کَرِهُ، مرَ مارِيهُهُ سَڙاڻِ
کَڙِي ڏَٽيَسِ زَنجِيرَ ۾ ڏِبو بانهي هَٿِ
هِتِ رَنجاڻُ تَنِ کِي اِيَ نہ چِکِّي مَتِ
تو پُڻِ چِٿَنَڻَ آسَرو تَهِين جي دَراءَ
بخَشِ خَطائُون هِتِ بِئَنِ، تہ هُتِ تُسي تو راءَ
پاڙو اوڙو تِيسَءَ کَرِ جِين نہ ڏُکوئِجَنِ
پاڻاءَ چَڱو بِئَنِ گُهرُ، اِي ڳالهِين مُڙسَنِ.
ماءَ پِيَاٽي حَقَ ۾، پوڙهائي هوءِ جاهُ
رِءَ خوُشنودِي اِنِ جِيَ جَنَتِين نہ مُيَداهُ (٢)
رَحمتَ گَهٽِيَ اُميدَ کَرِهُ دِرجُون عَذاباءَ
جِي نہ جاٽِي ڏوهُ کري توڙِي نہ ڏوهوءِ
کافِرَ ٿِئِي، باتِّفاقِ مَنجِهہ کِتيبَنِ چوءِ (٣)
اَمرُ نَهِي جَنِ کِئو بابُ وَڏائِي تَنِ
ڏُوٽِئو پَلَ کري چِکِّيَ آچِؤ هَنِ.
رَبُ فرمائي تِين جو دِرجُ مرَ کيٻِٽي دِراءِ
رِيائِي مرَ ماٿِ کر توڙِي سگِهو پِياءِ (٤)

---

(١) هورو= پورو، گرانهہ (٢) مُيَداه= مُنجندا، موکليندا (٣) کتيبن کتابن
(۴) اصل اٿين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رڪڻُ حَقُ اَللهَ جو ايندو ڏوهُ نه ڪوءِ
سُڻهُ هيين ڪنَنِ سين مُخبِرُ صادِقُ چوءِ.
ڪُنجُ قِناعَتَ صبر پِڇهُ، رِزقُ رازِقَ ڏانهُ ياءِ
مُتوَڪِلُ وَس ڏَٺيءِ، مَ واجِهاءِ بِئاءِ
جِين ٺَڪڻِ سين چِڏِيءُ نَنديا وَڏا ڪاجَ
مَ پانئيج ڪَه ٻِئي ڏانهُ اَللهَ جي هاجَ.
جيڪي رَسي رَبَ ڏانهُ تَنَه ۾ گَهرُ اَڏيج
هيَهِين جَهلُ ڪري پانَ مَ وِجائيج.
پِريتَ رکي رَبَ سين جي حَدُون اورانگهين
لِکيوءِ آهي نَصَ ۾ پَڇُ تہ خَبرَ ڏِينِ.
سَلامتَ ساري ڏِجاهُ اَمانتَ ڏَٺين
پرائي ڌُرهَنِ جي رَبُ نہ تَسُي تَنِ (١).
عذابَنِ ۾ نِڪِتُو ڪبو تَنِ عذابُ
حَقُ پَرائو جي ڌُرهَنِ ڪِوري ڪَنِ خَرابُ.
ڏِجاهُ قَرضُ اَللهَ لگِ سُودُ مَ مَجِيجاهُ
تَنَ پانهجي پاڻِهِي مَگرُ مَ ڏِيجاهُ
ڏِجاهُ اَنُ اَگهِ ڪري ڪِ حبَہِ جهو پوءِ
پُوري ڪاسين ڦُٽِرو جو اَگهُ بازارِ هوءِ.
جي ڏِئي ڏهَ جُوارِ ڪو، اُتي ڏهہ ڪَهَنِ (٢).

---

(١) ڌرهن= تڪين. تُسيءَ= مَرهي، بخش ڪري. (٢) ڪَهنِ= ڪٽڪ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪ ته وَرِي ڏئي ڏه جُوارِ ڪو اُتي ڏهَ جَوَن.
ٻنهي پَتين مُجرو ڏيو اگهُه بازارِ
جي نه ته جَوَ جَونِ سين، جُوارِ سين جُوار.
گهٽي چيٽراڻُ ڪري هي جي پوکين پُون (١)
کيتريون خُواريون تَن ي لِکئون ڏنئُون مون
پُون جَنِي جين پوکيُون اَهڙِي تَنِي ڏيهُه
پاهجي حلالَ ڪي مَ ضائِعا ڪَرِيهُ.

[روزا]

روزا نِيَتُنِ سين ترِي وِيهُون فَرضَنِ
واروآرَ سَيڪَهين سنَياري نِيتَ ڪَنِ (٢)
جي تِريهَنِ ۾ هيڪَڙي ڪو نِيَتَ ڪري
ته روزي رِءَ هيڪڙي ٻئنوءُ پوءِ پڙهي.
تِري توڪَ روزو ڀَجي، کِيڻُ، پِيَڻُ، جَماعُ چونِ
اِنِ رِءَ ٻِئا مَڪُروه ڇيَاءُ روزو جي نه ڀَجَنِ.
صُبحَ صادِقُ اُيَرِي تا اُلهَندو سيءَ
اِنِ وِچ ۾ روزو فرضُ هوءِ نَبِيَ فرمايو اِيئَ
زَحمتِي ڪِ سَفرِ، جو تِري ڏينهين هوءِ
جي رکِي سَگهي ته رکي، جي نه ته موڪَلَ چوءِ.
موتي جُه گهرِ آيو ڪِ چڱو ٿِيئوءِ

(١) چيٽراڻ= جدائي. پُون= زمين (٢) واروآر= ڏينهون ڏينهن، هرهڪ ڏينهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوا تان قضا ڪري اُتس ڪونہ پئوءِ (١)
جان ننڍڙي ڪيرُ ڏيِ، ڪِ وَرِ حاملَ هوءِ
ڪِ بندیخاني ڏاڪڙي، تن حق پُٽِ ايَ چوءِ.
مگرِ صاحبَ حيضَ جا، ڪِ نفاسَ وري
سا مَ رکي روزا، مَ نمازَ ڪري
ڇُٽاءُ ڇڱي ٿئي سوا تان سا ڏري
نمازُون بخشِ ٿيون سُورِ مَ گُذاري.
مڙي مَ مڙسَ سين انِ پنهي حالنِ
جي پائين حلالُ سو تہ ڪافرَ ٿينِ.

[نماز]

پنرہَ فرضَ نمازَ ۾، ٽري غُسلَ ۾ چونِ
ٽري تيممِ، چارِ مسحي، ساري ڪجاهُ تنِ.
ستره رڪعتُون فرضَ، وِترُ واجبُ ٽري
قضا حقِ وترَ ڪي، حُڪمَ فرضَ جيَ ڏي.
جہُ وِترُ قضا ٿيو، جان جاڳندي ۾ سُئو
گذاروءَ نہ پري تہ تہ رءَ وقتُ پئو.
جي وقتُ تنگِ ٿيو ڪِ وِسرِ ٿياسِ
ڇہَ وقتَ لڳِ ويا ساقطُ ترتيباس.
ستَ فرضَ ايمانَ جا ۾ مذهبَ چارِ

(١) سوا= سوئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پُٺيون چارِ رسولَ جيئُون، پَنجَ قِبلا سارِ.
نَنڍيَ وَڏِيَ شَهادَ جي معنيٰ فرضُ سِکيجِ (١)
رِءَ واحِدَ خُداءِ، شَرِيڪُسِ نہ ڪو ٻيو
جَہ ِ پانهِپَ جُڳاءِ، ناهِ ڏَٺِيَ مَوجُودُ ڪو.
گَواهِيَ ڏِيان ڪو ناهِ ڏَٺِي مَگرِ هيڪُ اَللهُ
مُحمدُ آيوءُ حَقِ ڳَري ريبارو تہ ڏاهُ (٢).
مُسلمانِي پَنجَ ٿوڪَ، جا بِناهَ چَوَنِ
شَهادَ، نِمازَ، روزا، زڪواهَ پنجوءُ حَجِ وَجَنِ.

[زڪواه]

مالَ زڪواهَ حَجُ فرضُ آهي سَگهہَ جَهِين
تان جي سَگهي نہ ڪري تہ ڪونهس ڪِين.
مومِنُ ڪِينِي هاجَ ۾ ڪو دَرماندو پوءِ
ياري ڏِهو ڪي تَهِني جيڪا واڳِئا هوءِ (٢).
جي دَرماندا هيڪَڙا، اُيا ٻِيا ڪِلَنِ
گَهَٽو ڪوجِهي ۽ ڪُوڙِي اِيَ پَرِ مومِنِ
هيڪ ٻِئي جو اَگرو، ٿُڙُ هيڪُ سَپِنِ
جِيئن ڪو تاءُ ڏُکوبو تہ وَجي سُکُ ٻِئَنِ.
جي تو گُوندَرُ نہ ٿِيئَيُ ڪَنِي جي سُوراءُ

---

(١) شهاد= ڪلمو طيب (٢) ڳري= ڪان، وٽان (٣) ياري ڏهو= ساٿ ڏيو، همراهي ڪريو. واڳِئا هوءِ= تعلق هجي، مصروف هجو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ تون ياءُ نہ مومنا، نہ آدمَ وِياءُ (١)
ساهيئي سان واتَ ۾ ڪرين نفاقُ مَ ڪوءِ (٢)
ليکي چوکو پايَپي جِنَ سوائي هوءِ.
عِلمُ سَيوئِي اِنَ ۾ ڳالهين چَئين لِکَنِ
سِکِي اُتنِ ڪَمُ ڪَرِ، چَيو عالِمَنِ.
هُشياري فرضَ ڪَرِ، نَفلُ ڪَري تجارَ
بِئِي جاڻاءِ حَلالَ ۾، تِيُ حراماءُ ذار (٣)
تِرِيئي جاڻاءِ ڳالهاءُ سَچُ، ڪُوڙُ مَ ڳالهائيجِ
چوتِين جاڻاءِ نَفعي لَڳُ، ڪوءِ مَ ڏکوئيجِ.
فَرضُ ڪِفايَہَ تَنِ کي چَيو عالِمَنِ
جِي گُذارِينِ هيکڙا، اُتاءُ لهي بِئَنِ.
چِڪَ جَوابُ سَلامَ جَوءُ پَرَ جِينَ هُئي سُتِينِ (٤)
عِيدَ نِمازَ مَيتَ پَڻِ آمرُ نَهي ڪَرِينِ.
عزا ڪافِرَنِ سين، پُڇَڻُ رَنجُورَنِ
تان جِينِ اُتي ڪافِرا مومِنَ چَڙهِي وَجَنِ
ڪِجِين اُتي مومِنا ڪافِرَ چَڙهِي اچن
وِڙهڻُ فرضُ عَينُ جوءِ جوئِين ۽ مَڙسَنِ
بِڌئو پاڻياءُ ڪَڏُ، واتَ- مُوڙهي ڪَڻُ هَٿُ
بُکِئي کِينُ، اُجِئي پاڻي، نيهرَڻُ مَيَتُ.

---

(١) وياءُ= اولادُ (٢) ساهيئي= لهڻيدار (٣) جاڻاءِ= جاڻ، شمار ڪرڻ (٤) چِڪ= زور سان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جـہُ مـرَڻُ اوڏو ٿـيـو مـُنهُ قِبلـي ڪــرَيــجِ
سَڄو پاسو پَرَ سُمهاري ڪَلِمو شهادت چئيجِ.
پِـهرِائِين طهارتَ ڏيـهـسِ جو فـائـتَ ڪــري
مُنهُ هَٿَ ڌوئِي، پيرَ ڌوئـِس، پاٽِي نَڪ واتُ مرَ ڏِئي.
سَڄو پاسو اڳ ڌوئِي تاءُ پـوءِ ڪَـٻو ڌوئـِس
جَهلي وِهاري سَئون پـاٽـِي پـاءِ هــيـسِ
آسـَڻِ آسـَڻِ پـيـٽَ ڪـي ڪــي پـُـڻِ آڍِئــِس
جيڪِي تـائـِين نِڪري سوئِي هنڌ ڌوئــِس.
موتِـي مَتاءُ ٿـي بِيهَـرَ غُسـلُ مرَ ڏيـهـسِ
پـاٽـِيَ پائي بـيرَ پَنَ، ڪِي ڪوسو ڪجاهِس.
اُونـاهَـرو ڪِ ضـرورُ هوءِ تـازو آٿـيجاهــسِ
سـُرهـائـِي نَـڪَ ڪـَفَـنِ سـيَن سـاري لائِـهِـس
لِـفـافُ اِزارَ پيراهَـڻُ سـَريـئِي تـہ ويـــڙهـــسِ
جي نـہ تـہ جِهوئِي لـَهِين تـِهـوئي ڏيـهـــِس
جوئـِنِ ڪي پـَنجَ چَوي جي ســـرَنـــدو هـــوءِ
ٿـري اِهــيـئي، چوٿـيـن دامَنِي، سِينابـند پَنجوءِ
اِيـندا رُوحَ مـــِڙِي ڪري ســَنــدا مـــائـِـٽـرَنِ
پـَسـِي پـانـهجا ڪَپـَڙا مـَرڪَنـدو ۾ تــَنِ
وِيـندا سي ايمانَ ســيـن ڪَـلـمـو چَيـو جَنِ.

لا اله الا الله محمد رسول الله



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# چار عَلم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## [١٩]

# چار علم

(علم توحيد، نماز، روزا، حيض نفاس)

سارا هِجي سو ڏَٺِي جو خالِقُ خَلقَ
تہِ سَندي فرمانَ ۾ ماڙهو، مروُ، مَلڪَ.
تَہِ اوڙڪَنِ ڪيترا ڪوڙين پَدَمَ لَکَ
اَتِ اُپايا پاتِشاهَ عالمَ گهڻا آلڪَ
ڪي هَلَنِ، سُرَن ڪي، ڪَنِي ڏِنائين پَکَ
ڪي عالمَ، عاقِلَ ڪي، ڪي ڪِيائين بَکَ.
ڪنِي ڳُندرَ ڳُڏري ڦوڙائو ۽ ٻُکَ
ڪي سَرَها سيٺَنِ سين، ڪَنِي ڏنائِين ڏُکَ.
ڪي ڪوجها، ڪي ڳورَڙا، ڪَنِي مُنهَ ۾ ڏِک
اِيَ پسِرِ پَسِي ڪيتَرا وَہ چڙهيا ۽ تِکَ.
اسان واري واتَ ڪَرِ، سائين لاهِين شَڪَ
مُنجهہَ متان تِنهين ٿِيندي جتِ پرَکَ.
مَوَلِيٰ مُحتاجَنِ ڪي تِتِ تُنهِجي رکَ
اَوڳُڻَ ڪِنجِ مرَ پَڌَرا واچايءَ وَرَق.
مُکا نَبِيَ مُرسَلَ ريبارا رَحمانَ
خَبَرَ ڪَنِ خَلقَ ڪي سُونها مَتِ سُجان.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندا ساڍَ سُپرين هُوئا مهربانَ
ڪَنبيا نہ ڪوڙن پيئي پَسي پَهلوانَ.
سَڀِ چيا وُن اُنِ کي مولي جا فرمانَ
ڪي آيا اِسلامَ ۾، ڪي نَيا نہ نادانَ.
اَوتَڙِ ۾ آياڳِيا جوڙيئي جُهڳا پانَ
جيڪي واريِن سي وَرَن، ڪونہ وَهيٽو پانَ
اِتِ اَندازو ناهِ ڪو آسانهِجي چانَ.
آهي ڪتابَنِ ۾ خَبرَ اِيَ ڪَري
جِہ پُڇيبا ڪَمنِ کي مازهُو، جِنّ، پَري
متان وِجهبہ وِچَ ۾ نَنديِ بَدَ پَري
اوڪارَٽو اُڪِري لَنگهِيئين مانَ تَرِي. (١)
عِلمُ شَريعَتَ جو سِکُ کِي، وَجِين جان نہ مَري
چِوتَڪي جِي سِيني ڏِسين اِيَ ڳَري (٢)
اِلاهي "عثمان" چوءِ تا ڪِي ڏِيهُون چانُ
تہ اُتي اِڳئين پَندَ جو پُڇُهون ڪو پَرِيانُ.
اَسان کي شَريعَتَ جو عِلمُ ڪَرِ آسانُ
تہ سِکُهون ۽ پڙهُون، توفيقَ ڏيهُون ڏانُ.
ڪوهِ نہ سِکو مازهُوئا عِلمُ شريعَتَ جو
تَہِ رِءَ ناهِ ڏِکُ، غافِلَ مَ ٿِئو.

---

(١) اوڪارٽو= ٽَڙ، لانگهو (٢) چِوتڪو= ڇوٽڪارو، نجات. ڳري= ڳِلي، وات



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مُسلماني مُورُ جي سي ٿوڪائي پَنجَ
سِڪو گهَٽي يَقِينَ سين مَنجها لاهي رَنجَ
تان پِي وِيندي پِريَ ڏُونهُ وچان پوءِ نہ ڪَنجُ.
هيڪڙو شهادَه ڪَلِمو، ٻيو پَنجَ اَوقاتَ نمازَ
ٽِرئو روزا رَمضانَ جا، چوٿِينَ مالَ زَڪواه
پَنجوءُ هَلڻُ حَجَ ڏُونهُ جيىن هوءِ وَهيا واٽَ.
زڪواه ڏِيڻُ، حَجُ ڪرڻ، مَٿي ياڳِ پَرِيَنِ
فَرضُ نہ آهِينِ اِي ٻِئو اُتي فَقِيرَنِ
سَيِّت شهادَه ڪَلِمو يَقِينَ سين چَيوءُ
تَہ سَندي معنيٰ جا، پُڇِي سَبِ سِڪوءُ
”لا الٰه الا الله“ هِنَ پَرِ سا ٻُڌوءُ.
ناه ذَاتِي ڪو ڪِيتَهِين رِءَ هيڪڙي اللهَ
سِجُ چَنڊرُ تارا ڪَتيُون پُونئي اَيَ گُواهَ.
”مُحَمدُ رَسُولُ الله“ موڪَلِئو اَلله جو مُحَمدُ ريبارو
سَيِنِي سو ڪارِي سانئِيَ پِيارو.
”اَشهَدُ اَنَ لاَ اِلٰه اِلاَ الله“ گُواهِي ڏِيان سَچَ سين،
سَچِي سَچَ مَنجهاءُ
جِين ڪونهي ٻيو اِلٰهُ، هُئو ۽ هُوندو، جو آهي سو اَللهُ.
”وحَدَهٗ لا شَرِيڪَ لَهُ“ واحِدُ ذَاتِي سو هيڪڙو، تَہ پائِي
نہ ڪوءِ (١)

(١) پائِي= پائيوار، شريڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ تہ سين وَزيرُ ڪو، جيڪِي ڪري سو هوءِ.
"وَاَشهَدُ اَنّ مُحمدُ عَبدُہُ ورسُولُہُ" ۽ پُڻِ گُواهِي ڏيان
سَچَ سين، سَچِي سَچَ مَنجهاءُ
مُحَمدُ پانهو اَللهَ جو مُڪائسِ پاجهاءُ
سَيِني سو ڪارڻِي سَيِني سو راءُ.
چارِ علمَ فَرضَ جي سِکڻُ سَيِني کي
اعانتَ اَللهَ جيِ بَيانُ ڪبا سي.
جيڪِي گُهري پاتِشاہُ تَنِ توفِيقوُن ڏي
"يَهدِي مَنّ يَشاءُ" مُوڙها واٽَ ڪري.
پَر مَنجها اِنِي سَيُکو ڪبو ڏارَ بَيانُ
تہ سِکَڻُ سُهکو ٿِئي اَبوجَهنِ آسانُ.

## [علم توحيد]

تَنِي مَنجها پِهرو علمُ توحِيدُ چاڻُ
سَيِي پَرين هيڪڙو سائِينءَ کي سُڃاڻُ.
ڄِيان چوءُ ڏَٽِي هيڪڙو هيِيين ۾ ڪرِ ويساہُ
اَللهُ آهي هيڪَڙو ڪونهي ٻِيو اَللهُ
تَہ سين شَريڪُ ناہِ ڪو مُلڪَ تي سَواہُ.
پائِي هُئو تَہ سين جي ڪو ٻِيو اَللهُ
تہ پُونئي اَيَ ڏرهِي پِيا، ٿِئُن پاڻَ ۾ ڪاہُ
"لوَڪانَ فِيهِما آلِهَہ الاّ الله لَفسَدَتا" مگر هيڪُ اَللهُ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ تنهين شريڪُ ڪوءِ، نڪو پهَ پريانُ
”ڪُن“ وچ ۾ سڀڪو سندو تنهِ فرمانُ
”اِذا اَرادَ شَيئا اَن يَقُولَ لَهُ ڪُنُ فَيڪُونُ“ ايڏوئي سُلطانُ.
وڻَ ترڻَ اويڙِ اَپَ پُونيءِ نئي نہ نِندُرون ڪَنِ
تَرَ ڏُونگرَ بَحرَ پيٽيُون نڪو پاندُ پَٽَنِ.
ڳاجُ نہ لَيئي پَڪَّٽا، پَهُون پَهچڻَ ڪسن (١)
سُرَنِ سهسين سُرَٽا، نڪو چيهُ مرُنِ.
خَلقتُون خالقَ جيُون پتو پتِ ڏِسَنِ
اِي سڀئي ڏَٽي ڪي راتو ڏينهَ گُهَرِن.
سَپِ اُپايا پاتشاهَ، سڀني سو مَنِ
هيڪڙائيَ اُتي ڏَٽيَ جي سڀ دلالت ڪَنِ
”وَدلّت عَلَيٰ وحَدانيتہِ آياتہُ“ نيشانيون مُوڙَهنِ.

[علم نماز]

پيو عِلمُ نمازَ جو چئجي، ڪجي گهٽي ڏرياءُ
نہ لَيي سويَ سَپين پرين مولي جي ڏراءُ.
تنهَ ۾ آهين ڪيترا فرضَ ۽ واجبَ
سُنتون ۽ مڪروه مُستحبَ اَدبَ.
پُڇي سڪو سڀڪي سچي ڪري طلبَ
تہ نمازاءِ پوري تئي جين فرمائي ربَ.

(١) ڳاج= ڳاڻيٽو، شمار. پهون= تمام گهٽا. پهچڻ= گهڻو وياءُ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جاڻي نِمازَ هيڪڙي جيڻ کو وڃائي
اَسِي حُقبَہِ دوزخَ ۾ وِجهبو تائي (١)
اَها ٿيڻِ کيترا نَظَرُ کري نِهارِ
ڇہَ هزارَ ۽ چارِ سَئہُ، ليکيڻ ۾ شُمارِ
اِنِ پُڃاڻاءُ کَڏهيڻ تيلا پُوندو پارِ.
جاڻي وَقتُ هيڪڙو وَڃايو جَهيِن
عَذابُ مُدتَ هيتري هُوندو کي تَهيِن،
جَنِي وَقتَ وَڃايا قَضا تا نہ کياءِ
کيَ ڇُٽندا کہِ پرِ، واءِ تَنِي کي واءِ!
جيکو موٽي سَچَ سيڻ ۽ توبَہَ کري
ڏوهَ تہِ جا پاتِشاهُ اَڳيان سَبِ مَرَهي.
پَر نِماز اُتائُسِ نہ لهي، قضا جا نہ کري.
گُواهِيِ بي نِمازَ جِي سُڃي نہ کيهِين
پُڇو گَهٽو پُڇَڻَ ۾ جي کريُ تيهِين
نِمازُن ۽ مُستَحَبَ ساري جَنِ کيا
سي وِيندا جَنّتَ ۾ رِءَ حِسابَ وَهيا (٢)

[علم روزا]

تِرئو عِلمُ رَمضانَ جو روزا رکڻُ جاڻُ
تہ توسيڻ توهُ کري، اَرهو تِئي شَيطانُ.

---

(١) تائي= کٽي، تپائي. (٢) وهيا= هليا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حَدَ روزي جي ليکِ سا ڳاڙهائِي کِينڻَ سِينءَ
اَسُورا ئِي ڏِينهُ سَڀُ، سِجُ اُلهَندو سِينءَ.
کِيٽاءُ پِيَٽاءُ، پَٽَرِ سُمَهٽاءُ هِيَ جَهلجي پاڻُ
روزي ۾ سَيِکَهِين نِيتَ فَرَضُ ڄاڻُ
نہ رِهاءِ نيَتَ رِءَ، مَتان ٿِئي اَجاڻُ.
جيڪو نِيَتَ نہ ڪري ۽ روزا ڏَري (١)
سو پاڻَ کي پاٿهِي جَفا جارَ ڪري (١)
جي ڪَهِ ڪاوءُ ڪ پِيو ڪ پَٽَرِ سُتو
اِنِ ترِنِيائِيَ هيڪَڙو جي جاٽِي ڪَهِ کِيو
ماڙهُو، مَلڪَ ۽ پَري سَبِيَ ٿي لِکَنِ
تان نَ ثواب پَلءُ ڪَوءِ دريا قَلمَ کُٽَن.
**جواب** ـ مَرِي ڇَڏيا ماءَ مايا ءُ مُڙسُ ڇَڏِيا يا
ڪَفنا ٿو ڳوراٿو تائين پُونءِ سيا
جيڪي تائِين اُپَڙي سو بارَه وٽَ ڪِجَنِ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چار ماءُ ۽ ماياءُ ڇَهہ، ٻيا مـڙَنَ وِجَهـنِ
بابُ تَماشو ديکُ توون جي ٻائرُ چاءِ وَجَنِ
جواب - مِهتِ ٻيڙي جَہ ٻَجي ساڳا هُوسِ امـامُ
پاڪِي لاهُواري ڪـئِي تہ چَـڙهَئِسِ عـامُ
اِمـامُ اَسُـونهــوءِ اَهُـڪـو پـَنـڌُ اِڪَيسِ
جيڪي ڪَپَرَ سين هٽي ناه تہ وِيرُ جَهـتـيـسِ
ڪَپَرَ وبل سـوجهـا جَهـِي اُونهـي تـانـگـهـي سَـيَ
تہ نـيـسِ تـہَ سِـيرَ ڪـري جا فَرمائِي رَبَ
فَرضَ واجِبَ چونِ جاٽي توڙي حافظُ هـوءِ
جاهِلُ ڪونجي نِمـازَ ۾ مـُلُ سـُجي لوءِ
چُٽين تہ پارِ ٽيـو ڪـلـمو پــاڪُ چوءِ.
لا اِلـہ اِلاالله محمد رسول الله

تحرير التاريخ ۴ شهر شعبان ۱۰۶۹
خق و مِلک عزت بن سليمان

---


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

كتاب نظامي، ازكيداني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تم شد ... سيد مير ڪري جا فرمائي رب غرض ... جو جاني لوڻي

جاءِ هلڪو ... مُلڪ ... لوءِ ... تبار ... باڪ جيو ...

بتاريخ ... شعبان سن ١٠٩٩ [illegible]

حق و ملڪ [illegible]

بن سليمان

ڪتاب ... [illegible]

بِسمِ اللهِ الرَّحمٰنِ الرَّحِيمِ

آغاز ڪريان ڏي نانءُ جو سارا آباد سڀ جو عالم ڏني ڪنو بخشش هار

سڀني سارا اهو جي جڳ جو جاڪ ڪئي ڏيو اهين ڏني ڪي وڏي ۽ واڪا نو

جهلي [illegible] هار [illegible] عالمان مدد ڏهار ڀاڳ وڏو رب غفار

[illegible] الي جي محمد نام [illegible] اَل اِي [illegible] مجيعو حبيب [illegible]

جان محمد [illegible] صحيح [illegible] سارا [illegible] صيف آبا [illegible]

[illegible] فرمان تنهن [illegible] ڪتاب [illegible] ڪري [illegible]

[illegible] بعد و مشروع [illegible] آهي [illegible]

[illegible] مشروعات [illegible] المشروع

[illegible] معني [illegible] حڪم [illegible] تيري طالب [illegible]

[illegible]



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[٢٣]

# ڪتاب نظامي، ازڪيداني

بسم الله الرحمٰن الرحيم

آغاز ڪريان ڏڻيءَ نانءِ، جو ساراهَ اَپارُ
سڀاجهو عالمَ ڌڻي گهڻو بَخشڻهارُ
سَڀِي ساراهُون، جي چَڱيُون چاڱِ گهڻي
ڏُيُون آهِينِ ڌڻيءَ کي وَڏِي واڪاڻُون،
جو اُپيئَڻهارُ، نَبِيَنَ عالِميانْ
مَرهِيندَڙُ ڏهاريان وَڏو رَبُ غفارُ.
رَحْمَتَ رَسولَ اُتِي جَهِينْ مُحَمدُ نامُ
۽ بِئِي آلَ اُتي تَهِينَ مَجيو جِيهَ مُدامُ
جاڻُ پُجُهه صحيحُ سَچُ بانهو آزمايوءُ
سَندِي ته ساراهَ کي جِينِي اُپايوءُ
جي پاري فرمانَ تَهِ ته هوئِس ثوابُ
بِئي فَرمانِي جي ڪَري ته هُوندوس عِتابُ
آزمايو پِي يَري تانءُ پِهرو مَشروُعُ
تَهِ پاسي آهي بِيو جو غيرِ مَشروعُ
نه سَري بَيانَ رِءَ، سَنْدي مَشرُوعاتِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اِي پِيَٽاسِ هِجو پِيو غَيرُ المشرُوعاتِ (١)
۽ بِيانَ معنيٰ تَهِين حُڪمَ پيا سَنداسِ
جَہ سُهْڪو تَنِي تئي طالِبَ يادِ ڪنداسِ
توفيقَ گُهران ڏَنِيَ ڳَرا ڊِرْجِي پاتُم هٿُ
وڏو ڏاتِينْ وَڏيءَ جو ڏِيَڻُ سَمَرَٿُ
تانْءَ مَشرُوعُ چَئِينْ پَرينْ سُڻِي ثوابَ ڪَرِ لَبُ
فَرْضُ واجِبُ سُنَّةَ ٽِري، چوٿون مُستَحَبُ
پَنْجَوُ مُباحُ تَنِ سِنْ مُتَصَّلُ آهي
طالِبَ سِڪُ سِندِي ڪِيا، ويهي وَرَ لاهِي
غيرِ مَشرُوعُ بِي پَرينْ پِيو جو اِنِ مَجهاءُ
حَرامُ مَڪروهُ ٻَہ ٽِيا، آهي بَلَ اِياءُ
ٽِروُ مُفْسِدُ تَنِ سين آگِي وَصْلُ ڪيو
جو پَنْجِي رِهينْدِي عَمَلَ ۾ پِيو
اِي مِڙَيائي پَنجَٽِري بابِي آتَ ٽِيا (٢)
مُصنفَ مَشْقَتَ ڪَري سَڀِي جَمَعَ ڪِيا
فَرضُ ثابت دَلِيلِ ٽِيو ناهِ شُبُهُ مَنجهيسِ
ڪي مَر ثوابُ اُنَ ڪي عُقُوبَتَ ڪُفْرُ اِنِ ڪاريسِ
واجب پوءِ ثابِتُ دَلِيل ڪري پر شُبهُ مَنجهيسِ

---

(١) اصل اثين (٢) بابي = بابن ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

:.

حُڪمُ سَنڌوسِ فرضَ جِهو ڪامِلُ نِتُ ڪِيُس
ڪرڻِ ڪَري فَرضَ جِهو اِعْتِقادِ نہ ٿِيئيءَ
مُنڪِرَ آناءُ نہ ٿِييءُ ڪُفْرُ فَرضَ جِييءَ
سُنَتَ رَسُولاءُ ٿئي جَهِينْ اُتي هوءِ
تَرڪِ ڪِيائِسِ ہہ پِرڪا ڪِ هِيڪَڙو پيروءِ
حُڪمُ سَندوسِ ثَوابُ ڪِيءِ جارِيَ اُبارَو (١)
اِيہُ آهي مؤڪَدَ ۾ سُنتَ سي چارَو (٢)
مُستَحَبِ نبيَ ڪِيو پيرو ہہ پيرا
پِرِي سُرَ ڪِيو پُوِيِيءُ عالَمِ جي هُوئا
جيڪو ڪري ثَوابُ تَہِ نہ ڪَڏہ ڪي ڪِينَ
جيڪي ڪندا جِينَ تَنِ نہ هُوندو تاءُ ڪِي
مُباح جي مُخَيَرَ پاڻا توڙي ڪَنِ نہ ڪَنِ
نہ ثوابُ ڪِي ان ڪِي نہ اوپارو تَنِ
.......... ثابِتُ ٿِيو پَلِيئُون پَل ڪري
رِيءَ دَلِيلِ اِباحَتَ سَندِي اِيندِي مَهْدِ وَري
ثوابُ تَہِ تَرڪ ڪِئي ۽ ڪِي عُقُوبَتَ هوءِ
ڪُفْرُ حَلالِ جا ٿِي مُصَنِّفُ اِيهِينْ چوءِ
مَ بُرو هوءِ پَلَ ڪري ثابتُ ٿِيو قليلِ

---

(١) - (٢) اصل ائين


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مَهندان اِينـدي هيڪَـڙي اِباحَـتَ دَليلِ
جَـڏيهِسِ ثوابُ هوءِ ڪِيو تہ ڏَرپُ عَتابَ
ڪُفرُ ناهِ حَلالِ ياڻي وِسَهُ اِنَ جَوابَ
.................. سو جو پَنجَنوُ ڪي مَشروُعِ
ڪِيَ عَقُوبتَ چاڻنَدي ويساري نہ هوءِ
چانُ ٻُجُهہ سَچُ نِمازَ ڪَٽِئي پِهِرا چارِ (١)
پُوري ٿِيءِ چَئِنْ پُوئِي تَني سَجِ نِهارِ (٢)
نہ سَري ڪِيَ رِءَ سَيْکَهِينْ پاڻو آڻي ڏارَ
پاڻُو آڻي ماڳُ ۾ ڪري سَيِني سارَ
پَرِ ڪوتاه مُرتبُ ٿِيو اِيہُ آتي بابِي (٣)
آسان ٿِيءِ ڪِي مومِنِہ اِني آدا آبي
داعي سِنڌِيَ ۾ ڪِئِي مُوسي ڪَيدانِي
شاهَ نِظامَ عَهْدَ ڪِيءِ نالوس نِظامِي.

## باب اول

### فرائض

پهرو باب جو فرضن سندو هِجي مَنجهہِ نمازَ
ڪَيدانِي ۾ پَنرَهَ ڪَرِجَہ پُڇَني ڪاجَ

(١) اصل ائين (٢) اصل ائين (٣) اصل ائين


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تَنِئُون ٻاهَرِ هيڪڙا ڪي مَنجِهيا آهِين
نِمازَ دُرستُ تَني ٿِئِي سِکِئو جي پارِينِ
تاءُ ٻاهَرِيان آٿَ جِيَ تہ چَئِي مُبہِ اَحڪامَ
پَنرَهَنُؤنْ جي پُوئا سَتَ آهِينِ آرڪانَ
ٻاهرِيَنئون هيڪَڙو پِهرو وَقتُ سُڃاڻُ
ٻِيو طَهارَةَ پاڪُ تَنُ اَحڪامَنؤن ڄاڻُ
ٽِروُ ڪَپَڙُ پاڪُ ڪَرڻُ، چوٿون چوڪو ماڳُ
پَنجوءُ عَورَتَ ڍَڪ تَنُ، جَہ هوئِي سُهاڳُ
ڇَهوءُ ساڄاءِ قِبلي، سَتوءُ نِيَتَ ڄاڻُ
اِٺونءَ تَڪبِيرَ تَحريمَ اَللهَ چَئِي ٻَڌُ ٻانَهپَ سين پاڻُ
مَنجِهيا مَسِيتَ جي تاءُ پِهرو قِيامُ (١)
ٻِيو پَڙهڻُ قُرآن جي، ٽِروءُ رُڪوعُ تَمامُ
چوٿون سجِدَه سَئِينَ انگَڙين ڪِجي ڏَرپَ مَنجهاءُ
پَنجؤن پويون وِهَٽو سَلامُ جَہِ پُواءُ
ڇَهون ٿرتيب تِيَ ڪَرَڻُ جئن فَرمائو
سَتوءُ ٻاهَرِ نِڪَرَڻُ فِعلُ مُصَليَ جو
پِهرو ٻاهِريائن چَئِي مَنجِهيا پوءِ لِدامِ
ڪيداني ڏنام جي پَنرَهِي نَجبَيامِ.

---

(١) اصل ائين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## باب ٻيو

بيانُ واجبَهِ سَندوُ منجهه جَهِينْ
سِنڌِي ۾ سَهُڪا تِيا سِڪَڻُ سيکَهِينْ
واجبَ نَمازَ ايڪَهِيَ ڪَيدانِيَ ڏِٺامِ
سَتَ عامَ چوڏهَ جي خاصَ سِنڌِيَ سَبِ ڪِيامِ
سَتَ جي ايڪَهِينُو عاَلمِ عامَ چَوَنِ
سَيَهِ نَمازَيِاءِ ڪي ۽ سَيَهِ نَمازَنِ
ايڪَهِنوُن چوڏَهِن جي خاصَ تِيا
نَمازَهِ نَمازِيَهِ کَرِ ڪِيْ ڪِيا (١)
لَفظُ تَڪبِيرَ تَحرِيم ۾ آڪبَرِ ايهُ پِهروُ
وِهڻُ قَعْدي وِچِئِن واجِبُ ٻِيو تِيو
تِروُ تَشَهْدُ آلتَحِيّاتُ ٻِي وِهَٽِي پَڙَهنِ
چوٿون آداءُ رُڪوعَ ۽ ۾ سُجُودَنِ
آٺَڻُ فَرضُ سَيڪوءِ پاٺو آٺِي هَنڌِ
ايهُ پَنْجَوُن واجُب تون سِڪُ سيني ساءِ
واجبُ تِئِي سَيُڪوءِ پاٺو آٺِي ماگِ
چَهَئِي واجِبَ اِنَ پَرِ نَمازِيَ سين لاگِ
سَتون‌ء ڪَري سَلامُ تِين نِڪَرُ نَمازاءُ

---

(١) اصل ائين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اِيهُ عامَنِ منجهاءِ سِڪُ چڱي چيتُ ڪري
هائي چوڏهه خاص واجِبَ سُڻ سِنڌي ڪِياهُ
اَللهَ جِي آسَ ڪري جِتَيُوهُ چَياهُ (١)
رَڪعَتِيءَ ٻِي پهرِئين قرآة تعيُنِ ڪريج
ٻِي جو واجِبُ فاتِحہَ ٻِيهي مَنجِهہ پڙهيجِ
ٽِروُ واجِبُ پَڙهہُ فاتِحہَ رَڪعَتَ ۾ يَڪبارِ
چوٿون واجِبُ حَمْد سين سُورَةَ ٻِي نِهارِ
وَڏي آيت هيڪَڙِي ناهَ تہَ ننڍيُون ٽِري
پَڙهہَ قُرآنُ نَمازَ ۾ مانَ قَبُول پَوي
جي مَهنڊَ ۾ فاتِحہَ، پَنجوُن واجِبُ اِيهُ
اِيَ پَرِ پڙهڻهارِ ”مُوسو“ چوءِ سُڻيا
ڇَهين دُعا قُنوتَ پَڙهي واجِبُ وِترَ ۾
لِڏائي سَهُڪا ڪري، جي ڪوءِ عَيبُ نہ ٿِي
پَڌَرِي ماڳين پَڌَرو سَتوءِ واجِبُ آرِ
ڳُجهو پَڙهہ ڳُجهي هَنڌين آٺين ڪَرِ نِهارِ
مُقتَدِي اِمامَ پوءِ ڳُجهي ڪينَ مُهاءِ
نَوئون واجِبُ اِنَ پَرِ لِڌو ڪِيدانِياءِ
ڏهون نَمازَ ۾ واجِبُ نہ اِيُ اِيهين سوءِ

(١) اصل ائين


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽِرو تَڪبِيرَهِ عِيدَهِ سَندِينءَ جي پُڻ هَٿَ ڪَڻَنِ
جِيهِي اڳي جوڙيا عالِمَ اِيَ چَوَنِ
چوٿون ڳُجهِي آڱُرين هَٿهِينءَ موڪِريُون (١)
سِبُنَ ڪَرَڻُ سُنَتَ اِيهِ قِبلي سامُهيون
۽ جِي رَڪَڻُ جِيڻو ذاتي اُٿي اُرهُ جماعتيَنِ
ڇَهِين سُنَتَ اِيهَ سُڻِ جِي مِڙؤ جماعَتَ ڪَنِ
نِبِيرو اِنتَقالَ جي سِي تَڪبِيئي ڪي هَٿَ (١)
سَتينءَ سُنَتَ اِيهَ تُون ڪَندو ڪِجِ م ڪَٿَ
چوءَ تَڪبيرُ رُڪُوعَ ۾ نوئِي ٽِري پيرو قُنُوتَ
آنئِينءَ سُنَتَ پارِ اِيهَ سَرُها ڪَرِ مَلڪُوتَ
ڪارَهُون ڪَڻُڻُ رُڪُوعَ ۾ آڱُرِي تو نَتَ سارِ (١)
ڏَهِينءَ مُونا جهَلَڻُ رُڪُوعَ مَنجِهِ نِهارِ
سَٺِيئِنءَ اُپيَڻُ پارهِينءَ ................... ڳِريو
سُنَتُون نَمازَ ۾ اِيهِ آڳي تِيو
سَجِدَهِ سَتينءَ آڱرِينءَ ڪي رُڪُوعاءَ
وِهَڻُ ٽِئِي تِيرهِين سِينءَ سَجِدَهِ مَنجهاءَ
تَسِجو سَجِدَنِ ۾ هُلي ............ مُهاڙِ (١)
چوڏهِينءَ سُنَتَ اِيهَ تون سِڪينءَ چِڳي پارِ

(١) اصل ائين (٢) اصل ائين


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جَمـاعَتِيَهِ اِي هيڪَڙِيَ تَحمِيدُ چُوئِڻُ اِتِ
آنئِيِن سُنَتَ اِنَ پَرِ سِڪِي دَرِجَتِ
نوئِينْ ڏوُ پَترَي اُتي وِهي پير اُپيارِ
تِينْ جِيَٽو پيرُ وِهَڻَ بِرَ.......... (١)
ڏهِين جوئِينْ جِيَٽِيَ بيئِي پيرَ مُوِنِ
اُروءِ اُتي پاٿرِي وِهَٽِيَ جي وِهَنِ

## باب چهارم

### مستحبات

مُستَحِبَ ڏِنامِ .................. عامِ
خاص تِري اِيهَ سَبِ سِنڌِيَ ۾ ڪِيَامِ (٢)
تانْ اِي چوڏه عامَ، نُو بِيا خاصَ تِيا
جي عربِيَ ۾ خامَ سِڪهِ مانَ سِنڌِي ڪِيا
پهِرِوُ مستحبُ...................... عامَ
سَيِي سِنڌِيَ ۾ ڪري هِئِينْ لَهَندِي هامَ
........................... نَدايَ پاهاءِ
ڏِڪَڻُ واتَ اُباڪِيَ بِيو اِيُ اِنَ پُوئا
جهَلَڻُ ڪَنگهه اِي تِروُ جانْ ڪي سِيَ سڳهنِ
چوٿون ترِي آسِي.......... هي وِٽرو............

(١) ورق بون (٢) ترِي اِيه = تريويه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنجوءِ صِحَتَ حُروفَ جِي قِرَآةَ مَنجھ چوَنِ
چَھون متو..............................
سَتونءَ موتيا اُلھَنُ سَجِدَه کي سَرِيو ھَتَ تاءِ
پوءِ نہ اُٿائي نراڙ..........................
آئون پيرُ کَٽُڻُ اُپِيَڻ کي پوِيون پِھرائِينْ
جُہ سَجِدَه پوريَ نہ ڪجي............... تائِينْ
نُووُ سَجِدَه جي ڪري پِنھي وِچ هَٿَنِ (۱)
ڏھون قِبلي ڏنهُ اکري هَٿُهِ پَيرَنِ
سَيو ٽوڪَنهَ پَگھَرُ نہ اُگھي ڪارھون نِراڙاءِ (۲)
رَکي آدَبُ اِنَ پَرِ اڳ سَلاماءِ
وِيجھارو پيرَنِ پِينْ چِڊائي آڱُرَ چارِ
اُپِيئي ثابِتُ تِي اِيهُ بارھون نِھار
تيرھون هَتَ ڌرَڻُ ۾ اُٿي اُروئَنِ (۳)
وِهَڻَ ۾ مُنهَ آڱُرِي مَنجَهِهِ سِين موتَنِ
جُهُ وَرائَڻُ جِيَٽي ڏائي نَمازَ ڪِي تَمامُ
چوڏھون اِيُ اِنَ پَرِ وَرايءِ سَلامُ
مِلائِبي سونُو خاصَ جي ٽِري اِيهْنو ٽِيا (۴)
عَربي واياءِ سي سنِڌِيَ ۾ سُھکا ڪِيا

(۱) نوٹو = نائٹون(۲) ٽوڪنه = عضون تان (۳) اُروئن= اُره تي زور ڏيئي (۴) ٽري ايهنو= ٽريويهنون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هَتَ ڪَٺَن سُنَتَ پَرِ ڪَنَهِ سين مُرسَلنِ (١)
جوءِ ڪي ڪُلهَنِ سين اِنهُ پِهرو خاصَنِ
بَڌَنُ هَتُ مُرسَنِ ڪي ناهِيانءُ هيٺ
پيو جوئِينُ ڪي اُتي اُرَهَ مُستَحَبُ تِيوءُ
بَڌَنُ هَٿ پانهوينئون نڪرِيمَ ۾ مُرسَنِ
چوٿون قراه مروِيُ آهي ڪي مُرسَنِ
پَنجَهُ وينَل نرنِيُو چُوئَنُ تَسبِيحون
عالمن جاڻ ڪري اِيهِ اَڳي ڪِيون
ڇَهون ڏوئَرا ڏيو ڪرَڻُ پانهون پيُون پيٺاءُ
پيٺُ اُروئنئون اُرو بُڪَيَندؤ گوڏي پوياءُ (٢)
مَنَهي مُرسَن ڪي اهي رءِ جوئِن
جوئِيون جُري اَڱرين رُڪوع سجدو ڪَن (٣)
. .................. هحي يُوء رهن (٤)
ابَهَ پَر پڙهتهاره اُسي فرضُ ڪَرِن
اُيا ڪي عُذر زءِ ڪه مهند پڙهنِ
اي حُڪمُ سَيکهِنِ آهي رڪعتَنِ
تِريهِيؤ ڪَڍڻُ اَڱر امامَ سين جيئَن
جيئن فرماؤ اڳِهينءَ پاربو تيئَن.

(١) ڪنه سين = ڪَن تائين هٿ ڪٽڻ(٢) اصل ائين ٢٣) اصل ائين (٤) ورق بون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باب پنجم

## حرامها

مستحب................ پڙهہِ مَنجَهہ حَرامَ

سِڪَڻ تِيا سَيِڪَهِينُ جي خاصَ جي عامَ

پِهرو تَسْمِيَہ پَڏرِي، بِيو چُوڻُ آمِينَ

تِروُ نِهارَڻُ جِيَٽي ڏائي مُونَهُ بِرِڪارَڻ ڪِينَ

نَظرُ ڪَرَڻُ اَيَنِ ڏُنَهُ چوٿون مَنجهہِ نَمازَ

پنجوءُ ٽَنبيَ ديوال يَرُ ڪاهِلَ ڏِينِ اَڪاجَ

رِءَ عُذرِ حَرامُ اِيہُ، عُذرَ سِين مُباحُ

جَنِ ڪي سِڪي پار تُون جُہ تُسَيءَ اِللهُ

ڇَهون جِينُ هَتَ ڪَٽَڻُ مَتي مَشروُعاءُ

سَتوءُ آگُرِي رُڪُوعَ سُجودَ ۾ پُٽِ ڪَٽَڻُ پُوئاءُ

آٺونءُ ۽ جي وِهجي نہ نَہِ اُتي پيرَنِ

نووُن بازِي ڪَبَرِي آيِ جيسِي اَڪَرَنِ (١)

رِءَ تِري پيري هيڪَڙي، بِي سِين هوءِ حرامُ

جُہ پوءِ پورا تِري تِيا تہ يانءِ تِٽِي تمامُ

اِشارَةَ آگُرِ شَهْدَ سين ڏهون آهلِ حَديث

سِڪَڻ ڪي اِيہَ مَسئِلها ڪائِن گُجِهي ريت

(١) اصل ائين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪَنڌُ وَرائڻُ ڪارهون جي هيڪَڙي پَهراءُ
سَلامَ وِيرَ سَيْڪَهِيڻ ڪَنيَ نَمازَ پوڻاءُ
۽ وِتْر نَمازَ ۾ ٻارهون پَڙهَڻُ قُنُوتَ
سِڪي جِيهِين پارِيا ثابِتَ ڏِينِ ثُبُوتُ
وِتَرِ جي تَڪَبِيرَ ۾ ثَنا ۽ تَسبيحَنِ
وِهَٽِيَ ۾ سُنَتاءُ مَتي تيرهون اِيهُ چَوَنِ
چَڏَڻُ واجِبُ چوڏهو واجِبَنِ منجهاءُ
حرامَ اِيهِ سمجهي.........................

## باب ششم

## مکروهات

ڪيدانيَ ۾ نَتِيه چوءِ مَهند ۽...................
سيئي سِنڌيَ.........................
ٻائيتالِهَ عامَ تِيا سَتَره خاص تِيا
عَربِياءُ عامِي ....................
ٻائيتاليه تَه ۾ جي......................
تَڪرارُ تڪبِيرَ پِهرو، ٻيو ڳَڻُ آيتُون هَتِ
اُتي چيلهه هَتَ ......................
چوتون ڪَنگهڻ ۽ عُذرِ جي، ۽ هوءِ حُروفَ
پنجوءُ ٿُڪَ، ڇَهون سِنگهَ لاهَڻُ ۽ آوازِ سُڪوتُ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سَتٽئون رَڪَڻُ ناٺو ۽ هجِي ۾ واتَ
تانْ جي تيئن هوءِ سو جَلِي چُوئڻِ قِراَتَ
اَٺونءِ نَظَرُ اَيَنِ ڏُنهُ رُڪوعُ سُجُودَ پُواءِ
نووُنْ ڳِهَڻُ وَڙِسوُسِ جيڪي ڏنِدَنِ وِچاءِ
چَڏَڻُ سُنَتَ هَيڪڙِي سُنَتُنِ مَنجهاءِ
اِيهُ ڏهَون مُڪروهُ ٽِيو لِڏو ڪَيدانِياءِ
ڪارهون قِراَةَ پَجَئي، ۽ جي مَنجهه رُڪوعَ
ٻارهون تَڪبِيرَ مَهَلَ رِءَ چُوَڻُ پُڻِ مَمنُوعَ
ڌَرَڻُ هَٿَ مونَنوُن اڳي ۽ جي اِٽي ٻو
رِءَ عُذر اِيهُ تيرهوِن سَجَده ڪَريئي تو
۽ ڪَٽَڻُ اِيهُ چوڏهون هَٿُ مُونَنِ پواءِ
اِٽي اُيو جي ٽِيي سوءِ سَجِدَه منجهاءِ
پَنرهون ڪُتو جِي جِيَنْ وِهَٽِي وِهَنِ
ڍَڪَڻُ واتُ اُباڪِيَ رِءَ اِيهُ سورَهون چَوَنِ
سَتَرهون آڪِينْ ٻُوتڻُ نَمازَ ۾ مُڪرُوهُ
چِيتا ڪَري نَمازَ ڪَرِ، رَئي نه مُنجهي رُوحُ
لاهَه، پَهَڻَ ۽ ڪَڙا جي سَجِدَه ماڳاءِ
اَرڙهون سَجِدَه جَه نِوءِ ڪري نه سَگهي جاءِ
اوڻيهوءِ نَمازَ ۾ جي اُگهي ڪِهَ پَگهرِ نِرار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فَرضَهِ ۾ آهي اِيهَ رِءَ نفلِ سُنَتاءِ
تِروؤ تَوَقُف جي ڪريِ آيتَ پَڙهوؤ اِمامُ
جَهِينْ ۾ ڊَربُ اُميدَ هوءِ وِرَمُيءَ ڪري تمامُ
مُقتَدِيَ مُطلقَ اِيهُ اِمامَ سين هوءِ
هيڪَلي فَرضَنِ ۾ تان اُيهُ آهي توءِ
چوتون جِينْ سَجِدَه ڪَرَڻُ سَيوسَهِ پاڪَنِ
ليپَڻُ پيتُ آروتَنِ سين پنجوُن ڪي مُڙسَنِ
چَهون لاهَڻُ پيراهَڻُ ڪهِ قُلهَ مَتاءِ
پرَهَڻُ پُڻِ اِيهُ سَتونءِ مَڪرُوهُ بُجهه اياءِ
آتوءِ پَڙهي اِمامُ جِيئن آيتَ دَرازَ
هِجي جماعَتَ ڪي ڪَرئينْ تِئِينْ نَمازَ
سِگهو پَڙهي اِمامُ جِينْ ڪارَڻِ جَماعَتِيَنِ
نووُن مَڪرُوهَ اِيهُ سُڻ تَڪَرِائِي ڪي تَنِ
ڏهوؤ سَبَقُ اِمامَ ڪي جَماعَتِيَنِ نه جُڳاءَ
جي پَڙهِيائِين تيترو جَهِين نَماز رِهاءِ
ڪارهون پَڙهِي جَهِ پَڌرو نَمازَ نَفلَ ڏِيهُ
اِيهِ سِڪهِ طالِبَ سي جَن نَمازَ سين نَيهُ
ٻارهَون قَراۃ جِينْ پَڙهِي اِمامُ سَجدَه واري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جُہ تِيهِيـنْ ڳـجهو پَڙهَـڻُ مَ ڪَـرِ پوئِـيائِـي
تـيرهـون تَڪرارُ آيَـتَ سَـرهائِـيَ ڪِـہ حُـزْنَ
فَـرضَـہِ ۾ آهـي اِيَ ري نَـفْـلِ رِيَ سُـنَـنِ (١)
تَـڪــرار سُـورَةَ چـوڏهون جـي رڪَـعَـتَ ۾ هـوءِ
فَـرضَہِ ۾ نَـفَـلَ رِيءَ تان اِيـيَ ڪـري نہ ڪـوءِ
پَنـَرهــون نَـمـازَ ڪَـرَڻُ ڪَـئِـي ٻانـهُـڙِيَـنِ
جـي اَجَـہِ اِرڪِـنِ سِيـنءَ آهـي ڪـي مُڙسَـنِ
چُوئَـڻُ جَماعَتِيهِ آيَـتَ ويرا تَرغِيـبَ ڪِـہ تَرهِـيبَ
”صَـدَقَ الله وَبَلغَـتْ رُسُلُـہِ“ سـورهـون تـاديـبَ
يَـرُ ڏِيَـڻُ تَنـيَ رِيَ عُـذرِ ڪِـہ وري ديـوارِ
سَـتَـرهـون مَـڪَـروهُ اِيـهُ رِيَ نَـفـلِ نِـهـارِ.

## باب هفتم

## مباحات

مُبـاحَ جـي نَـمـازَ ۾ اِڪـارَهـن آهِـيـنِ
آڻَ عـامَ اِي خاصَـن تِـري، ڪَـيـدانِـي ليڪيـنِ
عـامِنَـؤن نَـظَـرِ پـهـرو اکِـيـپِـنْ چُـوچَـڙيـاءِ
مُبـاحُ تِيـو سَـيَـڪَـهِيـن مِـڙيَ وَرَنـدي مُـهـاءِ
سَـنـؤن ڪَـرَڻُ مـاڳُ سَـجِـدَہ ٻيـرو ٻہ ٻـيـرا

(١) اصل. سُنُ (؟)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عُـذرَ سيـن مُبـاحُ پِيوءِ سُـڻِ سَـجِـدَه ويــرا
مـارَڻُ سَــپَ مُـطـلـَقُ ٿـروءِ اِيُ اوڏي مــاڳـاءِ
جِـي ڪَــرَنَ نَـمازَ ڪـي هِـنئِـيءِ ۾ هوئِسُ ڏَراءِ
چـوٿـون ۽ جـيـڪـي ڪــري واتَ ۾ نــاڙاءِ (١)
جَـلـِي چُـوڻَ قِـرءَتَ تَــهِ پَـرِ پَـڙهَـڻَ سُـنَـتاءِ
پَـنـجـوُ پَڙهَـڻُ قُرآنُ عَلـيَ التّالِـفـيِنَ تَـرتِيـبَ سي
ڪَـڍَڻُ ڪَـپَـڙُ پـاڻُ جـي سـاري سَـجَدہ ڪَــري (٢)
سَتـوءِ رَڪْـعَـتَ هيـڪـڙِي سُــورَة بــادُ پَــڙهَـنِ (٣)
بـيِ رَڪْـعَــتَ بـادُ پِـيُـون پُــڻِ تِيــهِـي تَـبـنِ
جَـاڻُ هِــيَ خـاصِ تِـري، پِهـرو تـانْءِ تَـڪَـرارُ
ڪِــجــي سُـوَرَة نَـفلَ ۾ ثــوابُ تِـيـي آپـارُ پيـو
ڏَيَــڻُ ديــوالِ پَـرُ تَـنـپَ ڪِ تــوڪَ ڪَـهِيـن رِيءَ
عُـذرِ نَـفـلَ ۾ جـي ڪــوءِ ڪَــري تَـهِـيـن
پَــسَڻُ اِمــامَ پـويـان تَــن ۾ سَــڳــهَـ تِـئِــي
ڪِ وِهَــڻَ ڪِ اُتِـيَـڻِ ڪِ ڪَـهِـين ڳـالهِ ٻِئِـي.

## بابت هشتم

## مفسدات

مُفِـدَ پَنــجَ نَمــاز ۾ ڪَــيدانِــيَ ڏِتــامِ

---

(١) ناڙاءِ = ناڙا چوڙ (٢) اصل: ڪُڍَن ڪَپَڙَ پانُ جي (٣) باد= بعد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عَربياءَ عامَن کي سِنڌيَ سَهلَ ڪيامِ
پهروُن دُنياوُءِ ڳالهاءَ ڪَرَڻ نمازَ ۾
مُطلقُ هوءِ حَقيقي توڙي حُڪماوُ
ڪِلَڻُ پيوءَ نَمازَ ۾ جي پاسي سِين سُٽِينِ
تِروُ عَمَلُ گهٽو ڪَرڻُ رِيَ اِصلاحَ اُنيِنِ
چوتون چَڏَڻُ فَرضُ فَرضنَوءَ رِيءَ عُذر تِيو
آچائتَدي پَرِ ڪَهيِنْ جي توڙي وِيئو
چائندوئِي جي ڪَري مَنجهه نَمازَ حَدثَ
پنجئون مُقْسِدُ ايهُ سُڻِ سِڪَڻَ ڪِجِ هَوَسَ
نظامِي تَمام توفيق تِئي جَلِيلَ جِيَ
سُلطانُ شاهُ نِظامُ چَئي جَنِه وَارِي ڪِئِي
ڪَرڻ صَبُر قانُونِي پُورو نہ هُئوسِ
پَسِي سَندا شاعِرَهِ نَظمُ نَظَرِ پِئوسِ
چَئيومَ چِتاءَ چِتَئي ڪَهيِن وِرَمَ ڪَراءَ
فاتِحَہ ڏيئي مانَ ڪِي پَسي مُئِي پوئُاءَ
”مُوسو“ چوءِ مُئي پوئُاءِ پَسسو ڪوءِ مُحتاج
ڏِجي ڪاڻِ نہ ڪِجي سَيُرئِين ثوابُ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# [اخلاقي تعليم]

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فرمان ٿيندو مجھ ته ڪليل اوڏو آڻيو پوءِ باهر ڪڍي ٻاهر بيهاري
۽ ٿا ٻاهر پيريو مجھ دريئون دار مومن باهر الهي ڪڍا ڦوٽ سار
۽ جي ايمان نه سچي ڪلمي ڪره بجا ڪه لا اله الا الله محمد رسول الله ڪلمات ڪفر ڪيو باٻن گفتار
ٻاڪ ۾ ڪفر ٻاڪه دهي ماڪي هو پو جنهن جي ڪلمي ايستا دراه ٻيڪلي جنجهن جو ۽
جي الله ماڪ الا هو جو اڪبر ماڪ ڪبار اليه بعد ڪفر ٻاڪ ۾ جو هي جو هڪار
ڪري ڪري اشهد مين وديه شتا جو ٿين بذرن يسين اليه ڪفر ٻاڪن جي جنين
اءِ اشهد مين هي سي مين حقيقي جي جو ڪفر اليه باڪو باڪ جذبي ۾
بيحج جو ٿين شدري اي جي لا الله جنهن اشهد الني ربه بظري جو داه
سنج محمد مد سي ثما مد جي جو ٻاڪ ۾ ٻاڪن ڪي اليه ڪفر هو
اتهو جي الغ سي حاجي على الغلام دهو حين شدري جو هي هر ري ڪل
اهي ڪفر ٻاڪ ۾ خطا ڪره ملڪي

ڪين ملڪه قلم ويٺي متي وڃين ذات ڪي هيڪري ڪراه ڪي هنده ديهي وات
ڪين ماريو دور ڌھر جڳه سي سو هون ڪي ٻراڻي جائن ٻيو ٻساه ڪتو
ڪين ٻانا ٻانيو ڪورا مال ۽ نامڪي اڪار ٻکيا تن محتاج ڪياءِ
ٻيعو ڏابر هيش ڪي اڳجه لکا اويٺ ڪين اگر ٻاريو لنگو متي هيٺ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## [٢٤]

### (الف) نصيحت ۽ هدايت

### چند بيت پنديات سنڌي

كنِي مُلڪَ قُلمَ ڏٽيَ مَتي ڏِني ڏاتِ
كي هيڪڙي گِراهَ كي هَنڌَه ڏِينهين راتِ
كَنِي ماڙِيون دورَ هَر جبَهجهَهِ سي سُونهَنِ
كي پِرائِي جائيِين پِيئَو سِاهَ كَٽِن
كَنِي بانها بانهيون گهوڙا مال ڏناءِ
كي اُگهاڙا بُكيا تَنِ مُحتاجَ كِياءِ
پَٽورا پَرهِينِ كي اَنجُ كَتارا ويتِ
كَنِي اَنگرِيارِيُون لِينگُون مَٽي هيتِ (١)
كي تازِيءَ چڙهَنِ ساخِتَ سونَ پَلاڻِينِ
كي سَڳارِيهَ كاتِيو پيرين پُرِئو وَجَنِ
كَنِي پاسُ پَلنگَ سِرِ سَرهايُون ۽ سُكَ (٢)
كي اَرهائِي اَنَرا ڏِيل اَمانگَرَ ڏُكَ (٣)
كي آهِينِ بَرابَر كي هجِي جانَ اَجانَ
"قُل هَل يَستوِي الذِين يعلمون الـذين
لايعلمون" ساراهيان سبحان.

---

(١) اصل ائين (٢) اصل ائين (٣) امانگر = جهجهي، گهڻي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڳ ري مَرهَيائِته جِها نه هُوندا
"لايَستوِي اَصحابُ النّارَ اصحاب الجنه" ڏئِن ڏسي رُوندا.

راتِ اُوڊَڪو ڏينهَ کي، ڏينهَ اُوڊَڪو رات
"يُڪَوِرُ الليلَ علي النهارِ علي الليل" پئو پائُه کي راتِ
مَندِبو مِيزانُ ڪَمَهِ سَندِيَ نُورَ کي (١)
" وَوَضع الميزان اَن لاّ تَطفُو ميزان"
ٻارو سَندِو مالَ ٻِيوءُ نه هوندو ٻالَ رءِ
هَل جزاء الاحسان اِلاّ الاحسان جِيءُ تال چالَ.

---

(١) اصل ائين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ٽڙيہ اکري ـــ ١

حَرفَ ڇَوڏ ڪُو (ســہ) ٽڙيه اکري بَيتَ ٿيام
مُناسِبَ مُوسو ڇوڏ آيَتَ پڙهي لِدَامِ
الف الله هيڪُ ڏَٿِي ناهِ ٻيو تنه ري
”لا الله اِلاالله هُو يُحِي و يُميِت“ ماري جيِاري
بي ئون باقِي دُنِيَ ۾ هُونَڻُ جي هوڏ
”فَلوُڪانَ فِي الدّنيا بَقاءُ لِساڪنِ، لَڪانَ رسول
الله فِيها تَتَبِي“ رهوڏ
تي ئون توبَه ڏَٿِيَ پَئي سَچِي ڪَرِهُ چِتاءَ
”فَتوبوُ الي اللهُ توُبَهُ نَصُوحَا“ بچِي جانِ هِتاءُ،
ثي ئون سُٽاءُ ڏَٿِيَ ڪي سَيَهي حالِ ڳَريهُ
”اَدعُو الله سِرا و علانِيهَ“ مُورِ مَ وِساريه
جِيمِ ئونِ جِيَڻُ ۽ مَرڻُ گهُرِيءَ سين پِئو ڪِياءَ
”خَلقَ المَوت وَالحَياهِ لِيبَڪُو ڪُمَ“ آدمي ازماياءِ،
حي ئون حَلالُ پاڪُ جي ڪَيَڻِ پَسي ڪاڻ تُون
”تاڪِلوا مِما فِي الاَرِض حَلالاً طَيِبَا“ جو آهي ۾ پُون
خي ئون خَيرُ گهُربِنءَ جي باطِلُ مَ ڪَرِ پاڻ
”لا تُبطلواُ صَدقاتِ ڪُم بالمَنِ وَالاذِي مُنِهَ اُتي مَ آڻِ
دال ئون دنيائون آيُ تاريِن سينگارئوءُ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"اِنّا زَينا السماءَ الدُنيا بِزِينَةِ الكَواكِبُ" کي
ساراهَ ڪيوءِ
ذال ئون ذِڪرَ ڪَرِهُ گهڻو چيائي اُبَهنداهُ
"اُذکر و اللهَ ذِکرا کَثِيرا" جان ڪِي تَن ۾ ساهُ.
ري ئون روزيءَ ڏيندڙ ڏٺي پاڻهِ سڀني کي
"وَمامِن دابَه في الاَرضِ اِلا عَلي الله رِزقُها" جو جِتي آهي.
زي ئون زِينَتَ دنيَ ۾ ماڙهُوئان مالُ وِياءِ
"اَلمالُ وَالبَنُونُ زِينَتَ الحيَواةِ الدّنِيا" پاڻا بُجهہ اِياءِ.
سين ئون سُڻَڻُ ڏنو ڏِٺيَ سَيَنُ پَڙِ بانَهنِ
"وَجَعل لکُم السَمعُ وَالاَبصَارَ" سچي سُجاڻن.
شين ئون شُڪرَتَ جي ڪَرِهُ چوڏس ذرِهُ نہ چتَ
"لئِن شکرتَم لازِيانکُم" وبتر ٿِئي جَنِتَ
صادئون صَبُر ڪريين جي اُتي اُهڪايَنِ
"اِن الله مَع الصابرين" ٻاجهہَ ڏٺِيَ جي تَنِ
ضادئون ضايع نہ ڪَريين ڏِٺي پَلاڙِهُ پالَ
"اِن الله لايُفِيعُ اَجرَ المُحسنين" جيئِي تان ڪَرِ جال.
طوئُون طاعَتَ ڏِٺيَ کي ۽ نَبِيَ ڪَرِينهُ
"اَطِيعُو الله و اَطيعُو الرسولَ" سِکِي سَچُ مَٽِيهُ.
ظوئُونِ ظالِمَنِ ڪي سَنباهِيو عذابُ
"بِالظالِمِينَ اَعديهُم عَذاباً اَلِيما" ڪندا ڪيرُ جوابُ.

عين ئون علم سڪڻ کي پڙهيا پُڇيجاهُ
"فاَسالوا اَهلَ الذِڪر اِن ڪُنتُمِ لاتعلمونَ" ڪارُون
ڪَنِ ڪجاهُ.
غَين ئون غِيبَتَ مَ ڪَرِهُ، ٻُجهين گهڻو زناءُ
"اَلغيبت اشَدُ مِنَ الزَنا" هيَ جا پُٺِ پُواءُ
في ئون جَنِي فسقَ ۾ چَڱو پانيو چاڪُ
"واَما الذينَ فَسقُوا فَماويهمُ النّارُ" مَڱرُ تَني ماڪُ.
قافئون قِيامَ سَچُ مَڻِ ايندي شَڪُ مَ پاڻِ
"وَاَنَ السّاعَت اَتيتهُ لاريبُ فِيها" اَڪين اَنجِ ڪِياءِ (١)
ڪافئون ڪِبرِ ڪَرِينِ جي توڙي ذَرو توءِ
"لايَدخُل اَلجَنتہَ مَن ڪَانَ فِي قبلِهِ مِثقالَ ذَرَةٌ من اَلكِبرِ"
جڻَ نہ تَني هوءِ.
لامئون لَهِي نہ پاڻِ جو پَتَاندَرُ پَرِياءُ
انّا خَلَقنَا الانِسانُ مِن نُطفه امشاج نَبتَّلِيه" ڪِيو ڪِني قَطراءُ.
ميم ئون مَهدِ گهُمئين جي ڪارڻِ هَٿَ هِتَاءُ
"وَما تُقدِموا لانفُسِكم مِن خَيرِ تجدوه" يالَ لَهنداهُ ياءُ.
نونْ ئون نِيّتَ اُتي ڪَمُ هوءِ سَپِوئي ڪوءِ
"انما الاعمالُ بِالنيات" هيجان هِئين ۾ هوءِ.
واوئون وَعدا ذَٽيَ جا سَچا آهين حَقُ

(١) اصل ائين : اڪي اَجِ ڪِياءِ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"اِنّ وَعدَ الله حَقًا" هُوندا سَيَءَ سَمَڪ (١)
هي ٿون هِجِي مؤمنين ڪِ ڪِي فاسِقَ جِينءَ
"اَنِهَن ڪانَ مومِناً ڪَانَ فَاسِقا دُني لايستَوُونَ برابر نہ تينءَ
اَلف لام ٿون دفترَ ۾ لِيَئي جِي ڳالهاءُ ڪريهُ
"وَڪُل شيءٍ اَحصَيناهُ ڪتابا" جوابُ گهرِئوئا ايهُ
بيي ٿون يَتيمن جو ڪنو مالُ مَ ڪاهُ
وَلاتاڪلِوُ مال اَليَتامِي" وذو تانءُ وِٿاهُ.
وَجو تہ ايمانَ سين ڪَلمو چيو مُهاءُ
لا اِلہ الا لله محمد رسول الله

---

(١) اصل اٿين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## تريه اکري ـ ٣

الف اوڙکو سو ڏئي جو هوندو آهي
ساراهجي سچ سين ٻيون سڀ لاهي.
هيڪ اُپائي ۽ نپائي، ماري جياري
پُڇي پلي سڀ کيهين روزي رَساٽي (١)
رزق پاراءُ راڄيو ڪوءِ نه وساري
ڪني اُوٺو اکرو پر سيني ڏي
"اِنَّ الله يَبسُطُ الرِزقَ لِمَن يَشاءَ" پاڻهي پاڻ ڪري.
ٻي ٿون باطل جا دُني تنه سين هنيون مر ٻَنڌُ
انڌا خوف خطرا گهڻو ڏهلو پَنڌُ
نه تون رَسين تنهين جو پريان جو هنڌُ
ڪني ڪوجهي ڪُوڙي آهين اکهي تندُ
نِباهُ ناهس نه سي قيرئو پُوني قندُ (١)
جَني سين يار ٿئي پڄي تنين ڪنڌُ
کي تُسارين گهٽي پرين کو جو آهيس منڌُ
۽ جو اکهين ساري ڪجاهُ سندرُ
"وَهِي مَڪارهُ خائنَتُ" سندو ڪُوڙ ڪرندر.
تي ئون توبَهَ جي ڪرڻ دِرجي ڏوه پُوئاءُ

(١) پڇي پلي: سنڀالي پالي (٢) اصل نباه ناهس نسيَ قيرئو ٻوني قندُ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ لِکائي پاتِشاهُ عَمَلَ تَنهه مَنجهاءَ
کَرِ وِبنَتِي تَنه کي جو ايذوئي راءُ
کَئِين خَطائُون وَڏيون سَپاجهو سَپِناءُ
جاڻِي پَلِي پاتِشاهُ توبَهَ کِجي تاءُ
تہ لَبِي سوبَ سَپِين پَرين اَگِي اوپالاءُ
"تُوبُوا اِلي الله توبَةَ نَصُوحا" اوباهو اِياءُ.
ٿي ٿون جي ٿُبُور پَئي ڊِرجِئو پاڻُ رکَنِ
اُيا فَرمانَتَ ۾ پِئِي کَنِ نہ کَنِ
چارِي پَهَرَ چِتَ ۾ مَولو جَنِي مَنِ
راتين ڏِينه رُوئَنِ سي پَئِي قَهارَ کَنبَنِ
اُوسِيڙي جِي اَکِبَ ۾ وَڏِي وِئَن تَنِ
سائين گَهَٽو سَنباهيوءُ تَنِي کي بانَهنِ
"اَعدُ اللهُ لَهُم مَغفِرَهَ واَجرا عَظِيمَا" ايڏا ڏانَ ڏِبَنِ.
جيمون جَنِي رکِيئو بِي فَرمانياءُ پاڻَ
خالِقُ خالِي نہ کري تَنِي سَندا پاڻَ
مِلَندا ماڳِ تَهِين جِتِ تِکي تِيندي تاڻَ
ماڻِيندا مُهگَبَ ۾ پَريا نِيهَ نِڌان
رَحمَتَ سَندا راجِيئِي مَئِي مَتا مَهراڻَ
پُوجَ پِيَندا پَاڻَ رَءِ تاءُ لَهندا ڏاڻَ (١)

(١) پاڻ رَءِ = پاڻ لئہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"لَهُمر جــنات تجري مِن تَحتِهَا الانهارُ" اِهان پيئيُون پاڻَ.

حي ئون حالتَ جا ڪِئي دِرجي ياد ڪَريهُ

ڳُجُهہ ٿِيَندو پَڌَرو واجهاءِ ٻولِيهُ

پَڙهيا پوءِ اڳِيان اِيهيُوَ تہ تون سُکِ مَرَ وِيهُ

لَڌبو تَنهِ مَٽي جو اَڻَ ڏِنو ڏيهُ

ڪَرِين سُهلو ساٿئِين سائين سو ساٿِيهُ

مولِيٰ تُهنجِي ٻاجهہَ جو نَڪو پاند نہ ڇيهُ

"فَاالله خَيرُ حافِظا وَهُو الرَحمُر الراحَمِين" آسان آڳَهُ ايــهُ

خي ئون خالِقُ ياد ڪَرُ جو ڏوهَ بخشڻ هارُ

ماري جياري ڪري ڏِٿي ڪاريندو پارُ

ڪَنِي ميوا مازِبُون، ڪَنِي ٻُرو هارُ (٢)

بِجهِي ڇِڏي پاڻِهي قــادِر آءِ قــهـار

ڪَرِهُ سَبِ ڪريمَ سين نِرتوَن نيهُ نِبارُ

سويُون صالِحَنِ کي ڪاڻِيارَنِ ڪُوئارِ

ڪَرِهُ ڪُوڪَ ڪَهِين کي مَٿان ڳِرو بارُ

"وَمَن خَفَت مَوازِينهُ فَاولائِڪَ الذِين خَسِرُو

اَنفُسهُم" پَڙهہ پُڻ رَب غَفارُ.

دال ئون هُوئي دِينَ ڀِرِ جَنِي رکيو پاڻُ

ڪري تَنِي سين پاتشاهُ اڳِي پوءِ آسانُ

---

(٢) ٻُرو هارُ = ٻُرو حالُ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وَرَ چڏي واٽَ ٿيا مَجيائون فرَمانُ
پَسي لَبُ نہ لوپيا پَڪو تَنِ پَرِياڻُ
ڪَندو وڏيونِ ويترِي تَنِي سين رحمانُ
پاڙو پِرينءَ رسول سين ۽ پَسَڻُ راڄاڻُ
"وَمَن كَانَ يَرجُولِقاءَ رَبِّهِ فَليَعمَلُ عمَلاً صالِحاً"
تَوفيقَ ڏيہو ڏاڻُ.

ذال ئون ذِڪرُ ڪنِ جي رويو مَنجها نِيہَ
سانئينءَ سَپاڳا ڪِيا تَنِي سَندا ڏينہَ
ماٽيندا مَنَ چنديُون جيئين پَنان مِينہَ
مَرڪَندا مَحشرَ ۾ جِت تِڪِي ٿِيندي تيہَ
ڏِسي ڏُهارِيَنِ کي تِت. راڙو ۽ رِيہَ
اڳِّي ڪو سانباهُ ڪَرِ تَنہِ لَڪَنَ لَڳِّي لِيہِ
"اِنَ زَنُوبِه الساعَةِ سين عَظِيمر" ڪا ڪا ٿيندي ڪيہَ
ري ئون رُوئِين نہ پاڻَ کي جان جان آهين هتِ
گهڻا هتَندهِ هَتَڙا جُہ پُيِنہِ ۾ چِتِ
ڪَدِي ڪَدِي سامُهون جيڪي ناهي جِتِ (١)
تو اڳي اِن ڳالهِہ جي آهي ڪانہ نِرتِ
متان ڪَڇِي پائيين پَڪِي ڪِجِ پِرتِ
ڪَمر نہ اِينديَئِي ڪڏهين رِءَ ساجاءِ سُرِتِ

---

(١) اصل ائين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”وَمَن كانَ ما هذهِ إعمي فهُوَ فيِ الآخرة ِ اَعمي“ کي
سِکيج هِت.
زي ٿون زارِيون نہ ڪَرئين جان جان آهيئِي ڄِياءَ
اُوٺا ٿِينِ اَڳهَتَ ۾ متان ڳَڻَ سَندا
تان ٻِي پُوندهِ مامَري ڪُڇڻُ نہ ڏِينداءَ
اُهکِيَ ۾ عزيزَ جي ٻَجي ڇَڏِينداءَ
تِکِيَ لَڳِيَ تارِ ۾ اوڏا نہ ايِنداءَ
هيَڪلي هيکامَ ٿِي وَه مَتي لڙهنداءَ
”يومَ يَفرااُلمرءِ مِن اَخيه وَ اَمهِ اَبيه“ ڪوءِ ڳُڻُ نہ ڪَنداءَ.
سِين ٿون سَنَيهُ سيگهہ ۾ وِهَڻُ تو نہ جڳاءِ
ڪَرِ وَهلو ويسَلا هَلَڻَ سَندي ڪاءِ
آڏاءُ سُجَ يَٿہُ گهٽو ڏُواري سُجي ماءِ
اتِي ٻُجَ پِرِيَنِ ڳَرَ موُڙِيَ سَمَرُ ياءِ
جان ئِي لَپِين مِهٽو سا نہ ڪِجي ڪاءِ
جو اُپائي ۽ نِپائي دِرججي تَنهِ دِراءِ
”اِنَ خيرُ الزاد التقوِيٰ“ اِيَ هِيِين سِين لاءِ.
شِين ئون شُڪر ڪَنِ جي ٻَسِي يَلِي ياَلَ
ڏاتِين تَنِي لَڌِيون خَزانا ۽ مالَ
ڏِيهُ ڏِئَبا تَن ڪِي ماٽِيندا مَنَ جالَ
ڪِيا چوڏِهينءَ چَندُر جِين سُونهَ سُونهارا لالَ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊرگهيا ڳورا ڳاڙهه ڳلا پاڪيزا جمالَ
جانڪيتان جُوئانُ سي پَريا ٿِين نہ زالَ
"اَهل الجَنته لايُهرَمونَ ڪريما قَدَ طُوالُ".
صادئون صَبرُ گهُرِ سو جَنهِ ۾ ناهِ رِياءُ
اُهَڪي آيَئي ڏاڪَڙيَ ڪُڇَڻُ ڪيا نہ مُهاءُ
وَڏا وَظيفا لَهِين تہ تون سُلطاناءُ
مانُ لَهَندا مَڱتا مولي جي دَراءُ
پورِهيا ڏِيندُنِ پاتِشاهُ تُسِي پاجهہ مَنجهاءُ
لَنگهي سِي پارِ ٿيا تُٿو جَنِي راءُ
"اِنَمايُوفِي الصابِرُون اَجرَهُم بِغير حسابُ" معلومُ ڪَرِ اياءُ
ضادئون ضَلالَت جو جَنِي دَرجڻُ هوءِ
وِنگِي پوءِ ہرَ ڪَڏهِين تَنِي منجها ڪوءِ
ساڻُ سَلامَتَ اُبَهي تَنِي سنَدو لوءِ
اَوتَڙِ ۾ اَبوجهِيَ ڪَٽي پيرُ مَ پوءِ
آسائِتو سَيَڪو جي ڏُهاري توءِ
اِيَ پَرِ پَسِي پانهجي جيڪو روءِ سُوروءِ
"يَهدِي مَن يَشاءُ وَيُضَل مَن يشاءَ" پَئي مَ لاهي ڪوءِ.
طوئون طاعَتَ جي ڪرين سَچي سَچَ مَنجهاءُ
تہ تِهان سيئي ڏانَ لَهين مَڱِين جي مُنجهاءُ
هُوندي دولَتَ دائِما پَسَڻُ پِريَ لِقاءُ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سَرهايون سَيئي پَسي، نه ڪو ڏُک ڏُواءُ
واسَٽيوءُ وڏو ڏَٽي، ٻانَهن ڪي ٻاجهاءُ
لَٿا ڏُک سُڪَ ٿيا پريِن گڏيو سوجهاءُ
"الحمدلله الذي اَذهبَ عَنا الحُزنَ" گوندرَ وِيا وِچاءُ
ظوئون ظلمُ ڪَنِ جي اوڏو تَنِ م آءُ
مَتان بوڇُ ٻرائيين پاڳو عذاباءُ
سُٽج هِيين ڪَنِ سين سَچو ايهَ ڳالهاءُ
گهَٽا هَٽندهِ هَتَڙا وِهاٽِيَ پُوئاءُ
جَنِي پانُ نه پَليئو دِرجي مَنا ياءُ
مَ ڪرِ ميڙو تَنِ سين هِيينءُ م هيجاءُ
"وَلا تَركَنواُ اِلي الذين ظَلمُو فَتَمسَكُم النار" پُجهو پَندِ هياءُ.
عين ئون عاقِلَ يادِ ڪَرِ سَندو حَشرُ ڏِينهُ
غمَنِ سَندو ڪو وريِ جتِ وَسندو مينهُ
رِءَ رَحمتَ رَبَ جِيَ سَپِ چِنَندا نِينهُ
جِيِنءَ ڪَنبي ۽ ڪَڙهي سَيَرُ پَسي سينهُ
ايَ ٻرِ پَسِي پانهجي ٻيهي ته پَسينهُ
تَنِه هَيبتَ حامِلُون رويو ڇَڏِيهُ رِيهُ
"وَتَضَع كُلَ ذاتِ حَمَل حَمَلَهَا" هَيهَي ڏَسي اِيهُ.
غين ئون غافِلَنِ جي مَتي پوءِ پَچارَ
جَنِي مَتي ايهيُون ٻَرَ تَنِي جي هارَ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رُنَائون رَتَ ڦُڙا جي ڪا هُيَنِ سارَ
ڄِپيُون ڇيري سنَديون ڇِمڪنديون ڇوڏارَ
اِيان رکِهُون راڇِيا فضلُ ڪرين جَبارَ
تَوفِيقَ ڏِيهُون پاتِشاهَ اَسِين تو آهارَ
"وَمَا تَوفِيقِي اِلاَّ بِاللهِ" ڏِيهُون تُون ڏاتارَ.
في ئون فَقرُ نہ گهُرين پِئوهِ ڪِهين چارِ
لنگهي وبندا ڏِينهَڙا جِهڙي تهڙي هارِ
هَلَڻُ هارو ساڻڙو پُوڻِي جَڳُ نِهارِ
هَٿُ هَڪلي واڻَ ڪَرِ جِيَڻُ ڏِينه بہ چارِ
لَهہُ سُڄاڻي پيچِرَو مانَ پَهُچِين پارِ
"هذا صراط المستقيمُ" مَتان پَئِين پِهارِ.
قاف ئون قانِعُ جي ٿِيِن ءِ ڇِڏي حِرصُ هَٿاءُ
تہ لَهَنِ سِپِيئي لَبَ جِيوُن تَتون هِيِين مَنجهاءُ
تان پِي طَمعَ نہ ڪَرِين ڪَڏهنهِ ڪَنهِ مُلاءُ
سَڏُون لاهي سَبَ ڪَهِين مَولو دُني اُتاءُ
تَوبَہ مَجِيندو پاتشاه سَيوئي تُهاءُ
اِلاهي عَفوُ ڪَرِ بانَهنِ کي باجهاءُ
"فاعف عَنا وَاغفِرلَنا وَارَحمنا اَنتَ مولينا" گهُرهُ تو ڳُراءُ.
ڪاف ئون ڪَرِيمُ سو ڏَٽي جو ڏوهَ بَخشڻهارُ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

كٿبي خطاؤن وڏيون ايڏوئي ڏاتارُ
ڏيندو ڍُھارين کي تُسي ڏِيهُ اَپارُ
باجهيندڙُ باجهہ َ ڪري ڏيڪاريندُنِ پارُ
توڙي ڍُھارَينِ کي ڪو هوءِ جَر جَلو جارُ
توءِ تُسَندو تَنِ کي سائِين رَبُ غفارُ
”اِنَ الله يَغفِرُ الذنوبُ جَمِيعا“ مولو مَرهَمُ هارُ.

لام ئون لعنتَ مَ ڪَرِهَ رِيءَ ڪافِرَ ڪَهِين
توڙي ڍُھارَينِ کي اُھکي هوءِ گَهَٽِي
توءِ تُسندَو تَنِ کي باجهائي ڏَٽِي
واري وِڏءِ وير ۾ جَنِي هَٿُ هَٽِي
تاري مُڪو تارِ ۾ تَنِي پانُ ڪَٽِي
اُھکيَ ۾ اَڙينِ کي آهي هِيَ تَٽِي
”وَالله ذُوالفَضلِ العظِيمُ“ وَڏِيَ باجهہ ڏَٽِي.

ميم ئون محبتَ رَبَ سين جَنِي هوءِ گَهَٽِي
لويو لويان مُنهَ سين تَنِي جي پَٽِي
مان مُؤئي تُسي ڏوهہُ باجهاءُ هَٿَ ڪَٽِي
سبي ڪَنبَنِ قَهارَ پَئِہ مَٿِي جَنِ مَٽِي
تَرسَنِ تاسوبَنِ جِينءَ رِڙها ڍين وَٽِي
لَنگهي ويندو سَيڪو اَجُ ڪِ ڪالَهہ ڪَٽِي
”وَعُدَ نَفسُڪَ من اَصحابُ القبوَرَ“ م وِهِ، هَل هَٽِي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نـون ئـون نـَفسُ پَلِئو جَنِي مَنَاياءُ
توهُ ٿِيندو تَنِ سين اَڳي پِيءَ دُنياءُ
وڏو ياڳو تَنِ کي ڏِبو ڏيهَ مَنجهاءُ
ڏاتِين تـَنِي لَڌيون گهڙئا سَئِيَ مُنهاءُ
سي لنگهي پارِ ٿِيا اُڪَنا آراءُ
جَنِي هَٿُ هَڪَلِئو دِرجي دِراءُ - هِياءُ
"وَاَمامَنِ خافَ مَقامَ رَبهِ وَنَهي النَفسِ عَنِ الهَواي" جيُٿا عذاباءُ.
واوئون ويندو سَيَڪو هَلِي هِنِ دُنياءُ
سَڳَرَ لائِي ساٿَڙا لَڌيندا لُوئاءُ
ڏِيهاڙِي سَڌُ ٿِئِي بانَهنِ کي مَتاءُ
اُٿِي کوهِ نہ سَنبَهو هَلبو هِياءُ
ڦوڙائِيندو پانَ ۾ مائِتَرَ ۽ وِياءُ
"کُل شيءِ هالِڪ الا وَجَههُ" سَچو ايهُ ڳالهاءُ.
هي ئون هَلڻ هالَ، سَمَرُ ڪَٽو ساٿِياهُ
اوچِتي سَڌُ ٿِئِي مَتان اَڄُ ڪِ ڪالَ
اَهُڪِي هوءِ رِيءَ عَمَلِي رِيَ پَلِي جي پالَ
جي جاري ڪَري ڏَٽِيَ سِين بانهِي ناهِ مَجال
"انشا عذا وَ اِنشاعَفِي" نڪا قِيل نہ قالَ.
يِي ئون يا رَبَ مَون ڏَٽِي تُسِي ڏيهو ڏانَ
باجهَہ تُنهِنجِي اَڳِري ساوَڻُ جِين مِهرانَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آسان سيپيئي پُنيُون تُنئي تــو رحمانَ
"اَرحم عَليَنا يا اَرحَمُ الراحِمينَ" سڀاجها سلطانَ
وَجون تہ ايمان سين ڪلمو چَيو روَانَ
لااِلہ اِلااللہُ مُحمد رسول اللہِ

---


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪهنا ڪور بسم الله الرحمن الرحيم زيور ڪور

ڪر سارا ھہ سلطان جي جلا ابا يا جڳ يا ددي يا دني جي ڪا توڙي اڙنگ

سبو اسارينه ڏوه وريلا ٻيو ڪماءِ جي ستا سعو ريئن ٻيڪا ڪري ٻڪ

يا ڪريائي بستي ڪرلائي ڪوڏ جو ترويه مجيا ولقا وازوڪريه جوڙ

سي قرار يا تہ سي ڪين ھنن ھوڙ ڏنا دوڙي تن لايا ڏين ڏھاڙي ڏور

ڪرايا يو ڪيترا امر ڪنيا جي موڙ ڪاڏ ڪبدو آه تو عجب ٻيي اتو ر

واه ونا ھيا ڏملي ڪين برت ڪوڏ جا ٻيچ جا ربني سيري ڏانه جڪي جوار

صتا ھي ويسرو اھي ڪالا ڪو ٻيچ الله ما يشاء ويشت ڏرڪه فرناد

ڪنڏ ڪريا ڏبه بورا ھي ويسرو آھي باڏي اسيا ٿا ھر ڪري نينيه

ڪڏ ٻئي ڪوار ڪسمي سبز جيھي سنڌ ڏوري تہ ڏھا ڪم جا جيله وستو

بينڊ جا سبا ھي توکي ساري ٻيچ اتو ڪر طلب تهجي خدھيتي جا ھيچ

حلحلا جي آئيو سدي سبي سنج ٿو ڪي مريا جيھو اڪي ڪو نيا ڪرائيج

وتره دتو قرآن جيئن زاد التقوى سمو سبا ھيج تو ٿو ڳي ويسرو لغو ڏي ٻيلايا

ڪريئن تا تن تهجي ڪوتي سدي ڪاڏ ڪيهلي ڪابرن ڪهنا ائي ڪوٿ ڪراڻ

[illegible] ڪعبا [illegible] ايترڪ بجاده زكيه اقرا خالف وڻي ڪراڙ

[illegible]



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڳَهَٽا ڪُوڙَ- زيور ڪوڙ

بِسمِ الله الرّحمَنِ الرّحِيمِ

ڪَرِ ساراهَ سُلطان جِي جَهِ اُپايا جَڳَ
ڏَنڌي پِئا ڏُنِي جي ڪِئا نوري ۽ نَڳَ
سَنِيُوڙا ساڙيهَ ڏُونهُ وِيندا پَسِي وَڳَ
وَجي سُتا سوڙِهيين پِيِنگا ڪَري پَڳَ (١)
پاڪُرَ پائي پِتِ سين ڳَرِ لاياؤُن ڳورَ
چوءِ وِهُ مُهُجا وَلَها وارو ڪَرِيهُون ووڙَ
ڪي قَراريا تَنهِ سين ڪَنِي هَتَرَ هورَ (٢)
ڏَنَ ڏُوبِي تَنِ لايا ڏِيتِ ڏُهارِي ڏورَ (٣)
ڪَڙا پايو ڪيتَرا مَرَڪَنِ مَانجهي مورَ
ڪانڌَ ڪَنبَنَدو آهِ تو عَجَب پَسِي اَتورَ
واهِ وَناهِيا دِل ۾ ڳهَٽِي پِنَتين ڳهورَ
جان سيجَ چاڙِهيني سُپرين دانهَ چَڳِي جوڙَ
مَتان وِهين ويَسَرو آهي ڳالِهِ اَگهورَ
"يَمحُ الله مَا يَشَاءُ وَ يُثبِتُ" دَرِگَهَ قُرَنِ دورَ.
ڳِنهوءِ ڪَرِيا ڏِينهَ ، پورا وِهين ويسَرو
آهين پاڙي آسِيا ناهِيئن ڪَرين نِيهَ

---

(١) اصل. سُتا سُورِيئي (٢) اصل ائين (٣) اصل ائين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مُهرُ مَعرفتَ جو ڪو اَندرَ گهتَ گهڙاءِ
چيرو چڱايُون ڪرِ ۽ موتِي اِسلامَ
تان پِي ايُ ٻِگلِ پائي ڳهٽا سَدَا ڏيجِ سَلامَ
ٻاهيِن ٻُندا ٽرونٽريُون ساري سيِئي ٽوڪَ
زيوَرَ ڪي زَڪوات جا موڳِي آٽِجِ موڪَ
ته چُتيِنءَ پاڪَ پدمتِي لالَ وِچان ئِي لوڪَ
پائِج عِلمَ پَٽرزِيُون اکرَان ڏي اخلاصَ
روزَنِ رَتا ڪپڙا ڪي ڪُهنبا خاصَ
ساجَنَ سِينگاريج مُون ڏيئِي لالَ لِباسَ
ته ڏِيان پاهِجي وَرَ سيِن سِرِ پَلنگين پاسَ
مُون ڪي ڪانڌَ قُرآنَ جو ڪو هيجَان آٽِجِ هارُ
وُضُوئاءُ جَنه ويترِ ۾ اَپرَ هوءِ اوجارُ
ته پِرين تيؤُن پانَ ۾ جِهو ڪوڏِ قرارُ
واريُون سَنديُون وينتِي آشهدَ سِينڌِ ڪراءِ
لوڏِ لَڙهُ ذِڪرَ جو پِرتَ چَنگلا پاءِ
جَ بَهارجي باغُ ٽِئي مَرڪَنَ مُنڌَ سَنَدياءِ
دُعَا دُئاريُون آڻِ تُون سَندو توبَه طوَقُ
ته ڪرَ ڪامِي باهِ جِيُون سجِي ٽئي سوڪُ (١)
”يَاَيُهَاالّذِينَ آمَنُوَ تَوبو اِلَي الله تُوبَه نَصُوحا“ ٻهڳڻِ ٻجهي لوڪُ

(١) اصل تَخَرُ خامِي بَاهِجيُو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيرا ڏينـدي هـڏهـين ترين وراٺئين تري
آهـيئـين ڪـنـه اُپايـو ڪـهـڙو نبيءُ توءِ
ڏينُ تُهجو ڪـهـڙو سگهو سلئه سوءِ
ڪو سرب سونهـارو تن ڪي جوڙي رکُ جوابُ
چوءِ الله آهي هيڪڙو واحدُ ربُ وهابُ
خالقُ سڀ خلق جو انُ اُپائي آبُ
جياري جڳتر ۾ ڪندو هيءُ حسابُ
"اِنّ الينا اِيابهُم ثُمّ اِنّ علينا حِسابهُم" اِيءُ مولي
ڏونهُ عتابُ
نبي مُحمدُ مڃيان سڀنڊو ربّ رسولُ
آيون آياتون ان کي مٿان نُور نُزولُ
لولاڪ سين مُلڪ ڏٺي مولي ڪيو محڪُولُ
"لولاڪ ما خلقَ الافلاڪ خالِقُها" هي ته حق مقُولُ
ڏينُ اسلامُ مڃيان مومن مون پائي
دوس دُنيائي نگيا وارو ڪري وائي
ڪئاؤن ڪلمو پاڻ سين سمرُ سانباهي
لاَ اله الا الله محمد رسول الله مون ڪر تن پائي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شتعلم لکيائي تو جوڙيم ڪاتي ٻابا ٻانڀا ڏيا ڏيل الله لکڻ ٻيو مکي جانھن

سانجھي ڪارڻ سنت تو جا ايلو لکوءِ جمله وارثو ماه ڪرائج تا ڪيئي ٻيو

ٻنھي وقت جھونڊو جيمنا ڪريئي ڏيئي تنا تو ڏيم ٻانڀي سو نوري ڏيھ تيا

ٻيئي ڪارڻي ڪڏهن تا رازي الي اجي قريتو ٻا زورت تا ڪيئو تا ري

تنت ڪيمري ڪالا ٻو يا محمد او ... ٻڌ سيجا الي جي صورت جو ملڪ سو عزرائيل

عجي مڪا ٻسو ترڪي ٻنجي ٻر ج ... ڏين نھجو مصطفى ويرا تو ڳالھ

ڏين نھجو مصطفى ٻڌو ويئه ڏيئه جوڙيا ... اکيو ٻج جا تو لا ڪيئه

مو ڪلاءِ مو تيا ... ڪري محشر ... يا رسول ... جو

ٻڌوئي ٻا جاءِ تو جوڏي ٻڌل مره سنجي مومني ڪلمو جو لا اله الا الله محمد رسول الله

جو عقبا زنا بسم الله الرحمن الرحيم بدرڪو دا الايمن

سارا او ڪرب ڪيو ڪروڪيئي ڪو مغز ٻار ٻڌ سو ٻيگو جي

انبا تو جڳ ... ٻيتو ٻت ڪري ... ملڪو جبر و رسول ڪري

ٻنا ٻي ڪي جوا ٻسنه سٻا ئي سنت جنن ٻنا ر يا ڪنا ...

علي ٻل فاطما هنڪري ڪرا ... اري هليا ٻيئن جنھا دا

الڪد مجا اڀما ... ٻيدا الدا و ٻل جي جبر رسول الله



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[۲۸]

## [ قصو زالن کي نصيحتَ * ]

بِسمِ اللہ الرَّحمٰنِ الرَّحِيمِ

سـاراهَ اوڙڪَ رَبَ کـي ”گھـرئـو“ چـوءِ گـَهـڻـي
گھـرون مَ وِساريھُون سـو هـيـڪـڙو ڏڻـي
جَنهِين اُپايـو جَڳُ سـَيـوئي پـَتـو پـَتِ ڪـَري
تـيـنِـي مُـڪـيُـون خَبرون رَسـُـولـَـنِ ڳري
تَـنـائـيـن ڪـِـي چَوان سـُـٽـِـهُ سَيائِئ سـَـتَ
جَنِئ سُٽـِـي نـہ پـاريـا گـھـٽـا هـَـٽـنـدا هـَـتَ
عـَلِـي بـِيـبِـي فـاطِـمـا هـيـڪـڙي وَقـت گـھـراءَ
بـيـئي اُتِي هـَـلـيـا پـَـسـڻَ نـَـبـيـان راءَ
اُڪَندِ مـَـنـجـهـائِي تـَـنـہ ويرَ جُـہ وَهـِـي سـَـڏاءَ (١)
لـِـذائـُون ويـلَ تـَهـِـيـن خـَـبـَـرَ رسـولاءَ
جـان اَچِي حـاضِـرُ ٿـيـا تـان پـيـغـامـَـبـر روءِ
ڳرهـيـاؤُن ويـلَ تـَهـيـن آهـئ خَيرُ نـہ ڪـوءِ
رُوحُ جِـنـدُو قُـربانُ تـو اُتـاؤُن تـَنـہ ويـرَ
يا مُـحـمـدَ مصطـفـيٰ خـَـبـَـرَ ڏيـهُـون خـيـرَ
فـرمـايـو کـي فـاطِـمـا سـُٽـِي مُـحـمـدَ پـانَ
جِين مـونـکـي مِـعـراجَ ڏونـہُ ڪـونـايـو رَحـمـانَ

* اصل عنوان ”قصہ عتاب زنان بدکرداران“ جيڪو ڪاتب صحيح نہ لکيو آهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قدرتُون پاھِجيُون مُون کي پُوئين آپَ
ڏيکارِيائِين جَنھَرَ مَگرَ ھَيبَتَ سَپَ
جان دوزخُ نِھارِيان تان جوئِين ڏه تولَ
ھيکَلِيون کامَنِ سي پاسي تَنِ نه ڊولَ ...
مُڙسَنِ جي موکَلَ رِءَ جَنِ ڌارايو کيرُ
ھُونديُون ھايَ وِچ ۾ رَتُ رونديُون نيرُ ......
حرامُ کِئاؤن پاڻِ سين چِڏي پاڻَ پتارِ
مَرِي لَھندي سَيکا سا پاھِجي سارَ .....
جَنِي مُڙسَ رَنجاڻيا ڏِنا جَن جوابَ (١)
تَنَ پاڻِ جا مَگرين تَنِي کيا خرابَ .....
کِلَنِ کُڌَنِ وِياهَ ۾ گَھٽو اُچَلِينِ بانهَ
ھيرا ڏِين حُجَ کئو نَظرَ کَنِ بِياهُ
ويٺاءُ ويٺاءُ ھيکڙي نَظراءُ سَھسُن
وَرِھين ھُونديون مَگرِي ھِي سي جوئين پَسُ .....
اوسارِيندي دُنِيَ ۾ جَنِي تِيو نه ڊراءُ
مَگرُ تَنِ جوئِنِ کي جاڙُون ڏي قَھراءُ
جَنِي ڏنا ميھَٽا مُڙسَ کي مامُورَ
وَھِي مَگرَ ۾ آيا تَنِي مَتي سُورَ
نَمازَ جَنِ نه گُذارئِي روزا رکيا نه پُورَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زَڪواتَ جَنِ نہ آدا ڪِئِي ڏِنِي نہ مامُور (۱)
تَنِ نہ هُوندي هَڪِئِي شَفاعَتَ رَسُولَ
عُمَر پُٽُر گهُرِئو چوءِ آسِين چوهُ نہ پاڻَ
ٻَالَهاءُ سو وِيجايُونہُ مُڪو جو رَحمانَ (۲)
جيڪي اِنَ نہ وِسَهَنِ رسُولَ جي ويڻَ
سي جوئِين دَوزَخ ۾ تَرمائِينديُون نيڻَ
واٽَ اَحمدي شَرِيعَتِي گهُرئو چوءِ گهُرو
تان آن هوءِ نہ خوفَ ڪو تان جي ”مُوتُوا قبل
اَنت مُوتُوا“ مَرو
وجو تہ اِيمانَ سين ڪَلِمو پاڪُ پڙهوءِ
لا اله الا الله محمد رسول الله

---

(۱) ورق زبون (۲) شاعر گهُرئو پٽ عمر جو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[۲۹]

## مستزاد صنعت وارو نظم

جَنهِ جيئُون ڪَنِ وِماسُون وِيرَ
سو پَنڌُ مَرَتِئي مُون حَقِيرَ
صَباحَ سَنجهَه ٿِيندو سِيرَ - الله تو آهارَ
نہ تَنهِ سَمَرُ نہ ساندارو
پارِ پِرِيان جي هَلِيو بارو
اَڳِيان ڏِسي ڏيهُ پَوارو - نَڪا تِت تَوارَ
تُهُجو بانُهو تو دَرِ آيو
پَسِي پاهِجا ڏوهُ لَڄايو
رَحمَتَ مَگّي پَلئہُ پايو - سَباجها سَتارَ
تُوڙي ڏُهاري تُهُجو بانُهو
ڪِيوءِ هُوءِ دُنيَ ديوانو
هاڻي جاڳِيوءِ هَٽي جانو - تو دَرِ ڪَري ڪُوارَ
ڪِئا عاصِي نا اَعمالَ
تُوءِ وَهِيڻُو پِيلا پالَ
باجهَه تُهُجِي جُٽِي چالَ - اوڏِنِ جا آذارَ
پِهرُو آچِي جِي شَيطانُ
تَنهِ کي ڪَرين پِشيمانُ
مَرَتِئي سَلبُ مُون اِيمانُ - وِيندي جان جَبّارَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُهِڪي ڪَرِينَ تُون سَڪراتَ

وائِي ڪَلِمُو اَندرِ واتَ

باجهاءُ ٻانهي اِدامَاتَ - غَرِيبَ ڪي غَفّارَ

پاڪَ پاڻِيَ سين وِهنجارِجي

رُوحُ تُهُجِي دَرگَهِ نِجي

عاصِي ٻانهي عَفوُ ڪِجي- ڏُڏنِ جا ڏاتارَ

سِينگارِجي ڏانهُ سازِيهَ

ڪَئُون پِرِينَ مَٿي ڏيهَ

ڳوڙها ڳاڙِيئين آبَ اَچِيهَ - ڦوڙائِيندي يارَ

جِتِ جَنازي ڪَنِ نِمازُون

اُيا دَرِگَهَ ٻَڌِي ٻانهُون

مَرهين خاطِي ڪي خَطاؤن- ڏوهَ ٻَخشَنَ هارَ

قَبَرَ ڪَندِي ڪَٿِي نِجي

ڏُوٻِي دَڙُڪو دَمي ڏجي (١)

مَٿان تان پِير تاڪُ پُورِجي - لِتو لوڙُهه ڪُنيارَ

هيڪُ هيڪلي اُونداهِي

سا تُون ڪَرِين سَچا سَهائِي

سائِين سَباجها رَبَ اِلهِي- مِ ڪَرِ وَحدَ ڪي وِيچارَ

سِرِ پيرين پَجي پيو هَدَ

---

(١) اصل. ڏُوٻِي دَرِڪُو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مَــتَــان آڏنِ ڪـِــيَڙِي آڏَ
تـورِي ڪيرُ سُٽِيندو ســڌ -مَـڱي مِـهرَ اَپـارَ
ســـامهُون اِيـندو مَلَـڪُ نـَظَـرِ ني
چُونــدو لــِڪُ ڪَمـايــوءِ جي
نہ مُون هسُ نہ ڪاڳرُ ڪي - لِکان ڪِيَ قَلماءُ ڏارَ
آڱــرِ قــَلــمُ واتُ دَوات
ڪـاڳرُ ڪَـفَـنُ ڏِيـندو تـَـنـهِ سـاتِ
جيڪِي ڏِينه ڪَمايوءِ راتِ - تِيندِي تِتِ سَپِنِي سارَ
ڪِـنُمِ ڏِيـهاٽِي ڏوهَ ڪَبِيرَ
تــورا خَيرَ شــرّ ڪـَثـِيرَ
رِڙهي رَحمَتَ سَندِي هِيرَ - اَچَنِ عَمَلَ مَنجهِ بَهارَ
اَچِــي مُـنـڪـرُ ۽ نـَـڪِيرُ
هــَتَـاءُ هـَيـبـَتَ گُرجَ ڪــبِـيرُ (١)
مَهـنـدا مـاڙهــو تِـئي دِلـگيرُ - پَسِي پَلَ پَوارَ
ڪـَنـهِ اُپــايُــهِ ڪيرِ ڏَٽـيـوءِ
ڪِـهـڙو نـَـبـِيُ مَـجِيبِـيوءِ
سِـگهو سَلَءُ دِيــنُ سَندوءِ - مُنجهنِ رَحمَتَ رِءِ مَتارَ
رِءَ رَحــمَـتَ چُــتَــهِ ڪــيـرُ
بي دِلِ تـِـئي اُتِ دِلـــيـرُ

---

(١) يعني گُرزَ ۽ پالا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيئِي جِيءَ کي پَلءُ پيرُ- پولاءِ جَوابَ سان سُونهارَ
الله پَلـو رَبُ ڏَٺيوم
نَبِيُ مُحمدُ رَسُولـومِ
اِسلامُ آهي دِينُ سندومِ- ڏيهُون قَبرَ مَنجهه قَرارَ
ماڙُهو سُجي ٿِئي سيٺاهِ
اَکيِن نَکُ نہ آڏو آهِ
مَٿان پانهي پاجَهہ ۾ لاهِ- نَظرُ رَحمَتَ کَرِ نِهارِ
سَنڌين سَڙِي سَيِ ڳَرنديون
ڳورَ ڳَلِيَ ۾ خاڪ ٿِينديون
چَڱايَنِ سين مَولاَ مَرهيُون- کوجها مَتِ ڪُوارَ
کني ڏِيهين دَر سين ڳورَ
مِـتُر مَهيلِي يارَ اَگهتورَ
هُئِي جَنِي سين وِندُرَ وَوڙَ- کَرِي کونہ پَچارَ
نہ سو نَکُ جو آمِي قنارِ
نہ سي نيڻَ کَتورِي کارِ
نہ سا پِرنِ کارِي بارِ- نہ سي پِرِين لَهنُون سارَ
نہ سي اَهُرَ اَرتي وَنِ
نہ سي پاتا ڳَلَ پِرِيَنِ
نہ سي ڏَندَ جِها مُکرِيَنِ- نہ سي سَجَڻَ کَنِ سَنيارَ
نہ سا پاکيزِي پيشانِي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ سا ڪَنَنِ جِي نيشاني
نہ سو مُنهُ موتِيارُ نوراني- نہ سي ياد ڪَرِينُون يارَ
سَڄِي ٻائِي سَيِڪو سِتَرَ
ڀَڳِي ڀَڳا مُحِبَ مِتَرَ
نہ سو وَڄَهُ ۽ وَهِتَرَ- ڪِهِي وِئا خِدمَتگارَ
هِي جي مُتِّياَ مَتي گهَٽَ
پَسو پاسا پَسارِئا پَٽَ
مَتان لِڳَنِ پيئي لَٽَ- پُون ۾ پُتائِيءِ پَتارَ (١)
جَنهِ ٻانهي جو اِي وُجُودُ
تَنهِ سين ڪَرِڪو سائين جُودُ
هَرچہ زَند ڪَردَہ بُودُ- بَخشِ تُون نَروءَ نار
هِهو حالُ جَهين جو حين
ڪِيَ ڪَرِئين مَنجها تون ڪِينَ
يَا ارّحمرُ الرّاحِمِينَ- ٻاجهاءَ ٻانهي ڪي اُڪارَ
سَنڌِي ٻانهي ذاتِ ضَعِيفَ
هُئِي ڏُنِيَ ۾ جانِ عَفِيفَ
لُطفُ تَنهِ سين ڪَرِ لَطِيفَ- مَ تِئي خَلقَ مَنجهہِ خُوارَ
ڪري ڏوهَ ٻاتائين ڪاڻ
تِئو ٻائُوءِ ٻاتاڙو هاڻِ

---

(١) اصل. بُومِي ٻُڏاٻہ ٻَتارَ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تَنه سيـــن واحِدَ ڪَرِ وَراڻِ- ٻاجهاءِ ٻانهي گُنهگارَ
ڳــورُنِ مـــنــجهــا اُٿيــارِبا
حــَشرگــاهَ ۾ حـــاضِـرُ ڪـبا
توﻻ ڪَري اُپيارِبا- هُوئُـهُ سَعيدَنِ سين تَنه وارَ
دُنيـا دَفـتـرَ جِـتِ آڻـبا
سَيـڪَهِـيـن ڪـي پاڙهائـِبا
ڪَٽِي ڏائي جيئِٽي ڏِبا- مَرَ ڏِيئِين مُونکي مَنجهه يَسارَ
آڻــي عـمَـلَ جَـهِـيـن آنَ
پـائــي تورِبا مَـنجِهه مِيزانَ
پُٽرُ پاهِجو اوڏو ماءُ نہ- لَهي ڪونَ ڪَهِين جي سـارَ
رَحمَتَ ڪَرِين تـُون رَحـمـانَ
تَنه مُـشڪِلَ مَـنـجِهه مَـڪـانَ
شَفيعُ تِـئِي مُحمدُ مانَ- مِڙان مِهتَرِين مَهَندارَ
وِڳــــا واري نـبِـيـرِبا
ڏِڪــي ڏُهــارِي ڏارَ ڪـبـا
مـَـٿــي مگَرَ سَناهِبا - ڪَيِي ظالِمَ زِبانَ ڪارَ
ﻻئِقُ عَدلَ سيـن عِـقابَ
ڪـري عـَفو رِي عـتِـابَ
مَرَ تِـئِي اَهـلُ هـِنَ خِطـابَ، - وامتازوا اليوم اَيـهُا
المجرمون نِـبا اندر نار


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تِڪِي تَرارنِياءُ واراءُ سِنَهِي
لَڪُ لَنگهندو تاءُ سَيِنِي
مُون کي ميٺڙي مَولاءُ تَنِي - وِڄُ جِيىءَ وِيندا جي تَنهِ وارَ
ڪَنِي مَنجهه جَنتِي ميٺُ
ڪَنِي سَندو سوزُ سِيعِيرَ
ڪي اَعُرافَ مَنجهه اَسِيرَ - موتِي مَرِبو تاءُ نه ٻِيهارَ
تُهُجو پانُهو تو اُپايو
تَنهِ جوڳو جَنّتَ ڪِينَ ڪَمايو
لاَ تَقنَطوا مِن رَحمَتِ اللهِ آسِئون آس رَلايو - مان
مُشَرَفُ تِئي دِيدارَ
صالِحَ عَمَلَ ڪِينَ سَنِيائِيان
وارُو آسَرَ لَڳو آهِيان
لا اِله الا الله جو وڏو پَرُوسو يايان - سَچا ڪَرِيمَ رَبَ سَتارَ
پَرَوَرُ سَپا تو اُپايو
دوسُ تُهُنجو سَچو آيو
مُحمَدُ رسول الله اَسانِ کي شَفِيع پَسايو - ميڙهُون مُحمدُ کي مُختارَ
وِيندا سي اِيمانَ سين جَنِ ڪَلِمي سارَ
لا الـه الا الله محمد رسول الله


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# موت، قبر ۽ قيامت جي سختي جو بيان

[۳۰]

## مناجات موت نامہ

بسم الله الرحمن الرحيم

اِلٰهِي رَبَ سَڀاجها رَحمَتَ مَگَا مُحمدَ اُتي ۽ سَندهِس آلَ
فَضلُ ڪَرِ سَڀنِ سين جُمُلَہ مومنہ جالَ.
اِلٰهِي رَبَ سَڀاجها رَحمَتَ مَگَا اوچتي مَرڻاءُ
رءَ توبہَ جو وجي لَڌي ڏِنِيَ مَنجهاءُ
تازي توبہَ نہ ڪَري، ڪَلِمو چوءِ نہ مُهاءُ
سُورَبَس نہ سُڻي، خَبرَ پِيءُ نہ ماءُ
سائِين رکي سَڀڪو اِهين عَذاباءُ.
اِلٰهِي رَبَ سَڀاجها رَحمَتَ مَگَا جَهِ ويرَ تِئي ڏُوارِ
لَهڻي وارا لَهڻي ڪارَڻِ اَچَنِ اَگَڻَ پارِ
قَرضُ مُهُجو مُونِ ڏِئي جيَري اَدا ڪارِ
شَرعَ اُتي ثابِتُ ڪَري رَبَ وِنگايان وارِ
پِيرَ اُستادَ ما پِيءُ مُهنجا خُشنُودَ ڪَري،
تان پوءِ مُونکي مارِ.
اِلٰهِي رَبَ سَڀاجها رَحمَتَ مَگَا سَندِيَ مَرَڻَ ويرَ
جِين پَگهرُ نِراڙاءُ نِڪري اَکِين اُبَتا پيرَ
هِڏِڪي هِڻي حلقَ ۾ چَڏي نِرَهِ پيرَ (۱)

---

(۱) نَرهِ پير= پير نري وڃن، يعني ساه چڏي وڃن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اِلهِي رَبَ سَباجها رَحمَتَ مگا تَني اُهکايَنِ
جِين ٻَيَڙَ روءِ بارَنِ سين، ما پِيءَ دانهُون کَنِ
پوٽرا ڏِسِئو پاهنجا هَني کيو هَٿَ هٿَنِ
پَسي مُتهُ مَرِيضَ جو نا اُميدَ ٿين
پاهنجا ڏِرَيَڙا وَرِيا وِيجَ وَجِنِ
بانَها پاجهارا تيان تُهُجي پاجهہ چِتَنِ.
اِلهِي رَبَ سَباجها رَحمَتَ مَگا تو پَرنان پاڻُ (١)
جِين مَرَڻُ وَقتِ مومِنهِ حاضِرُ ٿِئي نہ شَيطانُ
کَڙائي مَوتَ جي اَوَجهڙجي ايمانُ
"نَعُوذُ بِا الله مِن ذَالِکَ" .......... (٢)
اِلهِي رَبَ سَباجها رَحمَتَ مَگا جَهِ وِيرَ وَجي ساهُ
اُجَ اُساٽَ هيُون دَرمانُدو آهمُو کَٽي پَساهُ
اَڙَءِ جِيَ پُورَهَ پاٿهي، مَلَکُ پُڻ ڏِسائي
کَرِکا وِينتِي کَرِيمَ کي جَہ کَلِمُو سو چائي.
اِلهِي رَبَ سَباجها رَحمَتَ مَگا چوڙِيِن جين ڳانو
رُوحُ جَسدان نِکري مُحتاجُ ٿِيي بانُهو.
اِلهِي رَبَ سَباجها رَحمَتَ مَگا غُسلُ ڏِيندا جَتِ
پاٽِي پاکُ بانها صالِحَ رَبَ ميڙِيهُون تَتِ.
اِلهِي رَبَ سَباجها رَحمَتَ مَگا حَلالُ کَفَنُ ڏيجِ

(١) پرنان= سپرد ڪريان، حوالي ڪريان (٢) ورق زبون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اِيهِيَ پَرِ جو ضَعِيفُ ٻانُهو ڪوهُ ڇُوندو تَنِ
فَضلِ تُهجي اُبَهي، تُون سَڀاجهو سَيِنِ
اَڪِيِنِ ڪَنَ سُوراخا نَڪَ جا، وِاتُ پَرِجي ڪيهَ
سَڀَ پَٿُونها ماڪوڙِيُون اُهڪي سُڄي ايهَ
آئُن سايَلُ سَيِنِ پَرِينِ، تُون ڏاتارُ سڀَهِين ڏيهَ.
اِلهِي رَبَ سَڀاجها رَحمَتَ مَڱا تَنهِ ڏُهلي هَنڌَ
جِينِ مَيَتُ ڇڏي ڳورَ ۾ عَزِيزَ تِيَنِ پَنڌَ.
اِلهِي رَبَ سَڀاجها رَحمَتَ مَڱا جِين ڦوڙائنِ سينڻَ
پَسِي حالُ مَيَتَ جو وَڃهِ تِرمايُو نيڻَ
نِعمَتُون ترڪِ ڪَرِي پَتو پَتين ڪيڻَ
ليڪَنوُ بَسِ تِئِي پتِ نہ پُوٽو وينَ.
اِلهِي رَبَ سَڀاجها رحمَتَ مَڱا جِين پِريَ نہ سُڄي نانءُ
پَيِرَ پُرِي پُڪُ تِئِي ڳورَ نہ لَيِي تانءُ
سَڙِي هَڏَ، ڳورَ ڊِرهِي، پِرِي پَچارَ نہ پوءِ
ڪيٿهِين ڪوءِ نہ چوءِ، تہ ڪي هُيڙا ڪَڏهِين.
اِلهِي رَبَ سڀاجها رحمَتَ مَڱا سَندي ڏِينهِ قِيامَ
پَلَهِ جِتِ پَيِءُ تِيَندو ڊِرجندا وَرِيامَ (١)
مُلا قاضِي سَما سُومَرِا نَڪِي هُوندا جامَ
مومِنَ سَڀِ ڇُٽَندا وَنِي مُحمدَ نامَ.

---

(١) پله = پَلن کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

الـهي رَبَ سَباجها رَحمتَ مـَگا جِين آڻبا ليهَ
چَڱا مَنا ڪاڱرَ ڪَڍِي سامَهان ڪِبا ڏيهَ .
اِلهِي رَبَ سَباجها رَحمَتَ مَگا جت تيندي تانَ
”فَرِيقُ فِي الجَنه وَ فَرِيقُ فِي النّارِ“ وِيندا پاڻُو آنَ
اِلهِي رَبَ سَباجها رَحمَتَ مَگا جِين مَندِبو ميزانُ
عَمَلَ توريا تَهِ ۾ سَگهه تُهجِيَ سانُ
ڏوهَ ڏيهاڻِي مون ڪِيا چَڱو چِت نه پوءِ
جو تُراڙِي ۾ تُرِي عَمَلَ نه پَسان ڪوءِ
جَنِي عَمَلَ نه ڪِيا شَرعَ چَڏيائون پيرَ
سي جِيارِجِهِ جَڳَ ۾ ڪَهِين مَ تِيَ ڪِي ويرَ
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيٺنُون نڪُون ڪري جَهِ ڪي ......
جهوريَ سَندو ڳَچُ مون اکين سَندو ثارُ
جَه سِين ڦوڙائِي تِي پَڳو رُوحُ قَرارُ.
ريپارو خُدائي جو خَبَر ڪاءُ نَه ڪري
تہ آءُ گهٽو گهورو نہ سُلي ڪيَ وَري
ڳَرَهڻُ ڳالهيُون ڳُجهوُن عَيبُ مُنهنجِي چات
جيجبايُون ڪَنِ جي تَنِ مَ ڪَر ڪِي تاتِ
جِيجان سي ڏُتيا رَحمتائُسِ ڏار
مَرِهين ڏوهَ سَيِنِ ڪي سَباجها سَتارَ
سَباجها باجهہَ ڪري مُون کي سَجَڻَ ميلِ
جَنهِ سِين ڦوڙائِي تِي هِنيڙو پيو خِليلِ
يعقوبَ چَيو ٻَڪِهياڙ کي ڳالِ نہ سُٽِي ڪاءِ
هاڻي جِي دُعا ڪَريان رَبُ تہ ميڙيَ مُلاءِ
(١) ٻَڪِهياڙ چَيو يعقوبَ کي صَبُرَ سَگَرُ توکُ
جزع گهُر مَ ايترو جينِي لَکي لوکُ
نَبيَ جي دُعا ڪَرئين ۽ مُون مڙي يا
جَهِ سين ڦوڙائِي تِي هِنيَڙي ۾ .........
سَباجهو باجَهہ ڪري، تو پُٺِ ميڙي پُٽُر

---

(١) هن بعد حاشيه ۾ هيئين بيت لکيل:

هِيڙا ڪُرُ ڪَنِ جِين سوره سَبَر هو
ڳَرهہ مَ ڳُجهوَ رو، پِڌر پوءِ مَ پِرَ سيين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون رُوندِهين جَنهِ کي نَبي ٽِيو جُهتَر (١)
وڃو تہ ايمانَ سين ڪلمي ڳُهڙ بَرتُر (٢)
يوسُفَ پِئي کُوهَ ۾ ڏِينهَ لَنگهيا بابت
تان تُجارُ اَچي ڪَري رَهئو اُو.....
وَڻجارو وَڃهِ ڳهَٽي اَچي رَهيو تت
يوسفُ وِڃهي کُوهَ ۾ پائُرَ وِيا ڄت
مالڪُ هُوءُ ناءُ تَهِ وَڏيرو تَجارُ
تَڏهِ هُوءُ تَهِ ڳَري وَڃهُ اَتِ اَپارُ
مالِڪُ اَچي جهوڪِؤ کُوهَرا جُوئارِ
کَٽِي مُڪائِين آبَ کي چاڪَر پَتَري چارَ
چَرهُ کِياؤُن هتَ ۾ اُيا کُوهَر ڊارَ
پاهَرِ ڪَڍي گهوٽيو پَسندا مُنهُ پارَ
چاڪَرَ مڙِيا چاهَ سِر مَنجِهہ مُڪاؤُن ڏورَ
وَرت پُڄتي.....................هُورَ
چَرهُ سي...........چاهَ ۾ وِڏائون واري
يوسفَ ڪٽي....................ڊاري
يوسفُ چَيو چِتَ ۾ پائُرَ اِيہ سَندامِ
جيڪي پشيمانِيا ناهَتَ مارِيندامِ
لَکي هُوئا نيترا سَيي ڏِيہَ سَندامِ (٢)
هِيَ جا اَڳي لِکِئِي وِيرَ سَبا اُمايامِ

(١) اصل ائين (٢) اصل ائين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جَبَرئيلَ اَچي ڪَري ويڻ چَيائيين ايئہ
يوسفَ اُتي چَرهٌ ۾ رَبُ سَنيپاري ويئہ
تہ پاراڻ ڪَنڌي نڪَري ڏيڪاريوءِ ڏيہَہ
ڦوڙائيندي پِرِيَ سين پَسندہ پَرڏيہ
جَبَرئيلُ پَسِي ڪري سرهو ٿيو جُوانُ
اُتي وينو چَرهٌ ۾ لَذائيين فَرمانُ
چَرهٌ اُپاري اُڪِئُون ڪري سَيِني ٿرانُ
پَسِي نُورُ هرڪِنا سائيين ڪَنِ واڪانُ
............ مُهَنِ يَرِ چِڌي وادِرِ هتاءُ
وهِي پُجِتي ويگَ ۾ جَبَرئيلَ مَتاءُ
جان ڪَر ٻِي ٻاري اُڳاؤن پُڻ پاٽِي ٻِيهارَ
سارهِينِ سَچو ڏَٽي ڏناٿون مُنہُ پارَ
مَهدا وَڏيري وَبرَ تہ سَيين ڪيو سلامُ
چَياؤن مالِڪَ ڪي ٻانهو پَسُ غُلامُ
آنداؤن گهوٽيو ڪَڍي ڪُوهَ مَنجهاءُ
سُونهارو سَپِين پَرين سِروءُ جو نُوراءُ
مالِڪَ نَظَرَ جان ڪيو اچي يوسُفَ ڪي
مُنہُ چوڏهِينءَ چَندرُ جيَ نُورُ جَهلڪا ڏي
سَيِني ڪوڏ ٿيو پَسِي يوسُفَ وارو وارَ
ساراهِينِ وڏو ڏَٽي جَہِ ڏنس سَينگارَ
مالِڪَ چَيو مون ٿيو ٻانهي وَڏِي وَٽُ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سَڀُ اُنائُسِ گهوڙيان جيڪي مالُ گَرَٿُ
يعقوبَ پُٽرَهِ پانَ ۾ سُٽي جو ڪِئو ڳالهاءُ
جَر ۾ يوسف هَن پيئني ڏِيهِ ٻول........
ٻر منجهہ اَبي يعقوب کي آئو پيس......
سَڀاجهو ٻاجَهہ ڪري ..... چيو .......
وِنُهون واڪا ويرَ تَهِ ڪيا سَيني تَتِ
ڪٽي نِيئون ڪَڍِي ڪري لَينديَ سَين جهتِ
چائي جِيَرو پيءُ ڳَري موتِي وَجي هاڻِ
ٿيينداسُون شرُمندا گهَٽو وَڏي پُونديَهُ ڪاڻِ
جا تِيهِ سَين پاڻ ۾ ٿِيا پَرياڻُ ڪَرِينِ
تان سُوداگَر. سلهُان گهوڙا پَلاٽين
جِہ لاري تَهِ ويڳَ ۾ وِيا تَنِ ڳُرِي
اِيندا هُوئا سامُهان ڏِنائُنِ وَرِي
يوسفَ چَيو مالِڪَ کي مون ڪيتِهين ڍَڪُ
مارِيندا مُون نِمُنو کوءِ ياڇِ مَ شَڪُ
..................... وَڻجاري تَهِ وِرَ
آتَرَ ڏِيئِي ڍَکِوءُ مَتان نائي ڪير
سَيِنِي مالِڪَ سين اَچي کِيو ڪَلامُ
جان پيوءُ هُوءُ کُوهُ ۾ ڪَڍِيان کو غُلامُ
مالِڪَ چَيو تَنِ کي کِها ڳِنهو پارَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آسان ڪوءِ نہ ڪَڍوءُ ڪِٿي نيوءُ.......
پانهو اِيئُ اساهِجو سُڻِ مالِڪَ ڪِهو
جِين دَرَ اُتي آدَمِي ڪوءِ نہ تَہ جِهو
آهي اِيئُ غلامُ سو اِهڙين پارين
پيو هوءُ ڪُوهَ ۾ ڏِنو پَنوهارين (۱)
پِيَ نہ وِجي ڪَڏهين تو گِرِ آهي ڪَرُ
هاڻي ڪَرِيهِس پَڌرو ڪوءِ ڪَريج مَ ڏَرُ
تو هِي سين سَتِ ڪري آسين وِڪُٽَداسِ
جي تون اِيئُ رَهاپَئين پَسِي عيبَ سنداسِ
ڏمِريا مالِڪَ ڪي يعقوباڻي جَتِ
يوسفُ پَسِي اِيئَ پَرِ ڏُبَرَ لَڳو تَتِ
تَہِ وِرَ پاسِ هيڪڙو وِءُ وَهي مَتيسِ
سَڏُ ڪيو يوسف سرِ وَڃِي هُئي لَٽَ هَتيسِ
چي ڳالهاءُ سُٺي مهُجو يوسفَ رَڏِ ڪَرِين
صَحُي مَرَوءِ نِمُٽو چِين سو نہ پارِين
اُتو يُوسُفَ تَہِ ڪي آئُون بانُهو بانهِيَ جاءُ
ناٹو ڏيئي ڳِنُ مُون هاڻي هِنَ مُلاءُ
ڍرِنجارِيائُون ياءُ ڪي ڪَري اِيَ وائِي
جان نہ پرُوجهي بولِئو رِءَ يوسف سائي

(۱) پَنُوهارين = پنوهارين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چياڻون مالڪَ کي ٻُجهي اِيءُ نِهارِ
جي ڳالهِين ڀاڻ ڪري ڀاڻهِي وِيچارِ
تَهِ ويرَ مالِڪَ پُڇيو مٿي اَچي پاڻِ
آئون ڀانهو آهيان رَبَ سَندي فرماڻِ
مالِڪَ چَيو ويرتَهِ ڪِهو عَيبُ مَنجهيسِ
سُونهارو سَيِن پرِيَن تا مُون آئون ڏَريسِ
ڀانهو اِيءُ آسانهِجو، نا تورُ آهي
ڀايَهوسِ لوءُ جو، وَجي سو لاهي
نَساءَ جين نِمُنو ڀانهو ڀانهِيَ چاءُ
چوڙي ڏِيهُوءِ روکَڙا هاٿي ڀاڻَ هڙاءُ
ناهَتَ نيئي اِنَ کي وِڪڻَنداسُون نِتُ
مالِڪَ اِيءُ رَهاءِ تون جي گهُرئين چِتُ
ناٿو هاٿي ناهِ مُون مالِڪَ چَيو تَتِ
جان اُنَ نِينداهُ کِي ڀِيو ڳِنهِيو کَهِ ڀَتِ
پَراهِيان پَتَ سين آؤن ڏهَئِي جَٿا
تان جي هُوئا هَڙَ مُون تہ ڏِيان ڏَنَ گهَٿا
رُپِيو پَتُ سونُ گهَٽو گهوڙا مالُ گَرَتُ
ناهَتَ ڳِنهَنَ اِنَ کي مُون آهي تتو رَتُ
يَعقُوبَ پُٽَرِهِ ڀاڻَ ۾ پَڪائُون پَرِياڻُ
رُپِي پَتُ سونَ سين جي ڏِيءُ جُواڻُ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ پاڻِ جي چِتَ ۾ مَرڪائيِندو پاڻُ
ناٿو ڪَٽي نِڪرُون ڄيڪي ڏي نِرواڻُ
ناٿو ڪَٽي نِڪرُون جي ٿوروئي توءِ
جي بابي پُڇَڻُ ٿيِءُ آساهِجو ڪوءِ
تہ تَپي وِرَ اِهين پاراتو ڏِيندوءِ
آسانهاءُ ڪو جِيَرو مُسورِ نہ ڇَڏِيندوءِ
جي ٿورائِي هُونِ ڪي مالِڪَ ڏِيهُون دَرَمَ
آسان سَڀِ پَرکِيا جي مَنجهيسِ ڪَرَمَ
آهِيرو مُنَہ ڪري نَظَر جِي ڪِيوءِ
تو پاڻَ جي چِتَ ۾ سَيَرُ جِيَ ڇَيوءِ
ونِيي بَرَرَہَ نَدِيا پاٽاءَ ڏتا تَنِ (۱)
سوداگر سين ڪُوڙِيون اُيا ڳالِين ڪَنِ
تَہِ وِبر اُنَ غلامَ ڪي ڪَٿو پِرَهائيجِ
سَڀُ پِرَائي لوهَ ۾ اُتي اُٿَ وِجهيجِ
پا پَرائي لوهَ ۾ ڪَٿا ڏيئي هيٺِ
هِيان ڪِيائُون سُڪِيا ناٿو بَدِي ويٺِ (۲)
موڪِلائي نِگِيا پا پرائي لوهِ (۳)

---

(۱)اصل ائين (۲) اصل بابرائي (۳) هن بعد هاشيه ۾ هينيان بيت لکيل آهن

جيڪو پَسي پاڻ تن ڪَرِ وڏائي ڪاءِ
اوچاين اُن جو سائيَ سو سُهاءِ
رب توسي تيوه ڪري رَکندس جَه وار
تہر لهندو ڪيترا ڪوڙين لک هزار.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سائِين سَندو سُپرِين پُڄتو رِءَ ڏوهِ
مُون جِهڙو غُلامر هُوءُ جي ڪر ڪَتيروءِ
اَڄُوڻي ڏِينهِ پاهِجو پَسَندهِ ڪوٺوءِ (٣)
تَجاري شروع ڪيو هلَڻَ سندو جِت
يعقوباڻي گهوتِيو روئُڻ ڇُڙئيو تِت
چيائين مالِڪَ کي جي مُون موڪَلَ هوءِ
وڏيرا سَندامِ جي پُڇان تَنِي .........
ويڻُ تَنِي سين هيڪَڙو اَسان آهي ڪوءِ
ميڙو مُئي ڪِ جِيرَي پُوئاءُ هوءِ
چَيائين يُوسُفَ کي مالِڪَ اُتي تَتِ
ڪُوروءُ دي سَچو ذَاتي خالقُ ...... يَتِ (١)
يُوسُفُ هاڻي کِيَ ڪري پاسي وَڃي تَنِ
هيهُئُون ڳالِهين بُڄِروءُ ...... وَڃَنِ (٢)
چَيائين مالِڪَ کي اِني ڏوهُ مَ ڏِيهُ
قَلَمُ مَسُ قِادِرَ ڪَديوءِ سَندو جَهِ ڏِيهُ
سو پُڻِ تيهيائِين ڪري جو جيهِينءَ لائِقُ
مَٿي وَهي سَيڪَهِين سايَمِ ڪَرَهو دِڪُ
موڪلائي نِڳِئو هَلِئو مَڻِ پائُنِ
صِفَ ڏِنائين سامُهِي اُيا ڳالِين ڪَنِ

---

(٣) (ايضن (١) اصل ائين (٢) اصل ائين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جَـه وبـرَ اَچـي رَسـئو اوڏو وِئـو تـنِ
آڳي مَرهي مُون ڏَٺي سائـين ڏوهَ سَيـنِ
"ماک رَحَمکُم اللهُ واِن لم يرَحُموني عَزَ کُمُ اللهُ و
اَن خَذَا التموُ ربُ
حفِظکُم الله واِن بِعتموني نَصَرکُمُ الله و انُ لمّ تنصرني"
رَحـمـتَ خُـداءُ جـي آءِ آڳي مُـکَ ڏُهوءِ
جـي مون مِهرَ نـِگَيا نہ کـو پيـليـيَپوءِ
سَيُکو يُوسف کَريا ڏَٺي رکَيا منجهہ (١)
يوسفُ اِيـهَ ڳالِ کري رُوئـڻِ هـُئـو تـتِ
هُنـِي ويـرَ تـَـهِ يـائُـنِ .............. (٢)
چَيائُون يـُوسفَ کـي هاڻي کـِيَ کـَرِيُـونہُ
تـوسين پـُڇـبو جـي کِيـُهُ تـَنِـي مـارِه
پـانَ پـِيءُ سين کُوڙيُون جي نہ کِيُون سين پـوءِ
تہ موٽائي مالِکَ ڳـرِ آوُن هُـونـدَ وِيـنوءِ
يـوسـُفُ اِيَهُ ڳالِ سُـڻِي تَهِ ويـرَ اُيـو روءِ
ڦوڙائو پرِبَـنِ سين ڏَٺيَ مَ کـيـن هـوءِ
جَنِي چَيو سَـچَ سين کـلمو پاکُ سَـندوءِ
لا الـه الا الله محمد رسول الله
موکلائي نِـگَـئُو مـوٽـي آوُ مـاڳ

---

(١) اصل ائين (٢) اصل ائين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تَهِ ڪَرَ ڄاڻي مُون ڏَٺِي ٿيندو جِي وِهاڳ
پَرهاڻِ ڏيئي ڪَٺيُون ڇَنگهُون لوَهِ پَري
يُوسُفُ اُٺ نِڪاروءُ تِتي، وڻجاري
سَنيارَ مُنه سَجَڻي وينو جَرُ هاري،
خالِقَ پاڻُ پَرَنِئو ٻانهي وِيچاري
...... سَپوئي رَسِئُو وَجي تَهَ جِيراڻِ (١)
جِتهِين يوسفَ ما نِيهَرِي چُئي پاڻِ
وَجي تائِي نِگِوءُ ڳورَ ڏِنائين جِتِ
پاڻُ ورائي وِرَ تَهِ ڪَٽِي وِڌائِين تِتِ
روئَنَ لَڳو گهوٽِيو ڳَرَ لائي سا ڳورَ
مون سين پائين جين ڪِئو آما پَسِين گهورَ
ڏُٺي ٻَڪرِيَنِ ۾ سَيِني نِئُوسِ
پِهرو وِجهِي ڪُوهَ ۾ ٻُهُرِي وِڪِيئُوسِ (٢)
هِنَ مُهجي ڏاکَڙي خَبَرَ هَتِي ڪاءِ
مون سين پائين جِين ڪِئو نہ ڄاڻي قُربَ ڪناءِ
آءُ ...... پَسُ تون نِجي جو پَرَڏيهِ
پيرَ ۾ زَنجيرَ تَهِ ٻانهُون ٻَڌِئو بِيهِ
منجهان ڳورَ سَڏُ ٿِيو اِي مون اَڪِين ٺارَ
صَبرِ ڪَرِ مَٿي تَهِين جِيڪي ڪئوءُ جَبارَ

---

(١) اصل بابرائي (٢) ائين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سِگهيائِي سُهلِي ڪري پٽر اُهلِي وارَ
پـَرڪـي پِـرينِ ڪي ڏيئي ڏُکَ اَپارَ
..... تِيهِين ڳورَ ڳري لَڳو جَرُ هاري
تان سِگهوئِي سارِوءُ وَڃي وَٽجاري
وِسَيـم وَري پِرڪيو تان ئـي جاڳڻُ ڪوءِ (١)
يوسفُ سُتو ڳورَ ڳري جان اَچي تا روءِ
تَـهِ ويرَ اَچي پاپِئِي مُنهَ ۾ مٽِ هـوءُ
واري پـُڇي وي اَکَـرَ مـٽَ مَ ڪوءُ
جِيـن لَعنَتِي آيارِوءُ مُنهَ ۾ مٽِ هَٽِي
يوسُف تِـتِ هَـڪَ تِـئو پِئو هـٽَ ڪَـٽِي
گهـَٽو رُنائِيـن ويـرَ تَـهِ اَکِيـن اَپِ ڏَري
جَرُ هاري جـالاروءُ پـِئو نـيڻَ. يَـري
جَبـَرئيـلَ جَهتَ ۾ اَچي سـَدُ ڪـيو
آنـدارو چَئـڊِهِين تَهِ ويرَ سـَپِ تِـيو
واءُ وِڇُٽو ويـرَ تَـهِ وِڄُون ميـنهُ غُبارُ
وَٽجـارا وانجا ڪِـيا وجَهِ پـَسِي ڪـارُ
مِينهُ وِڇُٽو ويـرَ تـَهِ وجـون وِڏُرُ واءُ
ڪـڙَڪـڙُ تِيو پـَوارِوءُ وَٽجارَنِ مَتاءُ
رُوئِڻَ لَڳا ويرُ تَهِ واڪو سـَيِنِي واتِ

---

(١) اصل جاڪرُ ڪوءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آنڌارو گهُورُ ٿيو ڪَرِ ڏينهوءُ ڪي راتِ
ساٿَ وَڏيري ويرَ تَهِ تيني سَڏُ ڪيوءُ
اَساهِجي ساٿَ ڪي ڪيرُ ڏُواءُ ٿيوءُ
مالڪُ جوءِ سَڏُ ڪيو پيرا ۾ ٿري چارِ
جيني پي ڏوهُ ڪيو پاڻُ آسان ڏيڪارِ
جِينهي يُوسُفَ ڪي لَپُڙُ وِڌي ٿراڻِ (١)
اَچِي مالِڪَ سامُهِين ڳالِ ڪيائِين پاڻِ
جو تو اُتِ نِڪارِوءُ چَڱو لُوهِ بَري (٢)
سو مون لَپُڙُ سِين هُوءُ وِوءُ لڏومِ وَري (٣)
ڳٽي چَيائِين چِتَ ۾ پِئو هَٿَ ڪَٽي
آنڌارو چَبُوڙهين تَهِ ويرَ ڪيو ڏَٽي
مالِڪَ اَچِي ويرَ تَهِ بَڌِي اُيو هَٿَ
رَسو پائي نَڙِيَ ۾ يوسفَ ڳَرِهِ سَٿَ
ڪينِي لَپُڙَ هيڪَڙي توڪي ڏِني ڳارِ
تہ ڏه پيرا ڏيج مون نَظَر.........
يوسفَ چَيو ويرَ تَه روئي ڳاتُر پَري
ويتَرِ وَڏيرَنِ سين دَعوِيٰ پيڙَسِ..........
لکي سائِين سَنڌي ڪمُون دعوي ڪاءِ
ڦوڙائو پرِينَ سِين سَيِهِ رَبَ سهاءِ

---

(١) اصل لَبُرودِي (٢) ۽ (٣) اصل ائين


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جِينِي ڏِنو ڏاڪَڙو مُون تَنَ اِهوئي
هِنَ مُنهِجي حالَ جو ڪَرَ - لاهُو سوئي
جَبرئيلُ جَهتَ ۾ آئو وَهِي آياءُ
جِنِ فَرمائين گهوتِيا تہ سَڀِ ڪريان واءُ
جَنِي تو رَنجاٽِيو يوسفَ مُون ڪي آڪُ
جہ آئون هيڪِي مُهتَ ۾ ڪَرِيان سَڀِ هَلاڪُ
جَبرئيل چَيو پَسِي ڪري يوسفُ رُنو تَتِ
جي ماريندُهِ اِنِ ڪي اِيءَ نہ پِيَلي پَتِ
جِينِي ڏِنو ڏاڪَڙو جاءُ سو پَسِي پاڻِ
تہ مُون ڪُجَڻَ ناهِ ڪِي بِدَو ۾ فَرماڻِ
اچِي جِنِ يوسفَ ڪي مالِڪَ ڪِئِي مِنتَ
پاڻِ جي خالِقَ ڏُونهِ بِئِي ڪَيائين هَٿَ
دُعا ڪِيائين وِرَ تَہِ پَسِي رِيبارو
ٿِيوءُ ساهاهوءُ سَيَ جَڻَ لَٿو آنڌارو
مالِڪَ تَہِ مُهتَ ۾ لاتو يوسفَ لوهُ
پَٽوري پَرِهايوءُ ڪِيو سَباجهي توهُ
مُعجِزو يوسفَ جو ڏِنائون جَہِ وارَ
سَيِئي يوسفَ جا ٿِيا دوسِتارَ
يوسف اُنِ نِڪاروءُ پَٽورا ڏِيئي
نِڪَتا مِصرُ مَهِڻي تَہِ وِرَ سِپِيئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يوسفُ وَنِي نِگِيا اُتي پَندِ تِيا
مِصرَ ..... نَئَہ (نَئن) وَهي تَنَتي آبرِيا (١)
تَہِ وير اَچي اِهڙي مالڪَ پيئي ........
...... جي يوسفَ جي سَندي سُونهہ لِکَنِ
يوسف گهڙي وِهنجُ تون مالڪَ چَيَءِ تَنَتِ
.......... موريو آهيئي ڳَنُ مُهنجي مَتِ
لاه سَيِپيئي گَندِيون يَوسفَ پانَ اُتاءِ
تان پي گهڙي وِهنجُ تُونَ هاٿي هَنَ تَڙاءِ
سَيائي مالڪَ جي جِسهِ وير ڳالِ سُواءِ
پوءِ نينَ کَجُولِ جِبين رُوندي جَرِ پَرِياءِ (٢)
هاٿي لاهي گَندِيُون کِيَ وِهنجان هِتِ
آئون بابي پَلِوءُ مُون پيءَ پيو چِتِ
يوسفُ لاهي ڪَپڙا پاٿِيَ مَنجهہ گهڙِيو
جَبرَئيلَ مَچِنِ کي اَچي سَدُ ڪِيو
رَڙَ اُٿي بَحرَنِ ۾ مَڙِيا مَچَ سُٽِيہُ
پاٿِيَ گهڙيو گهوتيو مَتان رنجاٿِيہُ
اَچي مَچي هيڪَڙيي وِيري اُپي پانُ
سُونهاري يوسفَ کي مَرَ ڪا ڪري تِرانُ
تَہِ ماهِي کي مون ڏَٿِيَ ٻہ فَرزَندَ ڏِناءِ

---

(١) اصل ائين (٢) پوءِ = پَئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جِين آچي يوسفَ کي اِيئَ حُرمَت ڪِياءِ
ٻنهُوءِ ماهِيَ هيڪڙِيَ اِيئَ ڏِنائِيس ڏاتِ
مُنڊِري سُليمانَ جِي تَه وِڃائِين واتِ
نَنڍِي ماهِيَ ٻِيَ کي اِيئَ ڏِنائِين وَري
يُونُسُ نَبي پيٽ تَه رکيو توهُ ڪري
مُعجِزو يوسفَ جو سَچو اِيئُ سُڄَنگُ
ڏِٺو تان نه تَه جو ڪَهِين اُگهاڙو انگُ
يوسفُ تاءُ نِڪارِوءُ اُتي اُٺَ ڏري
مِصرَ مَٿِ پَلاٽيوءُ سَنبَهِي وَڻجاري
وَهِي آڳِ ۾ ماڙُوئِين چارايائُون چامُ
ڳِنهيو آچي پانَ سين مالِڪُ ڪوءِ غلامُ
سُونهارو سَيِين پَرين سوداگَرسين اِيَئُ
آچي اُٺَ اُتي ٽِيو ۽ جينِي..................
مِصرَ سَندو شاهُ جو تَه نالو رَيّانُ
اِيئُ ڳالهاءُ سُٽِي ڪري ڏِنائِين فَرمانُ
چوڏَنهَ سَهسَ ڪُوئارِيا مون ڪارِيئُ سَلامَ
ميڙايَئُ مُهتَ ۾ وِيئَ هزارَ :............
صُورَتُون سُونهارِيُون سِگها تي ميڙِيئُ
پَٽوري پرَهائي سونَ سَيِني ڏِيئُ
ٻِنهِي پارين واتَ مُنهِ صِفُون سَپ ڪَرِيئُ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوداگرَ سيــن گهوڙيو تــَهِ پـَر آٿــيــهُ
بــِهَنــدو پَـــرَ كـــري مَــالـكُ جَـهِ دَراءُ
نـِهـو سـَـيــيـئي ماكِ تـنَـهِ وَڏيــرَنِ وِياءُ
كوٺي كُواري بـَكَرِي سَـِٻِ سـُوارَ كَرِيــهُ (١)
سُجي لاكـِيـٽو غـُلامُ جو ٿَهين مُقابِلُ نِيـَهُ
اُيا سَـٻِ سـُوارَ ٿـي تـَــهِ دَرَ آري پــارِ
پِنهـي پـاريـن واٿَ مُنهِ ٽَرِيهَ سَهَسَ چارِ
جَـهِ ويـرَ اَچي نِگـَـوءُ مـَالـكُ تــَـهِ دَراءُ
مِڙِيا هُوئا مـاكِ تَهِ پَـسَڻِ يَـعـقـوبَ ڄاءُ
وِڏُرُ هـُـوءُ ويـرَ تَهِ كـَـكَـرُ كـارو اَپِ
پَسَڻَ يعـقـوبَ ڄاءُ كي ماڙُهو مـِڙِيـا سـَـٻِ
اَچِي تــان ئِي نِگـَوءُ ڄَـتِي مِڙِيـا مـوكَ
پَسَڻَ يَعــقـوبَ ڄاءُ كـي سَيـكَ سَتراٽي لوكَ
كـوٺ كُواري وِيرَ تـَـهِ نـَيـا كـَنِ سـَلامُ
چَيـائـُون مـالـكَ كـي اَســان آڄُ غـُــلامُ
مالكَ اِيهُ غُلامُ تـون اسان كـــي ڏيــكارِ
ماڙُهو سـَـيــيـئي وَرِي جِيـنـي وِڏا جـَـارِ
ايــنـدو هـُـوءُ اُٿَ سِـر پَٽالـكِـيَ مِر پـاڻِ
يوسفَ مُـنهُ ڏيكارِ تون رَبَ سـَنـدي فـَرمـاڻِ

---

(١) كواري بكري = كنواريون ڇوكريون


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يوسفَ لاٿو ويرَ تَہِ پرِدو پاڻَ مُهاءُ
نُورُ نِڪتو نمُنو سنَديِ تَہِ تَناءُ
ويئي سارَ سَيَڪَهِين پِسي يعقوبَ چاءُ
ڪوٺَ ڪنُوارِي ڪيترَا وِيا هَٿَ وَهاءُ
صُورتَ پِسي صَيفِيا سَيِي وَهِ وِيا
ڏِناٿُون مُنہُ چانڊرٺو آهِلي پِيا
ڪوٺَ چَئي ٿرِي هَرَنِ هَڪتوءُ هتَ (١)
چوڏہَ سَهسَ ڪنُوارِيا آئي تَنِ سَنتَ
پِتيوءِ ٿي پاڻِ ڪيَ پِرهَنَ جَنِ ڪِيا
مِصرزّا مُڪا ڏُٺِي ڦِڪا سَپِ تيا
ڪي چَرِيا ڪي سُورِيا ڪي ماڳِهين مُوئا
پَسَڻ مُنہ يوسفَ جي ڪي ڪارِينِ دُعا
مِصرُ مِڙِيِ آيو يُوسفُ پَسَڻ ڪاڻَ
مالِڪُ چوءِ ڏيکاريان جي مون ڏهو ڏاڻَ
وِڏو هَٿُ سَيِڪَهِين تَہِ ويرَ ڪي ديِنارَ
ٿِيا پِهرِي ڏِينهہَ ۾ سَتَ سَهسَ هزار
ڏہ ڏِينہَ تِهين آيا ڳِنهوءُ هَٿِ ناڻو
سوداگرُ سَرهو ٿِيو پَسِي مالُ گَهڻو
رِيبارو مالِڪَ ڳَري مُڪو مِصرَاءَ

---

(١) اصل اٿين


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون سين هِنَ غُلامَ جي سَتِ نہ ڪَرِين ڪاءَ
مالِڪَ چَيو تنہِ کي سَيوئي مُون هَتِ
آؤُن ايہَ نہ وِيچِيان توڙي گهَٽي گَرَتِ
آؤُن ايہُ نہ وِيچِيان توڙي رُسي راءُ
تَنُ پانِ جو گهوريان آئُون اِن اُتاءُ
ريپارو مالِڪَ گبَري پُنِ مُڪُو رَيانَ
جي تون ايہُ وِيچِيئِين توءِ نہ ٻِئُو تَرانَ
مالِڪَ پَسي ايہَ پَرِ ڊِرجِي چَيو تَتِ
ٿَرانِ نہ ٻِئو نِمُٽو ايہَ نہ پَلِي پَتِ
مالِڪَ چَيو ميرَ ڏُونہُ مُلِ مرَڪاريهِنسِ
ٿرانُ ڪَرِيندُہِ ڪيترو هِيئِين گَبِنهِينسِ
وِيچِندس نہ ڪڏهين آئُون اِنَ اُتاءُ
قُوڙائِيندي اِنَ سين ٿُرڙي هِنيَڙو باءُ (١)
وَزِيري وِيرَ تہِ ڪافَرَ ڪئو سَلامُ
وَٽِجاري ٿرانُ ڪِيو ڱَنِهي کي غلامُ
چي ڪيهِي تَرانُ ڪَرِين ۽ تون ڱِنهِي ايہُ
ظُلمُ تُهجو پَڌَرو سَڀُ سُٽيندو ڏيہُ
ڪوءِ نہ ايندو ڪَڏهين ماڙُهو تو مَٽي
وَٽجارا وِيندا پَئِي ڱالِي ايہُ ڱٽي

---

(١) اصل اٿين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي نيئي بازارِ ۾ رتائجي پوءِ
وڏيري ريانَ رءَ ٻيو نہ ڳنهي سروءِ
يوسفَ مصرَ هٽَ ۾ نيو نينہ الَڪَ
ڳنهڻَ هارا جي ٿيا ماڙهو مڙيا ڇہ لَکَ
(۱) آچي اُيا ساٿيا ڪيسا ڀري دَرمَنِ
يوسفُ ڪُرسيءَ چاڙهوءِ مڙيا مانَ پَسَنِ
(۲) مُنيدي منجهہ ڦِري، اُيا سڀِ سٽيہُ
(۳) سونهارو سيبين پريَن آءِ ڪُوريوُ ايہُ
سيڪوءِ ڳنهي انَ ڪي آچي مُل ڪريہُ
(۴) لهي جي اُڪتيُون سچي پاسَ پريہُ
ڏِسي پاٿِهي پڌرو جين چوڏهيَ چنڊرُ
آئون پاڻِ سچُ چوان نہ جادُوي نہ منڊرُ
يوسفَ پلءِ پُڄيئي تہ ڪي ڇيو اِييءُ
آئُون ويڻ چوانءِ جو بانهو بانهي جاءُ
جيڪو ڳنهي انَ ڪي جو بانهو بانهي جاءُ
مالِڪَ آندو ٻجهي ڪري پاٿِهي پرَ ڏيهاءُ
عيبُ نہ پسان منجهہ تو اُيو جوءِ نصيبُ
ڪوءِ ڪُلهنَ ناهِ تو جائو جان غريبُ
مُون توهي پاڻُ پرنيئُو سچا ربَ ڏٺيامِ

---

(۱) اصل: خيصا يري (۲) منيدي= منادي (۳) اصل ائين(۴) اصل سچي باس بَريہُ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جِيَ بابي خَطا ٿِئي پائين ڏُکَ ڏِنامِ

........ وِڪِڻيوسِ ............... وير تَهِ

اَڄُ نہ جاڻا مون ڏٺي ڪُجاڙو لَهَندوسِ

مون سين پاڻ پُري ٿيو ڳري مَنجِهي مَنَ

لَڪين سَئين اُڪتَيون رُبي پَٽَ پسَئوءَ

ڏَهَ ڏَهَ پيرا سونَ سين يوسُفُ ترُوءُ جَتِ

سَهيسن آيا ساٿيا ڪوءِ نہ اُپو تَتِ

وَجي خَبَر عَزِيزَ کي ڏِناوُن جَهِ وارَ

ڪوٺائي مالڪَ کي ڏِنئين لَکَ هزارَ

پُٽِ ڏِنئين مالِڪَ کي مِصرَ سَنَدي ڍِلَ

تو ايندي اَڄُناءُ پوءِ ڪَندو ڪوءِ نہ جَهلَ

يوُسُفُ آڻائي ڳَري ڏِنائين رَبّانَ

مُنهُ پَسِي يوسُفَ جو سَڀِ ٿِيا حيران

خَزِينا خالِي پَسِي دِرنو مِصرَ راءُ

مُعجِزي يُوسُفَ جي پرِ ٿيا پاڻاءُ

وَجو تہ اِيمانَ سين ڪَلِمو چَيو مُهاءُ

لا اِله الا الله محمد رسول الله

يوسَف جَهلي بادِشاهَ ڏِنائين کي جوءِ

اَسان وِياءُ ناهِ کِي پُٽُرُ پَلو ٿيوءِ

هِيءُ رکِجِ اَدَبَ سين پاڻهي سو ڏُکندوءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهوٽ ٻه - ٽِريهين لَڪَٽي سِگهو ميٽِيندوءِ
ڏيهين ٿوري ڪِ گهَٽي اَٿَڻِ اَچِيندوءِ
پَڄِي ڪري ٻيَنِ جِنِ نَسِي نه وِيندوءِ
ميڙهِي پاڻَ موٽِئو نَظَرُ وِڌو جوءِ
تَتِ چِيائين چِتَ ۾ هِيءُ نه ماڙُهو هوءِ
ماٺِڪُ اَيِنَسِئُون اُلَهِي آئو آهي ڪوءِ
جي دَرَ اُتي آدَمِي سَيِنِي سِرُ ٻُهوءِ
مُنهُ پَسِي يوسفَ جو راٺِيَ سين وِيئي
صُورَتَ پَسِي صَيفِئِي آهَلِي پيئي
سُنِي ٻُهٽِي لارَ ۾ اِيهُ ڏٿائين مَنڊُر
اَچِي پِئوءُ هَنجَ ۾ تارنِ ۾ جِين چَنڊُر
موٽِئوءِ ٻُجهارِينَ پُڇِي تَنِ ڳَراءُ
تو پَرَٽِيندو ڪَڏِهِين ..... تون ڳَرِ راءُ
............. اشارُتَ ۾ سندوسونَ ٻسَروتَ
واجِهيندي وَرِهَنِ ......................
ٻِرين ڏِسندو ڪَڏِهين وينِي واچِي لِيَه
اَڱِهِين يوسفَ ڪي عاشِقَ هُئِي اِيَهَ
يوسفَ لاءِ سِرِ جوءُ سُونهارِيَ صورَتَ
پاڻِ زَلِيخا ڪي تَهِين ........ ٻَڌَلُ هَٿَ
آئِي آچِي گهوٽِئي ڪَري زَلِيخا دابُ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوڏِ ڪُواري لاءِ يوسف ................

تَنُ سِينگاري نِمُنو پُڇيٰ ڪوڏِ ڪُوارِ

اُتاهون ڳاتُر ڪَٽِي نَظرِ ..............

تو مُنهُ پَسِي گهوٽِيا مُون تَنَ لڳي آرِ

سُورُ مُهُجِي ڏِيلَ ۾ ڏِنو جَهِين جارِ

سو سَئين ويڄين نه لَهي ڏُکَندو ڏُوارِ

جَني ڏِنو تَنِ رِءُ تا نه پُوندو پارِ

ڏِينهَ رُلَندي ڪيترَا سُڄِ جي گُڏرِيامِ

واجهيندِيَ ڪي سَڄَڻين تا ڏهَ وَرِه ٿِيامِ

مُون تو ڪارَڻِ مَجِيا اُورِ دَرا ۽ بُڪَ (١)

سائين چاٽي تَه ڪَر مون تَنَ ۾ جي ڏُکَ

دائِي هُئي ...... تَڏِهي ڪان زَليخا بارِ

ڏُبِرِي ڏِسِي ڏِيلَ ۾ تو ڪي ڪِيرَ ڪُوارِ

ڏِيلُ تُهُجو ڏُبِرو راٽي پَسان هاڻِ

جيڪا هَنِي چِتَ ۾ ڪر پَڌِري پاڻِ

آئُون توکي سَلُئان دائي سو سُنُيج

سورُ مُهُجي ڏِيلَ ۾ دارُو ڪوءِ ڪَريج

ڳالِ مُهجي پَڌِري مَتان ڪَريِن ڪاءِ

آئُون سو پِرِين سارِئي مون سين نه ڳالهاءِ

---

(١) اصل ائين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مُون پاسي ڪَٽَ چَڙهِي يوسفُ اَچي ويـهُ
تـو ڪارَڻِ جوڙَ ڪئي ڏيکارِبوءِ سو ڏيهُ
يوسفُ اَچي ڪِيهَ ۾ وينو مَنجِي هيٺِ
ڪَنڌُ اُتا نہ ڪَريِن ڏُروهي مُوءَ نہ ........
يُوسفَ سُونهاروءِ مُنهُ سائين چاڻي سَچُ
سو نہ اُجهامي ڪَڏهِين جو تو لايو مَچُ
جَنِي رَبُ نہ مَڃِيو پاڻا لڳا ڪُوڙِ
پهرائي جي گورَ ۾ مَنهَ لَٿبو ڏُوڙِ
يوسفَ اَکِين چگِيون تو سِر ڏِنيون راءَ
جِينهِين سَرهي ٿِيان ڳالِ نہ ڪرين ڪاءَ
نَجاڻِي تُون نِسِيءِ ڇَئي وِنڪا وِيڻَ
پِهرِائي جي گورَ ۾ نِتُ سَڙَندا نيڻَ
توکي ڏنا مُون ڏٽيَ يوسفَ وَڏا وارَ
سونهارا سيبيئي پَرين ..............
............ ڪَڏهِين تَہ ڪَنِ منهجي سارَ
جو ڏَنءُ لڳو ڏِيلَ ۾ وِيتر عشقُ آزارَ
آئونُ راڻِي سَچُ چَوان تُون سڻَ سو ڳالهاءُ
وارَق وَڃَندا اُلڙِي گورَ مُوءَ ڏي تاءُ
جَنَهِ ويرَ ماڙهو گورَ ۾ اُلوهِبو نيئِي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاٺو آٺِيَ آگِرا ويندا سَيئي
راٺِي جو جو آگِرو وِيئي ساراهي
تَنهِ پَرِ تَرُ سامُهون يوسفُ وِيٺو ڏي
يوسف اَئُون جُوءِ تو، تُون مُون تِيُ يارُ
تو مُنهُ پَسِي گھوٽِيا پَڳو تَنَ قرارُ
يوسفَ هاٺِي هِتِ تِي مُون سين لِڪوءِ پارِ
قَصرُ ڪوڏِ اَڏايون پيري ڪَنڌُ نِهارِ
جيڪي آه قرآنَ ۾ رَبُ رکيءِ تاءُ
تُون ڳِلِ آٺي پاڻِ جي مُون گھوٽِيو وِياءُ
..............سين اِها ڪَمَ ڪِجَنِ
پَسِوءُ ڏوهَ ڪَرِينِ جي رَبُ نه مڙئي تَنِ
بُتُ...... مَنَجها گھَرِ آٺي ڏَرِيائين
تَنهِ ڪي مَٿُون گھورئي يوسفُ گھُرِيائين
پَلَئيُ ڏيئي ڏِڪيوءُ تِنِ زَليخا ڏِيوءُ (١)
جِين عاشِقُ معشوقَ سين ڪالين لَڪا پيوءُ
اَندَرِ مَنجهہ موريوءِ جو سَبِلُ راٺي هاڻِ
تو مُون پَسِي ڏِڪيو پَلوءُ ڏيئي پاڻِ
يوسفَ اِيهُ اسانهِجو وَڏيرو آهي

---

(١) ڏيوءُ = ڏيو ، ديوتا جو بُت

مُون تو پـَـسـِـي ڏِکيـو پـَلوءُ تــي پــائـي
آئُون اوڙِکـان اِن ِ کــي رويــو ڏِيـنِـهـا راتِ
تـَنُ سِيـنگاري تو گُهران، مـُون تـَنَ بـِئـي نہ تـاتِ
اِنَ پـَسـنـدي گهـوتـِيـا تــان مُون تِئـي شـرمُ
مقــتـان پـَسِـي پــَـڏرو اسـانـهِـجــو کــَـمُ
...............................لَڄَ تــيـِــاءُ
هِي جو پَسِي ۽ سُٽِي تــا مــون تـهِ ۾ ......
........................ پــاڻِ جـي لــَـبَ
تــان تَـنـہ مــُور نہ مَڃيـان ڏَراءِ ڏِڄِ نہ رَبَ
قـَـصــرُ کــوڏِ اَڏايـو عــاقِـلاءُ عـاشــِـقَ
سـِـرِيَ سـُهِـنـدِي سيڻ کي لـوکَ وچـان ئي لِکَ
جَرُ اَڇو جـالاروءُ تــائـيـن وِجـهـي تــبِـکَ
آبُ نہ پِيـوءُ اڇهـِئـي، پـيـئـي ڍِرجــي خالـِـقَ
اَيَنِئُون اوران لَهـي، مُـنـہَ پـاتــا مـَلـِـکَنِ
سيڻَ سُهِـندا گڏِيـا کـنـہ پَرِ ڳالِـيـن کـَنِ
سـي گـهَـرِ آيـا سُـپـريـن هيجي روحَ رُڃَــنِ
تَنُ تَني کـي تـاسِـوءُ تـان جــي ڳـري لَـڳَنِ
مَرهي تَنِي کي مُون ڏَٽي کـلـمـون ڇَيـو جـَنِ
لا الـہ اِلاالله مُحمد رسول الله


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيتِ اُلَٽِي هـَـنـجَ يَـرِ پـسَرَهَـنُ ذارِ ذَري
پاتائين پرِيَنِ کـي بـانهـوَن بِيُـون ڳـري (١)
سينگاربوءُ سَيِين پـرَين جـو مـون قـصـرُ کـوڏِ
نَـظـرِ سنئـين نِهـارِ تـون هـاٿـي......مرَ لوڏِ
مـون ڳـرِ اَچِي گهـوتيا جائـيِ کِي بيـٺـوهِ
کِـنِ کـا اَعـرابـيِ تـائـيِ کـيِ بـيـٺوهِ (٢)
کـارَهَ وَرِهَ تـا سـاروءُ تَنُ تـُهـنـجِـيَ دَسِ
اَجُ پيِنَدو پـاڻَ لِءِ کـري تـُنـهـنجي وَسِ (٣)
ماڙِيَ مـَنـجهہ چَوڏِهـيِ نـَظَـرَ کـري نـهـارِ
صـورتُون سُونهاريون پـسَـيـن کـَنَـهِ آچـارِ
کـَنـڌُ وَرائي ويرَ تَنه نـَظَـرَ مـُکـائـيـن
پـاڻُ زَليخا پـاسـي چَـڙهِوءُ ڏِنـائـيـن
جَڙيا پَسِيِ پـاڻَ ۾ بـِـنـهـي سـَنـدا ڏِيـلَ
لِـکـٿهاري لِکـيـا سـنـدي نِـيـه جَـلِـيـلَ
خـَبـرَ ڏِنــيِ مـُصـطـفيٰ اَچِـيِ ريبـاري
شـَهـوة آئـيِ اَنگَ ۾ يـوسـفَ سُـونـهـاري
........ بـِيـوءُ لَشـکـريـن مـقابِلو ٿِيو
تـِهِ ويرَ بـِنـهـي پـاڻَ ۾ مـُنـهِ مـَتِي کـيو

(١) اصل اٿين (٢) اصل اٿين (٣) اصل اٿين


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

........... داوءُ پـانَ ۾ ـبـنِـهـي پـلـيَ پـتِ
صـبـرِ جُـڙوءُ سـجـڻـيـن عـشـق الـهـيـو تـتِ
مُـنـهُ پـسـڻَ پـريـنِ کـي يـوسـفُ کـئـي اُکـيـرَ
تان تـو رهـي رَسـئـي سـائـيـن سـنـدي ڏيـرَ
ڳنـڍيـون سُـڻـڻ سـنـديـون جـان چُـگـرَ چـوڙي
تان بيءُ پـسـي سـامـهـون اُبِـيـتـو جـوڙي
پُـٽـرُ مُـهـنـجـا سُـپـريـن ڪَـرِيـئـيـن جـمَ وِڻـاهُ
سي مُـنـجـنـدا مـڱـريـن هـي جـي ڪـنِ زِنـاهُ
پـيـاڻـو مُـنـهُ سـامـهُـون ڏنـائـيـن جـنـهِ ويـرَ
يوسفَ پسي ايـهَ پـرِ ڪـيـا پـر اهـان پـيـرَ
۽ پُـڻِ ڪـتـيـبـنِ ۾ ايـهِ ڏنـائـون پـتِ
قَبرِ ۾ هُـوءُ گهـوتـيـو ڪـو نـنـديـرو تـتِ
سَتين مـاهـين ڳـايُـرو پـيـنـگهي لـڏي بـارَ
پـڇـائـيـن يـوسـفَ کـي ايـدوئـي ڪيـمـارُ
...........ڪـريـنِ جـي رَبُ نـه مـرَهـي تـنِ
چيـائـيـن يـوسـفَ کي نَبِـي زِنيٰ نه ڪـنِ
ٻيـو تاءُ سـڏُ سُـٽـي تـيـتِ مـوتـائـي پـانُ
سَـتَ درازا هـوئـا جـي چُـريـو تـنِ جُـوانُ
جِـيـن يـوسـفُ گهـُريـوءُ رَبَ پَـسـاءُ ڳـري


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ شـيطانَ وِيـئـڙو مـاڙِيَ منـجِـهہ ڏَري
ناهَتَ بِنهِي جُنبِـيءِ شـهـوَة َ ڏِيـلَ مـَنـجهـاءُ
پـانـهـجـو تـوهُ ڪـَري رَبَ رَڪـنـوءُ تـاءُ
جـان ڇُڳـَرَ ڊِرو رَڪـئـي راتِي تَنهِ مـاڳـاءُ
تان پِڳو خـالِـقَ پَـيءِ يـعـقـوبَ نـَبِـيَ جـاءُ
هي جي سائين سـُپـريـن هُـئـو تـَنِ مـنـجهاءُ
”انِہ مَن عِبادة الْمُخلصِيـنَ“ سـُڻ سـَچـو ڳالاءُ
........ اَجُرا سـيـگهہ ۾ رب سندي فـرمـان
جي دَرِ آيوءُ سَتـيءَ يـوسـف لنگهـٽو پاڻِ
سـوءُ اُڪـَنـدوءُ ........ خالِـقَ ڪِـيو خلاصُ
پَڄِي بـاهَـرِ نِڳـوءُ سـائـيـن سـَڏوءُ خـاصُ
............. هـَـلـِـي هـَـٿُ وِڏو
پڻ پُـنـيَ لَڳِـيِ آڳـرِي پـيـراهـَنُ ڦـاٽـو
پَيراهَنُ ڦاڙِي ڪَري ڇُڳَرَ پـِـرِي ڪـُوئـارِ
تان عـزيزَ سـَڏُ ڪِـيـو اَچـي قـَصـَر پـارِ
تتِ عزيزُ پَسِي ڪـري مـَڪـرُ اِيـِہ ڪـيـاءِ
روڙُون ڏيئي ڏِيلَ ۾ مُنـہُ هَنجهـيـن پـَريـاءِ
ڪُڙِهہ ۾ آئي گهـوٽـيـو تـو جـو ڪِـيـو وِياءُ
پيهي آيـوءُ مـون ڳـَري وِجـهـي هـَٿنِيـاءُ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻَالهِين ڪَري چَڱيون پسِي مُنهنجو دابُ
جيڪي پا جي بَندَ ۾ ناهَتَ نِتُ عَذابُ
يوسفُ آٽائي ٻَري چَنيو مِصرَ راءِ
اَپاهَتِي ڳهوٽيا مون سِين چِا ڪيِاءِ
وِهارِئِهِ وِياءُ ڪري ڳهَٽِي نِپايِهِ سِڪَ
سُڄِهِ وِيرڻ سنداءِ جي سڀي مون لائقَ
يوسفَ چيو ويرَ تهِ اُپِيهِي سردارَ
آئون چڱو نه چَوءُ مون تَنُ ڏوهاءُ دارَ
....... پُڇِئِي ڏِيلُ سَيائِي وارَ
سائين سَباجهو ڏَٽِي مَرِهِي ڏوهَ اَپار
اسانهِجو قضيو جاٽِي هُيِڪ اللهُ
آهي بنهِي وِچ اسان صَحيُ ڳُواهُ
ٺِئو مَاڙيءَ مَنجهه سو تَهِ وِيرَ تِت نِياءُ
ڪَٽِي آنداڙُن ڳهوٽِيو ڪِهين وزِيراءُ
قصو سَپِي سَچوءَ جي تو نَاءِ سُجَڻ
سَتين ماهين ٻَاپُرو ..............
.........ڪو ٺِئي رَبَ سندي فرمانِ
لِذو ڪِتابنِ ۾ ......جو ڳهوٽِيو جي ......
پيِزاهَڻ يُوسفَ جو آٽي سو نِهاربَهُ


www.sindhsalamat.com . books.sindhsalamat.com

جي ڦاٽو مَهند سَيڪِهَين يوسف........
ڳالِين پَسي سَچيُون جي ڪُوڙڪِ ڪيُون
پُٺِي پَنجي آگُرِين ته پَڌر ٿيون
تِت زَليخا پُڇِهوءِ يوسف ٿيو آڏوهُ
سَيِني پُسي پَڌروءِ هاڻي مُهجو ڏوهُ
وڏو مَڪَرُ آهِ جو جوئِين هِن جُڳانِ
"قالَ اِنهُ من كيد كُن ان كيد كُن عظيم"
آئُن يوسفَ تو چَوان تان تون پاڻُ پليج
راڻِي توکي جَهليان تون ڍِرجي پانُ رکيجُ
بِي جا بِنهِي پاڻَ ۾ ڳُجهِي ڳالِ ڪئِي
خبرَ ٿي مِصر ۾ جوءِ سندي جاتِ
طعنا ڏنا جيڏيهن وِهاڻيءِ پرياتِ
مِصرَ ۾ جو گهوٽيو آيوءِ پَرڏيهاءُ
سو راڻِيَ عزيز گهرِ نيئي ڪيو وِياءُ
....... زليخا سين تَهين وِترَ سَيَ جَڙاءُ
تيني سين لَئي پَئِي ويئي هَنڌَ وَهاءِ
قَصرُ ڪوٽِ آڏايولَئِ راڻِيَ ڪيٽاسِ
راتي ڏيهان ۾ تَهِين سا واڳي سيٽاسِ
بيِنِي.....چِٽُر ڪري اَڪِين لائي گامُ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جَنهِ سين رَتيِ رَءِ پَئيِ .سڄي ٻيو غلامُ
جوءِ مَڪرُ جو ڪِيو جَنهِ وِنرُ سَپُ سُوئاءِ
پاهجا ماڙهُو مُئي خَبَرَ تَنِ ڪِياءِ
........مِڙي مون گهرِ اَڄُ اَچيهُ
مُون گهَرَ ۾ جو گهوٽيو اَچي پَسو ايهُ
.........راڻيَ تَهِ مان سَڀئيءِ مِرادون مَنِ
اَچي دُعا ڪَريهُ ڪا ٿئي مون سَببِنِ
.......سُپرين هُو تَندوءُ ..... ڪيٽانِ
ڏڪَ سيبئي پاڻِ جا ڳرهيندي سيٽانِ
............ سيگهه ۾ رب سندي فرمان
جي دَرِ آئو سڀ ٿئي اُئائُون آيو پرين پاڻِ
ٿيوءُ ارتو تَن ڪي اڪيِن جي ڪِيو
پَسي قَصرَ ماڙيون ...............
سونَ رُپي سِينگاريو پَرهَڻُ پَتورا
(١) سيبئي ساجَ ڪِيا ڪوڏين يعقوب حباءُ
تِنَهِين جي جاڳهُون گهاريُون ڪي تَنِ
اَچي سَپِ اُلَٽيُون پِٽَسڻَ مُنهُ پَريَنِ

---

(١) جا = جاءُ = جايون پُٽ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پَتو پَتين ميوا مُڪاءِ تَن مَري (١)
سونا ۽ روپا آنا طَسَ پري
آما لِيما ڏاڙُهون ٻجورا نارِنگَ
سَئين سَهِستين آيون پَسَڻَ سيڻَ سُچَنگَ
سيني ڪي ڪاتِيون آڻائي ڏَرِياءِ
سونا ڳَنَ ڳَزي تَنِي هَٿِ ڏِناءِ
ٻيرَنُ جاڪي سَبَهِي پَچي ماڻا ماهُ (٢)
هي ڪاتِيُون هَٿِ ڪري ميوا ..........
اسين آيون تو مَٿي هيجان ڪري اُڪِيرَ
جين سا پُجي پَرِ ڪَهِين هِينڙي اَچي هيرَ
جا آهنجي مَنَ ۾ ٻِيَڙَنُ ڪِيهِي هاجَ
جيڪي هَٿيان چِتَ ۾ پَسِي .......
اسانهجي مَنَ ۾ سُڻ جا هَٿئون هاج
جيڪي گهُرين تي لَهِين تون جه چيائُون
اسين ڪاتِيُون هَٿِ ڪري ميوا چِلِيُون
ڪيڻُ تُنهجو سَبهِي ............
ڏيکارِهُون وَٽُ سا اسين اَڄُ گهُروهُ

---

(١) مَري = مٿين (٢) اصل ائين


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تو گھرَ ۾ جو گھوٽيو جي .........

آندو تَنِيَ سامهون يوسف سينگاري

نَظَرُ ڪيو سَيَڪَھين يوسفَ سُونهاري

يوسفُ اَچي نِگَتو جَهِ ويرَ تَنِ مَتاءُ

ميوا تَنهِ مُهتَ ۾ وِڍِيا تَنِ هَتاءُ

ويئي سارَ سَيَڪَهين پَسي يعقوب جاءُ

ڪوڏِ ڪُنواربين تيو سَيَ سَرَڪي سَتَ

ڏنائون مُنهُ چاندرٿو سُونهاريءَ مُورتَ

ڪاتيُون ڪَٽِي پانجا وِڍي ويُون هَتَ

فَرمايو فُرقانَ ۾ سَيَ سُٽِيجاهُ ڪَٿَ

ڪي آهَلِي پيئيون ڪَنِي وِڳايُوهَ (١)

جِيَريُون سي توربون ڪَنِي وِيا روحَ

تِت زَليخا تَنِ ڪي اُپِي سَڏَ ڪري

بِيڙَنِ هِي سو گهوٽِيو جو چَياءُ وَري (٢)

تني منجها هيڪڙي وَري ڪيو ڳالهاءُ

اِيهُ نہ ماڙهُو هوءِ ڪو مَگَرِ حُورَ پَرِياءُ

آهي مُورِ نہ آدمي ڪِجاهُ ڪو ۾ شڪُ

اِيهُ اِپَنِيئون اَلَهِي آيوءُ ڪو مَلَڪُ

---

(١) اصل وِڳايو. ويڳايو يعني ڪن تي ويڳ اچي ويو ۽ ويڳائجي ويون،
(٢) اصل . بِيرِن - بيڙن يعني زالن


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

......... چُڳَرَ آيو سَهسين ڪري سينگارَ
تان نہ پِرڪِي وِيئُون سَپِنِ ٿِيا ...............
هِي پلي آيو سهسين ڪري ..............
تان نہ پِرڪِي وِيئُون ٿِيون سَپ ..........
.............. تن ڪي بَيَتَرَنُ ڪوهُ ٿِيا
آهي هِي جُوان سو جو مون جهوري .........
................ تو مُور نہ ڏِيٺُہ ڏوهُ
جَنِي تُون رَنجاٽِيئين تَنِي مٿي روهُ
ڪي ................... وَڍِيا هٿَ
وائِي ويئي واءُ جِيئڻَ سَپَ سَرڪِي سٿَ
شهزادي ...... يوسفَ ڪي چَيائين تنہ وارَ
مَنَرَ مَنجهہ پِڙِ ڪري مون ڪي ڪِيئَ خوارَ
چاءُ منهنجو گهوٽيا چَيو تون نہ ڪريڻُ
تہ پارايِئين بَندَ ۾ جَ پيوءَ ئي آهِينءَ
رکي مون تو ڳري جو مون رَبُ اللهُ
سوئي پَنڌُ سُهاءِ مُورن جَہَ ۾ ناهِ گُناهُ
........ سُجَنِ جاهِلَ جي هُوئا تَنِ منجها
............... جاهِلِيَنَ فرمايو ڏَٿِياءُ
تَتِ زَليخا پُڇيو وِيوءُ هٿَ وَهاءُ
دُعا ڪِيائين سَچَئِي دِرجي هيينءَ منجهاءُ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يوسفُ ربَ رکايو تُسي تہِ ڏوهاہ
وجون ٻہ ايمانَ سان ڪلمو چيو مُنهاءُ
لا اِلہ الا الله مُحمد رسول الله

يوسفُ اُتي تہ ڏهين راتِيَ روحَ ٿيو
ربَ سُهندو سُپرين نيئي بندِ ڪيو
ويهارِياؤن بندَ ۾ سندو نورُ نياڻُ
ڪاسائي ڪلاڙُ جو سو پُٽِ يوسفَ ساڻُ
................... ٻيا ٻندَ ۾ ڪارَڻِ ڪهين وِبڻَ
جڪَرَ ڏين عزيزَ کي وهُ پائي ۾ کينڻَ
يوسفَ مُلِ زندانَ ۾ آئو جبرئيلُ
تينهِي موکلِو جيئني ناءِ جليلُ
سيکاريائين کي تهين حِکمت علمُ قُرآنُ
۽ سُهڻي وِيچارَ جو تہِ سندو بيانُ
ٻيئي راتِ جُوانَ کي سائين ڪيو سُجاڻُ
”وَلَمَّا بَلَغَ اَشدّہ آتيناہُ حُڪمَا و عِلمَا“ لِڏو ايہُ فرمانُ
سُتي سُهڻا ننڊَ ۾ ٻنهِي لَڌائون
يُوسفَ کَرِ ويچارُ تون اِيهين چئيائون
آسان ڏِني اِيہَ پَرِ نَظرَ کَرَي ننهارِ
ڏِيهُو جوابُ صَحِي ڪري، ٻَنهَ شَهر پچارِ
پِهرائي چيَو اِنَ پَرِ سُهڻو ايہُ لَڌومِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيان شرابُ عَزيزَ کي تان سو وَسِنئومِ
آهِ پُڇيرو سڻ تون پيءُ سَندو ڳالاءُ
مانا ماهُ مَتِي ڪري مَٺُمِ مِصرَ راءُ
پَڪي ڪاڏو پَڪَٺي وبندي واتَ مهاءُ
يوسفَ صَحِيُ پَساهُ تون پَلارَنِ مٺاءُ
"........... مِنَ المحسنين" سُڻُ سَچو ڳالهاءُ
يوسف چوءِ سُٽيهُ جي پَڪِي ........ حاجاءُ
يوسف چوءِ سُٽيهُ سو بِيءُ مُنهجو وڻُ
اڳي سو وِيچاريان اڳي اَچي ڪينُ
يوسفَ چَيو جِيَهِين آئِيو تَهِين وَنِ
چَياوَن يوسفَ کي تون سيکارجُ..............
سيکايو سَچي ڏَٺِي جين مُون تُسِي پانِ
جَڏِين ڪُوڙُ سَچُ ٿيو تُهِ سچي .........
جَنِي رَبُ نہ مَڃِيو اوڏو ڏينهِ قيامَ
مون ياٽهي تَرڪ ڪِئِي سا پَرِ سَبب تمامَ
رَبُ سَپِني هيڪڙو ڏَٺِي نہ هُونِ گهڻا
جَنِي خالِقُ مَڃِئو ڪِيهي تَنِ مَٽا
پِهروئي جَنهِ ڪِئوءِ سَچَ سَندو بيانُ
يوسفُ کي پيرين پَئِي آندو تَنهِ ايمانُ
چَيانئِي ڪَلاڙَ کي سُڻِ سَچوءَ ڳالاءُ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تو پَر ٿيندو نِمُٽو سَندو مِصرَ راءُ
هِيَ جا هُيئِي اَڳئين تو کي ڏيندو حاجَ
جيڪي هَٿِي چِتَ ۾ سڀ پُڇندو ڪاج
ڪاسائِي نيئي ڪري سُوريءَ ٿنگيندا
پَکَنَ ماءُ سَندوسُ جو تانگھو تارِيندا
ڪاسائِي دانهَ ڪري چَيو يُوسفَ چيو ڪوڙُو
سُهڻو توسين مون بيان ڪيو
يوسفَ چَيو کي تَهين توڙِي ڪُوڙو هوءِ
تہ هاٿي مون ويچاريوءِ آئيو حڪُم سندوءِ
راتِ وهاڻِي ڪَديا بَئِي بَندَ منجهاءُ
پَرهايو ڪَلاڙَ کي ڪاسائِيَ سِرڪاءُ
ڪاسائِيَ سِرِ ڪوپيو سَندو مِصرَ راءُ
نيئي سورِيَ چاڙهيو تان ڪَئِي نيو تاءُ
چَيو تَتِ ڪَلاڙَ کي يعقوبُ نَبِيَ چاءَ
مُنهنجي مانَ عزيز سَين ڳالِ ڪرِيئينَ ڪاءَ
پيو آهي بَندَ ۾ رِءَ ڏوهاءُ جُوانُ
راتين ڏِينهين تَهِ ۾ اوڙڪي رَحمانُ
آئي بَندِ وِجهايو راڻِيَ رِءَ ڏوهاءُ
جي ڪوٺائي تَنهِ کي پاڻ پُڇائي راءُ
.............. اِئِي ڪلاڙَ کي پڙهايو رَيّانَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يـوسـفُ تــَتِ وِسـارِيـو سـَتراڻي شـيـطانَ
"فانيهُ الشيطان ذِڪرَ رَبِهِ فَلبثَ في السِجنِ بضـع سِنيـنَ"
لِڏو مَنجِهہ قُرآن
............. پَئي بَندَ ۾ ٻہ وَرهَ پَنجَ ٽـيِا
تــَنِــي اُتــي عالـِمَـنِ اِخــتـلافُ ڪـيِـا
ڪَنِـي ويـتر لِڪـيـا ڪَنـي سـتَ چيا
هِي جي ويا گُذَري سـي پُـنِ ستَ ٻـيِا
يوسفَ يـارِي مـَڱـئـي جيـلان ڏَنـياءِ ڏارَ
ويرَمَ ڪِياءِ بَندَ ۾ تـيـلائـيـن تـَـہِ وارَ
رِءَ خُدائِي يارِي گـهـُري جيڪو مَخلـوُقـاءُ
سو پُنِ سِگـهـوئِي ٿِـئـي پـشـيـمـانُ پُـواءُ
تَنِ زلِيخـا بَـنـدَ ۾ پـَرهـَڻ ڪـيـو اَچــي
اَنِي پـَهـَرَ اَلُونـدَرَ ۾ ڪـامِـي ............... (١)
واجهاءِ نِتُ پِرِيَنِ کي تَنَ ۾ پـِئِـي نہ تـاتِ
تانگهہ نِگـئـِي جِـندَڙِي رُونـدي ڏيـنـهـا راتِ
ڏيکاري يـوسـفَ کـي جان سـيـنـگـاري پـاڻُ
اوڙڪـي رحـمـانَ کـي جــاڳِـي نِـتُ جُـوانُ
وَرِهَ سـيـيـئي اِنَ پـَرِ ايـندي گـُذرِيـاسِ
رُونـدِيَ سـُپـِريـَنِ کـي .......... پـِـيـاسِ

---

(١) اصل حاصي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُڻي اِشارتَ ۾ سُتو مِصر راهُ

چوڏهَ ڳوبُون انَ پَر چوڏهَ سَنگ پُئاءَ

ڳوبُون سَتَ سَتراٽِيون ٻِيُون ڏُبرِيُون

ڏبِريَنِ سَتراٽيُون کاڏيون نہ مُنه..........

چوڏهَ سنگَ ڏِناءِ جي تَنِيَوءُ سان سَتَ

سُکا هُوئا سَتَ جي پَسِي اِشارَتَ

تان سُکا هَرِيَنِ سين وَجي وَرِيا جَتِ

سُکا سَپِ مُهتَ ۾ سي پُڻ اِيهيءَ پِتَ

..........نا وِبچارِنِ جي سِيئي چُريا

ٻوتا کَدي.......... تَنِ ۾ مڙيا

اَچي مُهتِ مِيرَ کي سَپِنِي چَيو

سُهڻو اِيهُ لذو جو اَکِيين گُذَرِيو

کَنَ ڏِينِ وِيچارُ جو، اسين نچاڻاهُ

اسان سَپِ نِهارِيا ٻُوتا اکِ..........

مٿي دَرَمَتِ کَٽِي مڙيا سَپِ سُٺِيهُ

سُهڻو وِيچاري کري موٽي سَپ تمامُ

تِتهِين يوسفَ جو آءُ چيتُ کَلاڙ

ڳِنهِي سُڌِ اَميرَ کي وِڙهُ هيکَ وِلاڙَ

وڏيري کي وبرَ تَہِ نَئي سلامُ کِياءِ

سُڻ وينَتِي کَنُ ڏي اُبيهِي چَياءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُهڻا وِيچاري جو سو ڏنومِ جُوانُ
پِيو آهي بندَ ۾ رءِ ڏوهاءَ سُجانُ
وِيچارِيندو وَيگَ ۾ سَهڻو ايهُ سَندوءِ
جي فَرمايئين شاهَ تون تہ وَجي آٿِياسِ
وَجِي آڻ جُوانُ جو سُهڻا وِيچاري
جَ آؤن پَسان اُنِ کي کہ پرِ ڳالِ کري
يوسفَ مُلِ مُهتَ ۾ آوءُ ريبارو
وينو هوءِ بندَ ۾ يوسفُ سُونهارو
يوسفَ...... مُهتِ ۾ تو کوناءِ راءُ
سُهڻو کوءِ لَذاءِ جو سو وِيچارَڻَ آءُ
يوسفَ چيو ويرَ تَهِين سُهڻي کِها پارَ
جَ آئون سُٽيان ڳالهہ کرِ سَندِي نِيهُ جَبارَ
ڳويُون سَتَ ڏِناءِ جي گهڻو سَتراٽِي پِتِ
تيتريُون پُڻِ تَنِ سِين گهڻو ضعيفَ اَتِ
ڏُبرئين سَتراٽِيون وجي کاڏيون ٿي
چوڏهہ سَنگَ ڏناءِ جي هَرَيا سُکا سي
جَين سُکا هَريَنِ سِين مِڙيا پانُ کٽِي
سي پُڻ سُکا ويگَ ۾ چوءِ اِيئَن ڏٺِي
هاڻِ کرِ ويچارُ تون يوسفَ سُهڻو ايهُ
تو کونائي تَکڙو اُيو آهِ مَرويهُ

تان چَئـي اَمـيرَ گهـرِ هـيـڪـڙَ مـوٽـي وجُ
ڪوءِ مُنهنجي ڏِيلُ ۾ مُشـڪـِلُ آهـي پَجُ
ربـپـارو اَميرَ گـهـرِ وَيـو جـيـن ڳالاءِ
جوئِين مِصرَ سَـنديـون ڪـوٺـي سَـبِ پُڇاءِ
آؤن آٽـــي بـَنـدَ ۾ وِڌو ڪَـــهِ ويـٽـاءُ
عــورَتُـون آٽـي ڪـري پـانَ پُـڇـائـي راءُ
جيـنِـي آٽـي بَنـدُ ۾ مُـون ڪـي وِڌو پـوءِ
ڪوٺـائـي مِـصـرَ ڏَـٽـي پانَ پُـڇـائـي جـوءِ
جوئِين مِـصـرَ سَـنديُون ڪوٺـي پُـڇـيـيُـون
تَـهِ ويـرَ ڳالِيُون سَچيـون سَـپِـنـي ڪـيُـون
سَـپِن چَـيـو ويـرَ تـهِ يـوسـفَ ڏوهُ نـہ ڪـوءِ
جيـڪـي اَپاهـتِـيـون سَـببِ تُـنهـنـجـي جـوءِ
ڪـيـو زلـيـخـا پَـڌرو پـانِ جـو ڳالاءُ
سَـپـوئِـي مـون ڦـيـريـو ايـهُ سـچـوءِ ڳـالاءُ
سَـپِـني جوئِين جو ڪِيو يوسفَ جو ڳالهاءُ
تِـت عَزيزَ ڪَدائـي راڻـي پـانِ جـي گــهـراءُ
ســتِرَئِـي سـُپـريـنَ ڪـي وِيـيءِ هَـٿَ وَهـــاءُ
جيـنـي يوسفُ بـَنـدَ ۾ پـاتـو رِءَ ڏوهـاءُ
وَجـو تـہ ايمان سين ڪـلـمـو چـيـو مـُـهـاءُ
لا الـهِ الا الله محمد رسول الله


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يوسفَ ڪَرِ ويچارُ تون سـهُـڻـي سَنـدو هــاڻِ
سـُـتـي اِشـارتَ ۾ ڏِنـُـئـِـي. جـــو پـاڻِ
سُهڻو ايه ڏِنوءِ جـو تـَنـهِ سندو ويــچـارَ
پُوندو هـِنَ مـُـلـڪَ ۾ چــوڏَهَ وَرِهَ ڏُڪارُ
تـَـنـِـيُـون پَهران سَتَ جي ڪـُڙمِي پوڪـِينـدا
ڪِينَ ٿِيندو تـيـرو جـو اُو پــارِ ڪـنـدا (۱)
ڪـُـڙمـي ڪـونـي پاڻ جـا ڪَـر فرمانُ سـَـيـِنِ
نہ پُونءَ ٿُنهجيـونءُ پَـنـجـهُـوهُ ڪـري وَلـنِ
ڏيئي پـُئـِي پَـاڻِ جـي ڪَـرڪـَڻَ سـَپ پـَـجـنِ
پـــگـا ڪــيـڙُ پُرُ ڪري .................
اُلتي آهِـيـنِ مـَرُ داڻـا مـنـجـهـ سَـنـگـنِ
جي جِـيـا سَـڻُ تَـنِ پـوءِ اَنُ وِراهُ نہ ڪَـنِ
اَچِيندا تـاءُ پُــهـري سـُـڪـا سَـتَ پِـيـا
ڪـائـِي ويـنـدا اڳـيـان جي هُوندانِ ٿـِيـاءِ
نہ هيناءَ جَرَ وَهي نَـڪـِـي مَـنـان مـِـيـهَ
وَهي اَچِيندا سامُـهـان گـهـڻو ڏُهلا ڏِيـهَ
سرُون پچائي سيگهہ ۾ جمعُ سـَپ ڪـَراءِ
مـيـڙي راڄُ مـُهـتَ ۾ اَڏائج سـَـرَاءِ
دِلَ اُڳاڙي پـاڻِ جـي تـَـهَ ۾ ڏاڄُ ڏَراءِ

(۱) تيرو = تيلو، ڪانو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

أُتاهِـيـن ۾ مـوڪِـرِي آئـي اَنَ پِـرَاءِ
اَنُ سَپوئِي اِنَ پَرِ وينـدو مُـلڪَ مـنجهـاءُ
ماٺيندو مَنَ جِنـدِڙ ـتـنِـتـي مِـصـرَ راءُ (١)
جُ ........ وَرِهَ جندَ اَپرا ايه اَچيندا سَتَ
بُڪَ مَرنـدا آدَمِـي گـهـٽـو سَترائـي پِيَتِ
ڏينهَ نـنـديا جَڏهِيـن ايـنـدا وَهِـي مَـتاءُ
وِڪـٽـندا بـازارِ ۾ جـوئـيـن مـُـڙس وِيـاءُ
اَچِـي راتـا پُـهـري ڏيِـنـهَ ڏُهـلا ڇانُ
وِياءُ اِڳهين وِڪِٽي تاءُ پـيَـڇـيـرو پـانُ
.................................. پَسنداءِ
رِڪَـنَ سَندو عِلـمُ جـو مون ڪـي ڏنـو راءِ
يوسفُ گهڻو سُهاءِ مـون اُيـو چـوءِ آمـيـرُ
سَـپِـنـي سِـرِ اُسـَـرِي هـانِ ويهُ وزيـرُ
مون سِيباڻو سِرِي ۾ يـوسـفَ ڳـالـهـائـوءِ
اُهاؤِءِ آڏتَ جِـيـنءِ مُـنـهَ ۾ نـورُ سـنـدوءِ
يوسفَ ويهُ وَزيرُ تـِي چَـيـو مِـصـرَ راءِ
آءُ تـنهـجـيَ ڳالهِ رِءَ ڪَندو بِيءَ نـه ڪاءِ
جَ آءُ ڪَرِيان ڳالهِڙي سُڻِ وينـتـِـي سـاءِ
مون سَهـنـدا نِـمُـنون جـي وَزِيـر سـنـداءِ

---

(١) اصل ائين


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي مون خزينا سِرِ هاڻي ڪرين حاڪيمُ
"قالَ جَعلنِي عَلي خزائنِ الارض اِنـي حَفيظُ عَليمٌ"
يوسفَ خَزِينا سِرِ هاڻِ وجـي ويـدُ
پِيو سَپِوئي تَخـتَ رءِ مون تو ڏنو ڏيـهُ
يوسفُ خَزِينانِ سِرِ وِهاريو وري
وِيڻو مِصرَ سَنديون اَرِتُو تَـتِ ڪـَري
.......... اُڳاڙي اِنَ پَرِ آڻاياءِ اَڳاجُ
جِين جِتِي فَرمايو تِـتـي ڏَريُـون ڏاجُ
(۱) .......... پوءِ مُلڪَ ۾ پيو ڪادَرُ ڪارُ
اَڳِـهين اِيَ تِيو ريلا ڏي ڏُڪارُ
خَبَرَ ٿِـئي سَـڀَ ڪـهـين مِصرَ ۾ سُڪارُ
ٿِري سَئين مُهرين سونَ جي هيڪـڙو جُـوارُ
.......... ۽ بُـڪيا سُـو ڪيو اَچـن
پَرهائي پيٽَ يَري سَرها سَـڀِ مُنجَنِ
جو جيهيَ وَڻُ گهُري يوسفُ ڏي سَـڀِن
پاڻو آڻـي مَـڱـڻا وِيا ڳالين ڪـَنِ
پيپوءَ سَـڌُ مُلڪَ ۾ مِصرَ ۾ اوڙڪَ
مُنهُ لايو مَهَراڻُ جيَ تنڪي ويرَ سَـڀِ خَلـقَ
پِهرو پيڻو شَهرَ ۾ جو بَـنِي قَيدارُ

---

(۱) اصل ائين


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاڏو هـوءِ مـصـطـفـيٰ اُتـي اِزرُ آرُ
ڏاڏو نَبِيءَ مصطفيٰ پـسَر اِسـمـاعـيـلَ
پوٽرو ايهُ نِهارِ تـون اِبـراهـيـمَ خـلـيـلَ
تنتهِين يـوسـفُ آنـدو پـهِـاري كـارائـي
پـَرهـايـو تـنـتـي وِمـا .................
يـوسـف پُـچِـي بـنـِروءِ سُـچاوءِ جَنهِ وار
پـَرَهـائـي نِـكـارو ڏيـئـي ...........
تاءِ پَـچيـرو تـڏهِـيـن سُـنو مـِصـرَ راءِ
تِت وِيٺو تختَ تي يـوسـف ..............
وجو تہ ايمان سين كلمو چـيـو چَـپـاءِ
لا الـه الا الله محمد رسول الله
سَـپُ وِكـيـو مـاڙُئـيـن رُپـو پـَـٽُ سـونُ
يوسـفُ سـَـپُ مـوايـو ...... ڏيـئـي آنُ
پـهـرو ڏَنُ وِكـٽـي تـاءِ پَچِـيـرو پـارَ
يوسفَ سـَـپُ رَهـايـو سندي نـيـهُ جَـبارَ
تـاءِ آكِهـيـن وِكـٽـي تـاءِ پَـچيـرو پـاڻِ
شَهر سَـيـوئـي اِنَ پـرِ كِـڏو جُـودَ جُـوانُ
يوسفَ جي فرمـانَ ۾ مِـصرُ سَـپُ تـيـو
تَنهِ وِيرَ سَـيي مـاڙُئـيـن مـثـي صُبحُ كـيـو
مُنهُ پاڻِ جو كَـڏهـيـن جـو آچـي ڏيـكـاري


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چارِبهَ ڏينهَ سُرَ اُٺيا لئي ماڙُهو ........
سَچي رَبَ سِرجيو يوسفُ نورُ منجهاءِ
سِري سَيُڪو روُحَ ۾ پَسَڻَ يعقوب جاءِ
راتين ڏِينهين اُڃِيا جوئِيين مُڙِس جُهرَنِ
اَئين پَهرَ لُوندَر ۾ يعقوب جاءِ گهُرَنِ
پاڻِي اَنُ وِهُ ٿيو رُوندي ڏينهاءِ راتِ
اُڪنڊِوءِ پائُنِ ڪي تَنَ ۾ بِيءِ نه تاتِ
پِهرو وِجهي ڪوهَ ۾ پُهُري وِڪِيِيوسِ
مالِڪَ ڳِنهي پاڻَ سين مِصرَ ۾ آندوسِ
سَيِي وِئُسِ وسِري بَربوَ مَنجِهه ٿِيوسِ (١)
نه هاٿي تَنِ پائُنِ کي گهٽو اُڪنڊِيوسِ
جَنِي وِيو وِسري بَربو مَنجِهه ٿِيوءَ
هاٿي تَنِ پائُنِ کي يوسفُ وَهه وِيوءِ
مُون کي وِجهي کوهَ ۾ جَنِي پاتِي ڪاڻِ
تَنُ تَنِي کي تاسِئو ربَ سي سَجَڻَ آڻِ
مِصرَ مَنجِهه چَوُڏِهي يوسفُ پاتِي آڻَ
شهرُ دَارازين پاڻِ جا وِهاربائِين دَرواڻَ
............ اَچين جي وَٽِجارا ڪِياءِ
مون کي سُڌِ ڪَرِيهُ سا جي اَچِنِ جياءِ

---

(١) اصل اَئين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

.................... جيائين آچين
تَني سَندو لِکيو يوسفَ ڏيکارين
.................... يوسفُ تَنِي ڏي
سَرهو مُنجي سَڀُ کو جو جَنهِ آسِ اَچي
پيو سَڏُ مُلڪَ ۾ يوسفَ جو ڳالاءِ
ڏاتِين ڏي سَڀَ کَهِين ويڻو مِصرَ راءِ
.................... جيهو جان سُٽيهُ
مِصرَ ۾ جو راڃيو وڃي سو..........
سُڄهيءُ تِي سَيکَهين ويڻو ڏاتِي ڏي
جي وَجو اِنَ ڏُونهُ ته ڏيندو آهي.........
ٿُومَرَ بَصرُ تيلُ کَهو آئِجو کِيرَ آوُن (ع) ڏاسَ
يعقوبُ کي پيرين پَئي کري نِکتا آسَ
ڏهئِي جَماجي اُکَري اُٿي پَندِ تِيا
اَئين ڏينهَ پَنڌُ کري مِصرِئا پِڙئا
جَنهِ وَيرَ اچي رَسيا شَهَرَ دَرازين پارَ
تَنهِ ويرَ نامَ سندان جي لِڏا لکڻهارَ
”يهُودا لاوا شمعُونَ رُوبيلا رِيالون يَشجرُ دان جادو ينسالاءِ
آسرو“ مِنا مُنهِ موچارَ
اَڳايا آهِينِ سي مانجهِي مَستَ مَتارَ
ڪاغذُ يوسفَ هَٿَ ۾ جِين ڏِنو دَرِوانَ

سو چُمِي سِرِ اُلهِي رُنو گهٽو جُوانُ
يوسفَ سي آٽايا رَبُ سَندي فرمانَ
وَجا اِخوه يوسفَ اَچِي اُيايانَ
پيهي اُيا پارَ ۾ يوسفَ پائرَ جَتِ
فادخلو عَليهِ فَعَرَ فَهُمر ............
يوسفَ چَيو جِتِ ۾ پائرَ اَنجُ ڏسنِ
"وَهُمر لَهُ مُنڪِرونِ" پاڻِ نہ سُڃاڻنَ
جَرُ هاري جالاروءِ پائرَ ڏسئو پوءِ
پاڻِهي ٿيئيءِ نہ پَڌرو آجا گُجهُو هوءِ
رُناءِ جو پرينِ کي تَنهِ جَرَ پاند نہ کوءِ
روساگُو پرينَ سين ڏٺِي ................
جَني چَيو سَچِني ڪَلمون پاڪ سندوءِ
لا الـه الا الله محمد رسول الله
مُنهُ ڏِڪي پائنِ کي سَڌُ ڪيائين اِيهُ
ڏسو ڏهئي جُوانَ جي ڪَنهِ ڏِهاءِ آچِيهُ
لَهِي پاڻِي تو مَٽِي ڪِنعا ناءُ آچانهُ
يعقوبُ نبي نِمُنو آهي پيرُ پِياهُ
............ آيا تو مَٽِي گهَٽِي لَتاڙِي پُون
بُڪِجِي آسَ ڪِري تو ڏونه هَلياسون
............... تُنهجو بانِي مُڪاسُون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آنـدوهـا ۽ بُـڪـيـا آچـي ڏڪـاسـون
پَرَديسان پـسَـنـدَ ڪـري سُـٽِي سـَخـاوتونِ
آسان سُؤ نہ پَسـجِي جـيـنـي لائقُ تُـون
تَنهِ ويرَ يُوسفَ پُڇيـا پـائـر ڪـي آهِـيـنہُ
جَہ آءُ دُعـا ڪارايان مون ڪي خَـبَـرَ ڏِيـنـہُ
اَسِين يَعـقـوبَ پُـٽَـرَ جـي بـارَهَ هُـوا سُـون
گُـرگـي ڪـاڏو هـيـڪَڙو ڪـارِهَ رَهـيـا سُـونِ
اَڳِـهـيـن وَسِ جـوتَـهِ ڪـي تِـيـو واجـهاءِ
هـاڻي نَـنـڍو يـا تَـهِ چَڏي ساعت نہ ڪـاءِ
يوسـفَ مـايـو گهـوتـيـو بابي گهَٽو سُهاءِ
سو ڪِيتهِيـن نـہ مُـئي دِرجـي تينيئي دَراءِ
مِهمانِيُون موتِـيـاريـون ڪـارائـي مُـنجي تَـنِ
سَـئـيـن مَـڻَ سَـيَـڪـهِـيـن ڏنـائين گِهُنِ
مـاتـو جـو يُوسَفَ مَـنَ ۾...... ڏيـڪـا
ماپـارا ڪـونـي ڪـري پَـريـا سَـبِ جُوارَ (١)
يوسفَ چَيو تَنِ ڪي جـيـهـو چاَن سُـٽـيـہُ
پويون گِنهِي پاڻَ سين سِـگـها پري اَچـيـہُ
مُـڪـائِـين يـعـقـوب ڪـي بہ جَـمـاجَ پَـري
بہ پُٽ ننڍي ياءُ ڪي مُـڪـائـين پُـر ڪَـري

(١) ساپارا = ماپا، ماڻَ، جُوار = جوال، پوجها



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

كَٿُوري سِرڪَنِ سين عَنبَرُ ۽ ڪَافورُ (١)
مُڪائِين يعقوبَ کي جَنهِ آڏارو نُورُ
آندائُون يوسفَ کي پائين اَبِيَڪَ
سي پُٽ ساندي مُڪيُون ڪَهين نہ هُئيَ تَرڪَ
........... ڪٽي پاڻَ سين اَچيجاهُ پِري
"قالَ آيتُونِي بِاخِ لَڪُمر مِن اَيِيڪُمر" پوءُ مُلاءُ ڳري
پاءُ ننڍيرو پاڻَ سين جي آڻِيهُ وَري
ڏيان ڏاڄُ سَين کي آءُ اُٿَ پَري
تان جي نِيهي پاڻَ سين پوبون نہ آڻِيهُ
تہ مرَ جِذِجاهُ ڪَذِهين پانجي ساٿيهُ
جيڪي آهي مون ڳري تاءُ نہ کِي نِيندا هُ
"فَلا ڪَيل لڪم عندي ولاهُو" پُونِ جو...
چي وِيتَر ۾ تُهجو وِيا ڪَنداسُون
تو ڳرِ سِڳها ياءُ سين پِرِي اَچِينداسُون
بابي ڳهٽو سَڏاءِ سو ويترَ آساهاءُ
هي جو ڳُرڳي ماريو جَٽيو يُوسف ..........
پَلو پائُرنِ سَنديون وِينو سَپِ سُٽي
ڪُوڙيون ۽ سچيون ڳالهين ڪين ڳٽي
چاڳَ ڪيائِين تَنِ سين پَنيُون پَتين پيالَ

---

(١) سرڪَنِ = سرڪند، چندن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موڪَليا ماءِ مَٽي وَجَهُ ڏيئي جالَ
اُسَهِيا آسانَ ۾ سَرَها نَسيئي
آٽي اُتَ اُلهِيا پيءُ پاسي ٻنيئي
آچي تَهِ اُپَٽِيا سَپِيئي جُوئارَ (١)
هِي جي هُوئا ٻُڪِيا سَرها ٿيا تَهِ وارَ
جُهه ڪَرَ مِصر راءِ ڪي نِياؤن جي ٿوڪَ
سَپِ تہ ٻَڌَرِ هُيون ٿِئو تَماشو لوڪَ (٢)
بابا جي تو مُڪِيون اسان ڪي ڏيئي
وَٽُون ٻَڌَرِيون ٿِيون اِجهي سيئي
موٽائِي مِصرراءِ تو مَٽِ مُڪائِين
آسان هُئو نہ جاڻُ ڪِي ڪِهِ پَرِ.......
بابا اُتَ ٻہ لَڌِيا تو ڪي مُڪا راءَ
آهي گهڻو اُڪَنِڊيو پَسڻُ يُوسفَ ڀاءَ
آسان ڏيندو هِي آجا اَنُ اَنبارَ
جو نِينداسِين پاڻَ سِين جو تو گهڻو پيارَ
آؤُن مُورِهِين نہ مُوئان آن سين اِيهُ وَرِي
جان وِيساهُ نہ ڏِيهُ مون سَچو.........
موڪَل آسان سين ڏَري بابا اسان پيا
آسين پاڻي اِنَ ڪي پر چَڳِي..........

---

(١) جوئار جُوال، ٻوجها (٢) ٻڌر = ٻڌل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پــاڻِــي آهـــاءُ ڪي ويـــو جِـــتَ مُـــڙِي
مَتّان پُونــيَــئہ ســان وَهي ................
سُٺي ڪِيائون نِـڪَرُ وجــي پُــٽَـرِهِ پــيءُ ســانُ (١)
اُتي گهرِ آئِي تَنِ سيـن جُــنـدَ..........
اســـان تـــو وجِ ۾ بـــابـــا رَبُ گُـــواهُ
"الله عَـلـي مـا نقــولُ وكـيـل............
پاڻو آڻي دَرَ اُتي بِيهِي مَـنجُـهہ مَـٺـيـہَ
سَپِ دَرا .......... هيڪڙي مـَتّــان ........
مُـــوراهـيـن نہ لَهي پَرِ ڪَهِـيـن........
مـــون سَـجِي پَرنِــيـا پائُرَ ســيـيـئـي
هُجي ........................ ڏِجاهُ دَرِ بِيهِي
تَهِ ويرَ پيءُ پيرين پَـئي...............
............ مي مايو گهوٽِيو ڳَنهِي..........
نِتَ نِهاري نِمَنو يوسفُ چـڙهـيــو ڪــوٽَ
اِيـنـدا ڏِنـائين سامُهان پائرَ پَلا گـهـوٽَ
جَـنِـہ ويـرَ اَچــي رَسـيـا شَـهـر دَروازي
يعقوب نبي پُٽَر جي آيا ...................
يَهُودا چـوءِ پــائـرَ جــيــڏا جاسُــٽِـيـہُ
پانهو آٽـي دَرَ اُتي بِـيـهِـي مَـنجهہ مَـٽِـيـہُ

---

(١) اصل ائين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

.............. ڪٺي لاءِ خُوبچا سو آٽِيهُ (١)
سَفَرُ سَهُڪو ٽِئي سِينَي ڪي ايهُ
............... دَراءُ تي سَپِي بِينا هَٿِ
يامِينُ پَسي اِيهَ پَرِ ٽِپِيو شرمَندو تَتِ
اَچي بيهي سامُهون وَڃي اُيو پيوءِ
جَنهِ ڪي پُڇي خَبَرون سِياڻي مِڙي نه ڪوءِ
........... آهي مون ڏِٺي تِنتي يوسفَ يارَ
اُتِ اُيو تِي شاهَٺو ٿو پانئي دربارَ
................ تَه مَٺو رُنو تَنِي وَتِ
هيڪلو ئي شاهَ ڏِرِ اُيو آهي تَتِ
تو پيءُ چَڙهيو اَئين پَسو اُتي اُٿِ
سُوارَ تان نه سُڄاٽي ڪَهِين جو ڪو ڪَرهي
سَپي وِئَسِ نِڪري جي پيءُ چَڙهيا پارَ
وڃ وِلاڙي تڪڙو اڄ منهنجو بارُ
يوسف روئي چَڙهئيو اُتي بئي اُٿِ (٢)
مون کي خَبَر ڏِيج تون ڪِهڙو ڏِيهُ سندوءِ
هيءُ ڳالهاءُ اگ جوِ تو ريءَ .........
آهجي دِيارَ ۾ اَسين پُٽِ هُؤا

(١) هن کان پوءِ سورهن سٽون صحيح فوٽو نه اچڻ ڪري پڙهڻ ۾ آيون ڪون خوبچا = خونچا (٢) هن کان پوءِ بارهن سٽن جو مواد فوٽو ڪاپي ۾ صحيح نه آيو انهي ڪري اهي سٽون پڙهجڻ ۾ نه آيون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عِبراني ڪلامَ جي مون تِنتائُون سُؤا
هَتا ڪَدِي هَدِيُو ننڍي ياءَ ڏِناءِ
سو پَسِي سَرهو ٿيو يارَ جمع ڪِياءِ
سَهس پَنجاهي اَڳَرِي ماٽِڪَ هوءُ مَٿُ
لاهي ڏِناءِ ياءَ کي تو دَرَ پَسِي پَرَتُ (١)
چَيائِين يامِينَ کي هاٿي هَلُ هِتاءُ
ڏيڪاريئہ يائُرَ سي جي تو پيءَ جاءُ
يامِينُ روئي هَليو تَهِ وِيرَ تَهِ ماڳاءُ
چُوئِنَ هُوءُ ياءُ کي رُوئِين ڪُجاڙاءُ
تو سِين ڦوڙائِي تِي هِنيَڙي اَچي ڳَهاءُ
يوسفَ چيو تَڏهين پاهِجي واياءُ
سِڪَ سَتراٿِي مَن ۾ بيوءُ يائين تُهاءُ
جان پوءِ ڳَڏجانَ تو کي رَضا ڏي نہ راءُ
.......... يامين کي يوسفَ جو ڳالهاءُ
وَجي يائين ڳَڏيو جي وينا ڏِنائين جاءِ
چَيائون يامينَ کي سَرهو ڏِسي اَتِ
اَجُوٽِي ساعِتَ ري هِي نَہ ڏِنِيہُ يِتِ
ڳهوٽَ دَرازي هيڪُ سو ڳَڏئو ڏيئي سلامُ
هَوءِ اُنِ سُوار تو ڳَري عِبراني ڪَلامُ

---

(١) ائين ·



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پُڇيامِ چَڱِي ڪري هِيءُ ڏنائمُ ڏانُ
اڪِين ڏيڪاري ڪري وِيو دراني جُوانُ
وَجي اوهُ آرَ ۾ تيون دَرُ باباهَ (۱)
سَپِيئي سَرها ٿِيا آيا سِري آڳاهَ
ڇَيائون يامِينَ ڪي اَسان ڏيڪارِ
سادَنَ سَڏي گهوٽِيا اسين جاٽهِ ڪارِ (۲)
هَتاءُ لاهِي هَديُو ڏنائين ڏهِنَ
وَجي ڏهنياءِ رَسُيو ڪِري تَرَهُيو تَنِ
خالِقُ بِنهي اڪري جي رباني هُونِ نَمَنِ (۳)
چَڏِياؤن يامينَ ڪي دَرَ ڪَهِي نَچَنِ
جِين جَني ڪي لِڪِوُ سِي پُڻ تين پسَنِ
مَرهي تَني ڪي مُون ڏٽي ڪلمو چَيو جَنِ
لا الـٰـه الاالله محمّد رسول الله
يوسفَ جي فَرمان ۾ آندا پِهاري (۴)
ڏِنو ڪيڻُ سَپِنِ کي تِتي وِهاري
............ پِي ڪي گهوٽِيا آيا سپيئي
پَٽوري پَرهايا يوسفَ گهرِ نيئي
رَچِين ڇَهين ڏرايو يوسفَ ڪاري ڪيڻُ
ڇَيائين پائُنِ ڪي بُڏو مُنهنجو ويڻُ

---

(۱) اصل ائين (۲) اصل ائين (۳) اصل ائين (۴) پهاري = پرهائي = پرهائي پهريائين


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪارَهہ جَٽا پَاڻَ ۾ پائُرَ ويهي ڪاهُ
ڏَريو ڪيڻُ رَچَنِ ۾ مَاڻِ جي جَٽياهُ
خُوهَنَ جُهہ ڪارَهَ جَٽا ڏوئي وينا هَٽَ
يوسفَ پائُرَ گهوتِيا سَپَ سَرڪي سَٽَ
يوسفَ مايو گهوتِيو پَرِ ۾ رَهيو پاڻُ
خُوهَنُ پَسِي ڪيترو رُنو تَهِ جُوانُ (١)
يوسفَ چَيو گهوتِيا تون جهجِين ڪَهِ ويڻِ
آءُ اَميرَنِ گهرِ رَوِئي ڏَري ڪيڻِ (٢)
جو تون پُڇِين شاهَ مُون رُئان تَنهِ ويٺاءُ
.......... ناگاهَ ٿيو جو مُون چَڙهئو ..........
تِين رُوئان وينِ تَهين سو مون پِيو چِتِ
سُونهارو سَپِين پَرين تان جي هُوُ هِتِ
تہ پاڻ جي پائُنِ سين ويهي ڪِيان ڪيڻُ
جين تَهِ خَبَر نہ لهَان مُون ماري سو ويڻُ
يوسفَ پائُرُ پُڇِيا چي ڪُجاڙيئي روءِ
اِيهُ اُڪَندؤ پاءُ ڪي گُرگي جو ڪاڏوءِ
وَئي جَنهِ وَرَه ٿيا تَرهيُو زيراسِ
آؤن اَميرن گهرِ اُڪَنديو ڪيٽاسِ
يوسفَ چَيو ويرَ تَهِ آهوئي گَرِ تو پا

(١) خوهن = ڪُوهن (٢) ائين


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيڪلوئي جان تِنہِ ويهي مون سين ڪا
يوسفَ ڪيڻُ ڪَٿائي اَندرِ ۾ نيو
وَڃِي وِيٺو ياءِ سِين سُونهارو ڏِيو
خُوهَن ڏاري ڪيڻَ ڪي وڃي ويٺا جِتِ
اگهاڙي مُنهُ پاڻِ جو يوسفُ ويٺو تِتِ
نَظَرُ ڪري نِهاريو ياءُ ۾ ويهي جِين
اُپَڙيو دانهَ ڪري مُنهُ پَرِ پيو تِين
يوسفَ روئي ويرَ تَنہِ پُڇَڻَ لَڳو يا
ڪِئو آهي گهوٽيا اُوري سَڏِني جا (۱)
اُورِي اسان نَبيہَ ڏِني نہ رحمانَ
آءُ پيو آهَلِي تو مُنهُ پَسِي يانِ
جهوئِي مُنهُ ياءُ جو تِهو ئي پُڻ تو
ڪِيهِين ڪِيو نہ وِسري صُورتَ ......
روئِي لڳو ياءُ ڳَرِ يوسفُ دانهَ ڪري
گهَٽو رُناؤُن پاڻَ ۾ ويهي تِتِ وَرِي
ڪاڪا آؤُن يا تو وڇُڙيو هُئوسِ
يائين نيئي خُوہَ ۾ بَنَڌِي ڪري وِڌوسِ
ڪَڍِئو مون سوداگرينِ تَني هَٿِ وِڪيوسِ
پاڻِ جو توهُ ڪري رَبَ اَميرُ ڪِيوسِ
ڳالِ مُنهجي پَڌَرِي ڪاءِ مَ ڪِج وَرِي

---

(۱) اوري = بيماري


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تو ڪي هِتِ رَهايان آئون ڪو سُجُهه ڪري
پَرَهائي سَرها ڪري مُڪا مِيرَ دَريءَ
باجهان نِهِسِ بارَ ۾ ڏَريو ماڻُ تَهيءَ
ڳُجهوئِي تَنهِ بارَ ۾ اُلهياؤن ماڻُ
سو تِيهين ساندِيؤ ڪَهين نه هُئو چاڻُ
آٿي اُٺَ پَڪارِيا جَهِ ڳَرَي جُوئارَ (١)
پائُرَ ڪوٺي پاڻِ جا يوسفَ ڪِيا سُوارَ
موڪِلائي مُڪيا اَڳاهان شَهَراءُ
گهوٽَ پَهُتا هيڪڙي تان پُنانِ پُوئاءُ
پُهرا پُڇِي تَنِ کي سَڏُ ڪِيائون ايهُ
هاٿي هِري بَڪاهُ جو اسان کي سو ڏيهُ (٢)
هاٿي هِري بکاهُ جو سو سُلطاڻو ماڻُ (٢)
ڊرڇو جي نه اَميرَ پَئي ڪِهو هُئياراڻُ (٢)
اَسِين ذاتَ اَميرَ جي خَبَرَ هَڏِ نه ڪاءِ
ڪِينِي ڪِئي نه ڪَڏهِين سائِينءَ چاڻَ سُهاءِ
اسانِهجو ڪَڏهِين چورُ نه هُئوءُ ڪوءِ
فرمانُ سارقِينَ ڪري نه جاڻي ڪوءِ
جي ڪَهِين سَندي بارَ ۾ ڪيهي ليَي سناءِ
جي ڪِيَهِين ڪُوڙو تِئي تہ تَهِ ڪِيو جزاءِ
جي ڪِيهَين نِڪري ڪَهِين سَندي باراءُ

---

(١) جوئار = جُوالُ، بوجها (٢) اصل ائين


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تهِ ڪي ڏيهُ جَزاءِ سا ڄا چورَنِ مَتاءُ
سَيوئِي اُٺَ اُٺليا بارَ سيئي تَتِ
پِهرو پائين آڇِيا فرمايو جَهِ پَتِ
ٻُهري وَئي نِهاريوءُ پاڻِ جِيَ ۾ مَتِ
ماڻُ تَتائِين نِگوءُ تَيٺو هُوءُ جَتِ
ماٺِڪين ۽ موتِئين جَڙِۆ آنجهه مَڙهاءِ
لَڪُ تَڪان اُتي تَهِين ڏِنو مِصرراءَ
آنِداوُن يوسفَ ڳَري پائُرَ موتائي
اَچي اُيا بارَ ۾ سَپِيَ سِرُ نائي
يوسف چَيو وِيرَ تَهِ نِگَيو ماڻُ ڪُواءُ (١)
وَجي وَزِيري ڪَڍيوءُ ڪَنهِ سَندي باراءُ
يوسفَ جيَ ڳالِ سُٽِي پائِين وِڏو وِيڻُ
اِيهُ يامِينَ ڪَمُ ڪيو توسِين ڪائِي ڪيڻُ
تو سِين ڪائِي ڪوُٽِئي ڪَچو ڪَمُ ڪيو
آسانها ڪو ڪَڏِهين اِهو تان نہ ٿِيوءِ
جِيهِين اِنَ هِريو مِيرَ تُنهجو هاڻُ
تِيَهِين پاسِ جو هُوءُ چورُ جُواڻُ
يوسفَ جَهلي ڏِيلَ ۾ وِيٺوَ وِيڻَ سَندانِ
اَچا پَڌَر نہ ٿِيو ماري جا مَندانِ
يوسفَ چَيو وِيرَ تَهِ سَحَرُ ماڳِ سَڏاهُ

---

(١) ڪواءُ = ڪٿان، ڪنهن وٽان


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪي ڪُوڙُ سَچُ چَيُو چاٽي هيڪَ اَللهُ
چورُ ڪِياؤن نِمُٽو جَهِ ويرَ يوسفَ ڪي
بُرقو وِجهي رُوءِ سِرِ وِٺو پيا بُرهي
جِين ماپِيءُ چورُ ڪِيُئي ڪِلي مُهُ ماري
يوسفَ پيا رَهايو عُذرُ اِيهُ ڪري
يعقوب پُٽرِهَ پانَ ۾ پَڪاؤن پَريانُ
پِهرُو مِنَتَ ۾ گهُرو چِڏي مانَ جُوانُ
تان جي ڏِي نہ مَگِيوءُ اسان ڪي نِروانُ
توءِ نِيئَجو نِمُٽو ڪري سَٽراٽو ٽَرانُ
وينِتي عَزيزَ سين آسانهِجي ڪاءِ
ڇاگَ اسان سين بادشاهَ پَلِي پَتِ ڪِياءِ
سَينِي ۾ گهوٽِيو بابي گهَٽو سُهاءِ
اسانها ڪو هيڪڙو جهلي ٻيو رَهاءِ
اِن پَرِ جِيني پُرَنِيو آهي پُٽرُ پِياسِ
رُوندِهي يوسفَ ڪي نينُ تَهِ گُذرياسِ
پاءُ ٻِيو ڪو جهليان رَبُ رڪيءِ تاءُ
رنجاٽيان نہ ڪَڏِهين ماڙهُوئِي ڏوهاءُ
تَهِ رِءُ آوَن نہ جهليان جيني ڏوهُ ڪِيوءِ
وَجِي چَيو پِرسَ ڪي پُٽروءِ چورُ ٿِيوءِ (١)
جَهليائين مانُ آمِيرَ جو ٿِيءِ مَنجِهه جُوارِ

(١) پرس = پِٽس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پِيءُ سين وجي پَڏَرِي ڪِجاهُ اِيءَ پَچارِ
جان چُڳرَ تَنِ ڪِيا ڪارو تَتِ ڪَٽا (۱)
تان عَزِيزَ نہ مَڃِيا مِتِرِينا ڏهِئي ڃَٽا
ڪَرَهِ ڪِيائُون نِڪَرِي تَن ۾ ناهِ مَنا (۲)
مِصرَ سَڀِنِيُ ڏَهرِيو پَسِي پِيرُ پَنا (۲)
ڃَپِي آيا جَنگِ ڪي ڪَرَهِ ڪِياوَن ڪوپُ
اِڳيان آلِ يعقوبَ جو جَنگ نہ جُٺرُوَ جوپُ
پهلوانَ پَسِي ڪري يوسفُ جُنبِيو جِين
ساپرِ پَسِي شاهَ جي دِرنا پائِين تِين
وڏيرو سَنَدونِ جو چَيو تَه وَرِي
تان مون پيئي پَڏَرِي پِيءُ سين ڳالِ ڳري
سُونَ سَبرو جي ڪِيا آڳِي يوسفَ ساڻُ (۲)
آئي اَڙائي هَلِيا هاٿي هِيُ جُوانُ
بابي سين سُنهُ ڪري هِي جو آندُهُ پاڻِ
سو عَزِيزَ رَهايو آساءُ ڳِنهي تَراڻِ
آئون بانِي ياءُ رِءَ ويندو تان نہ هِتاءُ (۲)
جان مون ڪَنِين نہ رَسِيُ بابي جو ڳالاءُ
رَبَ سندي فرمانَ رِءَ ياءَ نہ چَڏِيندوسِ
”وَهُوَ خيرالحاڪمين“ صَحِيُ سو پارِيندوسِ
وَهِي وَجو پِيءُ ڳَرَي خَبَرَ ڏِجاهُسِ

---

(۱) چُڳرَ = چُنڪل = ڍؤ (۲) اصل اُئين


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪِئي پُٽرهين چورئِي ايهين چئيجاهُس
ڪِئي پُٽرهين چورئِي پاهِجي پَرِياڻِ
ايه گُواهِي پَڌَري آسين ڏيندا پاڻِ
ڪَئين رَبَ سُجَڻِ جي نہ چاڻاهُ نِروانِ
"وما ڪُنا الغيب حافظين" فَرمايو فُرقانِ
موتي وِيا پيءُ ڳري خَبَرَ ڏِناؤن
ڪِئي پُٽرهين چورئِي ايهين چَياؤن
يعقوبَ ڪي آندوهَ ۾ وَجِي وِڌاؤن
پُٽراڻِي ڳالِ سُڻِي ڪِيائين دانهُون
پُٽراڻِي ڳالِ سُڻِي يعقوبَ ڏِني آهَ
وِڇوڙِيا ميڙِيين تون رازقَ رَبَ الله
............ هُوامِ جي پاڻَ پُٽراڻا ماڳَ
اَچي ڏِنا ڏوڪِئي تَنِي اُتِي داڳَ*
............ را سُڃاتو ڏِٺِي چَڱِي سُڃاڻِين

---

* هن صفحي جي حاشيه ۾ هينيان بيت لکيل آهن:

بيت

سُورَن هَلوهَل، ڏيہُ نہ پوني ڏيلَ ۾
هيڪُ اکِيان نِگِياءُ بِئي وڌائون جُهلِ

بيت

سَٽرِرائي ساندانڻ تاءُ سَٽراڻو مان هنيون
پِرين وَڃائي پاڻَ، پرڪايوس مَنَ تَيو

بيت

داڳِنَ اُتي داڳَ، مون ڪي ڏنا سَڄَڻِين
سندا جي فراق، ماءِ ڏنا ............

بيت

ڏَکَنِ اُتي ڏَکَ، هنيڙا سَہُ ساندانڻِ جِيَ
هُئي ..... هيڪاندَ جو تو ڪامِي ......


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ڳُجهيون جي پَڌَرِيُون پاڻهي جاڻين
پُٽرنِيُون روئِي ڪَري ڏيئي وينو پُٺِ
وِڏائون پَرڏيهَ ۾ جا تَنَ هُئِي جُٺِ
پُٽَر مُهجا سُپرين يوسفَ وِيُهِ ڪِين
تيِنهِي قوڙايُهُ مون ڪي ڏُنهِ جِينِ
بَرئُون وِيُهِ نِڪَري سَرِيَ سُهِلا سينَ
وِئو نُورُ نِنڊرَ ڳَئي ساءُ نہ لَڌو ڪينَ
آبُ آڻائي اُنجِيُون چُيوءِ ڪَهِين وارَ
رُوئَنَ سَندو رَڃَ ۾ پاڻي پوءِ اَپارَ
هيجانَ هُئِي سانِيئِي آڻاياءِ صندوقَ
ويهي تِت اُپَتِئي ڪِئي سَپِنِي ڪُوڪَ
ڪَمرِ بندُ ڪڍاياءِ مُصَلو مُنہَ چَٿَ
پَرَهي وينو مَنجهہ ڳهَرَ پاڻي ڪَٿي وِرِٿَ
ڳُوندَرُ سِندو ايہُ ڳهَرَ اَڏاياءِ ڏارَ
اَندرَ تَہِ يوسفَ ڪي رُناءِ ويري تارَ
رُوئَنِ ڪي ڏارَ ڏَرِي اَڏاياءِ بانِ
عَربِيَ ۾ نانءُ تَهِين بَيتُ الاحزانِ
يَعقوبَ جو باجهاروءِ پَڪَنَ سَڌُ سُٺِينِ
سي پُٽِ اَچيو پَر تَهِين بَرُ جَهجهو هارِينِ
تان رُوندِهني اِنَ پَرِ آوَ عِزرائيلُ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تِينهِي موڪِلؤُ جِيِنِي نانءُ جَلِيلُ
پُڇي عِزرائيلَ کي يعقوبُ نَبِيُ تَتِ
ڳِنَهڻَ آيُه روحُ مون کِ مونِ زِيارَتِ
اُجا هاڻي تو مَٽي مُهُ پَسَڻَ آؤسِ
روحُ ڪَڍيو تَڏِهِين جو لَڌو فرماؤسِ
جي گهارِين اَيَنِ ۾ مَلڪَ سَتَنِي مَنجِهه
رُوندائِي آهِينِ سي سَڀِ تُهجي ڏَنجِهه
پُڇي عِزرائيلَ کي يعقوبُ نَبِيَ پاڻِ
خبرَ ڪاءِ يُوسفَ جي مون کي ڏِينده هاڻِ
جي تو يوسفُ مارئو مون کي خبرَ ڏيجِ
سُڌيُون سُپرينَ جِيون مون کي سُڻائيجِ
چيائين يعقوبَ کي تَهه ويرَ عِزرائيلَ
آؤن موڪِلِئو تو ڳَري سَچي ربَ جَليلَ
جيتوڙِي يوسفَ جو ڳِيَڙو هُئو روحُ
توءِ رُني يعقوبَ جي ڏِسَي رَبُ صبوحُ
يعقوب هاڻي اُميدَ تون مُورِهين مَ لاهِ
ميڙِيندوءِ سَچو ڌڻي آسَرِ پَرؤ آهِ
هاڻي تون يوسفَ جي ڪِجِ اُميد گهڻِي
يوسفُ سِگهو پاءُ سين ميڙِيندوءِ ڌڻِي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يا پرائي لُوحَ ۾ مُڪُهَ اُتَ ذَرَي

............ دِسِ ڪَهِين نِيو وَڻجاري

ڪي تان گهُڙِي لَهاهُ سو وِيو ڪَهِ پاري

......... پهرو نِڪَرو مِصرَ مَٽي وَجاهُ

باندِيَڙو بَندَ ۾ ڪِيهِن ڪري ڪِداهُ

رُناوُن ريلا ڪري پانڻ پِجاڻي ڏُڪِ

ڦوڙائي پُٽَرنِ جي پِيو گهٽي اُهڪِ

روئَڻُ تورو مومنا سائين گهڻو سُهاءِ

۾ تَهِ ۾ اُميدَ ڪَرِ ڊِرجُ سَترائي ڊراءِ

چَڱي تِيَسِ صِدقَ سين ڪلمي جي ڪُشاءِ

لا اله الا الله محمد رسول الله

پُٽَرنيُون پوءِ ذَري يعقوب مُڪو لِيه

مِصرَ مَٽي نِڪارِوءُ ماڙهو مُيئه ايهُ

پِهروَ نانءُ اَللهِ جو مَتي دريبن لِذاءِ

تَان پَچِيرو پانِ جو پيءَ ڏاڏو لِکياءِ

وِينَتِي يعقوب جي مِصَرَ راءِ سُٽيجِ

پُنِيُون چارِ مُنِهجيُون مُرسِلَ سُجاڻيجِ

اُڳِيو آتَشَ ۾ اِبراهيمُ خليلُ

بَڪرُ جِين ءَ ڪُهايو پُٽُروسِ اسماعيلَ

قُربانِي ڪور ڪَٽِي آوَ جَبرئِيلُ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تِينهِين موڪَلِئُو جيِني نانءَ جَليلُ (١)
چوٿون مُرسلَ سو آه مون ٻيءَ پانئي پاڪُ
فرمايو فُرقان ۾ نالو تَهِ اِسحاقُ
سَپيئي اُهڪايُون نَبيّهِ ڏناءِ
”ان اشدّ البلا عليٰ الانبياءُ“ محمد نانءِ چَياءِ
مُونهي هُئو گهوتيو سوڀِ وِچُڙيومِ
جَرُ هاري جالاروءُ تَهِ ڪي گهٽو رُنومِ
ڪامِي هَڏَ ڳَرِي ڳَرِي ڪُڙِهه ڪورا ٿِيامِ
نيٽئون نيرُ وَهي ٻُتِ ڪَمانَ ڪِيامِ
جا چُڪَرَ تَهِ پاءُ سين واڪو وري ٿِيوسِ
سوءِ عزيزُ رَهايو هاٿي ڪي.......... (٢)
وُونِدهي يوسفَ ڪي سَتَرِ وَرِهَ ٿِيامِ
تَنهِ اُتي تاهَرِي تا تَهِ............
آسانهِجو ڪَڌِهين چورُ نه هُئو ڪوءِ (٢)
جي عزيزُ رَهايو ويڻَ پُڇِيو سوءِ
موڪلوءُ مِصرُ مَٿي ڪاڳُرُ مُهرَ ڪري
پِهروئِي سو رَسِئو پوءِ پُٽراسِ ورَي
يوسفَ تَتِ اُپَٽيوُ ڪاڳُرُ پِچاٽو (٤)
ڳالِين سُٽِي باپَ جِيُون تَنَ اَندَرِ ڪاٽو

---

(١) اصل. قرباني ڪورِ ڪَري. (٢) چِڳِر = چُنگل (٣) اصل اٿين (٤) پچاٽو = پياٿو، پيءُ جو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاڳر واچي وير تہ ڪونايائين يا
دِلگيري يعقوبُ جي پَسي وَهِ وِيا
رُنائون نيڻَ پَري پِنهين پائين تت
يوسفَ ڪاڳرُ لِکيو پيءُ مٽي جَهت
آئون مصرَ راجيو ۽ تون اِسرائيلُ
تو بابو اِسحاقُ پيءُ ۽ ڏاڏوءِ خَليلُ
هِي جي هُوئا اڳيان ڏيکاريهُون ڏُکَ
جي تو ڏنا مون ڏٺيءَ وِسَرئوسين سُکَ
تو ڏاڏو آتشَ ۾ وِڌاؤن واري
ياري ڏِني وير تہ آچي ريباري
خالِقَ پاڻُ پَرَنيو بانهي وبچاري
جِين جَهِين کي لِکيوءَ سو تِئين پاري
آندائين آتشَ ۾ رَبَ سَندو فرمانُ
اِبراهيمَ خَليلَ کي ڪَرِ نِکارِئو پاڻُ (١)
جِين تہ اُتي پَڌرو اِيہُ فِرمانُ ڪِيو
موتِي ابراهيمَ کي مُگرُ باغُ ٿيو
ڪاتي اسماعيلَ کي ..... ٿي ابراهيمَ
گهتو تہ مُهتَ ۾ مُکو رَبّ رحيمَ
تہ سين سائِينءَ ساجَرا هجي ڪِيا ورِي

(١) اصل ائين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي تو وِيو هيڪڙو تہ ڪارَہ پِيا ڳري
جي يوسفَ ڪي هِت نہ پَسين پوءِ
ڏينہِ قِيامَت نِمُنو تِنتهين مِڙندوءِ
........ صَبُر ڪَرِ تِنِ جين اڳَيَہِ ڪِيو
هِي جو هُئو ڏاڪَڙو تَنِ سِتِڙو ٿيو
اِبراهِيمر خَليلَ ڪي مَگُرُ باغُ ڪِياءِ
قُربانِي تَہِ پُٽَرَ ڪي جَنهَراءُ مُڪاءِ (١)
ڪاڳَرَ ....... موڪَلِياءِ پِيءُ مَٽي ڏيئي
ڳالِيون سَپاهَتِيُون ڪِياءِ تَہِ سَيِيئِي (٢)
ڪاڳُرُ يعقوبَ واچِيو تَہِ وِيرَ پَڙهِي مَٿاءُ
تَتِ چَيائين چِتَ ۾ اِيہُ ڳورو ڳالاءُ
ڳالِين ڳَٽي سَونهارِيُون پِيو ڪونہ ڪري
آسانهجو هوءِ ڪو موتَنُ باس بري (٣)
........... سيپئي سُٽي رُوئَڻُ گهٽو تِيوسِ
جيَرا جي ڦوڙايا تِنِي جارُ ڪِيوسِ
تان رُوندِهي اِنَ پَرِ آئو جَبرَئِيلُ
رُوئِين ڪوهُ پُٽَرنِ ڪي چوئي رَبُ جَلِيلُ
ڏِيلُ ڏُکَندي سارِؤ سُکِ نہ سُتا نينَ
جَبرئيلَ ڏِناءِ ڪِيَ سَري سُهِندا سينَ

---

(١) حَنهراءِ = جنهن لاءِ (٢) سپاهتيون = سُٺِي يا ارادي واريون (ضد اپاهتيون) (٣) اصل ائين


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يعقوبَ هاڻي پُٽَرنِ جي ڪِجِ اُميدَ گهٽِي
يوسفُ سِگهو ياءُ سين ميڙيندوءِ ڏَٽِي
يعقوبُ پُٽرَهِ پاڻِ ۾ پَڳِي نِيري بَندِ (١)
رُونداٽِي يائَنِ کي اُٿِي هَلِيا پَندِ
رُونداٽِي يائَنِ کي مِصرِئا پُريا
اُجِيا بُکيا ڏُکِيا کُهِيا ڪَلرِيا (٢)
دَرئُون وَزيرَنِ کي سُڌِ ڪِيائين اِيهَ
يَعقوباڻي رَسِيا پَهيءِ وِنگا ڏِينهَ (٣)
يعقوباڻي رَسيا شَهَرِ دَرازين پارِ
خَبر. ڪِئي آميرَ کي بِيهِي تِين بَردارِ
جِتي يوسفَ پارُ ڏي تَهِ دَرَ سَتَ ڪِياءِ
دَرَ دَرَ مُنهِ مَيدانُ جو رُپي سونَ ڳُتاءِ
پاتا تَختَ ڪُرسِيُون تَتِهِين دَرِوانَ
سِيئي سِينگارِيا يوسفَ جي فَرمانَ
پاڻو آڻي تَختَ سِرِ وِهارياءِ غلامَ
وِيهُون اُٺَ سَيَڪَهِين نَيو ڪَنِ سَلامَ
سَيِنِ کي ڏِيارِياءِ سونا سِر تاجَ
ڏائِي جِيَٽِياءِ ٽي اُپيا ايهِيَ حاجَ
وينا چِڙهِي ڪُرسِئِين پاڻو آٽِي هَندِ

---

(١) اصل ائين (٢) اصل ائين (٣) ائين


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سونا ۽ روپا گرجَ ڏِناءِ سَيِني کَنڌِ (۱)
سونا سِينهَ کِيا ٻِر ٻِر کُرسِيَ هيٺِ
کوءِ ڊِرجَندو تَنِ پَسرِ ..............
سَنتَئِي دَرَ سِينگارِيا پَٽورا پائي
ڏيکاري پائنِ کي يوسف ............
راتِيون سَتَ رَهايا پاٽو آٽي ماڳِ
پَٽَوري پَرهَايا سِپيئي وِهاڳِ
پٽوري پَرهايا سونَ رُپي سَاري
تُرِي پَلاڻِي تَنِ کي آندا سينگاري (۲)
تَهِ وِرَ نَبِيءَ اُلَهِي يوسفَ کِيا سَلامَ
آسِينهِي عَزيزَ جا آيُهُ سَپ غُلامَ
پَسِي تَختَ کُرسِيون سِرَ نايائون تَتِ
چاڳَ کِيائِين تَنِ سِين يوسفَ پَلِيَ پَتِ
ماڻِکين ۽ موتِئين سينگارِيائين پاڻُ
ڏيکاري پائُنِ کي لَذائين فَرمانُ
جي آهِينِ اَيَنِ ۾ مَلکين چَيو تَتِ
جي مَرکائين پاڻَ کي ايهُ ..........
پَسي رَبُ بِرکَرُو جيکي کَري جُوانُ
ڏيکارِي پائُنِ کي مَرَکائِين ........

---

(۱) گُرج = گُرز (۲) تُريون = گهوڙيون


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اَيَنين پُونئنِ جا مِڙيا مَلڪَ سُٽيه
پائين جَنِ رنَجاٽِيو تَنِي آڇي ايهُ
آؤن جاڻا اِنَ کي نہ مَرڪائي پاڻُ
تِني سين پالَ ڪري ڪِيُسِ جَنِ زِيانُ
جيسين جئين صِدقَ سين ڪلمو چَيو روانُ

لا اِلٰہ الا الله محمد رسول الله

سَيئي آڏو فَرمانَ ۾ . آندا پِهاري (۱)
پَتوري پَرهايا تَتي وِهاري
پَلاٽِي ...... ڪري يوسفَ پائُرَ جَتِ
مٿا اُگهاڙي ڪري رُوئَڻ هُوئا تَت
اِي عزيزَ آساهِجا سُڻِ جي هَٿُون ڏُڪَ
ڪي گُوندرَ پائُن ِجا ويتَرِ سَدا بُڪَ
اِگهين مَ پائَنِ جي ڪَرين چِتِ ۾ ڪِہ پَيدا ڪَريان پاڻُ
هيڪَرَ لِڪَ رڪجي تَان آئُو فَرمانُ
اسان ڏِيج عزيزَ کي صَدَقو پانَ مٿاءُ
رَبُ مَرهيندو تَنِ کي هيجين ڏِين هَٿاءُ
شهرُ سَپوئِي بُڪيوءُ ويتَرَ اَنجهُه وِپاءُ
آسان وَٽُون آنديون پَسين مِصَرَ راءُ
پائَرَ پَسِي بُڪِيا رُنائِين قَهراءُ

(۱) پِهاري = پهرائي، ڍڪائي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

كيڻُ كارايائين تَنِ كي سينگاريَئين سَهجاءُ
پائُرَ وِهاري ڳري ڏنائين فرمانُ
هُئو جو جُوارُ ۾ آٿايائين ماڻُ (١)
ڪانو ڪٽي ماڻَ کي يوسفَ ڏَڪُ هَئوءُ
ڏَڪَ لڳندي سامُهون تيني سَڏُ ڪيوءُ
ڪانو ڪٽي نِهو ڪيو يوسفَ ماڻَ مَٿاءُ
سو سَپينِي ماڙُوئا تِينِي ڪِيو ڏڪاءُ (٢)
يوسفَ چيو تَنِ کي مِڙيا سَپِ سُٽِيهُ
ڏنوئِي سَدَ ۾ مون ويچاري ڏيهُ (٣)
ماڻُ مُنهِجو پَڌَرو چَگِي سُڃاڻاهُ
پَرَ جو پُڇين وِٹُ تون آسين نه جاڻاهَ
جِيهِين مون ٻُجهيو تان جي تِيهِين هوءِ
اِها ڪَمَ ڪُواريا مومِنَ ڪري نه ڪوءِ
مون پاڻهي وِيچارِيو يوسفَ چَيو تَتِ
ڏوهُ ڏِئبو ڪَنِ کي تانِ جي هوءِ سَپيَتِ
مون پاڻِهي ويچاريو پاڻِ جي ۾ روحُ
يوسفُ پائين ٻُجهئي وڏائون ۾ ڪوهُ
سَتَ ڏِينهَ سُراتيا تِتي گُذَرِياسِ (٤)

---

(١) جُوارُ = جوال ، پوجهو (٢) اصل مالُوءا (٣) اصل ائين (۴) سراتيا = راتين سميت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تِيان وَڻجاري ڪَديو ياٿَرَ ............
جَلي اَرڙَهَ نَدِيا ڪُورِي سَٿِ ڪري (١)
با پرانيءِ لُوهَ ۾ ....................
”اَرفَعُو رُؤُ سَڪُم اَيّها الغافِلُونَ ما فَعَلتُم بِيُوسفَ
واَخِيه وِاِذا نتمُ فَعلُون“
مٿاهان ............ گهٽو ئي اِيَ پُڻ خَبَراهُ
جيڪي ڪِيان يوسفَ سين ..........
يوسفَ لاٿو وِيرَ تَهِ پَردو پاڻَ مُهاءِ
پَدَرِ هُئو ...... جَڏهين ڏٺائون مُنهُ پاءِ
تہ تون يوسفُ آهيئين چَياؤن تَهِ وِيرَ
چُمَڻَ هُوئا پاءُ جا تَتِ سِپيئي پِيرَ
آؤن يوسفُ آهِيان هيُ مُهُجو پا
هِنيڙو باندي ڪاڻُ جِيَن جَلي لَهري ڪا
مون سين سائين جي ڪِئا پَسو پالَ اَپارَ
جي ڏَرَئا خالِقَ پَيءِ ڏَٺي نہ ڏَريا ڏارَ
رَبُ نہ پَجي پورِهئو سَندو صالحَنِ
مون پاٺِي پائُنِ ڪي مَرِهينا ڏوهَ سَپِنِ
سُڻِ وينَتي ڪَنُ ڏي جو تون پَلو پا
جيڪي ماري وِجُهون ناهَتِ ڪارِ دُعا

(١) اصل ائين


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪو ڳالاءُ نہ اُجَهيءَ اسان ويئي وا
جِين تون ڪَندين پَلِيئُون اسان پوجهہ نہ ڪا
ڳُجها ڏوهَ ڪِياهُ جي جِين تِين پَڌَرِ ٿِيا
جَہ سين اسان ڪيُون، سو تُون .........
يوسفَ چَيو ويرَ تَہ پائَر جوڳا تَوهَ
جانءِ سَڀاجهو مون ڏَٽِي مَرَهي وَڏائي ڏوهَ
جَهين جِهوئي ڦيريو تَہ ڪي تِين مَرهيوم
مون سين پائين تِين ڪِيو لِڏو جِين هُئوم
پائُرَ ............ سيئِي مَر جي بابو آٿيہ
ڪُڙمَ لَڏائي پاڻ سين سِگها پِري اَچيہ
يوسف ڏوهَ بخشِيا پائُنِ ڪي تَہ وارَ
سپيئي سَرها ٿِيا سَندي نِيہ جَبّارَ
موڪلائي نِگيا پيءَ مَنِ چَڙهي سؤارَ
چاڪُ پَلي پائُنِ سين يوسفَ ڪِيا اَپارَ
پيراهَنُ آئي ڪري پِيءُ مَنِ ڪَٽي مُڪاءِ
اوڻِي ڪونائي ڪري تَہ ڪي اِيَ چَياءِ
اُلهِي بابي ڳري هِيُ نيئي پائِينہُ
ڳالِيُون اساهجيُون وِيا سَپ ڪَرِينہُ
پارتَ گهٽي ڪري اوڏو ويئو جَتِ
اَچي يوسفَ ڳنڌُ مُون يعقوبَ چيو تَتِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي مُون چَڙيو نہ چوءُ تہ مون ڳنڍُ اَچي
ڏيهُ سَيوئي واسيوءُ سُرهي يوسف جي
تَهِ وير چيو گهوٽِئي هِي جي هُوئا تَتِ
گمُراهي تو اَڳِهين وَجي کَهين نہ پَتِ
جا تِيَهين پاڻَ ۾ مڙيا کَن پَچارَ
تان اوني پَيدا ٿيو سَندي نيه جَبّارَ
پيراهَڻُ آڻي کري يعقوبَ هَٿِ ڏناءِ
سَرهايئي پُٽَراڻيءَ سو مُنهَ سين مَٽياءِ
مَولي جي مِهرَ ٿِئي اَکين اُپَٽياءِ
تَنُ تينِي سَرهايئي رُوندي جَرِ پَرياءِ (١)
آنڌائيءَ پُٽراڻيئي سَرهو ٿيو رَسولُ
سپاجهي باجهه کِئي مُنهَ ۾ آئِس نُورُ
ڦوڙائي يوسفَ سين سَتَر وَرَهِ ٿِياسِ
آنڌارا هُئاسِ جي پَڌَرِ ڏَٺَيَ کِياسِ
سَبِ سَلامَتَ رَسيا هُوئا پوءِ پُٽَراسِ
اَچي پيءُ پيرين پئي روئي ڳري لڳاسِ
بابا اَسين ياءُ کي پَسِي آياسون
اسان لَهي نہ سَگهِئو تِين تہ سُڃاتاسون
يوسفَ اسان سين کِيا پَتو پَتين پالَ

---

(١) اصل. لوڏي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جِينِي ڪِيا نہ پَڌَرا ڏُکَ..........

جِينهِي مون پُڇيو پاڻ جي ڏِٺياءَ

ڪيٺي لَهِي نہ سَگهِئو اِيہ..........

پُڇي پاڻ پُٽَرنِ کي يعقوبُ نَبِي تَتِ

يوسفُ کِهي دِينَ ۾ ۽ ڏِنو کَہِ پَتِ

بابا آسان پاءُ کي ڏنو پَلِيَ پَتِ

دِينُ اُجاري اَڳِيون وينو مَنجِهہ مِهِتِ

واڪاڻِيا وَڏو ڏَٺي خبرَ ڏِني جِينِ

پُٽَر مُنهُجو مون ڳري مِڙندو سَچي دِينِ

بابا آسان جي ڪِيا مَرهَيين ڏوهہَ سَنداهَ

هِي جي پُليو پاءُ سين..............

بابا آسان جي ڪِيا نَنديا وَڏا ڏوهَ

لائِقُ سپيئي تِيا سائين سَندي توهَ

سِڪُون پاڻَ پُٽرَنِ کي خالِقُ وِنُوءَ دوسِ

مَرهي ڏوهَ سَپِنِ کي سائينءَ سو گهُرَندوسِ

اُٺي پيءُ پيرين پَئي رُناؤن تَہِ وارَ

سَپِين پائين بسَچ ئي جَرُ هاريو آپارَ

تان تونڙهين رَسِئو سَندو توهُ سَتارَ

سَبِ چَئيجاهُ مومنا ڪلمو وبري تنارَ

سَنيوڙا مِصرُ مَٿي يعقوبُ اَنجهہ پُٺُراسِ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهوٽ پَلاٽي هليا سپيئي سيڙاسِ (١)
يوسفُ ويٺو تَختَ سرِ اُڪَندؤ ڪيڙاسِ (٢)
ٻَئي مڙندا پاڻَ ۾ يوسفُ ۽ پِياسِ.
واڪاڙيهُ وَڏو ڏٺِي ڪَمَ جو آڙي راس (٣)
نا اُميدَ مَ تِيو اوڏي ٻاجهِ سيڙاسِ
سَپ سلامَتَ رَسيا اوڏا وجي جَتِ
يوسفُ خَبَرَ رَسِئي تَني سَندي تَتِ
نَقِيبَنِ سَهُه تِيو مِڙي مُنيدي ڏيهُ (٤)
يوسفَ جي فرمانَ ۾ مِڙيا سَپ سُٽيهُ
پِيءُ مِڙَندو بادشاهُ پاسي تَهِ اَچيهُ
ڪَڍي پَرَهَڻ پاڻِ جا تَنَ سِينگارُ ڪَريهُ
............ موڙا سونئا ۽ سرِ ڪنگورَ ڏَرِيهُ
سِگها ٻاهَرِ نِڪَرو اُتي ميڙُ مَڙيهُ
سُٽِي فَرمانُ تَهِ سينگارياؤن پاڻُ
مِڙيا سَپ سَراءِ ۾ قُربؤ جو فرمانُ
........ ڪري هَلوءُ جئن پيءُ مَٽي جُوانُ
ڪورا ڪوتا ڪيورا لڳو دَرِ ديوانُ (٥)
پَسِي يوسفَ کي سَيِين ڪيو سلامُ
نَنڍو وَڏو تو ڳَري آهي اَڄُ غُلامُ

---

(١) سيڙاس = سيٽاس (٢) ڪيڙاس = ڪيٽاس (٣) واڪاڙيه= واڪاٽين، آڙي = آٽي (٤) مُنيدي = منادي (٥) شايد : ڪونا ڳُونٽا ڪيوڙا

مِصرُ سَيوئِي پاڻِ جو وِيٺو سينگاري
پَٿوري پَرهايو يوسفَ سُونهاري
تانءَ پڇيرو پاڻِ جي تَنَ سينگارُ ڪِياءِ
سُونهارو سَيِين پَرين وِيتَر چاڪَ لَڌاءِ
يوسفَ داري ڇِتَر جي ساڊِيُون ٿري وِيهُون
لَشڪَر پرَو ناهِ ڪو سَهسين پَڳرَيُون
سَتَرِ عَلمَ سَنيايا سَپِي يوسفَ ڏارَ
عَلمَ هيٺِ سَپڪَهِين ڏَه ڏَه سَهسَ سُوارَ
ڍُهلَ دماما ڳاهَرُو پيرين ڪيو هَنبَسُ
پرين مِڙندا پاڻَ ۾ ايہُ تَماشو پَسُ
پرِين مِڙندا پاڻَ ۾ وِڇُڙِيا هُوئا
سَتَرِ وَرِهَ فِراقَ سين ڏُکين آجارِئا
ڍُهلَ دَمامي سَڌَ سُٽِي چوءِ زليخا جَنتِ
پُڇَڻَ هُئِي پاڻِ جا هِجي هُوئا تَتِ
سي نہ سُوئا ڪَڍِهين جي واڄٽَر وَڄَنِ
پُڇِي خَبَرُ ڏِيہَ مُون ڪِها رَسَ سُڄَنِ
يوسفَ اَنجُہ پَلاٽيو گَڏيو پيءُ سانُ
ٻِٺو مِڙَندا پاڻَ ۾ لَڌاوُن فرمانُ (١)
جان ٿِي يوسفَ نِڪَري مون کي تِنتي نِيہُ
سُٽِيان سَڌَ سَندو کو سِرِيَ سُهِندو اِيہُ

---

(١) ٻِٺو = ٻِٺي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويـــي صــــورَتَ اڳِـئـيـن رَهـيـا ...... نِـــدَانُ
يـوسـفُ اَچـي نِگَيوءَ جَهِ وير فَـوجَ ڳـري
دانـهَ ڪِـيائِـيـن ويـر تَـهِ بيـئـي نيــڻَ يَـري
دوسُ مُـهُجـو هــنَ ۾ سِـيـنـگـارئو اَچــي
سونهارو سَـيِـيـن پَـريـن ڏِيــهـاڙي ڏنءُ ڏي
بِـيـوءُ تَـتِ هَـڻَ ڪَـٽِـي سَڏُ ڪِـيـائِيـن ايءُ
ويڻُ مُهُجو مــاڙوئاءُ مــڙِيا سَــڀُ ......
جـي ڊِرنـــا خالِـقَ يَــءِ سي ياٺـائـي شـاهَ
جيني نـانءُ وَڏو ڪِــيـو تَنِ ڏنائِين ڏاهَ
”پرهيـزگاري بنده ڪـآنَرا شــاه ڪـردانَد
وهوي نفسي بـادشانـرا بــنـده ســازد“
اِيهُ ڳالاءِ ڪِياءِ جـو يـوسـفَ پِـيـو ڪَـنِ
واڪَ ورائـي مـوتـيـوءِ تــو سُـڄـاڻـا رَنِ
دانَـه ڪِـيائِين ويـرَ تَـهِ ايــهُ ڳالاءُ سُڻـي
سُڄـاڻي مــون گهـوتِيا دَرِ آيـيـن ڏُٺِـي
يوسفَ تون سوگهو ٿِيو آن هُوئِي سا رَنَ
ڏه ڏه پيرا تـورائِـيـوهِ رُپـي پَـٽَ سـونَ
تـو ڪـارَڻِ مـون ويـچـيـو وَجَـهُ مالُ گَرَٿُ
ويـا جـويَنَ ڏِيـنـهَـڙا سَـڙِئـو ۾ سـو سارَٿُ
يـوسـفَ چيــو ويـرَ تَـهِ اِنَ سُـئـي ڳــالاءِ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آجا مُون ڏُونهَ سَڏَ تون هاٿي ڪَرِيِن ڪاءِ
جوپِنِ سَنڌا ڏِينهَڙا وينهين وِياءِ
هاٿي آسَرَ ڏُنِيَ ۾ ڪَرِين ڪِهين ساءِ
هَٿَ اُياري پاڻ جا ڪئِي زَليخا آهَ
جيڪي ڏُکي ڏِيلَ ۾ جاٿي رَبَ اللهَ
يوسفَ چابُڪَ پاڻِ جو هيڪَرَ مون کي ڏيجِ
جَہ آؤُن اِيهُ نِهاريان نَظَرُ تَہِ ڪريجِ
ڏِنائِين تَہِ هَٿَ ۾ نيئي تاجاٿو (١)
اُلهَياسِ واتَ ۾ ڏَنءُ لَڳي ڪاٿو
تاجاٿو واتَ ڳَري نِيائين جَہِ وارَ
تَہِ ويرَ جيرو نِڳيو سندي نِيهِ جَبارَ
چابُڪَ ڪامِي ويڳَ ۾ وَجي وَرِيو هَٿَ
سَپِني سِحُر ٿيو يوسفَ ڌاري سَٿَ
سندي نِيهَ نِسُهَري سَپَ سَٽيجاهُ ڪَٿَ
سَتَرِ وَرِهِ ٿِياسِ جِين سَڙِيَ ۾ سارَٿَ
يوسف واري هَلِيا سيءِ چِهَہ ٿي مِيرَ
گُرُجَ سَپِني سونِٿا حيجبَ خانَ وزيرَ (٢)
شَهرُ سَپِوئي نِڳوءُ يوسفَ ڌاري جَتِ
راءِ ڳَنَ سِينگاريا تَہِ ويرَ پَتو پَتِ (٣)

---

(١) تاجاٿو = تازيانو، چهڪ (٢) گرج = گرز (٣) ڳن = لاءِ، واسطي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بِيءُ مَٿِ اُتي اِنَ پَرِ جين جُنبيو جُوانُ
وِچُڙيا ميڙي جو ڪَريان تَہ واڪانُ
نَظَرُ بِنهي پاڻَ ۾ پِيءُ بِيوءُ ۽ پُٽَر (١)
وِچُڙئي وَرِهَ ٿِيا بِيوءُ مڙندا مِٽَر
يوسفُ جُڳَرَ اَلَهِي تَہِ ويرَ تُرِيَ اُتاءُ (٢)
سُنہُ ڏنائين پُٽَر کي چَڙهيوئي تون آءُ
اَچا آون اُڪَنڊيو تو مَٿِ گَهِٽِيَ سِڪاءُ
چَڙهيو ئي ٻَرِ لَڳُ مون اُلَهہُ مَرَ گهوڙاءُ
تَہِ ويرَ اَچي پاڻَ ۾ لڳا بِيوءُ ڳَرَي
گهٽو رُناءُون پاڻَ ۾ ڪَڪَرَ نينَ ڪري
بِيوءُ گڏجي پاڻَ ۾ جُڙيا چَڙهي سُوارا
سَرهو ٿِيو سَپِينَ پَرَين پُٽَرَ سين تَہِم وارَ
يوسفَ چَيو ويرَ تَہِ بابا گهٽو رُنوءِ
تان جي هِتِ نہ گڏيوهِ هُتِ گڏجِي......
مُون رُنو وِينِ کَهِين تون کَہِ پيو جَڳِ
متان اَواتو ٿِيين پَئِي پَرائي وَڳِ
جي جاٽان تون آهِيين آساهِجي دِينِ
هوندَ نہ روئان ايتَرو خَبرَ ڪِيءِ نہ ڪِينِ
يوسف اُپِي ويرَ تَہِ مازُو ڪوٺيا تَتِ

(١) بِيُوءِ = ٻنهي، ٻَئي (٢) اصل جُڳَرَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مِصرُ سَيوئي مِڙئي بَهارِ آوءُ جَتِ
سَڌُ ڪيائين تَنِ ڪي مِڙيا سَبِ سُٺيه
ويڻُ مُهُجي چِتَ ۾ اڳي هوءُ ايه
آڱن بابي سين مِڙيِ آجو ڪندو ڏيهُ
اُيو راهُ جسمَنِ ڪي هاٿي دُعا ڪَريهُ (۱)
مِڙيِ سَپِني ماڙُوئين تَهِ ويرَ دُعا ڪئِيِ
سانيَ سندي باجهه ڪئِيِ مُستجابُ ٿئِيِ
ڪلمو پاڪُ چَوَنِ جي تَنِيِ گوءِ نِئِيِ

لا اِلـه الاالله محمد رسول الله

تَهِ ويرَ اُنيِ هَليا بَئِيِ چَڙهي سُوارَ
زَليخا پيدا ٿئِيِ اَت اَچي تَهوارَ
تَنهِيِ يعقوبَ جي تُرِيِ پُڄتئين واڳَ
جي تُون آوءُ پُٽرَ ڳري تين مون سَئين سَياڳُ
يعقوبَ سو سُٺيج تون ڪَريان جو فَرِيادُ
آڱن اُيِي جو گهُران ڏيارِيهمِ دادُ
يوسفَ ماٺو جو ڪيو جاٺي هيڪُ اللهُ
جِيءُ مُهُجو جَهِ ڳَرَي مِصرُ سَبُ گُواهُ
تاءُ پهرو تو ڳري تِري حاجُون گهُرِجَنِ
جي مَڱي پاڻَ ڏَٺي تہ مون تِروءُ پُڄَنِ

(۱) اصل ائين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻِ جي خالِقَ دَر جان تون وَڏين هَٿ
جِينِي گهرِوءِ سَجِڻِي لَيِي سون گَرَٿِ (١)
جِينِي تون پُٽَرَ سين سَرِهو ڏسِي هاڻِ
سائينءَ سندو ميڙين سِو سُپرينِ جو مُونِ اَکِيَ پاڻِ
يعقوبَ چيو مَگَ تون جيڪا هِتِي حاجَ (٢)
ميڙيندوءِ سَچو ڏَتِي وِيا وَرائي ڪاجَ (٣)
پِهرو مَگّا پاهِجا بَئِي مُنهَ ۾ نينَ
جَنِي ڪي تَنُ تاسِوءُ جان سي پَسان سينَ
تِري هِيءَ دُعا ڪَرِ هَٿَ اُياري هاڻِ
رَبَ سَندي فرمانَ ۾ جَه آؤُن تِيان جُواڻِ
پُٽَرَ گَڏجي پاڻَ جي نَبِيُ دُعا ڪِئي
پِهرِوُ هُئِي پَرِ جَهِين وِيٽِرِ تاءُ تِئِي
جِين نَبِيَ دُعا ڪِئي تَتِ اُياري هَٿَ
پَسِي سَپِ هرِڪِيا سُونهارِي صورَتَ
تِريءَ هاجَ هِتِم جا يعقوبَ سا سُٽيج
يوسفَ پلي پُڇِئِي مون ڪي ڏِياريجِ
ساراهِجي سو ڏَتِي وِيا جو واري
هِنيو مُهجو پاڻَ سين نيو جَه تاري
هاٽي مُورِ نه چَڏيان آوءِن اِيهُ پُٽُروءِ

(١) اصل ائين (٢) مگّ = گهُر (٣) يعني جيڪي هٿان ويل ڪم ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻُ ڏِنوئي اِنَ کي سُٽي سَپوئي کوءِ
جاٽي سَپ سَچو ڏٽي ڏُکي جيءُ کيٽاسِ
هاٽي ميڙو کارِ مُون سِگهو تِي سيٽاسِ
جِينِيِ نَظرُ نِگئو کَٽِي اُتاهُون ڳاٿُر
مُون تَنُ تِبِنِي ساڙوءُ سَپِين پَرين سُپاٿَر
ميڙي پاڻَ .سَرِتيُون جان تَهِ کريان سپاٿَر
جو مون گهٽو نِهاروءُ پاٽي پَري ڳاٿَر
سِينگارِوءُ سَپِين پَرين صورَتَ سُونهارو
هِنَ تُهُجي پُٽَر کي لَڳو مَنَ جارو (١)
يعقوب پَسِي اِيهَ پَرِ رُنو نيڻَ پَري
پُٽَر مُهُجا مَجِ تون کارُون جاءُ کري
مون پاٽهي مَ رَهائِين بابا اڳي اِيهَ
آؤن هُوءُ اِنَ ڳِرِ جَڏهِ وَرِهَ اَچِيه
مون گهوٽياءِ وِياءُ کري سَپَ پرِ تُون ڏيهَ (٢)
مَجِيان سا کِيءَ کري آوڻ هاٽي اِنَ....
يوسفُ پَلي پُڇِيءُ اُبِينِي تَ وارَ
هاٽي پِيءَ قَبولُ کَرِ مُون موکَلِ مَ نارَ
واجِهيندي وَرِهَنِ کي ويئي سَپ جَمارَ
پرين مُهُجا ميڙ تون سچا سرِ.......

(١) اصل ائين (٢) مون ۾ يوسف جو وهاڻ کري پوءِ تون پنهنجي ڏيه وڃ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جَبرَئيلَ جَهت ۾ آئو وَهي آياءُ
ڪِياءِ سَلامُ دُرودَ سڀين فرمايو ڏَنِياءُ
چَيائين يعقوبَ کي سُڻ تون اِسرائيلَ
هاڻي پُٽُر مِڃاءِ تُون سَندي نبيهِ جَليلَ
يوسفَ هاڻي قبولُ ڪَرِ زَليخا راڻِي
وَرَهَ زَمانا ڪيترا جا توکي ڪاڻِي
اَکِهين ايهَ اُڙهِيي تقديرَ رَباني
هاڻي تِين پيدا ٿِئي جيِن رَبَ سُهانِي
سَڀ سُٺيجاهُ مومناهُ جِا ڪِياءِ ڪَهانِي
پهِرُو صورتَ نِهارِ تون ۽ ٻيءِ جُواني
اُيي پَلي پُڇِئي تون پُٽُر سُڄاڻِي
سَتَرِ وَرَهَ ٿِياسِ جِين رءَ جِيري ڪاڻِي
راڻِي هُئِي رات جِاڻ هاڻي سِ وِهاڻِي
ٻِنهي ميڙو ڪيارئو نُورَ رَبانِي
سَرِيءِ سُپِرِيَنِ ي مِصرَ ڏجاڻِي
جُ ڪَهِين هِتي صِدق سين ڪلمو چَيو جاڻِي
لا اِلـه الا الله محمد رسول الله
اَکِهين نہ سُنَهُ ڪيو جو يوسفَ اِناءُ
جيِني جَٽِئي تَن رءَ سُڄي نہ ڳالاءُ
ڏِينهُ پُنِڙيا اِنَ ڳَرَ هُوءُ تان نہ هياءُ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عاشق هُييءِ اِنَ كي ويتَرِ سَپَ جَڙاءُ
جيكي جَنَهَرَنِ ۾ حُورون اَنجُم مَلَكَ
مِڙيا سَپِ وِياهَ ۾ سَهسين سئين خَلَقَ
فرمايو فُرقان ۾ لِڏاڻُون جين لِيهَ
سُونهاري يوسفَ كي اڳي لِڏي اِيهَ
تَهِ ويرَ يوسفَ مَجِيو ايهُ ڳالاءُ سَٽِي
مِصرَ سَندي ماڳِ تي مِڙيئي سَپَ ڏُٺي
جِيهين گهُرِوءُ سَجِٽي ويا تانءُ چِٽِي
كَرَهَري تَهِين اُكَتِي جو گهُرِياءِ ڏُني (١)
تَتِ يوسفَ اُيارِيئِي پالِكِيَ ۾ پاڻَ
مِصرَ مَڻِ پَلاٽيوءُ پُهُري نِتُ جُوانَ
اُبيِنو پِيءُ ساهُون آجي كري اُمَتَ
دُعا كِيائون كي تَهِين كَٽِي اُتاهان هَٽَ
مِڙيني سين باجهَ ٿِيءُ سَپ سَرَهِي سَٽَ
سَجَڻَ گَڏِيا سَجَٽِين كَندا كوڏِ آرسَٽَ (٢)
جِين پالِكِيَ چاڙهِيئِي يوسفَ لائي هَٽَ
تِين ڍِرِني خالِقَ پَئِيءِ سَڙئِي ۾ سارَٿَ
رُوئَڻَ هُئِي رَبَ پَئِي پاٽِيَ ڳاٽُرِ پَري
مُنهُ پَسَڻَ پِرِيَنِ كي يوسُفُ طَلَبَ كري

---

(١) اٿين .شايد كَرهَڙي = كَرَهُ، اٿيٽ (٢) اٿين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سَتَرِ پيرا سِڪَ ۾ يوسِفَ ڪِئي طَلَبَ
ڪري زَليخا زاربُون ڏِراءِ دِرجَندي رَبَ
تَہِ ويرَ اَچي شَهرَ ۾ سَيِيئي پيئا
پاٽُو آٽي تڪِئين وجي جِين ويئا
مُنہُ پَسَڻَ پِربَنِ ڪي يوسفَ لَڳي آرِ
پِيءَ وِهاري تَخت سِرِ مَٿِيائِين ڪُنوارِ
يوسفُ پَسِي هَلِئِي يَڳِئي تَہِ ماڳاءُ
ڪوٺُ وِلاڙي ويڪَبَ ۾ تان پُنوسِ پُواءُ
يوسفَ دِروڙي ويرَ تَہِ وَڃِي هَٿُ وِڌاءِ
پيراهَڻُ ڦاڙي ڪري تَہِ ڪي تِتَ ڏناءِ .
تان توڙهين رَسوءُ رَبَ سَندو فرمانَ
وِڪَ مَ ڏِني سَڄٽِين هاٽي جهَلِ مَ پاڻَ
جينهِين تون سارينءَ سو واڳِيوءِ جُوانُ
وڪِيو جي وَڙَنِ سين ٿيندو تَنِ .......
تَتِ زَليخا موٽِئي جِين اِلهامُ ٿِيوسِ
اُڪَنديءَ گهُرِياءِ جو سَڄَڻُ سو مڙيوسِ
چَيائين يوسفَ ڪي بَدلُ پَرِئو اِيہُ
جين مُون اڳي ڦاڙوءُ ۽ تو ڦاڙوءُ .......
تَہِ ويرَ اَچي پاڻَ ۾ مڙِيا جِيوءُ جُوانَ
ڳَنديہُ سُڳَنڌ سَجَٽين ...........


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جَهِـرِ ويـرَ آچـي گـڏيا بِنهِي سَندا روحَ
ڪَـنِ واڪـاڻِ وَڏي ڏَنِّـيءَ سـچـي ......
جَـهِ وِڇـوڙِيـا مـيـڙِيا لاهـي شـڪَ شُبـوهَ
آچـي ويـنـو تَـخـتَ سـرِ سُـونـهـارِيَ پـابـوهَ
آچـي ويـنـو تَخـتَ سِرِ سَرهو هِنيو ٿِيوس
پـائـيـن اُتِـي ويـرَ تَـهِ نَئِي سَلامُ ڪِيوسِ
چَيـائـيـن يـعـقـوبَ کـي سُـهُـڻـو سَـچُ ٿِـيـو
جِين تـو اَڳـي بُجِهـيـو تِـئـيـن رَبَ ڪِيو (١)
مُون وِئِي کي هيَڪَڙي بابا گهڻو رُنوءِ
جي . مُون هِتِ نہ گَڏئُہ هُتِ گَڏجين توءِ
جي مون اڳي بُجهئو تہ تـو پـَسـهُ ويـڻِ
مُورِ نہ رُوئان ايتَرو خَبَرَ ڪِئي نہ ڪِـيـنِ
جو تو مُڪـو مـون مَٿي پـيـراهَـڻُ لاهـي
ڳَنڌُ ڪَتورِيَ جـيـن مُـئي اُلهِـيـو آهـي
سـو مون چُمِي سِرِ ڪِئو سُرهو سُونهارو
نيـٽـيـن آئـو نُـورُ مـون لـٿـو آنـڌارو
وجو تہ ايمان سـيـن ڪلمو پـاڪ چـيـو
لا الـه الا للہ محمد رسول اللہ

---

(١) اصل ، سُهُرو سَچُ ٿيو

[٣٩]

# قصو اسماعيلؑ پيغمبر عليہ السلام

بسم الله الرحمٰن الرحيم

نہ دوستين ڏورِ ڪاءِ، نہ تون ڏِجَڻُ ڏورِ
ڪي ڪوٺي تـڙايين، ڪي ڪوٺِين حُضُورِ.
عَـزازِيـل خَـلـقـِيو جيڙي نُورَ مَـجـهـاءُ
سُگهڙُ ۽ سَياڻُ، سوءِ تـڙايوءِ ترَ جيتَرِي.
حَـوّا مُـڪـيو هيڪڙي، اُپَـرندي آدَمُ
ڏيئي سُورَ سَهَمُ، وَرِهَ وِڇوڙيئي ڪيتَرا.
زَڪَرِيا کي جوڙيوءِ ڪَرَتُ مَـنجهہ ڪَپارَ
چِيرائي سـو ڏارُ، اُڳِـيـايـوءِ آڏَ ڪـري.
يـونـِسُ مَڇِيَ پيٽِ، مَڇِي پُڻِ مَڇِيَ جَهلِئي
هَـلايوءِ سـو هـيـٺِ، جَهلائي جَرَ وِچَ ۾.
صـابِـرَ مَنجهہ سرِيرَ، ڪِيان پارايِءِ ڪيتَرا
توءِ تُهجِـيَ ڏيرَ، ڪِرو نہ ڪِيائين ڪَڏهين.
يعقوبُ يـوسـفُ پـاڻَ ۾ واحِـدَ وِڇوڙياءِ
نـيـئـي بـاهَرِ پـائُـريـن واري وِڏو واءِ. (١)
پِـيُ واجِـهـينـدي پُٽَر کي وَرهين وَرِهَ ٿياءِ
تَہ ڪِي ڪـاءِ نہ ڪاءِ، رَتُ رُئاڙيوءِ ڪيترو.

---

(١) واءِ = وائءِ = ويڪرو ۽ تانگهو کوهہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آوءُ عَلِيَ جاءِ، جان آهيڙاءُ اُجيو (١)
تان تَهِ وِهُ وُجودَ ۾ رَسِئو رُڻَ هَتاهُ (٢)
ننڍا وَڏا بارَ، هُوئا جي حُسينَ سين
ڪَربلا ۾ ڪيتَرا ڪُهايِئيُ ڪِي مار (٣)
سونَ وَنِڪا سُپرِين ڪوٺي ڪَساياءِ
پِيا سي بُجهايَاءِ، جي سائِينءَ سين نہ سُئوار.
پِيءُ پُٽري پاڻَ ۾ وِيئي ڪِيءِ وِرُونَهَ
اُت اِسماعيلَ جي سَرَهو پَسِي تِيو سُونهَ.
اڳي اِبراهيم ڪي آراڙِ وِجهاياءِ
پُڻ فرمانُ ڪِياءِ، قَهارُ ڪوٺايءَ تي پاڻِ ڪي.
آيوءُ اِبراهيمَ ڪي ڏَڻيَ سَندو فَرمانُ
ڪَسرِيءَ ڪي قربانُ، تِت بِينا هُونِ قِبلي (٤)
سُتي سَڌُ سُوئاءِ پَسي پشيمانِيو
ڍَرڳا ڍور وِياءِ، ڏه سَيءُ آنڌائين ڍِڳين.
غريبَ غُربا ڪوٺِيا، ميڙاياءِ فَقيرَ
دِلِ ۾ آنداءِ ڏيرَ، سَئين ڏنوئين صَدَقو.
ٻِيءِ راتِ "ٻَبَرَ" چوءِ، پُٽِ ڪو سَڌُ سُوئاءِ
ماري ماهُ ڪِياءِ، سَپا سَهسُ ڳاوِئين.

---

(١) آهيڙاءُ = شڪارين ڪان، دشمن هٿان (٢) رُنَ = رُڃ، رِڻُ (٣) اٿين (۴) اصل ڪَسِرِي، ڪي قربان تِتبناهونِ قِبلي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تان ڪِيو تِريَ رانِ، اَچي اِشارَتَ ۾
ٻَهُون ماري ٻَڪَرا، ڏيهَ ڏنائين ڏاتِ.
چوٿِينءَ راتِ چيياءِ، ڏيهُ سُولَهَ سُفُرو
اِنَ سُهٽي سَگِيو اُتي آه ڏناءِ.
سَبَرُ سَتُ ڪري هَليو هاجُرَ حُجري (١)
آيو اسماعيل سين ڳُجهاندَرَ ڳَرهي.
مِڙيو مانا ماهُ، دوسَ سَنيايا سارَڙا (٢)
اَچا اوچي ڪَپَڙا هِيان هَلي ڪاهُ
اَچا اوچاياءِ، يَتَو يَتيِن پُٽَر ڪي
چاڳاءُ چوٽِي ويڙهِياءِ اَکِين آچاياءِ.
اِبراهيمُ اندوهَ ۾، هاجُرَ هِنيو سُڏيرُ
ڪاتي ڪڍي هَليو نيٽين اُتو نيرُ.
ڳوناءُ ڳِنهي نِڱيو سِروءُ سُڄَ مَٽي
اَچا اِسماعيلَ ڪي موٽي مَنجهہ نہ ڏي (٣)
اُتان اُتي هَلِيو پِٽي پُٽَر لڳوسِ
سٽي سَڌُ تِيوسِ، پَسِي پارَڻَ هليو.
سٽي شَيطانُ وِلاڙِوَ، هَليو هاجُر پارِ
وِتَري ٻي ڪارَ، پَنڌرِ پاتي ڳالڙي.

---

(١) هاجر = هاجره (٢) يعني : مانيون، ماهُ ۽ سارڙا (ٻوڙ) سُيي گڏ ڪري (٣) مؤتي منجهہ نہ ڏي = ڪُهڻ جو ارادو نہ ٻڌايائين


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نَظرُ ڪري نِهارِ، ٻيءُ ڪُهندو پُٽَر ڪي
هاٿي توسين آرِ، ڪاءِ نہ ڪَرِيندو ڪَڍِهِين.
ڪِ تو مُوڙِهي مَت، ڪندي ڪُوڙِي ڳالِڙِي
اِيہَ نہ ٻِلِي ٻِيتِ، پُٽَر نہ ڪُتا ڪَڍِهين:
سُٽي سَڏُ ڪري، ڏَٽِي سُٽايو دوس ڪي
پُٽُروءِ پَڪاري، هِيان هلاياءِ صَدَقو.
جيئِي اُن پَہِ آءِ، تَہِ پَرِ ڪندا قضيي
ناهِ ڏَٽِيَ سين دُوجَٽِي آساهِيَ جُڳاءِ.
.... سين جُرو لَٽُ پِري پساسو نِگوءُ (١)
آچي اسماعيلَ ڪي ڪَڳَر باتاءِ ڪَڳَرِ باتاءِ ڪَٽُ (٢)
اوڏي تي اسماعيلَ ڪي آچي اُتائِين اِئِين
نِرتِ نہ هُيَئِي تِيئَن، جِين ڪُسندهِ پِرِ قِبلي.
جو ڳالهاءُ سَندوءِ، ڏِسِي سندو ڏُجَٽِي
پيءُ پُٽِري پانَ ۾ اڳي اِيَ نہ هوءِ.
ڪوناپَہِ ڪَلتارِ، پيءُ آٽي پانَ سين
ماري مَنبَرَ پارِ، سَجَرَ ڏيندين صَدَقو.
تہ تون تاٽي ڪِينہَ، ادا آؤن اِنَ پَرِ
جان نِرَتي مَجهانِيہَ، مون ڪي پِرِيَنِ پُڪارِيو.
منجهہ .... نِپاپو بَپِرُو آوءُن اُنَ وِياءُ

(١) ۽ (٢) اصل ائين


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هلِيو هَنڌا تــن ساهُ، ڪُهڻُ نہ ڏبو ڪانِ ۾.
اَچــي نــبـي اُتــاءِ، آئــي اُمــايُءِ ڳـالـڙي
نيڻَ ۾ ڏاڙُونءِ ڦُلُ جـيَن رُونـدي اُتِ رتـاءِ
وِرِيا يُونءِ وِجَهن، پَهَـڻَ پُـڇـيو اُنَ کــي
اُوءِ پَـرَ بِي اُنَ جي هاٿي حاجـي ڪَـنِ.
لِڪي وِؤ لعِين، مـوتــِي مــارڳ هَـلـيـا
قائمُ ڪندا قبلـو ڏسُ ڪَــرِبــنـدا ڏيــنُ.
ڊرنو ڊَراءِ ڦهارَ، ويـنـدو ويـرمَ نہ ڪــري
ڏسَي ڪندو دوسَ سِين، ڪاساپَکِي ڪارَ.
هَنجُهون هـاري روءِ، ڳـلـيـن مَتي ڳُجهـيـون
پِيءِ پُٽراٿي سُورَ جو قضيو ڪَهيِن نہ چوءِ.
وَجِي تَني رَسِـيا جَـنـتـي سَـڌُ سُـوئــاءِ
يَتو يَتِ رُنــاءِ ، ڳِـــرِ لائــي تَــہِ ڳـاپُري.
اُتي اُيو مِيـرُ، پَــڌَر پَـٺـي پُـٽَـر سيـــن
پِنهي بانهُون پاتِيون، نيٺـين آتــو نِـيــرُ.
پَکَڻِ پَـرِي مَلَـڪَ، پَـسـِي پِـشـيمـانِـيـا
اُتي اُيا لَڪَ، ڪـہِ پَـرِ تـيـنـدو قـضـيـو.
ڦيرايا فَــرمــانُ، مَلَڪيـن نَـئِـي نِـهــاروءُ
پُـٽَـر ڏنائيـــن ڏانُ، اَيِــيـــن آوازا تِــيــا.
چـانءُ دوس ڏَسائي هِيِنَ، اَيِين آوازا تِـيــا


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جانِڪي زور مَجهاءُ، ڪاتي پائي پُٽر ڪي
مُنهُ تہ ميٽائين ڪُونئَرو مُورِ نہ وري ماهُ
اِبراهيمَ اُتو هِيو ڪيئن ڪَريندو راءُ
ڇِنيئين مون هَٿاءُ، ڪاتي ڇَيو نہ ڪري.
ڪاتِي چوءِ تون تَڪِڙو، ڏَٽي چوءِ وَڍِ مَ ڪين
ڇَيو ڪريان تُهُجو، ڪِ سَندوَ تون جَهِين
جَبرئيلَ جَهتَ ۾ وجي ڪارِ قرارُ
اُسَهُ اِسماعيل جو مَتان وَڍِي وارُ.
پُوئاءُ پَرياءُ مُنو آءِ، سو پَسي سَرهو ٿيو
جَبَرئيل جَهتَ ۾ اِيندو اُتِ ڏٺاءِ.
پُٽَر... ڪَجِڪي، گَهَٽو ڪوءِ هو ايهُ
اُتي اِتِ مَ ويهُ، تون تُٽو ڏيهَ ڏَٽِي.
جَهلي بانهَ پيءَ ڪانءَ آڇي اُٽياريا
گَهَٽو اُتِ ڪُناءِ، قائِمُ اُپِياريا قِبلو.
هرياءُ سَنگِي سَنِيري ڪَسِي ڪَدايا (۱)
جيلان چوڪا چُوندَ ها تيلان ڏاتِ ڏِناءِ.
(آيوءُ) اسماعيلُ يَرُ موتي پاسي ماءُ
پِيَوءُ "ٻبرُ" چوءِ گَذِيا سانِيءِ ڪَنِ ٿناءُ.
سَجُهم ڪِيائين سُهُٽو، تين پُٽر لَڏاءِ ڏانُ

---

هرياءُ = هليا، اصل ائين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مَجيائين جين اِحسانُ، تہ سائِيَ سَبِ سُهٹي ڪئي.

سَچي ڏٺيءَ ڪَريمَ يَرءِ سُڪو سَيءِ ڪياءِ (۱)
غريبَ غُربا مَگٹا مِڙئي ميڙاياءِ.
سَبِ سَرهائيي گهوتيا عالَمَ عامَ وَزيرَ
فوجون ڪري فقيرَ، آيا آساوءُ ڳرا
سَئين دَماما نَگرا وِيهين دَسَ وَڄَنِ (۲)
بينا يَرِ جي بيگڙي، جاجُڪُ جُودق نَچَنِ،
سَتَئي پَچي سارَڙا يوجَنَ يَتَ رَجَهنِ (۳)
فوجُون فقيرَنِ، آيون ڪايو اُسَهي.
ڪُندرُون ڪَپَرَ آرَ، وَنگَ وَراڪا واديُون
ڳڙَ ڪيُون ۾ غار، تارَ ڪي تَهين ڪَڍيون.
مِئين جي مُلڪَ ۾ عَجَبَ لَکَ هزار (۴)
ڪي بَئِيد اَوارَ، ڪَنِ خَبَرَ پاڻ لقهي.
وجڻ تَہ ايمان سين ڪَلمو چَيو جَبارَ
لا اِلہ الاالله محمد رسول الله.

---

(۱) اصل ائين (۲) نگرا = نغارا (۳) سارڙا = سالنا، پوڙ (۵) پڙهٽي،
عجب اَت اِپارَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙ، ياڙي، ڪاڙُو، ياڄوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

**The Reading Generation** پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

پڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اُهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَ‌ٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن ڪي ڊِجِيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

**پڙهندڙ نَسُل - پَ نَ The Reading Generation**

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران کَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن ڄاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄ ڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ -

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۾ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪِي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

**The Reading Generation پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ**

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book